جبران جا
چار ناوليٽ

ترتيب ۽ ترجمو

گل محمد

روشني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبران جا چار ناوليٽ

[پيغامبر، مرشد جو پيغام،
پڳل ڪنپڙاتيون - بغاوت]

ترتيب ۽ ترجمو

گل محمد

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2001ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Roshni Book No. 187

ڪتاب جو نالو: جبران جا چار ناوليٽ
ترتيب ۽ ترجمو: گل محمد

ڇاپو پهريون: © روشني 2001ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

JABRAN JA CHAR NOVELET
by: Gul Muhammad
Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composers, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro

First Edition © Roshni 2001

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
سنڌ بڪ ڪلب، رابعه اسڪوائر - حيدرآباد
ڪاٺياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
ڪتاب سپر مارڪيٽ، الرحيم هوٽل - لاڙڪاڻو
عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ - مهراڻ مرڪز، سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
قاسميه لائبرري - ڪنڊيارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبران جا چار ناوليٽ

[پيغامبر، مرشد جو پيغام،
پڳل ڪنيڙاتيون - بغاوت]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيغامبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيغامبر

خليل جبران

گل محمد تنيو

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1995ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Roshni Book No. 97

"پيغامبر"

ليکڪ: خليل جبران

پهريون ايڊيشن : © آگسٽ 1995ع

ڪمپوزنگ: بشير احمد جمالي، عبدالبرادرز ليزر ڪمپوزنگ سسٽم حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين آرٽ ڪميونيڪيشن حيدرآباد سنڌ.

ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ضلعو نوشهرو فيروز سنڌ.

قيمت 22.00 رپيا.

PAIGHAMBER

(A Novelet by Khalil Jibran)

Composed by Bashir Ahmed Jamali,
Abdul Brothers Laser Composing System Hyderabad Sindh.
Printed by Fine Communications Hyderabad.
Published by Roshni Publication, Kandiaro, Sindh.
First Edition: © August 1995

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتساب

پنهنجي يار ياسين قائم خاني جي نالي!

گُل محمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1

اها منتخب ۽ محبوب هستي، جا پنهنجي زماني جو درخشان ستارو هئي، ان وقت جو چمڪندڙ تارو هئي. انهيءَ عهد جو صبح صادق هئي.

هو ٻارنهن سال دمشق جي شهر ۾ ساڪن رهيو. سندس اباڻو وطن ٻيو هو. هو پنهنجي ڏيهه کان ڏور هوندي، منزل تائين پهچڻ لاءِ بيتاب هو. هن کي انهيءَ جهاز جو انتظار هو جو هڪ ڏينهن اچڻ وارو هو ۽ کيس اصل وطن ڏانهن رٺي وڃڻ وارو هو.

صفر مهيني جي ستين تاريخ هئي. بستيءَ جا باشندا لاٻارن ۾ مشغول هئا. هو ٻه انتظار دفعه ڪرڻ واريون گهڙيون گهارڻ، شهر کان ٻاهر نڪتو. پرسان جبل هو ان تي چڙهي سمنڊ طرف نگاهه وڌائين. تصور کي زندگي ملي، سندس اکين اها صورت ڏٺي، جنهن جي اوسيڙي هن کي هيءُ پنڌ ڪرايو هو. هاڻ سندس دل جا دروازا کلي پيا. هن جي مسرت پرواز ڪري سمنڊ جي سطح تي اڏامڻ لڳي. هاڻ هو انهيءَ جبل کي آخري سلام ڪري هيٺ لٿو. ان وقت هتي هر طرف اداسائي ڇانئجي ويئي. هن جي دل ۾ اوچتو ئي اوچتو خيال آيو، ته آءٌ هتان ڪهڙيءَ طرح مسرور ۽ بنا غم وڃي سگهندس؟

اي پروردگار! آءٌ هن بستيءَ کي ان وقت تائين الوداع ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نٿو سگهان، جيسين منهنجي روح کي ڪو زخم نہ لڳي يا منهنجي دل کي ڪو صدمو نہ پهچي. هن شهر ۾ مون نهايت طويل عرصو گذاريو آهي. غم ۽ اونده جون گهڙيون بہ ڏٺيون اٿم، تہ عيش ۽ آرام جو وقت بہ بسر ڪيو اٿم. منهنجي تنهائيءَ جون جيڪي راتيون هت گذريون، سي طويل هيون، مگر بي آرام نہ هيون. تاريڪ هيون، مگر الـمناڪ نہ هيون. ڀلا اهو اهو بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ ڪو شخص بغير ڪنهن ڏک ڏسڻ جي آسائش واريءَ جاءِ کي الوداع پڙهي!!

مون پنهنجي روح جا ٽڪرا هن شهر جي گهٽين ۾ ڦٽا ڪيا آهن، منهنجي حسرت هنن ڳلين ۾ ڀٽڪي رهي آهي، منهنجي ارمانن جو اولاد هنن ٽڪرين جي دامن ۾ رانديون ڪري رهيو آهي. هاڻي ڪهڙي طرح ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ آءٌ پنهنجي روح تي ڪنهن بوجهہ رکڻ کان سواءِ يا دل کي ڪنهن ڳڻتي بغير بازگشت ڪري سگهان!

هي ڪي ميرا ڪپڙا نہ آهن، جن کي لاهي ڪٿي ڦٽو ڪريان. مون کي تہ هت ئي پنهنجي جگر جو خون ڏيڻو آهي، منهنجو جنازو هن ئي شهر مان نڪرڻو آهي: منهنجي مزار هت ئي تيار ٿيندي- منهنجي قبر مون کي پڪاري رهي آهي. هيءَ بستي صرف تخيل يا تصور نہ هو. جنهن کي آءٌ هڪدم فراموش ڪري ڇڏيان، هيءَ تہ منهنجي منزل مقصود هئي، جنهن ۾ منهنجون تمنائون پيدا ٿيون ۽ گم ٿي ويون. هيءَ مون لاءِ هڪ اهڙو عجيب نسخو هئي، جنهن کي چاٽو طبيب بلڪل مزيدار بنايو هو. ليڪن.... آءٌ هت ترسي بہ نٿو سگهان! اهو بحر بي پايان، جنهن هزارين حياتيون برباد ڪري ڇڏيون آهن، مون کي بہ پاڻ ڏانهن گهلي رهيو آهي. هن جي ٻيڙي

تيار آهي ۽ پيڙياتو بہ انتظار ۾ بيٺو آهي. هن جي سڙه کي سٺائيءَ واءُ جي ضرورت نہ آهي. آخر تہ مون کي بہ انهيءَ ئي مڪڙي (پيڙي) تي سوار ٿيڻو پوندو. منهنجو هٿ رهڻ ممڪن نہ آهي. ڪاش! مون وٽ جيڪي آهي، سو سڀ هتان ڪٺي وڃي سگهان. پر اهو بہ ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ آواز، جنهن جي ڪلهن تي زبان پر لڳائي ٿي، پاڻ اڏامي وڃي ٿو، پر زبان کي ساڻ نٿو ڪٺي، هو مجبور اڪيلو ئي آسمان جي جستجوءَ ۾ پر کولي پرواز ڪري ٿو.

عقاب ڏسو! هو جڏهن سج جي ڪرڻن کي پنهنجن طاقتور ڪنبن سان چيريندو قدرت جي وڇايل نور جي چادر ۾ الٽ پلٽ ٿيندو، اڏامندو ويندو آهي، تڏهن هو پنهنجو آکيرو اتي ئي ڇڏي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح سوچيندو، مغموم ۽ مسرور حالت ۾ جڏهن هو جبل جي ڪڇ ۾ لٿو، تڏهن وري سمنڊ طرف نهاريائين. هن ڏٺو تہ سندس جهاز هاٺي ڪناري کي بلڪل ويجهو اچي ٿيو آهي. هن جهاز جي ملاحن کي جهاز جي مهري تي بيٺل ڏٺو. اهي سڀ ملاح هن جا هم وطن هئا، سندس ديش واسي هئا. ان وقت هن جي زبان خاموش هئي، پر سندس روح- بي اختيار ملاحن کي پڪاريو-

او منهنجي عظيم ماءُ جا فرزندو! اي موجن جا شهسوارو! ڪيترا دفعا مون خوابن جي حالت ۾ اوهان کي پنهنجي تصور جي موجن تي ترندو ڏٺو آهي ۽ ڪئين بار مون اوهان کي پنهنجي تخيل جي پيڙيءَ تي وينل ڏٺو آهي، ليڪن اڄ جڏهن جاڳ جي حالت ۾ اوهان مون وٽ اچي رسيا آهيو، سو تہ خوابن جي وادين کان بہ وڌيڪ گهرو ۽ وسيع آهي. منهنجي سفر جو شوق سڙهہ سوان ڪري سٺائي واءَ جو منتظر آهي. منهنجي سياحت جو پيڙو سير ۾ هلڻ لاءِ تيار بيٺو آهي. هن ٿڌو ساهہ کنيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري چيائين، تہ بس رڳو هڪ گهڙي ترسو ۽ چند منٽن جي مهلت ڏيو. تہ هن خاموش فضا ۾ فقط هڪ محبت ڀري آخري نگاهہ وجهي وٺان۽. پوءِ آءٌ اِجهو اوهان وٽ پهتس ۽ اچي ساموندي مسافرن جو همسفر ٿيندس.

۽ تون اي مهاساگر! تون اهو آهين، جنهن جي هنج ۾ چشمن ۽ دريائن کي آزادي نصيب ٿي ٿئي. آءٌ توسان وعدو ٿو ڪريان، ان ڪان اڳ، جو هن بستيءَ جي زندگيءَ جي درياءُ جو پاڻي ڪجهہ وهي هلي، يا هن سرسبز واديءَ ۾ هڪ لمحو ترنم جاري رکي سگهي، آءٌ تو وٽ اچي پهچندس.

هڪ وسيع قطرو .... وشال سمنڊ ۾ ....!"

هو اڳتي وڌيو ۽ ڏٺائين تہ پري پري کان ڪيترا مرد ۽ عورتون پنهنجي پوکن کي ڇڏيو جهاز ڏانهن اچي رهيا آهن. انهن جي زبان تي سندس ئي نالو هو. هو پنهنجي دل ۾ چوڻ لڳو، ڇا فراق جو ڏينهن ئي وصال جو ڏينهن بنبو؟ ڇا منهنجي شام ئي منهنجو صُبح بنبي؟ وري ڪيس خيال آيو، تہ جيڪي ويچارا پنهنجا، هر پنهنجون بنيون ۽ پنهنجا ديرا الله جي آسري ڇڏي، مون وٽ آيا آهن، تن کي آءٌ ڇا ڏيندس؟ ۽ مون وٽان ايڏي قربانيءَ جو عيوضو ڪهڙو ملندو؟ ڇا اهو ممڪن نہ آهي، تہ منهنجي دل ميويدار وڻ بنجي پوي ۽ آءٌ پنهنجو ميوو پنهي هٿن سان روزي انهن ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيان؟ ڇا اهو ممڪن آهي، آئون هڪ مٺو پهاڙي چشمو بنجي پوان ۽ هو منهنجي پاڻيءَ مان پيالا پيئندا، سيراب ٿيندا وڃن؟

ڇا آءٌ هڪ ستار ٿي نٿو سگهان، جنهن تي آڱريون رکن، تہ ان مان مَن موهيندڙ سُر پيدا ٿئي؟ يا هڪ بانسري ٿي پوان، جنهن جو آواز هنن جي روحن ۾ رچي ڪين اڻ ڪٿ راحت بخشي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ تہ خاموشين جو چاهڪ آهيان. انهن خاموشين مان ئي مون کي دولت نصيب ٿي، پر اها ڪهڙي دولت آهي ۽ انهيءَ صبر مان ئي مون کي گنج مليو، پر اهو ڪهڙو گنج آهي؟ انهيءَ ماٺ مان ئي مون لڪل خزانو لڌو، پر اهو ڪهڙو خزانو آهي؟ مون جنهن ٻنيءَ ۾ ٻج ڇٽيو هو، اڄ ان جي لڻڻ جو ڏينهن آهي، پر اهو فصل ڪهڙو آهي؟

۽ اهو سڀڪجهہ ڪهڙي گذريل ۽ وسريل زماني ۾ ٿيو؟

جيڪر اڄ اها سڀاڳي ساعت آهي، جنهن ۾ مون کي پنهنجو ڏيئو روشن ڪرڻو آهي تہ ڀلا! انهيءَ ڏيئي ۾ اهو ئي شعلو ڀڙڪندو، جو منهنجي دل ۾ آهي؟ شايد اهو ڏيئو ٻرندي ئي وسامي وڃي- يا اهو شعلو ڀڙڪڻ کان پوءِ بہ بي نور بنجي پوي!! مگر نہ نہ! مون کي معلوم آهي تہ رات جو چوڪيدار انهي ڏيئي ۾ تيل وجهي، ان کي روشن ڪندو رهندو. مون کي يقين آهي، تہ رات جو محافظ انهيءَ شعلي کي بي نور ٿيڻ نہ ڏيندو ۽ هن ۾ اهڙي طاقت ڀري ڇڏيندو، جو اهو شعلو هر طرف جي هوائن جو بلڪل بي پرواهيءَ سان مقابلو ڪري سگهندو.

هن ايترو چيو، ليڪن اڃا هن جا ڪيترا راز رازداريءَ جي پردي ۾ ئي رهجي ويا. هن جون حسرتون دل ئي دل ۾ گم ٿي ويون. هن جا ارمان اندر جو اندر غائب ٿي ويا. هن جي تمنائن جا تصور دل ۾ ئي لڪل رهجي ويا، مگر زبان جي پردي تي نہ اچي سگهيا. هو جڏهن شهر ۾ داخل ٿيو، تڏهن سيني ماڻهن هن جي مرحبا ڪئي ۽ يڪ زبان ٿي پڪاريو تہ:

اسان کان جدا نہ ٿيءُ، تون اسان وٽ ئي نڪاٽو ٿاهي ويهہ- تنهنجي فراق جو ڦٽ اسان جي دلين کي سخت صدمو رسائيندو.

تنهنجي جدائي جي زخم سان اسان جي حياتيءَ جو ڦٽ ناسور بنجي پوندو، تنهنجي وڇوڙي جو وڍ اسان کي گهڙي به آرام ڪرڻ نه ڏيندو. ۽ جڏهن اسان وٽ غربت جي شام هئي تون عيد جو صبح ٿي آئين- جڏهن اسان جو ڏيئو اجهامڻ تي پهتو هو، تڏهن تون ان لاءِ حياتيءَ جو ٻارڻ ثابت ٿئين. تنهنجي جوانيءَ جي ملاقاتن اسان جي جسم ۾ نئون روح ڦوڪيو ۽ اسين بلنديءَ جا خواب لهڻ لڳاسين. تون اسان وٽ ڌاريو نه آهين، تون اسان وٽ مهمان نه آهين- تون ته اسان جو پنهنجو آهين، اسان جي رات جي راحت آهين، اسان جي ئي اکين جو نور آهين. اسان جو ئي جسم و جان آهين. اسان جي اکين کي پنهنجي ديدار جو پياسو نه بناءِ، اسان جي اکين کي پنهنجي ديدار کان دور نه ڪر. انهن سمنڊ جي موجن کي پنهنجي ۽ اسان جي وچ ۾ نه اچڻ ڏي جو زمانو اسان وٽ گذاريو اٿئي، تنهن کي ماضيءَ جي حوالي نه ڪر. تون اسان جو روح هئين، تنهنجي تصور ئي اسان جي چهرن کي روشن ڪيو. تنهنجي پُرنور پيشاني اسان جي نيڻن کي نوراني بنايو. اسان توکي تمام گهڻو پيار ڪيو، پر اسان جي محبت بي زبان هئي- اسان جي الفت گونگي ۽ سادي هئي ۽ اها پردي اندر ئي ڇپيل رهي. مگر اڄ اها لڪل محبت بي پرده ٿي توکي پڪاري رهي آهي- بي نقاب ٿي تنهنجي حضور ۾ موجود آهي. دنيا ۾ هميشه ائين ئي ٿيندو رهيو آهي- محبت پنهنجي گهرائي کان تيستائين بي خبر رهندي آهي. جيستائين فراق جي گهڙي مٿس حملو آور نه ٿيندي آهي.

پوءِ ته ماڻهن جو هجوم ٿيندو ويو ۽ سيني هن کي التجائون ڪيون، مگر هن ڪنهن کي به جواب نه ڏنو. هن ڪنڌ هيٺ ڪيو. جيڪي ماڻهو سندس ويجهو هئا، تن سندس سيني تي ڳوڙها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرندي ڏٺا.

پوءِ سپيئي هڪ خانقاه ۾ داخل ٿيا. اتي اعتڪاف خانہ مان هڪ عورت نڪتي، جنهن جو نالو عارفہ هو. هوءَ اهل بصيرت مان هئي. هن نهايت پاڀوه ۽ سڪ سان ان عورت ڏي نهاريو. ان ڪري جو اهائي عورت هئي، جنهن هن کي چيو هو تہ ”تون سچو آهين“ اهو بہ تڏهن جڏهن هن کي ٻَوٺ ۾ اجان هڪ ڏينهن ئي ٿيو هو.

عورت چيو، تہ اي بزرگ هستي! نهايت گهڻو عرصو تنهنجي نيڻن جهاز جي تلاش ڪئي ۽ نيٺ تنهنجو جهاز اچي ويو. توکي وڃڻو بہ ضرور آهي. تنهنجي دل ۾ وطن جو شوق نهايت پريل آهي. هن وقت نہ اسان جي محبت توکي روڪي سگهي ٿي، نہ اسان جون ضرورتون تنهنجي راه رنڊ ڪون بنجي سگهن ٿيون. اسان جي آرزو فقط هيءُ آهي تہ موڪلائيءَ کان اڳ، اسان سان بہ ڪي ڳالهيون ڪر. اسان تي پنهنجي اندر جا ڳجهہ کول. اسين تنهنجي انهيءَ بخشش کي پنهنجي ٻچن جي حوالي ڪنداسون، جي پشت بہ پشت ان جا وارث ٿيندا ايندا. اهڙي طرح تنهنجي امانت اسان وٽ هميشه لاءِ محفوظ رهندي. تو پنهنجي تنهائي ۽ خلوت ۾ اسان جي زندگيءَ جو مطالعو ڪيو ۽ بيداريءَ ۾ اسان جي اهڙي نگهباني ڪئي، جهڙي ماءُ پنهنجي ستل اولاد جي ڪندي آهي ۽ پنهنجي اولاد کي خواب لهندي، کلندي ۽ روئندي ڏسندي آهي.

بس هاڻ تون اسان جو راز اسان تي ظاهر ڪر ۽ اسان کي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌاءِ، جو موت ۽ حياتيءَ جي وچ ۾ تو ڏٺو آهي.

هن جواب ڏنو، اي بستيءَ وارؤ! آءٌ توهان سان ڪهڙي شيءِ جو ذڪر ڪريان. سواءِ انهي جي، جا هينئر بہ توهان جي روحن ۾ ڊوڙي رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2

عورت چيو تہ اسان کي محبت متعلق ڪجهہ ٻڌايو

بزرگ ڪنڌ مٿي ڪري ماڻهن ڏانهن نهاريو. ڪا گهڙي هرڪنهن تي خاموشي ڇائنجي ويئي. هن بردبارانہ لهجي ۾ چيو، تہ جڏهن محبت اوهان کي اشارو ڪري، تہ اوهان هن جي پٺيان هلو باوجود ان جي سندس رستا مشڪل ۽ دشوار آهن. هو جڏهن پنهنجا پَرَ کولي تہ اوهان انهن جي ڇانوَ ۾ ويهي رهو ۽ پرواهہ نہ ڪريو- جيڪر انهيءَ تلوار جي نوڪ، جا هن جي پَرَن ۾ لڪل آهي، اوهان کي زخمي ڪري. جڏهن محبت اوهان سان ڪا ڳالهہ ڪري، تہ اوهان ان تي يقين ڪريو. جيتوڻيڪ هن جو آواز اوهان جي منڙن خوابن کي اهڙي طرح منتشر ڪري، جهڙيءَ طرح اتر جي هير باغن کي ويران ڪندي آهي. ياد رکو، تہ محبت اوهان جي سر تي تاج بہ رکندي آهي، تہ ان سان گڏ سوريءَ تي بہ چڙهائيندي آهي. جهڙيءَ ريت هوءَ اوهان جي روح جي باغيچي کي آباد رکندي آهي، اهڙيءَ طرح گاهي بہ گاهي انهيءَ سائي فصل ۾ بيڪار ۽ ٻاٽيهي ڇاول گاهہ کي بہ ساڙيندي سڪائيندي رهندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هوءَ اوهان جي بلندين تي چڙهندي آهي ۽ اوهان جي حياتيءَ جي وڻ جي چوٽيءَ واري شاخ کي چمندي آهي، تڏهن نيڪ انهيءَ وقت هوءَ ان ٻوٽي جي زمين وارين پاڙن تائين به پهچندي آهي، جيڪي ڌرتيءَ جي سيني ۾ ڪتل هونديون آهن. هوءَ فصل جي سنگن وانگر اوهان کي نهايت سيبتائي ۽ سيبيقي سان سميٽي گڏ ڪندي آهي. ۽ پوءِ هوءَ اوهان کي سنگن وانگر سهيڙي ٿي ته جيئن داڻا تنهن کان الڳ ٿين- ۽ پوءِ هوءَ اوهان کي جنڊ جي حوالي ڪري ٿي ته جيئن اوهان اٽي وانگر نرم بنجي وڃو- ۽ پوءِ هوءَ ان اٽي کي پنهنجي مقدس باهه جي حوالي ٿي ڪري، ته جيئن اوهان زندگيءَ جي دسترخوان لاءِ "ماني" بنجي پئو.

اهو سڄو عمل محبت اوهان تي ڪندي آهي ۽ پوءِ جڏهن اوهان پنهنجي دل جو راز ڄاڻي وٺندؤ، ۽ ان راز کي ڄاڻي اوهان زندگيءَ جو هڪ جُز بنجي ويندؤ.

محبت اوهان کي انهيءَ لاءِ ته معشوق جي مهمانيءَ قابل ٿيو، پر جيڪر اوهان ڊڄي ويا ۽ صرف محبت جو تخت ئي تلاش ٿا ڪيو ته پوءِ اوهان لاءِ بهتر آهي پنهنجي اگهاڙپ ڍڪي محبت جي ميدان مان نڪري وڃو ۽ اهڙي دنيا تلاش ڪريو، جتي موسم جو قيد نه هجي، ڪو نور نه هجي، ڪو ذوق نه آهي ۽ نه ڪو ذوق جو صاحب هجي. اتي اوهان کلي سگهندو، مگر پنهنجي حصي جي پوري کل نه کلي سگهندو. اوهان جي مرڪ نامڪمل ۽ اوهان جي کل اڌوري هوندي. اتي توهان کي رئڻ جي به اجازت هوندي، مگر رئڻ منجهه پنهنجي حصي جا سڀ ڳوڙها نه ڳاڙي سگهندو. ڪيترا لڙڪ ٻاهر اچڻ کان اڳ ئي اوهان جي اکين ۾ خشڪ ٿي ويندا.

محبت اوهان کي ڪجهہ نہ ڏيندي آهي، سواءِ پنهنجي-
۽ محبت اوهان کان ڪجهہ بہ نہ وٺندي آهي، سواءِ پنهنجي.
محبت اهو لطيف جوهر گهرندي آهي، جو سندس ئي آهي.
محبت قبضو نہ ڪندي آهي نہ ئي ان تي قبضو ڪري سگهبو آهي.
چاڪاڻ تہ محبت پنهنجي لاءِ پاڻ ئي ڪافي آهي. جڏهن اوهان محبت ڪريو، تڏهن ائين نہ چئو تہ هو منهنجي دل ۾ آهي، بلڪ هيئن چئو، تہ آءٌ هن جي دل ۾ آهيان.

اوهان ڪڏهن بہ محبت کي راهہ نٿا ڏيکاري سگهو، بلڪ هوءَ اوهان کي راهہ ڏيکاريندي آهي، پر ان لاءِ شرط اهو آهي تہ هوءَ اوهان کي ان لائق سمجهي.

جيڪڏهن توهان محبت ڪريو ۽ خواهشون ۽ تمنائون بہ رکو، تہ پاڻ کي ڳاري پاڻيءَ مثل بنائي ڇڏيو. اهو پاڻي وهندڙ چشمي جيان هجي، جو رات جي خوفناڪيءَ کي پنهنجو مڌر گيت ٻڌائيندو آهي- پوءِ انهي درد کي سڃاڻو، جو ان چشمي ۾ روانيءَ جو بيحد ذوق پيدا ڪندو آهي.

محبت بابت جيڪا بہ ڄاڻ اوهان کي حاصل ٿي وڃي، ان سان پاڻ کي وَڏَ ڏيو ۽ پاڻ ايتريقدر وڏيو، جو انهن چيرن مان رت ريلا ڪري وهي. پوءِ انهن زخمن کي ڏسي ائين خوش ٿيو. گويا توهان کي خزانو ملي ويو آهي.

جڏهن سچ نوراني تاج سان ايرندي تخت تي سوار ٿئي، ان مهل اهڙيءَ طرح سجاڳ ٿيو، جو ڄڻڪ توهان جي دل هڪ پکي آهي، جو پَرَ کولي پرواز لاءِ تيار آهي. ان وقت خدا جو شڪر ڪريو، تہ توهان کي محبت ڪرڻ جو هڪ ڏينهن ٻيو بہ مليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مانجهاندي مهل جڏهن آرامي ٿيو، تہ ان آسائش مهل بہ محبت مان لطف اندوز ٿيندا رهو. سڄي ڏينهن جي پورهيي بعد شام ٽائي جڏهن گهر اچو، تہ محبت جا احسانمند ٿيو ۽ ان جي شڪرگذاري ڪريو. رات جو جڏهن راحت جي بستري تي سمهو، تہ اهڙيءَ طرح اکيون بند ڪريو، جيئن اوهان جي دل محبوب لاءِ دعا ۾ محو هجي ۽ اوهان جي چپن تي ان جي ساراهہ جو هڪ گيت رقص ڪندو هجي.

3

وري ان عورت چيو، تہ اي منهنجا آقا ! نڪاح بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

بزرگ جواب ڏنو، تہ توهان مردن ۽ عورتن جي تخليق گڏوگڏ ٿي آهي، توهان ڪي حياتيءَ جي سموري سفر ۾ همسفر ٿي رهڻو آهي. توهان هڪ ٻئي جا ساٿي آهيو ۽ زندگي جي هر منزل ۾ هڪ ٻئي جا مددگار پڻ آهيو، نہ صرف ايترو، پر جڏهن موت جو لشڪر اوهان جي حياتيءَ جي قلعي تي چڙهائي ڪري ان کي مسمار ڪندو، تڏهن بہ اوهان هڪ ٻئي جا ساٿي رهندا ۽ خداوند قدوس جي حضور ۾ بہ اوهان جوڙيءَ جي صورت ۾ ئي هوندا. مگر توهان جي ميلاپ اڳيان ڪو پردو ضرور هجي، جنهن تي آسمان جون آزاد هوائون ناچ ڪنديون رهن.

اوهان هڪ ٻئي سان محبت ڪريو، مگر پنهنجي جنسي محبت کي پاڻ لاءِ زنجير نہ بڻايو. انهيءَ جنسيت جي قيد کان پاڻ کي آزاد رکو.

پنهنجي محبت هڪ متحرڪ سمنڊ بڻايو. جيئن سمنڊ ٻن ڪنارن جي وچ ۾ لهرون ٻنجي موجون ماڻيندو آهي، تئين اوهان جي

ٻن روحن وچ ۾ به اوهان جي محبت جو سمنڊ موجزن هجي. اوهان هڪبئي جي پيالن کي ڀريو، مگر ٻئي هڪ ئي پيالي مان پنهنجي پياس نه اجهايو- پنهنجو پنهنجو گره هڪ ٻئي کي ڏيو، مگر هڪ ئي گرهه کي ٻئي گڏجي نه کائو. اوهان پاڻ ۾ ملي هڪبئي جي گلي ۾ ياڪر وجهي موجون ماڻيو ۽ عيش ڪريو، مگر هڪ ٻئي کان آزاد به رهو.

ڏسو سرندي جون به تارون راڳ ۾ پنهنجو هڪ ئي سر آلاپينديون آهن، ليڪن هونديون هميشه هڪ ٻئي کان الڳ آهن. دل جو نذرانو ڏيو، مگر هڪ ٻئي کي نه! ڇاڪاڻ ته اهوئي قدرت جو هٿ، جو اوهان کي زندگي عطا ڪندو آهي، اوهان جي دلين تي قبضي جو حق به رکندو آهي.

زندگيءَ جي گرمين سردين ۾ گڏ گڏ رهو. حياتيءَ جي ڏکن سکن ۾ اوهان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلو، مگر بلڪل هڪ ٿي نه وڃو.

ڏسو! جهڙيءَ طرح مسجد جا ٿنڀ هڪ ٻئي جي مدد سان ساري عمارت جو بار ڪلهن تي کنيو بيٺا آهن، مگر هميشه هڪ ٻئي کان الڳ ئي آهن.

يا جيئن شاهه بلوط ۽ صنوبر جا وڻ، جيڪي هڪ ئي جهرمٽ ۾ انگورجن ٿا ۽ ساڳيءَ هوا ۽ ساڳيءَ رويهن جي ٽڪري تي ڪٺي پرورش پائين ٿا، پر هڪ ٻئي جي ڇانو ۾ وڌي ويجهي نه ٿا سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4

وري هڪ ڀار واري عورت پڇيو تہ اسان جي اولاد متعلق ڪجهہ ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: اوهان جو اولاد اوهان جو نہ آهي، بلڪ اهي پٽ ۽ نياڻيون قدرت جي ملڪيت آهن. قدرت چاهي تہ انهن مکڙين کي ٽِڙڻ کان اڳ ئي فنا ڪري ڇڏي. قدرت جيڪڏهن اوهان جي هنج مان اهي کسي، اوهان جي گود خالي ڪري ڇڏي، تہ هن کي سيڪا طاقت آهي. مگر انهن کي تہ انسان ذات جي بقاءَ لاءِ ئي پيدا ڪيو ويجي ٿو.

اولاد اوهان مان نٿو اچي، بلڪ اوهان جي واسطي دنيا ۾ اچي ٿو. اوهان هنن کي پيار ڏيو ۽ ايترو پيار ڏيو، جيترو اوهان ڪان ٿي سگهي، مگر پنهنجو خيال هنن تي مڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪريو! ڇاڪاڻ تہ هنن کي اوهان جي خيال جي ضرورت نہ آهي. هو پنهنجي سوچ پاڻ سان ڪٺي اچن ٿا، جا بلڪل پاڪ ۽ پوتر آهي.

اوهين هنن جي جسمن کي پنهنجي گهرن ۾ آسائش پهچايو، ليڪن سندس روحن کي بلڪل آزاد ڇڏي ڏيو، ڇاڪاڻ تہ هنن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح انهيءَ مستقبل جي محلات ۾ پلجي ٿو، جتي اوهان ڪي وڃڻ جي مجال نہ آهي. بلڪ اوهان ان جو تصور بہ نٿا ڪري سگهو.

اوهان هنن ڪي پنهنجي نقش قدم تي هلائڻ جي ڪوشش هرگز نہ ڪريو، بلڪ ٿي سگهي تہ پاڻ هنن جهڙا ٿي وڃو، ڇو تہ زندگي جو قدم هميشہ اڳتي وڌندو آهي. ترقي جي ميدان جو شهسوار پوئتي نہ نهاريندو آهي. مستقبل ڪي ماضيءَ جو اظهار نہ هوندو آهي.

اوهين سڀ ڪمان مثل آهيو، جن مان اوهان جا ٻچا تيرن مثل نڪرن ٿا.

انهن تيرن جي نشانن ڏسڻ وارو هڪ تير انداز آهي. اهو پنهنجي پوريءَ سگهہ سان ڪمان مان اهي تير هڻندو آهي، تہ جيئن اهي تيز رفتار ٿين ۽ زياده ۾ زياده مفاصلو طئي ڪري سگهن. اهو تير انداز پنهنجا تير هميشہ مستقبل جي افق ڏانهن اڇليندو آهي، تنهن ڪري توهان لاءِ لازم آهي، تہ اوهان ان تيزانداز اڳيان نهايت محبت سان پنهنجو سِر جهڪايو. ڇاڪاڻ تہ هو جهڙي طرح انهن پرواز ڪندڙ پاڪ تيرن سان پيار ڪندو آهي، تهڙيءَ طرح انهن ڪمانن ڪي بہ پسند ڪندو آهي، جي مضبوط ۽ ڪارآمد آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

5

پوءِ بستيءَ جي هڪ دولت مند پڇيو، تہ اسان کي خيرات بابت ڪجهہ ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: ”اوهان جڏهن پنهنجي ملڪيت مان ڪجهہ خيرات ٿا ڪريو، تڏهن درحقيقت اوهان ڪجهہ بہ نٿا ڪريو. ڇو تہ خدا جي مخلوق هڪ ڪٽنب مثل آهي، جنهن ۾ ورهائي کائڻ هر هڪ تي لازمي آهي. پر جڏهن اوهان پاڻ مان ڪجهہ ڏيو ٿا، تڏهن واقعي اوهان خيرات ڪريو ٿا. حالانڪ اوهان جو اهو بہ الله تي احسان نہ آهي.

اوهان جي ملڪيت ڪهڙي آهي؟ اوهان جي ملڪيت اها آهي، جنهن کي اوهان اوکيءَ ويل لاءِ ڪنو ڪري رکيو آهي. جنهن ۾ اوهان جي مستقبل جون اميدون لڪل آهن. پر ممڪن آهي تہ جيسين اهو ڏکيو وقت اچي، تنهن کان اڳ اوهان جي سفر جي منزل اچي وڃي ۽ اوهان جو ميڙيل مال اوهان کي ڪم نہ اچي! تنهن ڪري آئيندي جو انديشو رکي، آئيءَ ويل جو بهانو بنائي، دولت جمع ڪرڻ انسانيت نہ آهي. رب توکي ڏنو آهي، تہ تون بہ ڏاتار ٿي. هن جا گنج هميشہ پريل آهن. اگر اوهان جي گنج مان چار

مهرون نڪرندين، تہ توهان ڪي چاليهہ مهرون ڏيندو. اوهان جو چشمو پاڻيءَ سان ڀريل آهي، تہ پوءِ پياس جو انديشو ڇو ٿا ڪريو؟ توهان ايندڙ اڄ جو خيال رکي چشمي کي ڍڪي ٿا ڇڏيو، اها تہ ڪڏهن بہ نہ ڍاپڻ واري اُڃ آهي- اوهان جي دل درياهہ مثل هئڻ گهرجي تہ جيئن سڀ ان مان اُڃ لاهين.

اوهان مان ڪيترا اهڙا آهن، جي پنهنجي گهڻي ملڪيت مان بلڪل ٿورڙو خيرات ڏين ٿا، صرف انهيءَ لاءِ تہ اسان جو نالو ٿئي ۽ اسان جو ڪِن تي احسان ٿئي، اسان جي نيڪ نامي ماڻهن ۾ پکڙجي ۽ اسان جي مشهوري حسن جي بازار ۾ هُلي وڃي. اهڙن جو ڏنو ڪنو ٿيو وڃي، سندن دل جون ٻجڙيون خواهشون سندن خيرات کي خراب ڪيو ڇڏين.

ڪي اهڙا آهن، جن وٽ آهي بہ بلڪل ٿورو، پر جيڪي اٿن، سو خدا جي راهہ ۾ ڏيو ڇڏين. ڪي تہ پنهنجي اڌ مانيءَ مان بہ چوٿو خيرات ڪريو ڇڏين- اهي پاڻ بکيا رهي بہ پنهنجي پيٽ جو ٽڪر ٻئي جي حوالي ڪن ٿا. اهڙن جي جهولي ڪڏهن بہ خالي نہ ٿي رهي. اهڙن جو هٿ مرڻ کان پوءِ بہ کليو رهي ٿو.

ڪي اهڙا آهن، جي ڏيئي پوءِ ملول ٿين ٿا، اها سندن سزا آهي. ڪي اهڙا آهن، جي ڏيئي پوءِ نہ ڏک ڪن ٿا، نہ خوشي. هو انهي لاءِ نٿا ڏين، تہ هيءَ دنيا آخرت جي ثمر ماڻڻ جي جاءِ آهي، تنهن ڪري ڪجهہ الله ڪارڻ ڏيون. پر هو انهيءَ لاءِ ٿا ڏين، جو اها سندن فطرت آهي. سندن طبيعت هڪ وڻ مثل هوندي آهي. جو بنا ڪنهن سبب جي پنهنجو ميوو مخلوقات اڳيان پيش ڪندو آهي. ڏاتار انهن جي ئي هٿن سان ئي ڪيڏي تو ۽ انهن جي ئي اکين سان

هو زمين ڏانهن نظر ڪٽي نهاري ۽ مرڪي ٿو. الله تبارڪ وتعاليٰ اهڙن تي ئي راضي رهي ٿو.

سائل کي ڏيڻ بـہ بلڪل چڱو ڪم آهي، پر نيڪ تر خيرات اها آهي، جا سوال گهرڻ کان اڳ ۾ ئي ڏني وڃي. سچو سخي اهو آهي، جو سواليءَ کي ڳوليندو رهي. سخي کي ڏيڻ کان وڌيڪ گهرجاؤ جي ڳولا ۾ مزو ٿو اچي.

توهان کي خبر آهي، تہ اوهان جي ملڪيت جو آخر ڪهڙو حشر ٿيندو؟ ٻڌو! ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن توهان قبر جي حوالي ٿي ويندو ۽ اها ملڪيت ٻين جي حوالي ٿيندي. ڀوءِ چاهي اوهان جا وارث هڪ ڏينهن ۾ لٽي ڇڏين، چاهي سنڀالي رکي ڇڏين سا سندن مرضي. تنهن ڪري توهان کي جيڪي ڏيٺو آهي، سو اڄ ڏيئي وٺو. متان اوهان جي لاءِ سياڻ ٿئي ئي نہ- توهان کي اگر انهيءَ مان لطف حاصل ڪرڻو آهي، تہ اهو ئي وقت اٿوَ. باقي جنهن وقت اوهان جي عمر جو پيالو ڀُر ٿي ويو، تنهن وقت سواءِ افسوس جي ٻيو ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو.

اوهان مان اڪثر چوندا آهن، تہ اسين ڏينداسين، پر مستحق کي. افسوس ! ڪهڙي نہ تنگدلي آهي! ڪهڙو نہ عجيب عذر آهي!

اگر ميويدار وڻ ائين ڪن تہ ڀوءِ دنيا مان ميووئي گم ٿي وڃي. وڻ اهو نہ ڏسندو آهي، تہ هيءُ برو آهي يا ڀلو. هيءُ ميوي کائڻ جي لائق آهي يا نہ؟ هو پنهنجي فطرف موجب موسم تي ميوو جهليندو آهي. سندس سخا جو دروازو عام لاءِ کليل آهي. هر ادنيٰ ۽ اعليٰ، هر حسين ۽ قبيح، هر چڱو ۽ منو ان مان ميوو کائي سگهي ٿو. هن جي صبر جو ڪمال تہ ڏسو! ماڻهو هن کي لنيون هڻن، هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جي عيوض ميوو آڇين. برائيءَ جي عيوض ڀلائي!! ڪهڙو نه سُهڻو سبق آهي! سکو اي بي خبرو سکو.

وري جانورن ڏانهن ڏسو! ڇا اُهي به اها چونڊ ڪن ٿا؟ هرگز نه. هو سڄو ڏينهن جهنگ ۾ ڏڪا کائي رات جو موٽي وٿاڻ تي اچن ٿا. ڏٿي ٿانءُ ڪٽي ڏهي ٿو، هو کير ڏين ٿا. هو اها چونڊ نه ٿا ڪن ته اسان جو ڏٿي کير کائڻ جي لائق آهي يا نه؟ اي بي خبر انسانو! ڇا اوهان جانورن جهڙو گڻ به پاڻ ۾ پيدا ڪري نٿا سگهو؟

زندگي گويا هڪ سمنڊ آهي. جيڪو انهيءَ سمنڊ مان پياس اجهائڻ جو حق رکي ٿو، سو اوهان جي ننڍڙي چشمي مان پنهنجي پيالي ڀرڻ جو بلاشڪ مستحق آهي.

اوهان سانوڻ جي ڪڪر مثل ٿيو. ڪلر تي به وسو، ته ڪاريءَ زمين کي به پاڻي پياريو. اوهان جو فرض آهي، ته ساري زمين کي پلر جي پالوت سان ڀَرِ ڪريو، پوءِ ڀلي زمين هڪ ئي سلو پيدا نه ڪري، اها ته ان جي جوابداري آهي، اوهان جي نه.

هيءَ هڪ حقيقت آهي، ته زندگيءَ جا سڀ چشما هڪ ئي سمنڊ مان پيدا ٿيل آهن. تنهن ڪري هڪ زندگي مٿان فرض آهي، ٻيءَ زندگي جي مدد ڪرڻ. هڪ روح تي لازم آهي، ٻئي روح کي سهارو ڏيڻ.

ڇا توهان ائين چاهيو ٿا ته ٻيا اوهان جي اڳيان هٿ ٽنگي سوال ڪن؟ يا ٻانهون ٻڌيو اوهان اڳيان پِنڻ جي قطار بنائين؟ اي انسانو، پنهنجي خودداري وڃائي، پنهنجي نفساني عزت جي چهري تان نقاب لاهي، ٻئي اڳيان هٿ ٽنگڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. سوال منهن جي ترار آهي. توهان سواليءَ کي سوال ڪرڻ کان اڳ ۾ سهي

ڪريو ۽ ان حاجتمند جا حاجت روا ٿيو- ڇو تہ توهان ڪي قدرت حاجت روا ڪيو آهي. ورنہ اوهان ڪي هنن وانگر مجبور ڪري ها تہ ڇا ائين ٿي نٿي سگهيو؟

اوهان انهيءَ ڏاتار جو ڏيڻ ڏسو، جو بنا گهرڻ جي ڏئي ٿو. وري ڏئي ٿو، تہ ڏيئي پڇاري نٿو. در حقيقت سچو سخي آهي بہ اهو، جو ڏيڻ بعد وساري ڇڏي“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6

وري هڪ شخص چيو ته، اسان کي کائڻ پيئڻ متعلق ڪجهه ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: ”جهڙي طرح سج جي روشنائي وڻن کي زندگي بخشيندي آهي، اهڙي طرح اگر انسان به فقط مينهن جي خوشبوءِ سنگهي زنده رهي سگهن ها، ته ڪهڙو نه بهتر ٿئي ها!! پر جي ڪڏهين اوهان جي فطرت اوهان کي مجبور ڪري ٿي، ته پنهنجي خوراڪ لاءِ ٻين جو خون ڪريو ۽ اڄ اجهائڻ لاءِ ٻچن کان سندن مائرن جو کير کسيو، ته اهي ڪم اهڙي طرح ڪريو، جو گناهن جي دفتر ۾ داخل نه ٿين. اوهان جو دستر خوان هڪ قربان گاهه ٿي پوي، جنهن تي جهنگل جا معصوم ۽ پاڪ جاندار قربان ڪيا وڃن. پوءِ جنهن وقت اوهان حيوانن جي ڳلي تي ڇري ڦيريو، تنهن وقت دل ۾ اهو خيال ضرور رکو، ته اها سگهه جا توکي ذبح ڪري رهي آهي، هڪ ڏينهن مون کي به ذبح ڪندي. ۽ به تو وانگر هڪ ڏينهن فنا ٿيڻ وارو آهيان. تنهنجو ۽ منهنجو خون بلڪل بي حقيقت آهي. ان مان صرف هيءُ نفعو آهي، جو هن رڳن مان نڪري، فطرت جي ٻٽي ڪنهن ٻوٽي جي آبياري ڪندو.

جڏهن اوهان کو صوف کائو، تڏهن پنهنجي دل ۾ چئو تہ اي منڙا ميوا، تنهنجو تخم منهنجي جسم ۾ سرسبز رهندو. تنهنجو عرق منهنجي رڳن ۾ تازو رهندو. تنهنجون مستقبل ۾ ٽڙندڙ مکڙيون منهنجي دل جي باغيچي اندر ٽڙنديون. تنهنجي خوشبوءِ منهنجي ساه سان سانديل رهندي. تنهنجو رنگ منهنجي رطوبت ۾ نمايان ٿيندو. اهڙي طرح اسان جي زندگي هڪ ٻئي سان گڏگڏ گذرندي. اسان ٻنهي جي ٻج کي آسمان جون هوائون ساري جهان ۾ اڏائي کڻي وينديون. پوءِ بارش جي بوند تي اسين صحرا کي سائو ڪنداسون ۽ بيابان ۾ خيابان پيدا ڪنداسون.

جڏهن خزان جي موسم ۾ اوهان پنهنجي باغ ۾ شراب ٺاهڻ لاءِ انگور جمع ڪريو، تہ ان وقت پنهنجي دل کي يادگيري ڏيار تہ اي دل! تنهنجو وجود بہ هڪ انگورن جو باغيچو آهي تومان شراب لاءِ انگور ٻنبا ويندا. پوءِ وقتي پڪن سان گڏ ڪچا بہ ڪري پوندا. توکي بہ تازي شراب مثل ڪنهن مٽ ۾ بند ڪري محفوظ رکيو ويندو. جڏهن سياري جي موسم ۾ شراب جو مٽ کولبو، تڏهن هر ٻالي سان گڏوگڏ تنهنجي روح مان هڪ موسيقي، هڪ سُر، هڪ نغموءِ هڪ اهڙو منو گيت پيدا ٿئي، جو نون مست ٻنجي وڃين ۽ ان مستيءَ ۾ پاڻ کي فنا ڪرڻ لاءِ تيار رکين. ان مدهوشيءَ ۾ تون ان خزان جو دور کي ياد ڪر- انگورن جو باغ ياد ڪر ۽ ياد ڪر تہ ڪهڙيءَ طرح ان مان شراب ٺاهيو ويو هو ۽ آئيندي ڪيئن ٺاهيو ويندو ۽ اهو بہ ياد ڪر، تہ انهيءَ شراب مثل تنهنجو بہ شراب نيار ٿيندو.

تون سمجهين ٿو، تہ هميشه اهو باغ هوندو، اهي انگور هوندا ۽ آءُ هوندس. ليڪن اها تنهنجي خيالن جي ڀُل آهي ۽ اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي تصور جي غلطي آهي، تنهنجي عقل جي انڌائي آهي- تون داناءُ هوندي نادان ٿين ٿو، عقل هوندي بي عقل ٿين ٿو، عالم هوندي جاهل بنجين ٿو ۽ خبروار هوندي بي خبر بنجين ٿو.

اي نادان! اينڌڙ صبح تو بجاءِ ٻيا ساقي هن محفل ۾ شراب پياريندا- جيئن اڄ ٻين جي مٽيءَ جا ساغر تنهن هٿن ۾ موجود آهن، تہ تيئن سڀاڻ تنهنجي خاڪ جا پيالا وري ٻئي ڪنهن نازڪ هٿ جو شرف حاصل ڪندا.

7

اُن بعد هڪ ڳوڻاٽي ڇيو تہ، "اسان کي محنت متعلق ڪو نڪتو ٻڌايو!"

بزرگ فرمايو: توهان محنت ڪريو ٿا، ان لاءِ تہ زمين ۽ زماني سان جيڪو زمين جو روح آهي قدم دم ۾ ملائي هلي سگهو- ان ڪري سست ٿيڻ ايئن آهي جيئن موسمن کان بيخبر ٿي وڃڻ يا زندگي جي ان جلوس کان پوئتي هٽي وڃڻ جو نهايت فخر سان ڳتي وڌي رهيو آهي.

جڏهن اوهين محنت ڪريو ٿا، تڏهن اوهان هڪ بانسري مثل بڻجي پئو ٿا، جنهن جي پُرسوز آواز تي ماڻهو تہ ماڻهو، پر پکي ۽ جانور بہ حيران ٿي پون ٿا. اوهان کي ٻڌايو ويو آهي، تہ محنت هڪ لعنت ۽ جفاڪشي هڪ مصيبت آهي. غلط بلڪل غلط!! آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو، تہ جڏهن اوهان محنت ڪريو ٿا، تڏهن ڪائنات جي انهيءَ اعليٰ آدرش کي پورو ڪريو ٿا، جنهن لاءِ خود هيءَ ڪائنات وجود ۾ آئي. زندگي محنت سان بڻجي ٿي. زندگي جا راز محنت جي ذريعي ئي کلي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن اوهان تڪليف جي وقت زندگي کي لعنت سمجهيو، جا اوهان جي پيشاني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي لکي ويئي آهي، تہ پوءِ آءٌ چوندس تہ ان لکيل لعنت کي اوهان جي پيشانيءَ جي پگهر کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ ڌوئي صاف ڪري نٿي سگهي.

بي عمل انسان اوهان کي ٻڌائين ٿا، تہ زندگي هڪ ظلمت آهي ۽ اوهان جي بي علمي اوهان کي هنن جو هم آواز بنائي ٿي. درحقيقت زندگي طلب کان سواءِ بي معنيٰ آهي. طلب علم کان سواءِ انڌي آهي. علم محنت کان سواءِ بيڪار آهي ۽ محنت محبت کان سواءِ بيڪار آهي- جڏهن محض محبت سبب محنت ڪئي وڃي ٿي، تڏهن ئي اها محنت ڪارگر ۽ ڪارآمد ثابت ٿئي ٿي.

ڪوري ڪپڙو اُڻي ٿو- ڪيس هر هڪ تند اهڙي محبت سان اُڻڻ گهرجي، جو سمجهي تہ انهيءَ ڪپڙي مان سندس محبوب جو لباس ٺهندو.

رازو جاءِ ٺـو جوڙي- هو جاءِ جون سرون گاري سان نہ، بلڪ پنهنجي خون سان جوڙي ۽ اهڙي محبت سان محنت ڪري، جڻ اهو مڪان سندس محبوب لاءِ تيار ٿو ٿئي. هاري ٻني ٿو پوکي، هو ٻنيءَ کي اهڙي پريم سان پاڻي ڏئي، جڻ اهو ان سندس پريتم وٽ سوکڙي ٿي ويندو آهي.

باغائي باغ ٿو پوکي. ڪيس هر هڪ ٻوٽي جي اهڙي سنڀال ڪرڻ گهرجي، جو جڻ ان جا ميوا محبوب جي مهمانيءَ لاءِ موڪلنا اٿس.

۽ پوءِ اوهان ڏسندا تہ توهان جا عمل توهان جي چوڌاري بيهي توهان جي ڪاميابين جو تماشو ڏسندا. مون اڪثر ٻڌو آهي؛ اهو شخص جو پٿر تي حسين نقش چٽي ٿو، سو انهيءَ مزدور کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهتر آهي، جيڪو زمين جو سينو چيري ان پيدا ڪري ٿو. يا اهو مصور جو ڪپڙي تڪر تي آسماني نظارا چٽي ٿو، سو ان موچيءَ کان افضل آهي، جيڪو جتيون ناهي ٿو. خبر نه آهي، ته اهو اوهان ننڊ جي حالت ۾ بڪي رهيا آهيو يا جاڳ جي حالت ۾؟ مگر آءٌ بلڪل بيداريءَ جي حال ۾ اوهان کي آگاهه ٿو ڪريان ته هوا جهڙيءَ طرح شاهه بلوط جهڙي بلند درخت سان لڳي، منو آواز پيدا ڪري ٿي، تهڙيءَ طرح هڪڙي ننڍڙي ٻوٽي سان به. پر انهن ٻنهي ۾ افضل اهو آهي، جو هوا کي پنهنجي محبت جي جادوءَ سان منو راڳ بنائي ٿو.

حقيقت ۾ محبت جسم آهي ۽ محنت ان جو روح آهي. جيڪڏهن اوهان ڪنهن لاچار ڪري بنا محبت جي محنت ڪريو ٿا ته پوءِ اوهان لاءِ بهتر آهي، ته ان کي ترڪ ڪري ڪنهن درگاهه جي دروازي تي ويهي، انهن کان خيرات گهرو، جيڪي پنهنجي پگهر جو پورهيو ڪري، پنهنجن ٻنين تان واپس ورن ٿا.

بي دليو ڪم هميشه بيڪار ٿيندو آهي. هڪ نوڪر به ماني تو ناهي، هڪ ماءُ به ڪاڌو تيار ٿي ڪري. فرق ڏسو! هو ماني ناهڻ مصيبت ٿو سمجهي ۽ هوءَ ڪاڌو تيار ڪرڻ سعادت ٿي سمجهي. ٻنهي جي محنت ۾ زمين آسمان جو فرق آهي!

هڪ ٻار جي ماءُ مري وڃي بعد ماٽيجي ماءُ ان کي پالي ٿي- ٻئي ٻار کي سڳي ماءُ نپائي ٿي- ٻنهي جي نپاج جو نقشو تصور ۾ آڻيو، ٻنهي ۾ اوهان کي جبل جيڏو تفاوت نظر ايندو- ڇو؟ ڇاجي ڪري؟ نيپاج لاءِ محنت ته ٻئي ڪن ٿيون، پر هڪ جي نيپاج ۾ محبت جو فطري جزو آهي، ٻيءَ جو نيپاج مصنوعي آهي. ڇا فطري

شيءِ هترادو شيءِ مٿ ٿي سگهندي؟

راڳ کهڙو نہ مٺو آهي. هو انسان ذات کي اهڙي طرح ڪشش ٿو ڪري، جهڙيءَ طرح چقمق لوهہ کي. پر جيڪڏهن ان راڳ ۾ محبت جي چاشني شامل نہ آهي، تہ اهو راڳ اوهان جي من کي مست ڪرڻ بجاءِ اوهان جي من تي مُترڪا هڻندو. تنهن ڪري اي انسانو! توهان جيڪا بہ محنت ڪريو، ان ۾ محبت جي ماکي ضرور شامل هجي، ورنہ اوهان جي اها محنت اجائي آهي".

8

پوءِ هڪ عورت چيو تہ، "اسان کي ڏک سک بابت ڪجهہ ٻڌايو"!

بزرگ جواب ڏنو: " ڏک جڏهن پردي ۾ آهي، تڏهن اوهان ان کي ڏک ٿا سڏيو، پر جڏهن سندس پردو هٽي ٿو، تڏهن اوهان ان کي سک ٿا سڏيو. يعني رنج جو روحاني نالو راحت آهي. اهو کوهہ، جنهن جو منو پاڻي اوهين پي رهيا آهيو، ان جي کوٽائي ڪرڻ ۾ اوهان تڪليف نہ سني؟ جڏهن ڏک ڏٺو، تڏهن ئي سک حاصل ٿيو.

اها عيد، جنهن تي اوهان هزار خوشيون ملهايو ٿا، سا درحقيقت ڏکن جوئي نتيجو آهي. اوهان جي اندر ۾ جيتري قدر ڏک جو زخم اونهو ٿيندو، اوتري قدر سک لاءِ وڏيڪ جاءِ پيدا ڪندو.

چا اهو پيالو، جو هينئر شربت سان پرجي اوهان جي هٿن ۾ آيو آهي، سو ڀهريائين ڪنڀار جي آويءَ ۾ نہ جليو آهي؟

اهو موتي، جو محبوب جي ڇپن کي هر وقت چمي پيو، تنهن کي اول تہ سوناري جي سيرائي سوراخ ڪيو. ان بعد ئي انهي بلند رتبي تي پهتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها بينسري، جنهنجي مٺي آواز اوهان کي مست ڪيو آهي، اول تہ تيز ڇُريءَ سان اندران ڪوري ويئي هوندي- پوءِ ئي منجهائنس روح کي راحت ڏيندڙ آواز پيدا ٿيو هوندو.

جڏهن اوهان خوشين سان ٽمٽار هجو، تڏهن پنهنجي دل جي گهرائيءَ ۾ جاچ ڪندو، تہ اوهان کي ڏسڻ ۾ ايندو، تہ جيڪا شيءِ اوهان کي رنج رسائي ٿي، اها مسرور بہ ڪري ٿي. جڏهن اوهان ڪنهن غم ۾ غلطان هجو، تڏهن ويچار ڪندو تہ اوهان اهڙي شيءِ لاءِ غمگين آهيو، جا اوهان کي خوشي ڏيندڙ آهي.

اوهان مان ڪيترا چون ٿا تہ خوشي غم کان بهتر آهي. ڪي فرمائين ٿا تہ غم خوشيءَ کان بهتر آهي، پر آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ اهي ٻئي جذبا هڪ ئي ول جو ميوو آهن. انهن ۾ امتياز ڪري نٿو سگهجي- انهن ۾ فرق لهي نٿو سگهجي. اهي ٻئي دنيا ۾ گڏ گڏ سير ڪري رهيون آهن. اهو بہ قدرت جوڙو پيدا ڪيو آهي. انهن مان هڪ جيڪڏهن اوهان جي دستر خوان تي موجود آهي، تہ يقين رکو تہ ٻي وري اوهان جي بستري تي آرامي آهي. سچ پچ تہ انسان هڪ ترازيءَ مثل آهي، جنهن جي هڪ پڙ ۾ ڏک آهي ۽ ٻئي ۾ سک.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

9

پوءِ هڪ رازي ڇيو، تہ اسان جي گهرن ۽ عمارتن بابت ڪجهہ ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: اوهان بستيءَ ۾ جاءِ جوڙائڻ کان پهريائين تصور جو هڪ باغيچو پوکيو. ڇاڪاڻ تہ جهڙيءَ طرح اوهان جي جسم جي فرحت لاءِ جنساري جاءِ ضروري آهي، تهڙي طرح روح جي راحت لاءِ باغيچو. دراصل اوهان جو گهر اوهان جو جسم آهي، جنهن ۾ روح موسيقي جي مٺڙي آواز تي موهت ٿي اچي آرامي ٿئي ٿو.

اهو سچ جي روشني ۾ پسار ٿو ڪري ۽ رات جي خاموشيءَ ۾ گهري ننڊ. ان جي اندر هڪ جڳت جو بسيرو آهي.

ڇا اوهان سمجهو ٿا تہ اوهان جي ان گهر ۾ خواب نٿا ڏٺا وڃن؟ ۽ ڇا اهو گهر ڀاتي جيڪو شهر کان ٻاهر پهاڙن ۽ ماٿرين ڏانهن نڪري ٿو وڃي، اهو خواب ڏسڻ کان سواءِ ٿو وڃي؟

ڪاش! اهي اوهان جا جسم منهنجي مٺ ۾ اچي سگهن تہ ڪين جهنگلن ۽ بيابانن ۾ پکيڙي ڇڏيان!!

اوهان جي وڏڙن خوف ۾ اچي چار ديواريون ٺهرايون جن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو پاڻ بہ رهڻ لڳا ۽ پنهنجي اولاد کي بہ رهايائون. سندن اهو خوف اجايو هو. اهي پتيون تہ اِجهو پاڻ ٿي ويندا يون. اها شهر پناهگاهہ جلد فنا ٿي ويندي. مونکي ٻڌايو تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن کي اوهان پتين ۽ دروازن اندر محفوظ ڪريو ٿا؟

ڇا اوهان کي دلي سڪون حاصل آهي؟ ڇا اوهان جي دلين ۾ ماضيءَ جي ياد موجود آهي؟ ڇا اوهان حسن جي حفاظت ڪري سگهو ٿا؟ هرگز نہ! اهي اوهان جا گهر تہ فقط عيش محل آهن. اهو چور، جنهن ڪان اوهين ڊڄو ٿا، سو اوهان جو مهمان ٿي اوهان جي جاين ۾ رهي ٿو. پوءِ آهستي آهستي ميزباني ڪري ٿو ۽ نيٺ خود مالڪ بنجي ويهي رهي ٿو. هو اوهان جي جوانيءَ سان کيڏي ٿو. اوهان کي خواهش جو رانديڪو بنائي ٿو. هن جا هٿ ريشم جهڙا نرم آهن، مگر دل پٿر وانگر سخت. هو اوهان کي ٻارن وانگر منڙي لولي ڏيئي سمهاري ڇڏي ٿو. پوءِ اوهان جي سيراندي ڪان بيٺو اوهان جي ضعيف پيري تي ڪلون ڪندو رهي ٿو. هو اوهان جي پتين جي سرن کي اهڙي طرح پور پور ڪندو رهي ٿو، جهڙي طرح اُڏوهي ڪاٺ کي ناس ڪندي آهي. تنهن ڪري اوهان خبردار ٿيو. پنهنجي گهرن کي آرامگاه نہ بنايو. سچ پچ آسائش جي طلب ۽ تمنا روح جي اعليٰ جذبي جو خون ڪري ٿي ۽ پوءِ مرڪي انهيءَ جنازي کي ڪلهو ڏئي ٿي. اوهان جا گهر قدرتي ڇت هيٺان هئڻ گهرجن، جتي آسمان ڪان آزاد هواء بنا روڪ ٽوڪ ايندي ويندي رهي. جنهن جو دروازاو صبح صادق جي روشني هجي، جنهن لاءِ شمع آسمان جا ستارا هجن، جنهن ۾ اندر ويندي ڪڏهن بہ اوهان کي اهو خوف محسوس نہ ٿئي تہ، دروازي مان لنگهندي ڪنڌ هيٺ ڪريون، متان مٿو در سان لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

10

پوءِ هڪ شخص چيو تہ اسان کي، لباس بابت ڪجهہ ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: اوهان جو لباس اوهان جي حقيقي حسن تي پردو آهي. هو اوهان جي ظاهري حسن کي لڪائي سگهي ٿو، پر اوهان جي وجود جي ميراڻ کي ڍڪي نٿو سگهي. اوهان موسم جي مناسبت سان هلڪو ۽ نرم لباس ڍڪيو، پاڻ کي آزاد ٿا سمجهو، پر اهوئي لباس اوهان لاءِ هٿڪڙيون بنجي ٿو.

ڪاش! لباس جي پابندي بلڪل نہ هجي ها! ۽ توهان جي جسم جي چمڙي سان سج جي روشني ۽ هوا جو سنئون سڌو لاڳاپو هجي ها، ان ڪري آتما جي زندگي سج جي روشني ۽ هوا ۾ آهي.

اوهان مان ڪي چون ٿا، تہ سياري جي سرد هوا اسان کي لباس پائڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. ان ئي اسان کي اهي ڪپڙا پهرايا آهن. تحقيق! انهيءَ اتر جي ٿڌڙي هوا، ڪپڙي جو سٽ، بي شرميءَ جي چرخي تي ڪتي، ۽ حياتيءَ جي سيني قوتن کي ڌنڌي ڪوندي ۾ پائمال ڪري، ڪپڙي جي تندن سان ملائي ڪپڙو تيار ڪيو. پوءِ اهو اوهان کي پهرائي ، پاڻ جهنگل ۾ وڃي خوب ڪليائين. هن جي ڪلڻ جو سبب ڪهڙو هو سبب هيءُ هو: هن چيو، تہ هي

انسان دنيا کي ڏوکو ڏيئي، عام جي اکين ۾ ڏوڙ ٿا وجهن. هو چون ٿا تہ اسين لباس پائي، پنهنجو شرم ٿا ڍڪيون، پر انهيءَ لباس جي پردي ۾ جيڪي بي شرميءَ جا ڪم ٿا ڪن، تن کان شيطان بہ پناه گهري آهي. جڏهن اوهين ريشمي لباس پهريو ٿا، تڏهن اوهان ايڏيءَ آڪڙ ۾ پرجي وڃو ٿا، جو عزازيل کي بہ شرم اچي ٿــوو وڃي. اوهان جو اهو لباس اوهان جي ايمان کي خراب ڪري ٿو. دلين کي داغدار بنائي ٿو. انهيءَ کان بهتر آهي، تہ اوهان جو بدن ننگو هجي، تہ صحرا جي هوا ان جي آجيان ڪري.

اوهان جڏهن چانديءَ جي لڳل جتي پائي زمين تي گهمو ٿا، تڏهن ڌرتي دانهون ٿي ڪري، مگر اوهان جا ڪن ان جي ٻڌڻ کان ٻوڙا آهن. زمين خوش تڏهن ٿي ٿئي، جڏهن اوهان پير اگهاڙا ڪري نوڙت ۽ نماڻائي سان مٿس گهمو ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

11

پوءِ سوداگر چيو، تہ اسان کي واپار بابت ڪجھہ ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: زمين اوهان لاءِ پنهنجا ميوا ۽ ڦل نذر ڪري ٿي. اوهان انهن تحفن سان پنهنجون جهوليون ڀريو تہ ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندو. پوءِ اهي تحفا انصاف ۽ محبت سان تقسيم ڪريو. ان حالت ۾ اوهان جي دنيا خوشحال ۽ آسودي رهندي. پر جيڪڏهن اوهان ورهاست ۾ بخيلي ۽ ڪپت ڪئي، تہ چند شخص پنهنجو پيٽ ڀريندا ۽ باقي سڀ بکيا رهندا.

اي زمين سمنڊ سان سودي ڪرڻ وارؤ! جڏهن اوهان پنهنجي ٻانهن جي ٻل سان ڪيل ڪمائيءَ جو ڦل ڪٺي بازار ۾ وجو، تڏهن انهيءَ سوداگر کي حاضر ناظر سمجهو، جو هر ڪنهن جو حساب باقاعدي لکندو رهي ٿو. پوءِ پنهنجي تارازي اهڙي صحيح رکو، جو ان ۾ ڪاٺ جو ذرو نہ هجي. اتي اوهان وٽ ڪئين چالاڪ ۽ زبان دراز ايندا ۽ اوهان کي اوهان جي محنت جي عيوض فقط منيون منيون ڪهاڻيون ٻڌائيندا. اهڙن ماڻهن کي اوهان صاف صاف چئو، تہ اي پرمارو! اوهان اسان سان گڏ هلو، هلي زمين جو سينو چيريو يا درياءَ ۾ جار وڇايو. زمين ۽ درياءَ اوهان تي بہ اهڙائي مهربان آهن، جهڙا

اسان تي.

جيڪڏهن اوهان وٽ ڳائڻا، ناچو ۽ بانسري وڄائيندڙ اچن ته اوهان انهن جو به مال خريد ڪريو.انهن کي به نااميد نه ڪريو، ڇاڪاڻ ته هو جيڪو ڪجهه اوهان جي اڳيان پيش ڪن ٿا سو هنن ڏاڍي محنت سان تيار ڪيو آهي. هنن جو اهو مال تخيل ۽ تصور جي دنيا ۾ تيار ٿيل آهي. اهو اوهان جي وجود جي پوشاڪ ۽ روح جي غذا آهي.

اوهان بازار مان واپس ورڻ کان اڳ ڏسو، ته سيني ماڻهن کي سندن حق پلئه پيو آهي؟ ڪو خالي هٿين ته واپس ڪونه ٿو وڃي؟ جيڪڏهن ڪنهن سان ظلم ٿيو، ته پڪ ڄاڻو ته قدرت جو قهر هڪدم نازل ٿيندو، پوءِ سڪن سان گڏ ساوا به ٻري ويندا. قدرت کي آرام تڏهن ايندو آهي، جڏهن ڏسندي آهي، ته هر ڪمتر کان ڪمتر ٻانهي جي ضرورت پوري ٿي رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

12

پوءِ ان بستيءَ جي ڪوتوال ڇيو، تہ اسان ڪي گناهہ ۽ سزا بابت ڪجهہ ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: جڏهن اوهان مان روحانيت جو جنازو ڪڍجي ٿو ۽ نفس اوهان کي لغام وجهي، اوهان تي سوار ٿئي ٿو، تڏهن اوهان ٻين کي نقصان ٿا پهچايو. درحقيقت اهو نقصان ٻين کي نٿا پهچايو، پر اهو پاڻ کي ٿا پهچايو. بني آدم تہ هڪ ٻئي جا عضوا آهن. پوءِ خيال ڪريو، تہ جيڪڏهن ڪنهن هڪ کي نقصان پهتو، تہ ڄڻ اوهان جو ڪونہ ڪو عضوو ناڪارا ٿيو. پوءِ انهي گناهہ جي ڪفاري لاءِ بهتر اٿو، تہ ڪنهن بزرگ جي چائنٺ جهلي ويهو. اوهان مان هرهڪ جي اندر ۾ نار آهي، جو هڪ وهندڙ درياءَ مثل آهي، جنهن جو پاڻي ڪڏهن بہ ناپاڪ نٿو ٿئي. جڏهن اوهان گناهہ ڪريو ٿا، تڏهن هو اوهان کي سمجهائي ٿو ۽ گناهہ جي بري نتيجي جي اوهان کي ڄاڻ ڏي ٿو. پوءِ جيڪڏهن اوهان ان کي نٿا مڃيو ۽ نفس اماره جي حڪم جي پيروي ٿا ڪريو. تڏهن هو سڪي وڃي ٿو.

اوهين سڀيئي هڪ جلوس مثل روح پاڪ طرف وڃندا وڃو ٿا. پوءِ اتفاقاً ڪنهن شخص جو پير ترڪي ٿو ۽ هو ڪري ٿو

پوي، تہ گويا هو پين کي اهڙي طرح آگاهہ ڪري ٿو، جهڙيءَ طرح رستي ۾ پيل پٿر. پوءِ اوهان جا تڪا ويندڙ ساٿي اگر ان کي اٿارين نٿا ۽ ڪريل ئي ٿا ڇڏي ڏين، تہ گويا هو چاڙي واٽي ايندڙ نسلن لاءِ رستي جو پٿر ڇڏين ٿا.

هيءَ ڳالهہ ياد رکو تہ مقتول پنهنجي قتل جي جرم ۾ خود بہ شريڪ رهي ٿو. يا جنهن کي ڦريو ۽ لٽيو ويجي ٿو، اهو خود پنهنجي تباهيءَ جي الزام کان پاڪ رهي نٿو سگهي. پاڪباز ۽ بيگناهہ، مجرم ۽ گنهگار جي عمل ۾ ضرور شريڪ رهي ٿو. اهڙو ڪو بہ نيڪوڪار نہ ليندو، جنهن جا هٿ گهنگهارن جي گناهہ ۾ رڱيا نہ ويا هجن. سيڪو مجرم پين تي ظلم ڪري ٿو، تنهن جو نشان هو خود بہ بنجي ٿو.

اوهان انصاف کي بي انصافيءَ کان يا گهنگار کي بي گناهن کان جدا نٿا ڪري سگهو. اهي ٻئي هڪ ٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلندا رهن ٿا. دنيا ۾ انهن ٻنهي جو هئڻ لازمي آهي. روشنيءَ جو قدر اسان کي تذهين آهي، جو اوندهہ آهي. حسن اسان کي پسند تڏهين اچي ٿو جو ڪوجهائپ جو وجود آهي.

اوهان ڏسو! ڪوري ڪپڙو ٿو اڻي. ان ۾ اڇين تندن سان ڳاڙهي ڪاري تند گڏي ٿو. پوءِ جيڪڏهن ڪاري تند ٽٽي پوي ٿي، تہ ڇا ان کي بيڪار ڪري ڇڏيو ڏئي ٿو؟ نہ نہ! هو تہ پاڻ ان کي درست ٿو ڪري. جيڪڏهن درست نہ ڪندو، تہ سندس سڄي تاڃي بيڪار ٿي پوندي.

اگر اوهان مان ڪو ڪنهن بيوفا عورت جي جرم کي انصاف جي تارازيءَ ۾ توري، تہ هو ٻئي پڙ ۾ ان جي مڙس جي دل وجهي. پوءِ اندازو لڳائي ۽ انهن ٻنهي جي روحن جي ماپ ڪري؛ پوءِ ڪيس

خبر پوندي تہ عورت واقعي مجرم آهي يا نہ؟

اوهان مان جيڪو شخص ڪنهن گهنگار کي ڇهنبڪ هڻي، تہ ڇهنبڪ هڻڻ کان اڳ پاڻ کي هن جي جامي ۾ وجهي ڏسي. يا اوهان مان جيڪڏهن ڪو حق ۽ انصاف جو نالو وٺي چوي تہ آءٌ گناهہ جي وڻ کي ناس ڪندس، تہ ان وڻ کي ڪهاڙي هڻڻ کان اڳ سندس پاڙ ڏانهن بہ نظر ڪري. پوءِ جڏهن زمين اندران کي ڏسندو، تہ ڪيس نظر ايندو تہ سهڻا، ٻچڙا توڙي ميويدار ۽ ٻنا ميوي وڻن جون پاڙون زمين اندر ڳنڍيون پيون آهن.

اي انصاف ڪرڻ وارا حاڪم! اگر اوهان چاهيو ٿا، تہ اسين حقي حقي فيصلا ڪريون، تہ پوءِ مون کي ٻڌايو تہ انهيءَ شخص کي ڪهڙي سزا ڏيندو، جو ظاهري عملن ۾ نيڪوڪار آهي، مگر سندس روح چور آهي؟ يا ان شخص بابت اوهان ڪهڙو فيصلو ڪندا، جنهن جو عمل فريب، ڌوڪو ۽ ٺڳي آهي؟ جو ٻين کي ٺڳيندو رهي ٿو ۽ پاڻ بہ فريب جو شڪار ٿيندو رهي ٿو.

ڀلا انهن متعلق اوهان ڇا ڪندؤ، جن جي پشيماني انهن جي ڪيل گناهن کان ڪئي ڀيرا وڌيڪ آهي؟ ڇا پشيماني بذات خود هڪ سزا نہ آهي؟ اها سزا تہ اول اول قدرت جي طرفان گهنگهار تي نازل ٿيندي آهي. پشيماني رات جي انڌيرن ۾ گهنگهار وٽ ايندي آهي، تان تہ هو سجاڳ ٿئي ۽ سجاڳ ٿي پنهنجي نفس کي ملامت ڪري. اها ندامت ضمير جي شمع کي روشن ڪريٿي، تہ جيئن انهيءَ روشنيءَ ۾ گهنگار پنهنجا گناهہ ڏسي سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

13

پوءِ هڪ قانون ساز چيو، تہ اسان جي قانون متعلق اوهان جي ڇا راءِ آهي؟

بزرگ فرمايو: قاعدو ناهڻ ۽ ڊاهڻ اوهان لاءِ هڪ مذاق آهي. اوهان تہ قاعدي کي ٻاراڻي راند ڪري ٿا سمجهو. جيئن ننڍڙا ٻار مٽي ڪٽي ان جا گهرڙا ناهيندا آهن، ۽ وري گهڙي ڪن کان پوءِ انهن کي ڊاهي ڇڏيندا آهن، هوبهو اوهان بہ قاعدي جي مٽي اهڙي طرح پليد ڪندا رهو ٿا.

هڪ انسان جو مثال وٺو، جو بي دعوت وهاڻءَ تي وڃي ٿو. پوءِ ڪائي پنهنجي اهڙي حالت بنائي ٿو جو ان جاءِ تان اٿڻ بہ هن لاءِ آزار ٿيو پوي. پوءِ جڏهن تڪليف ۾ اچي ٿو، تڏهن چوي ٿو، تہ هي ميزبان ڪهڙا نہ بي قانون آهن. جن جي مهمانيءَ مان ماڻهو مرض پرائي اٿن ٿا. اهڙا ماڻهو بينا روشنائي ۾ آهن. ليڪن سندن پٺ سج ڏانهن آهي. هو سج جو روشن چهرو نٿا ڏسن مگر ان جي پاڇي ڏانهن ڏسندا رهن ٿا. هنن جي نظر ۾ پاڇي ئي قانون آهي.

اي انسانو! اوهان پاڇي پنيان نہ ڊوڙو، اصل حقيقت کي

پرروڙيو. اوهان ماڻهن جي بنايل قيد خانن جا دروازا نہ کڙڪايو. اوهان آزاد فضا ۾ سير ڪريو. جيڪڏهن اوهان پنهنجا ڪپڙا لاهي پاڻ ڦاڙي ڇڏيندؤ، تہ پوءِ ڪير ڪهڙي مجال آهي، جو اوهان تي مقدمو داخل ڪري؟

اوهان فطرت جي قانون مطابق هلو، جنهن ۾ ڪا بہ ڦير گهير اچي نٿي سگهي. اوهان نقاري تي ڪپڙو ويڙهي ان جو آواز بند ڪري سگهو ٿا. ستار جي تارن کي توڙي هن کي بي آواز بنائي سگهو ٿا، جاءِ جي پاڙ کوٽي ان کي ڪيرائي سگهو ٿا، پر اها طاقت نہ اٿو، جو آسمان کي چئو، تہ تون هيٺ لهي اچ. هوا کي چؤ تہ هاڻ نہ گهل ۽ سج کي چؤ تہ روشني نہ ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

14

پوءِ هڪ شخص سوال ڪيو، تہ اسان کي آزادي متعلق ڪجهہ ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: اوهان آزاديءَ جا پوڄاري آهيو، هر وقت اوهان جي زبان تي آزاديءَ جو راڳ آهي ۽ انهي آزاديءَ جا اوهان غلام آهيو. جهڙي طرح هڪ نوڪر پنهنجي رئيس موچڙا کائيندو آهي. تڏهن بہ ان جي ساراه جون سرڪيون پيو ڀريندو آهي، تهڙي طرح جيتري قدر هيءَ آزادي اوهان کي آزار پهچائي ٿي، اوتري قدر اوهان جي زبان آزادي آزادي پڪاريندي رهي ٿي. اوهان تہ آزاد تڏهن ٿي سگهو ٿا، جڏهن آزادي حاصل ڪرڻ جي خواهش کي پنهنجي لاءِ هڪ پابندي ۽ زنجير سمجهو، بيشڪ اوهان آزاد انهيءَ وقت ٿيندو، جنهن وقت اوهان جو ڏينهن فڪر کان ۽ رات غم کان خالي هوندي. بلڪ اوهان بلڪل آزاد تڏهن ٿيندؤ جڏهن اها رات ۽ ڏينهن جي پابندي بہ نہ هوندي ۽ اوهان جو پلوَ درد ۽ فڪر کان آجا هوندا.

اوهان درحقيقت سچي آزاديءَ جا خواهان ٿي نہ آهيو. باقي جنهن آزادي جي اوهان سڌ ڪري رهيا آهيو، سا تہ خود اوهان لاءِ هڪ زنجير آهي، جنهن جون ڪڙيون سج جي روشنائيءَ ۾

چمڪن ٿيون.

اگر اوهان ڪنهن ظالم ۽ خود مختيار بادشاهہ کي تخت تان لاهڻ گهرو ٿا، تہ پهريائين انهيءَ ظالم جو بہ خيال رکو، جنهن جو تخت اوهان جي دل تي قائم آهي. هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪريو، تہ ڪوبہ ظالم حاڪم پنهنجي آزاد ۽ خوددار رعيت تي حڪومت نہ ڪندو آهي، پر جڏهن رعيت خود ظلم تي سندرو ٻڌندي آهي. منجهائنس آزادي ۽ خودداري ختم ٿي ويندي آهي، غلامي، عجز ۽ چاپلوسي سندن پيشو ٿيندي آهي، تڏهن ئي اهڙو ظالم حاڪم مٿن مقرر ڪيو ويندو آهي. اگر اوهان کي زندگيءَ ۾ ڪو فڪر ويڙهي ٿو، تہ انهيءَ جا جوابدار خود اوهان آهيو، اوهان جي فعل ئي اوهان کي فڪر ۾ وڌو آهي. اگر اوهان کي ڪو خوف آهي، تہ ان خوف جا ذميوار بہ اوهان پاڻ آهيو. جنهن شخص کان اوهان ڊڄي رهيا آهيو، ان جو ان ۾ ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي، ڇوتہ اهڙو سبب توهان خود پيدا ڪيو آهي، جنهن ڪري هو اوهان جو دشمن بڻيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

15

پوءِ هڪ عورت چيو، تہ اسان کي عقل ۽ جذبي بابت ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: اوهان جو روح در اصل جنگ جو ميدان آهي، جيڪا اوهان جي عقل ۽ اوهان جي خواهشن ۽ جذباتن جي وچ ۾ لڳل آهي. اگر منهنجو وس پڄي، تہ آءُ اوهان جي روح اندر داخل ٿي، انهن جو پاڻ ۾ صلح ڪرائي ڇڏيان، ليڪن اها ڳالهہ منهنجي وس کان ٻاهر آهي- نہ تہ آءُ انهن کي اهڙو بنائي ڇڏيان، جو هر وقت منجهانئن هيڪڙائي جو وڻندڙ سُر وڄندو رهي.

اوهان جي آتما هڪ ٻيڙيءَ مثل آهي، جيڪا هن دنيا جي ساغر تي ترندي رهي ٿي. اوهان جي سمجهہ ۽ اوهان جا جذبات انهيءَ ٻيڙي جا ٻہ بادبان آهن. اگر انهن ٻنهي مان هڪڙو بيڪار ٿي پوي، تہ پوءِ اوهان جي اها ڪشتي لهرين ۾ لڙهندي، وڃي ڪنهن اونهي اوڙاهہ ۾ پوندي.

اوهان جو هر عمل ڪنهن جذبي جو نتيجو آهي ۽ جذبو عقل کان سواءِ اهڙي آگ آهي، جا پنهنجو پاڻ کي ٻہ ڀسم ڪري ٿي ڇڏي. تنهن ڪري اوهان پنهنجي روح کي اجازت ڏيو، تہ عقل کي جذبي جو رهنما بنائي، نہ تہ اوهان جو جذبو هرروز پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوز ۾ سڙي وري ساڳي باھ مان پيدا ٿئي ۽ ققنس* مثل پنهنجي زندگي انهيءَ رک ۾ محفوظ رکي.

آءٌ چاهيان ٿو، تہ اوهان پنهنجي فيصلي جي قوت ۽ خواهشن کي اهڙي طرح نوازيو، جيئن ٻن ويجهن ۽ پيارن مهمانن کي نوازيندا آهيو.

اوهان جڏهن ڪنهن جبل جي ڪڇ ۾ گهاٽن وڻن جي جهڳٽي جي ٿڌڙي ڇانوَ هيٺ آرام ڪريو ۽ انهن وڻن جو ميوو کائي، صاحب جي ساراهہ ڪريو، تڏهن اوهان سمجهو تہ اوهان فطرت جي هنج ۾ آهيو. ۽ اوهان جي دل جي ساز مان بي اختيار هيءَ نغمو نڪري ٿو:

عقل مطلق کي اچي راحت اسان جي عقل مان.

وري جڏهن طوفان اچي، وڻن ۾ سوسات ٿين، بادل گجگوڙ ڪري ۽ وڄ جو چمڪاٽ ٿئي، تہ ان وقت اوهان جي دل دهلجي چوي:

عقل- مطلق، رت جي دوري ۾ متحرڪ ٿئي ٿو. اوهان تہ عقل مطلق جي عظيم بيابان جي ڪنهن وڏي وڻ جو هڪ پن آهيو. تنهن ڪري اوهان کي جڳائي تہ عقل اندر آرام پايو ۽ جذبي اندر حرڪت ڪريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

16

پوءِ هڪ ٻيءَ عورت، چيو، تہ اسان کي درد کان واقف ڪريو!

بزرگ فرمايو: اوهان جي دل هڪ صحرا آهي. جڏهن اوهان ان صحرا جي خاموش تنهائيءَ ۾ رهڻ مان بيزار ٿيو ٿا، تڏهن چپن جي باغيچي ۾ اچي وهو ٿا. اتي اوهان زبان ۾ آواز سان راند ڪريو ٿا. وري جڏهن اوهان جي فڪراتن جو سمنڊ موج ۾ اچي ڇوليون هڻي ٿو، تڏهن اوهان کي گفتار ڪريو ٿا. انهيءَ گفتار ۾ اوهان جا افڪار پائمال ۽ ناس ٿين ٿا. ڇو تہ تفڪر آزاد فضا جو هڪ آزاد پکيئڙو آهي. جو گفتار جي پڃري اندر پوريل آهي. اتي هو فقط پَرَ پکيڙي سگهي ٿو، مگر پرواز نٿو ڪري سگهي.

اوهان ۾ قسمين قسمين ماڻهو آهن. ڪي اهڙا آهن جو جڏهن اڪيلا ٿين ٿا ۽ سندن خيال کين پريشان ڪن ٿا، تڏهن زبان دراز ۽ ڳالهير ماڻهن وٽ ڊوڙندا وڃن ٿا، انهيءَ لاءِ تہ سندن پريشاني دور ٿئي.

ڪي وري اهڙا آهن، جي بنا ڪنهن سوچ ويچار جي جيڪي ايندو اٿن، سو وات مان وهائي ڇڏيندا آهن. کين نفي نقصان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر نہ هوندي آهي. هو اهڙي ڳالهہ بہ ڪريو ڇڏين، جنهن کي خود بہ نٿا سمجهي سگهن.

ڪي اهڙا آهن، جن جي اندر حق جي روشنائي تجلا پيئي ڏئي، مگر هو ان کي دنيا جي اونداهيءَ ۾ ٻاهر آڻي نٿا سگهن. سندن اندر ۾ حق جو آواز پيو اڀري، پر اهو لفظن جي صورت ۾ سندن لبن تي اچي نٿو سگهي. اهڙن جو سينو نور جي صندوق آهي. پوءِ جڏهن کي عشق جي اوچتي چماٽ لڳي ٿي. تڏهن سندن سيني مان لفظن جي برسات ٿئي ٿي. پوءِ اهي لفظ شعر جي صورت ۾ ماڻهن اڳيان ظاهر ٿين ٿا.

اوهان موت کان پهريائين ڪنهن بہ انسان سان ملو، تہ پنهنجي روح کي اجازت ڏيو، تہ هو اوهان جي چپن کي چوري ۽ اوهان جي زبان جي رهنمائي ڪري. پوءِ اوهان جيڪا گفتار جي ٿيندي، سا خالص ۽ منڙي، وڻندڙ ۽ من موهيندڙ، راحت ۽ آرام ڏيندڙ هوندي، دلپذير ۽ دلنواز هوندي. جنهن جي بہ ڪن تي اهو آواز پوندو، سو از خود اوهان کي پسند ڪندو.

17

پوءِ هڪ نجوميءَ چيو ته هن بي بقا حياتيءَ جي چند ڏهاڙن بابت ته ڪي ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: اوهان جي تمنا هوندي آهي ، ته اسين زندگيءَ جي وقت کي ماپي يا توري وٺون. مگر افسوس جو ان کي ڪڏهن به ماپي يا توري نٿا سگهو. هوءَ ته وهندڙ پاڻي آهي، جو ڏسندي ڏسندي گذري ٿو وڃي.

زندگيءَ ۾ وقت ۽ ساعت جو حساب ئي ڪونهي. ان ۾ اڄ جي اندر، ڪالهه فقط هڪ ماضيءَ جو ڌنڌلو عڪس آهي ۽ سڀاڻ محض هڪ خواب آهي. اوهان جي اندر جيڪا شيءِ متحرڪ آهي، اها هيئنر به انهيءَ پهرين ساعت جي حدن ۾ قيد آهي، جنهن گهڙيءَ آسمان تي ستارا پکيڙيا ويا هئا ۽ زمين جي فرش کي پاڻيءَ جي مٿان وڇايو ويو هو.

وقت محبت وانگر ورهائي نٿو سگهجي. اهو ته آزاد ۽ اڻتي وڌندڙ آهي، پر جيڪڏهن ڪن مجبورين سبب اوهان وقت کي موسمن ۾ تقسيم ٿا ڪريو، ته هر موسم کي پين سڀني موسمن سان ڳنڍيل سمجهو ۽ حال کي ماضي جي ياد ۽ مستقبل جي اميدن سان ڀرپور رکو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

18

پوءِ هڪ بستيءَ جي سردار پڇيو، اسان کي نيڪ ۽ بد جو فرق ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: اوهان جي اندر جيڪي نيڪ آهي، ان جو ذڪر ته اوهان سان ڪريان ٿو، پر جيڪي بد آهي، ان لاءِ ڇا چوان؟ جو ته نيڪ ئي ڪن مجبورين سبب بد ٿئي ٿو. نيڪ جڏهن بکيو آهي، تڏهن اونداهي غار ۾ پنهنجو کاڌو ڳولي ٿو. جڏهن اڃو آ، تڏهن گندو پاڻي به پي پنهنجي اڃ اُجهائي ٿو.

اوهين تيستائين نيڪ آهيو، جيسين اوهان سان معنوي وجود ساٿي آهي. اهو قدرتي قاعدو آهي، ته ڪوبه دشمن ڪنهن به ملڪ تي فتح تڏهن ئي ماڻي سگهندو آهي، جڏهن ان جو گهر ڦٽل هوندو آهي. يا ڪوبه چور تيستائين ڪنهن به گهر ۾ داخل ٿي نه سگهندو آهي. جيستائين ڪو گهر جو واقف هن کي هٿ ڏس نه ڪري. البت بعض حالتن ۾ انهيءَ هوندي به بچاءُ ٿي ويندو آهي. جو ته ڪڏهن ڪڏهن ائين ڏٺو ويو آهي، ته پاڻيءَ اندر ٻيڙيءَ جو ڪو تختو نڪري ويندو آهي ته به ٻيڙي ٻڏڻ کان بچي ويندي آهي، مگر لڏندي ضرور آهي.

اوهان کي صرف انهيءَ لاءِ به چئي نٿو سگهجي. ته اوهان پنهنجي لاءِ ڪجهه حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا، اوهان

جڏهن ائين ڪريو ٿا، اوهان وڻ جي انهيءَ پاڙ مثل بنجي ويو ٿا، جا زمين جي اندر رهي ٿي، منجهائنس ئي خوراڪ ڪٽي ٿي. هوءَ پلا ائين نہ ڪري، تہ پيو ڇا ڪري؟ پوءِ ميوي کي اهو حق نہ آهي جو هو پاڙ کي چوي، تہ تون بہ مون وانگر نعمت بخش ٿي.

جڏهن اوهان پنهنجي منزل طرف مردانگي سان وڌو ٿا، تڏهن نيڪوڪار آهيو. مگر جي آهستي آهستي وڌو ٿا تہ بہ اوهان کي بد ڪار چئي نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ تہ اوهان آهستي تائين، هلندا رهو ٿا! پر اهي ماٺهو، جي رڳو منزل جا خواب ڏسندا رهن ٿا، انهن کي بہ بدڪار نہ چئبو. ڏسو هرڻ ڪڏهن بہ ڪڇونءَ کي تيز رفتاري سيکاري نٿو سگهي. مگر ان کي اهو چوڻ جو حق ئي ڪونهي، تہ سموري رفتار سندس ئي حصي ۾ آهي.

اي نيڪ ۽ بد جي امتياز ۾ گرفتارو! اوهان سيني جي ”وجودِ عظيم“ ڏانهن ڊوڙ آهي. فرق صرف هيءَ آهي، تہ هڪڙن جي خواهش وهندڙ درياءَ مثل آهي، جا پنهنجي پوريءَ سگهہ سان سمنڊ طرف وهندي رهي ٿي ۽ وهندي وهندي جهنگلن ۽ بيابانن کي پنهنجا مٺا من موهيندڙ راڳ ٻڌائيندي، انهن کي شاداب ڪندي وڃي ٿي، مگر ٻين ۾ اها تمنا هڪ ننڍڙي چشمي مثل آهي، جا ڪجهہ پنڌ تائين وهي زمين جي ڪنهن هيٺاهينءَ ۾ رڪجي وڃي ٿي. هوءَ سمنڊ تائين تہ پهچي نٿي سگهي، پر هن جو وهڪرو هميشہ سمنڊ ڏانهن هوندو آهي.

جيڪي شخص واقعي نيڪ هوندا آهن، اهي ڪنهن اگهاڙي کان اهو سوال بہ نہ ڪندا آهن، تہ تنهنجا ڪپڙا ڪٿي آهن؟ ڪنهن مصيبت جي ماريل اجڙيل خاندان جي فرد کان ائين نہ پڇندا آهن، تہ تنهنجو گهر ڇو برباد ٿي ويو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

19

پوءِ هڪ شخص چيو تہ اسان کي خوديءَ جي راز کان واقف ڪريو!

بزرگ فرمايو: خاموشيءَ ۽ سڪون جي حالت ۾ اوهان جي دل، رات ۽ ڏينهن جي سيني رازن کان واقف ٿي سگهي ٿي ۽ اوهان خواهش ڪندا آهيو، تہ اوهان جي دل جو راز لفظن جي شڪل وٺي اوهان جي ڪنن تائين پهچي. ڪاش ! جيڪڏهن ائين ٿئي ۽ ان بعد اوهان جي روح جو چشمو ٺمٺار ٿي اٿل کائي، زور شور سان وهندو سمنڊ ۾ وڃي داخل ٿئي، جتي ڪيس سمنڊ جي بي پايان گهرائيءَ جي خبر پوي.

اوهان نامعلوم خزاني کي ڪنهن تارازيءَ ۾ تورڻ جي ناڪام ڪوشش نہ ڪريو، نہ پنهنجي علم جي اونهائي کي ڪاٺي يا ڏوريءَ سان ماپيو. اوهان ڪڏهن بہ ائين نہ چئو، تہ اسان حق کي حاصل ڪيو. بلڪ هيئن چئو، تہ اسان کي ڪيترين حقيقتن مان فقط هڪ حقيقت جو علم حاصل ٿيو.

20

پوءِ هڪ استاد ڇيو اسان کي تعليم بابت ڪجهه ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: اهو استاد، جو مسجد اندر يا ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي شاگردن کي علم سيکاري ٿو، سو درحقيقت پنهنجو علم انهن کي نٿو ڏئي، صرف پنهنجو ايمان ۽ محبت هنن کي عطا ڪري ٿو. اگر هو قابل استاد آهي، ۽ اوهان کي پنهنجي عقل جي گهر ڏانهن نٿو وٺي وڃي، پر اوهان کي پنهنجي دل جي دروازي تائين پهچائي ٿو.

هڪ نجومي اوهان کي آسمان جون حقيقتون ته ٻڌائي سگهي ٿو، پر پنهنجي تميز جي قوت اوهان جي حوالي نٿو ڪري سگهي.

هڪ راڳيندڙ اوهان اڳيان ڳائي وڄائي سگهي ٿو، پر اُهي ڪن نٿو ڏئي سگهي، جن سان هو راڳ کي پرکيندو آهي؛ يا اهو آواز نٿو ڏئي سگهي، جنهن سان پنهنجي راڳ کي ٻين لاءِ راحت بنائيندو آهي.

هڪ رياضي دان اوهان کي حسابن جا قاعدا سيکاري سگهي ٿو، مگر جنهن بلندي تي سندس دماغ سير ڪري ٿو، اوهان کي ان حد تائين پرواز ڪرائي نٿو سگهي. مطلب ته ڪنهن به شخص جي بصيرت ٻين جي نظرن کي وڌائي نٿي سگهي.

21

پوءِ هڪ نوجوان چيو تہ اسان کي دوستي بابت ڪجھہ ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: اوهان جون ضرورتون اوهان جون دوست آهن. اوهان پوکي ڪريو ٿا، بلڪل محبت ۽ محنت سان زمين ۾ ٻج ڇٽيو ٿا، جڏهن فصل پچي راس ٿئي ٿو، تڏهن خوش ٿي لاٻارو ڪريو ٿا، پوءِ ان جو ان ڪٽي گھر اچو ٿا. انهيءَ ان سان ئي اوهان جو دستر خوان سجائجي ٿو ۽ اوهان جو گھر روشن ٿئي ٿو. مطلب تہ ڪيتيءَ وٽ اوهان پنهنجي بک ڪٽي ويجو ٿا ۽ ان ڪان آسائش گھرو ٿا.

دوست جڏهن اوهان سان پنهنجي دل جو راز ظاهر ڪري ٿو، تڏهن هو دل چيري اوهان اڳيان رکي ٿو. جڏهن هو خاموش آهي، تڏهن سندس دل جي تار اوهان جي دل سان ڳنڍيل آهي. هن جي بي زباني زبان آهي. هو لفظن چوڻ کان سواءِ روح جو راز اوهان سان سلي سگھي ٿو. هن جو اهو گونگو طريقو نهايت شيرين ۽ وڻندڙ آهي. ماٺ جو جيڪو منو اثر ٿئي ٿو، اهو زبان ڪڏهن بہ

پيدا ڪري نٿي سگهي.

دوست جيڪڏهن اوهان ڪان جدا ٿئي، ته ڪڏهن به رنج نه ٿيو ڇوته اهو فراق نهايت لذت وارو ثابت ٿئي ٿو- اها جدائي ڏاڍي مٺي ٿي ٿئي. انهيءَ جي ڪري اوهان جي اندر مان پيا سڀ باطل خيال گم ٿي وڃن ٿا. فقط انهي هڪ يار جي تار سيني ۾ رهي ٿي. اوهان جي دوستي خود غرضيءَ ڪان بلڪل پاڪ هئڻ گهرجي. اوهان جو دوست اوهان ڪان فقط محبت جو گهرجاؤ آهي؛ تنهن ڪري اها محبت خالص ۽ پاڪ هجڻ کپي. اگر ان ۾ خود غرضي شامل آهي، ته اها هڪ ڄار مثل آهي، جنهن ۾ صيد ۽ صياد ٻئي ڦاسن ٿا- يا هڪ ڪن مثل آهي، جنهن ۾ هر چيز غرق ٿي وڃي ٿي.

اگر دوست کي فقط اوهان جي نيڪين جي خبر هجي، ته ڪيس پنهنجي اوڻاين ڪان به آگاهه ڪري، ڇو ته هو اوهان جو هڪ خيرخواه ۽ خيرانديشن دوست آهي. من اوهان کي سڏاري ! اگر هن ۾ اهو مادو موجود نه آهي، ته اهو دوست ڪهڙي ڪم جو؟ دوستي انهي لاءِ نه کپي آهي، ته وانڊڪائي جي وندر ڳولجي، بلڪ انهيءَ لاءِ کپي آهي، ته عمل ۾ سجاڳي اچي ۽ زندگي سڦل گذري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

22

پوءِ هڪ مرشد چيو، اسان کي دعا بابت ڪجهه ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: اوهان مصيبت ۽ ضرورت جي حالت ۾ دعا گهرندا آهيو.

ڪاش! اوهان اعليٰ راحت ۽ مسرت وقت، دعا لاءِ هٿ ڪڻو! دعا ڇا آهي؟ هڪ ڪيفيت آهي، جا دل جي گهراين ۾ لڪل آهي. اها بعضي زبان تائين پهچي ٿي، بعضي ته اتي ئي غرق ٿيو وڃي. جڏهن اوهان جو روح اوهان کي دعا لاءِ سڏي، تڏهن اوهان پنهنجي وهندڙ لڙڪن سان وتس حاضر ٿيو ۽ انهيءَ منزل طرف باربار لڙڪن ڀريل نيڻن ۽ سرد آهن سان وڃو ۽ اتان وري مشڪندا ۽ مرڪندا واپس ورو.

جڏهن اوهان دعا ۾ گم ٿي وڃو ٿا، تڏهن اوهان بلند فضا جي انهن روحن سان وڃي ملو ٿا، جي خود ان وقت دستِ بدعا آهن. جن سان اوهين ٻهريائين، ڪڏهن نه مليا آهيو.

اوهان دعا جي درگاهه ۾ قدم رکو، ته مقصد فقط پاڪ وصال جو رکو، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اوهان رڳو گهرڻ ۽ وٺڻ لاءِ

اتي ويندؤ، تہ غالب گمان آهي تہ اوهان کي ڪجهہ بہ نہ ملي- يا جيڪڏهن ٻين جي حق ۾ سفارش لاءِ ويندؤ، تہ توهان کي ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو. ڇو تہ اوهان جي حيثيت ڪهڙي آهي. جو اوهان جي ڳالهہ ٻڌي وڃي؟ اوهان انهيءَ نامعلوم درگاهہ ۾ اهڙي نموني وڃو، جو اوهان کي خود خبر نہ هجي تہ اسين هت آيا ڇو آهيون؟

آءٌ اوهان کي لفظن ۾ دعا گهرڻ جو طريقو سيکاري ٿو سگهان. ڇاڪاڻ تہ اوهان جا لفظ تڏهن ٻڌبا، جڏهن ٻڌندڙ خود اوهان کي سيکاري. اوهين غور جي ڪَنَنِ سان ٻڌندو، تہ بَرَ ۽ بحر، حجر ۽ شجر هيٺين پيا چوندا:

اي معبود حقيقي! تون ئي قادر مطلق آهين. اسين تنهنجي ئي حقيقت جو ڀاڱو آهيون. تنهنجي رضا اسان جي اندر ۾ آهي، جا اسان کي حڪم ڏيندي رهي ٿي. تنهنجي طلب جو جذبو اسان جي دلين ۾ آهي، جو اسان کي طلب سيکاري ٿو. اسين توکان ڪجهہ بہ نہ ٿا گهري سگهون، ڇاڪاڻ تہ تون اسان جي ضرورتن کي ان وقت کان بہ گهڻو اڳ ڄاڻين ٿو، جنهن وقت هو پيدا ئي نہ ٿيون آهن.

اسان جي ضرورت تون ئي آهين. جڏهن تون اسان کي گهرڻ کان اڳيئي ڏيئي ڇڏين ٿو، تڏهن اسين وڌيڪ ڇا گهرون؟ اسان لاءِ اهوئي ڪافي آهي جيڪو تو ڏنو.

23

پوءِ هڪ شخص چيو ته اسان کي عيش بابت ڪجهه ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: عيش آزاديءَ جو هڪ مٺو راڳ آهي، مگر خود آزادي نه آهي. هو اوهان جي اميدن جي مکڙي آهي، مگر انهن جو ميوو نه. هو پيري جي پکيئڙي جو پر آهي، مگر نه پرواز آهي، نه پرواز جي فضا آهي. اوهان ڏک جي امنگن سان اهو راڳ ڀل ڳايو، مگر پنهنجي دل ان جي حوالي نه ڪريو.

ڪي نوجوان عيش کي اهڙي طرح ڳوليندا آهن. گويا اهائي سندن زندگيءَ جي آخري مراد آهي. اوهان وري اهڙن تي نڪته چيني ڪندا آهيو ۽ کين جهنڊڪيندا آهيو. مگر آءٌ نه انهن تي نڪته چيني ڪندس، نه انهن کي گهٽ وڌ چوندس.

بلڪ آءٌ ته هيئن چوندس، ته هو ڀل عيش کي جاري رکن، ڇاڪاڻ ته هو عيش کي اڪيلو ڪڏهن به نه حاصل ڪندا. ان جون ست ڀينرون آهن. انهن ستن مان جيڪا گهٽ ۾ گهٽ حسين آهي، سا به عيش کان وڌيڪ سهڻي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا اوهان انهيءَ شخص جو قصو نہ ٻڌو آهي، جو هڪ وڻ جون پاڙون کوٽي رهيو هو. تہ ڪيس انهن هيٺان پوريل خزانو هٿ اچي ويو.

اوهان مان پوڙها پوڙها شخص گذريل عيش لاءِ اهڙي طرح پڇتائيندا آهن ڄڻ گويا اهو هڪ عظيم گناهہ هو. جو هنن نشي ۽ مستيءَ جي حالت ۾ ڪيو هو. انهن جو پڇتاءُ اهڙو آهي، ڄڻ دل جي اڪين تي پٽي ٻڌڻ. اها گناهہ جي سزا نہ آهي. هنن کي تہ گذريل عيش جي اهڙي يادگيري ڪرڻ گهرجي، جهڙي گذريل سال جي چهچ سائيءَ پوک جي ڪٽي ويندي آهي. پر جيڪڏهن هنن جي دل صرف پڇتائڻ ۾ تسڪين حاصل ڪري ٿي، تہ ڀوءِ ڪين سندن ئي حال تي ڇڏي ڏيو.

اوهان مان ڪيترا اهڙا آهن. جيڪي نہ نوجوان آهن، جو عيش جي تلاش ڪن، نہ پوڙها آهن، جو گذريل عيش ياد ڪن. انهن کي تلاش ۽ ياد ايتري قدر خوفزده ڪري ٿي، جو هو عيش کي هر حالت ۾ نفرت جي نگاهہ سان ڏسن ٿا. مگر انهن جو لذتن کي ترڪ ڪرڻ بہ تہ عيش جي هڪ صورت آهي.

مون کي ٻڌايو تہ اهو ڪير آهي، جو پنهنجي روح کي عيش کان محروم ڪري؟ ڇا جڏهن طوطو رات جي خاموشيءَ ۾ منڙي ٻولي ٻولي ٿو. تڏهن هو پنهنجي روح کي ڏکوئي ٿو؟ ڇا اوهين سمجهو ٿا تہ اوهان جو روح هڪ نديڙو تلاءُ آهي، جنهن جي پاڻيءَ ۾ نديڙي پٿر سان تلاطم اٿي ڇڏيو؟ اڪثر ائين ٿئي ٿو، تہ توهان عيش کي ترڪ ڪرڻ جي جوش ۾ پنهنجي خواهش کي پنهنجي وجود جي ڪنهن تاريڪ گوشي ۾ لڪائي ڇڏيو ٿا ۽ سمجهو ٿا، تہ اهو لڪائڻ ئي ترڪ ڪرڻ آهي، مگر جنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان اڄ ترڪ ڪريو ٿا، ممڪن آهي، تہ اهو "سياڻ" جي دامن ۾ نروار ٿيڻ لاءِ منتظر وينو هجي.

هيءَ تہ روح جو معاملو آهي، پر اوهان جو فاني جسم بہ پنهنجي فطري وراثت کان بي خبر نہ آهي. ان ڪري بہ اوهان ڪڏهن ڏوکو ڏئي نٿا سگهو. اوهان جو جسم اوهان جي ستار آهي، جنهن جي تارن تي روح جي موسيقي رقص ڪري ٿي. اوهان جي هٿ ۾ فقط ايترو آهي، جو يا تہ انهيءَ ستار مان هڪ دلنواز سُر پيدا ڪريو يا هڪ بي سرو شور.

هاڻ توهان جي دل ۾ هوندو، تہ اسين عيش ۾ چڱي ۽ مٺي جو امتياز ڪيئن ڪري سگهون؟ ان لاءِ اوهان پنهنجي پوکن ۽ باغن ۾ وڃون- اتي اوهان کي معلوم ٿيندو تہ ماکيءَ جي مک لاءِ حقيقي عيش اهو آهي تہ هو گلن مان رس چوسي ۽ گلن لاءِ عيش اهو آهي، تہ هو پنهنجي رس ماکيءَ جي مکين اڳيان نذرانو ڏين. گلن لاءِ ماکيءَ جي مک محبت جو پيغمبر آهي ۽ ٻنهي لاءِ هڪ ٻئي جي طلب ۽ پياس عيش آهي.

اي انسانو! پنهنجي عيش ۾ ماکيءَ جي مک ۽ گلن جي داستان کي نہ وساريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

24

پوءِ هڪ شاعر چيو، تہ اسان کي حسن بابت ڪجھہ ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: اوهين حسن کي تيستائين ڳولي نہ سگهندا، جيستائين هو خود اوهان کي رستي ۾ نہ ملي يا خود رهنمائي نہ ڪري. اوهان سندس ذڪر زبان مان تيستين ادا ڪري نہ سگهندؤ جيستين هو خود اوهان جي زبان مان پنهنجي گفتار جو چشمو جاري نہ ڪري.

اوهان ۾ جيڪي بدنصيب آهن، اهي چوندا آهن، تہ حسن مهربان آهي ۽ سندس گرفت نهايت نرم آهي- ان شرميلي ۽ نوجوان وانگر جا هنج ۾ پنهنجو ٻار کنيو اسان جي ٻر مان لنگهي ويندي. ڪي چون ٿا، تہ حسن طاقت جو هڪ خوفناڪ ديوتا آهي، جو اسان جي پيرن جي زمين کي پنهنجي طاقت سان زلزلي ۾ آڻي ڇڏي ٿو. جيڪي ٿڪل ۽ عاجز آهن، سي چون ٿا تہ حسن هڪ جهيڻو آواز آهي، هڪ جهونگار آهي، جو اسان جي روح جي اندر آهستہ آهستہ هڪ سُر پيدا ٿي ڪري- ان جو آواز آسمان جي خاموشيءَ ۾ اهڙي طرح نمودار ٿئي ٿو، جهڙيءَ طرح گهري اونداهيءَ ۾ هلڪي روشنائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي بي آرام ۽ بي چين انسان آهن، سي چون ٿا. تہ اسان حسن کي جبل جي دامن ۾ شينهن وانگر گجندي ٻڌو آهي. اسان جي گجگوڙ سان گڏوگڏ گهوڙن جي سنبن جو آواز، جانورن جون بي پناهہ دانهون ۽ پکين جا فرياد ٻڌا آهن.

چوڪيدار چوندا آهن، تہ حسن صبح جي وقت اوڀر کان سجاڳ ٿي منهن بسائي ٿو. ٻن پهرن جي وقت مزدور ۽ مسافر چون ٿا تہ اسان سج لهڻ وقت حسن کي آسمان جي دريءَ مان جهاتيون پائيندي ڏٺو آهي. سياري ۾ اهي شخص، جن وٽ فقط چنل سوڙ آهي، سي چوندا آهن تہ حسن بهار جي موسم ۾ جبل جي چوٽين ۽ جهنگلن جي وادين مان ڊوڙندو ايندو آهي. گرميءَ جي موسم ۾ لاباري لاهڻ وارا چون ٿا. تہ اسان خزان جي ڪرندڙ پنن ۾ حسن کي نچندي ڏٺو آهي، اهڙي طرح سان اوهان حسن جو هزار نمونن سان ذڪر ڪريو ٿا، مگر حقيقت ۾ اوهان تہ محض انهن ضرورتن ۽ خواهشن جو ذڪر ڪريو ٿا، جي پوريون نٿيون ٿين. مگر حسن نہ ضرورت آهي، نہ خواهش- هو تہ صرف هڪ سرور ۽ اعليٰ سرور آهي. هو اڃايل جو خشڪ چپ يا سائل جو سوالي هٿ نہ آهي، بلڪ هو طلب سان پريل هڪ دل آهي.

هو هڪ مسحور ۽ مست روح آهي. هو ڪنهن مندر جي مورتي نہ آهي، جنهن کي اوهين ڏسي سگهو، يا ڪو منو راڳ نہ آهي، جنهن کي ٻڌي سگهو؛ بلڪ هو تہ تصور جو نقش آهي، جنهن کي توهان اکيون بند ڪري ئي ڏسي سگهو ٿا.

اي انسانو! حسن زندگي آهي ۽ اوهان ان جا اولڙا آهيو. هو ابد کان آهي، ۽ هميشه پنهنجو عڪس حياتيءَ جي آئيني ۾ ڏسندو رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

25

پوءِ هڪ ملان چيو، اسان کي مذهب بابت ڪجهه ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: هيستائين مون جيڪي به ذڪر ڪيو آهي، سو مذهب بابت ئي هو. اوهان جي روح ۾ هر گهڙي پيدا ٿيندڙ حيرت جا نقش مذهب کان الڳ نه آهن. اوهان جا اعمال ۽ خيالات، مذهب کان خارج ڪري نٿا سگهجن. جا اعمال ايمان کان جدا ڪري سگهجن ٿا؟ اهو ڪير آهي، جو پنهنجي زندگيءَ جي چند گهڙين کي سامهون رکي چوي، ته هيءَ ساعت خدا جي لاءِ آهي، هيءَ منهنجي لاءِ، هيءَ منهنجي روح لاءِ ۽ هيءَ منهنجي جسم لاءِ؟ اوهان جون سڀ ساعتون هڪ پکيءَ جا پَرَ آهن، جي زندگي جي فضا ۾ اوهان جي چرپر سان گڏ ڦڙڪندا رهن ٿا.

جيڪو شخص پنهنجي عملن کي ڪنهن خاص اصول هيٺ رکي ٿو، سو ڄڻ ڪنهن سهڻي پکيڙي کي پڃري ۾ پوري ٿو. جيڪو شخص عبادت کي دريءَ مثل سمجهي ٿو، جا کلي ۽ بند ٿئي ٿي، سو پنهنجي روح جي آکيري کي ڏسي نٿو سگهي.

عبادت ته هڪ محلات آهي جنهن جون دريون مشرق کان مغرب تائين کليون رهن ٿيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

26

پوءِ هڪ فقير چيو، تہ اسان موت بابت ڪجھہ ٻڌايو!

بزرگ فرمايو: موت زندگي جي روح جو هڪ خزانو آهي. هو زندگيءَ جهڙو ئي هڪ ڪليل راز آهي، مگر چمڙو جتي ڏينهن ۾ نور جي راز کي ڪيئن پروڙي سگهندو؟

اگر اوهان موت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو، زندگيءَ لاءِ دل جو دروازو کوليو تہ اوهان کي خبر پوي- موت ۽ حياتي سمنڊ ۽ درياءَ وانگر بلڪل هڪ شيءِ آهن. جهڙيءَ طرح برف جي انبار هيٺان وڻ جو ڪريل ٻج بهار جي موسم جا خواب ڏسندو آهي- اهڙيءَ طرح موت زندگي جا سڀ خزانا ڪنيو، اينڌڙ وقت جو انتظار ڪندو رهي ٿو. انهيءَ موت اندر ئي ابدي دنيا جو لڪل دروازو آهي.

اوهان جو جسم هڪ برف مثل آهي. جيئن سج جي تپش تي برف ڳري پاڻي ٿي، درياءَ ۾ ملي وڃي ٿي ۽ اهو درياءُ سمنڊ جي گهرائي ۽ ڪشادگيءَ ۾ فنا ٿي وڃي ٿو، تئين موت جو سج اوهان جي جسم جي برف کي ڳاري روح کي پنهنجي اصل ڏانهن موڪلي ٿو.

موڪلاڻي

ايتري ۾ شام ٿي ويئي ۽ عارفہ چيو مبارڪ آهي- هي هند ۽ هي ڏينهن، جڏهن تنهنجي روح اسان سان رهاڻ ڪئي، بزرگ، جهاز طرف روانو ٿيو. سموري خلق هن جي پٺيان پنيان هلڻ لڳي. بزرگ جهاز تي سوار ٿيو، خلق ڪناري تي بيٺي رهي، ان وقت بزرگ فرمايو:

مون وٽ هوا جون موجون دعوت ڪئي آيون آهن. تنهن ڪري آءُ انهن کي قبول ڪري اوهان کان موڪلايان ٿو: پر آخري سلام کان اڳ هي ٻہ لفظ منهنجا دل جي ڪن سان ٻڌو: ”اسين سڀ مسافر آهيون. اسين جنهن جاءِ تي زندگيءَ جو هڪ ڏينهن ختم ڪريون ٿا. تنهن جاءِ تان ٻيو ڏينهن شروع ڪري نٿا سگهون. سج هر صبح جو اسان کي ساڳيءَ جاءِ تي نٿو ڏسي- هو لهڻ وقت اسان کي هڪ هنڌ ڇڏي ٿو. تہ اڀرڻ وقت ٻئي هنڌ ڏسي ٿو. مون بلڪل مختصر زمانو اوهان وٽ گذاريو آهي ۽ بلڪل مختصر لفظن ۾ اوهان کي هدايت ڪئي آهي، پر جيڪڏهن منهنجو آواز ۽ منهنجي سڪ اوهان جي دلين تان ڪم ٿيندي- جنهن وقت هن سمنڊ جون موجون هن طرف ورنديون. تنهن وقت آءُ بہ انهن سان گڏ اوهان وٽ ايندس. مون کي يقين آهي تہ هيءَ منهنجي گفتگو اجائي نہ ٿيندي، بلڪ مستقبل ۾ اوهان لاءِ مشعل راهہ رهندي.

اگر اوهان جي دلين ۾ مون لاءِ محبت آهي، تہ آءُ ڪڏهن بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان کان حدا ٿي ٿتو سگهان. جيتوڻيڪ هن وقت آءُ اوهان جي اکين کان پري هليو ويندس، پر پوءِ بہ رات جي اونداهين ۾ آءُ اوهان وٽ ضرور ورندس.

هي پاڻي، جيڪو وهندي ڏسو ٿا، سو اول آسمان ۾ ويجي ٿو، وري اتان جهڙ جي صورت ۾ زمين ڏانهن واپس وري ٿو.

مون سڀ حقيقتون انهن لفظن ۾ بيان ڪيون آهن.جن جي معنيٰ اوهان جي اندر محفوظ آهي. اوهان جا ۽ منهنجا لفظ ماضيءَ جيّ ياد جي روڪيل پاڻيءَ جون موجون آهن، جي مستقبل ۾ اوهان جي ڪشتيءَ کي ڪناري ڪنديون.

مون اوهان وٽ اچي اهو قديم نور ڏنو. جو اوهان جي اندر روشن آهي ۽ روز بروز ستدس تجلو ۽ تاب زياده ٿيندڙ آهي. اوهين جڏهن انهيءَ نور ۽ شعلي کان بي خبر ٿيو ٿا، تڏهن پنهنجي عمر جي اختصار جو ماتم ڪريو ٿا. اوهان اها خبر ئي نٿا رکو تہ اوهان جي هن فاني جسم ۾ هڪ امر شيءِ بہ آهي، اوهان قبر جي خوف کان ڏکي رهيا آهيو، مگر منهنجي دنيا ۾ قبر جو تہ نالو نشان بہ ڪونهي. اتي نہ موت آهي نہ قبر، نہ مقبرو نہ ڪفن. هي اوهان جا ميدان ۽ جبل زندگيءَ جي بلڪل ابتدائي منزل آهن، جڏهن اوهان انهن مان گذر ڪندؤ، تڏهن اوهان اتي ماضي کي ستل ۽ مستقبل کي سجاڳ ڏسندؤ، تنهن ڪري اوهان بہ ان دنيا کي تلاش ڪريو.

اوهان مان ڪي منهنجي نالي چوندا هئا تہ هيءُ چريو آهي. هي تہ وڻن سان ڳالهيون ڪندو ٿو وتي- واقعي منهنجي اڪيلائي جا ساٿي جهنگ جا وڻ هئا. جي سچ پچ قدرت جو هڪ ڪتاب آهن. مون جبلن جي غارن ۾ جيڪي ڏٺو، سو اوهان جي روشن گهرن ۾ نہ ڏٺم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن مون کي چيو، اي اجنبي! تون شاهين وانگر جبل جي چوٽيءَ تي ڇو وينو آهين؟ تون ڇو ته اهڙي شيءِ لاءِ جستجو ڪري رهيو آهين جا لاحاصل آهي؟ ڇا تون هوا کي مٺ ۾ جهلڻ گهرين ٿو؟ تون هيٺ لهه، اسان وٽ اچي کاءُ ۽ پي.

اوهان پنهنجي روحاني خلوت ۾ اهي ڳالهيون ڪيون جي مون کي معلوم ٿي ويون، مگر مون ڏٺو ته اوهان جي خلوت ڪامل نه هئي. اگر ڪامل هجي ها، ته سمجهي وڃو ها، ته جنهن شيءِ جي مون کي تلاش آهي، سا اوهان جي عافيت ۽ اوهان جو ئي درد آهي، آءُ اوهان جي انهيءَ حقيقي وجود کي ڳولي رهيو هوس، جو آسمان تي چم چم ڪندو نچندو رهي ٿو.

مون پنهنجي ڇيچ پنهنجي ئي زخم ۾ وڌي. انهي لاءِ ته آءُ اوهان جي حال کان بخوبي واقف ٿيان. ان بعد مون کي جيڪو علم حاصل ٿيو، تنهنجي آڌار تي آءُ چوان ٿو ، ته اوهان نه ته پنهنجي جسم اندر قيد آهيو، نه گهرن ۽ پنين ۾.

غارن جي گهگهه اونداهي، جبلن جون ڏگهيون چوٽيون، عقاب جو آکيرو اهي سڀ اوهان جي دسترس کان ٻاهر نه آهن، بس رڳو انهن بابت اوهان کي پورو علم نه آهي. اوهان جو حقيقي وجود انهن سڀني کان بلند تر ۽ وسيع تر آهي، اهو اهڙي شيءِ نه آهي، جو سياري جي سرديءَ کان سوڙ ۾ سمهي يا پنهنجي حفاظت واسطي ڪنهن سوراخ ۾ گهڙي وڃي. بلڪ هو اهڙي شيءِ آهي، جا دنيا جي رنج ، غم، راحت، مسرت، محبت ۽ دشمنيءَ کي پنهنجي ڪنين هيٺان لڪايو، آسمان تي سير ڪندي رهي ٿي.

اوهان چوندؤ ته منهنجا هي لفظ مبهم آهن. تحقيق انهن کي مبهم ئي رهڻ ڏيو! انهن کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڳنڍيا پنهنجي معنيٰ جو دفتر خودبخود اوهان اڳيان کولي رکندا. اهي لفظ بہ انسانن وانگر هڪ زندگي رکن ٿا. پوءِ انهن جي زندگي ۾ هڪڙو ڏينهن اهڙو بہ اچي ٿو، جڏهن هو پاڻ کي ظاهر ڪن ٿا.

هر چيز جي ابتدا مبهم هوندي آهي. جا ڪنهن پاڇي مثل هوندي آهي. ان کي جسم يا صورت نہ هوندي آهي، پر نيٺ هڪ ڏينهن ان کي صورت ملندي آهي.

هن وقت اوهان نہ تہ ٻڌي سگهو ٿا، نہ ئي ڏسي سگهو ٿا. اوهان جي اکين تي جيڪو پردو آهي، ان کي اهو لاهيندو، جنهن اهو چاڙهيو آهي. اوهان جي ڪنن ۾ جيڪا ڪپهہ آهي، سا اهو ڪڍندو، جنهن وڌي آهي. ان بعد اوهان ڏسي ۽ ٻڌي سگهندو. پوءِ اوهان پنهنجي ابتدائي ظلمات کي نور وانگر مبارڪ ۽ مسعود سمجهندا.

ان بعد بزرگ، ملاحن طرف نهاريو جي پنهنجي بادبانن کي تيار ڪريو، سندس انتظار ڪري رهيا هئا.

بزرگ فرمايو: "منهنجو ناکئو ڪهڙو نہ صابر آهي! سٺائو واءُ ٿمجي رهيو آهي، سڙهہ تيار آهي، ۽ هو خاموش آهي. تنهن ڪري هاڻ آءٌ وڌيڪ کيس انتظار ڪرڻ نٿو ڏيان.

اي اهل دمشق! موڪلائي. هاڻ هڪ پٽ پنهنجي ماءُ جي گود ۾ واپس وڃي ٿو. ائين چئي پيڙياتي ڏانهن نهاريائين، جنهن جهاز جو لنگر کنيو ۽ جهاز آهستي آهستي اکين کان اوجهل ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرشد جو پيغام

خليل جبران

مسعود جمالي

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

1994ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Roshni Book No. 93

"مرشد جو پيغام"

ليکڪ: خليل جبران

سنڌيڪار: مسعود جمالي

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

پهريون ڇاپو جولاء 1994ع
ڪمپوزنگ: سڪندر نقوي "جهانيان"
ڇپيندڙ: اسحاقيه آرٽ پريس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ.

قيمت: 25.00 رپيا

"MURSHAD JO PAGHAM"

Writen by: Khaleel Jabran

Translation by: Masood Jamali

Composed by: Abdul Brother's Laser Composing System
Printed by: Ishaquia Art Press, Karachi
Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh.
Frist Edition July 1994.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

هي ڪتاب لبنان جي پهاڙين ۾ جنم وٺندڙ دنيا جي عظيم مفڪر خليل جبران جي عربي ڪتاب جي انگريزي ترجمي "The Voice of the Master" جو سنڌي ترجمو آهي. خليل خبران جيڪو هميشه پيار جو قيدي رهيو ۽ پيار کي ئي اتم عبادت سمجهندو رهيو، تنهن لبنان ۾ ان وقت جنم ورتو. جڏهن لبنان ۾ مذهبي ڪٽرپڻو ۽ طبقاتي اڻ برادري موجود هئي، هو ان ئي ڪٽرپڻي جو شڪار ٿيو. هو هڪ يهودي مذهبي اڳواڻ جي ظلم جو نشانو بڻيو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن جيڪي دنيا جي تقريبا مڙني ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن. سندس ڪتاب "The Prophet" دنيا جي شاهڪار ڪتابن مان هڪ ڳڻيو وڃي ٿو.

هن پنهنجي زندگي پيار لاءِ وقف ڪري ڇڏي، جڏهن سندس سپنا ساپيا نه ٿيا ۽ اها عورت جنهن کي هُن پنهنجي دل جي گهرايئي سان چاهيو ٿي سان سندس جيون ساٿي نه بڻجي سگهي، تڏهن هن ساري زندگي شادي نه ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو.

آئون ڪو اديب ناهيان نه ئي اڳو ڪتاب ترجمو ڪيو اٿم، پر ادب دوست چوائڻ ۾ ضرور فخر محسوس ڪندو آهيان. اهوئي سبب آهي جو دنيا جي اُن عظيم ليکڪ جو هيءَ ڪتاب "The Voice of the Master" جو سنڌي ترجمو "مرشد جو پيغام" پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري رهيو آهيان. هيءَ ڪتاب اصل ۾ عربي ۾ لکيل آهي جنهن جو انگريزي ترجمو (Anthony R. Ferris) ڪيو. مون پنهنجي وس آهر اُن جو سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترجمو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ترجمو ڪيئن ڪيو اٿم تنهنجو فيصلو اوهان پڙهندڙن تي ڇڏيان. بس مون ته ايئن ڪيو آهي:

محبت پاڻي من ۾ رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافا اڻ توريو اگهائيو.

(شاهه)

مسعود جمالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرشد جو وينس ڏانهن سفر

خليفي ڏٺو تہ مرشد خاموشيءَ سان باغ ۾ گهمي رهيو هو ۽ سندس ڦڪي منهن تي گهري رنج جا آثار هئا. خليفي پنهنجي مرشد کي کيڪاريو ۽ کانئس ڏک جو ڪارڻ پڇيو. مرشد پنهنجي سهاري سان اڳتي وڌيو ۽ خليفي کي پاڻ سان گڏ مڇين واري ڍنڍ ڪناري، ٽڪريءَ تي ويهڻ لاءِ چيائين. خليفو مرشد جي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي ٽڪريءَ تي ئي ويٺو.

مرشد فرمايو: ”تون چاهين ٿو تہ مان توکي ان واقعي بابت ٻڌايان، جنهن جي ياد ڏينهن رات منهنجي دل ۾ ايندي رهي ٿي. تون منهنجي ڏکي خاموشي ۽ اڄاتل راز ٻڌڻ لاءِ ماندو آهين. منهنجن ٿڌن شوڪارن آهہ و زاريءَ ڪري پريشان آهين. تون پنهنجي من ۾ سوچيندين جيڪر مرشد مون کي پنهنجي ڏکن جي مندر ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏيندو تہ پوءِ مان سندس محبت جي محلن ۾ ڪيئن داخل ٿي سگهندس. منهنجي ڳالهہ ڪن لائي ٻڌ، پر مون تي ڏرو بہ رحم نہ ڪجانءِ چو تہ رحم، ڪمزورن تي ڪائڻ جڳائي ۽ آءٌ اڃان فقط پنهنجي ڏکن ۾ ڏاڍو مضبوط آهيان.“

”تہ اُجان مان جوڀن جي ڏاکڻ تي پير مس رکيو هو جو هڪ عورت جو، منهنجي خيالن تي، ننڊ ۽ اوجاڳن تي، خوابن ۽ خيالن تي واسو رهيو. مون ان کي رات جي اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي پلنگ پرسان ويٺل ڏٺو. اڄ رات جو سانت ۾ مون سندس بهشتي آواز ڪنن

سان ٻڌو. جڏهن مون پنهنجون اکيون بند ڪيون ته سنڌس نازڪ آڱرين جو ڇهاءُ پنهنجي ڇپن تي محسوس ڪيم ۽ جڏهن مون اکيون ٿي کوليون ته مون تي خوف طاري ٿي ويو ۽ اوچتو آئون نيتيءَ (بيقدرشيءِ) جي سس پس جا آواز ٻڌڻ ٿي لڳس.

"مان وري تعجب ۾ پئجي ٿي ويس ۽ پنهنجو پاڻ کان ٿي پڇيم، "ڇا اهو منهنجو وهم آهي، جيڪو مون کي اجان تائين پلائي ٿو؟ ۽ پوءِ مون ٿي پنهنجو پاڻ کي اداسين جي وادين ۾ گم ٿيندي ٿي ڏٺو. ڇا آئون پنهنجي نئين خواب منجهه هڪ نئين ايشورتا جي سريلي آواز ۽ وڻندڙ ڇهاءُ کان متاثر ٿيو آهيان؟ ڇا آئون پنهنجا حواس وڃائي ويٺو آهيان؟ڇا مون پنهنجي اياڻپ ۾ پنهنجو پيار ڪندڙ ساٿي پيدا ڪري ورتو آهي؟ ڇا آئون ان ڪري ٿي ماڻهن جي ميل ميلاپ ۽ شهر جي گوڙ گهمسان کان الڳ ٿلڳ ٿي ويو آهيان جو مان پنهنجي چاهيندڙ جو ٿي بنجي ويو آهيان؟ ڇا مون زندگي جي اڻ کٽ غمن کان پنهنجون اکيون ۽ سريلن آوازن کان پنهنجا ڪن بند ڪري ڇڏيا آهن ته جيئن ڪيس بهتر نموني ڏسي سگهان ۽ سندس الهامي آواز ٻڌي سگهان؟

وري تعجب ۾ پئجي ٿي ويس، "ڇا آئون ڪو پاڳل يا سودائي آهيان- جنهن کي پهه پڇاڻڻ بجاءِ اڪيلائيءَ جي پاڇولن ماڻ پاڻ لاءِ هڪ ساٿياڻي هڪ شريڪ حيات پيدا ڪري ورتي آهي. مون شريڪ حيات جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ توهان ان لفظ تي حيران آهيو. پر اسان هن اڻ ڏٺي هستيءَ تي رڳو عجب ئتا ڪائون بلڪ ان جا انڪاري پڻ آهيون جو ته ان جي حاصلات انسان کي ناممڪن نظر ٿي اچي. اسان تعجب ۽ انڪار ته ڪريون ٿا پر ان حقيقت کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميساري نہ ٿا سگهون، جو اها اسان جي نفس ۾ قلعي وانگر قائم آهي. ها تہ اها خيالي عورت منهنجي شريڪِ حيات هئي ۽ اها زندگيءَ جي جستجوءَ ۽ ڏکن سکن ۾ منهنجي ساٿياڻي بڻجي پئي. جڏهن صبح جو منهنجي اک کلي تہ ان کي مون پنهنجي بستري تي پاتو. هوءَ مون کي پنهنجن پيار/ پاٻوهہ ڀرين نگاهن سان گهورڻ لڳي. جن ۾ ننڍپڻ جي معصوميت ۽ ماءُ جي مامتا هوندي آهي. هوءَ مون سان هر گهڙيءَ گڏ آهي. جڏهن آئون ڪو ڪم ذمي ڪٿان ٿو تہ هوءَ ان کي پوري ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪري ٿي. جڏهن آئون ماني کائڻ ويهان ٿو تہ هوءَ منهنجي سامهون ويهي مون سان تہ مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪري ٿي ۽ جڏهن شام ٿيندي آهي تہ منهنجي ويجهو اچي ۽ چوندي آهي، ” پاڻ هن هنڌ گهڻو ترسيا آهيون اچ هاڻ ساوڪ ڀرين وادين ۽ چراگاهن ڏانهن گهمڻ هلون“ پوءِ آئون پنهنجو ڪم ڇڏي سندس پٺيان پٺيان هلان ٿو ۽ اسان ٻئي هڪ ٽڪريءَ تي پهچون ٿا- جنهن تي ماٺ جي تندن سان اڻيل نقاب ڍڪيل هجي ٿو ۽ اتي اسان هڪ ٻئي جي ويجهو ويهي ڪڏهن هوءَ سونهري بادلن ڏانهن اشارو ڪري ٿي ۽ ڪڏهن منهنجو ڌيان انهن پکين ڏانهن ڇڪائي ٿي ، جيڪي سڄي ڏينهن جي خوشيءَ ۽ آزاديءَ جي عيوض خدا جا ٿورا مڃيندا، مٺيون مٺيون لاتيون لوندا پنهنجي واهيري ڏانهن ورن ٿا. هوءَ گهڻو ڪري چپ چاپ منهنجي ڪمري ۾ تڏهن اچي ٿي جڏهن آئون پنهنجي ڪمري ۾ اداس ۽ ويڳاڻو ويٺل هوندو آهيان. هوءَ جڏهن پير ۾ اچي ويهي ٿي ۽ منهنجي نظر هن تي پوي ٿي تہ ڏک- خوشيءَ ۾ بدلجي وڃن ٿا. جڏهن منهنجو روح انسان جي انسان سان بي واجبين تي بغاوت ڪري ٿو تہ آئون سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چهرو پڻ ٻين چهرن جي وچ ۾ ڏسان ٿو، جن کان آءٌ گهڻو ڏور ڀڄندو آهيان. منهنجي دل ۾ طوفان گهٽجي ٿو ۽ ان جي جاءِ امن جو بهشتي آواز وِلاري ٿو. جڏهن آئون اڪيلو هوندو آهيان تہ زندگيءَ جي رسيءَ سان ٻڌل ڏرتيءَ ڏانهن ڇڪجي ويندو آهيان ۽ منهنجو ساٿي جڏهن پنهنجي پيار ڀرين نگاهن سان مون ڏانهن نهاري ٿو تہ ڏک سکن ۾ بدلجي ٿا وڃن ۽ زندگي باغ عدن جيان لڳڻ لڳي ٿي.

" تون چوندين تہ آئون ان اجائي زندگيءَ ۾، ان اڃاتي وجود سان ڪيئن ريجهي ويو آهيان ۽ ڪيئن مون جهڙو ماڻهو جوڀن ۾ خيالن ۽ خوابن مان مزا ٿو ماڻي؟؟ پر آئون توکي ٻڌايان تہ مون هتي جيڪي ڏينهن گذاريا آهن، سي ئي زندگي جي سونهن، خوشيءَ ۽ سانت جو بنياد آهن.منهنجي تصوراتي ساٿيءَ لاءِ منهنجو وجود ڄڻ سج جي سامهون آزاد ڦرندڙ سوچن جيان ٿي پيو هجي يا چنڊ جي چانڊاڻ ۾ سمنڊ جي سطح تي ترندڙ ڪنهن مڌر گيت جيان ٿي پيو هجي، يا پري هڪ الاپجندڙ امڙو رس ڀريو گيت ٿي پيو هجي، جيڪو روح کي راحت بخشيندڙ ۽ ان کي ڪنهن آڪٽ (بيان کان ٻاهر) سونهن ڏانهن وٺي ويندڙ هجي.

زندگي اها آهي جنهن کي اسان روح جي مدد سان ڏسي ۽ پرکي سگهون ٿا. پر اسان جي چوطرف موجود دنيا کي اسان سوچ ويچار سان ئي سمجهي سگهون ٿا ۽ اهڙي جاڻ ئي اسان کي ڪا وڏي خوشي يا تڪليف مهيا ڪري ٿي. جڏهن آئون ٽيهن سالن جو ٽيس تہ اهي ئي ڏک هئا، جيڪي منهنجو مقدر بنجي مون سان ڀٽ هئا. جيڪڏهن آئون ڪجهہ سال جيئان ها تہ شايد فنا ٿي وڃان ها ۽ اهي ئي ڏک منهنجي دل جو خون وهائين ها ۽ منهنجي زندگيءَ جو

پاب ٿئي ها ۽ آءُ پنهنجي وجود کي اهڙو سڪل وڻ سمجهان ها. جنهن جي سڪل ٽارين ۾ وڏي سگهڻ جي سگهه نه هجي ۽ جن کو پکي واهيرو ڪري سگهي، نه ئي ڪا مٺڙي لات لنوي سگهي.

مرشد ڪجهه دير اتي بيٺو ۽ وري خليجي سان گڏ ويهندي سلسلو جاري ڪيائين. ”ويهارو سال اڳ لبنان جي گورنر مون کي عالمانه ڪم سان 'وينس' ڏانهن موڪليو ۽ مون سي سهر جي ميئر ڏانهن هڪ سفارشي خط پڻ ڏنائين، جنهن سان پاڻ 'ڪانسٽينٽينول ۾ مليو هو. مان هڪ اٽليءَ جي بحري جهاز ذريعي اپريل مهيني ۾ لبنان مان روانو ٿيس. بهار جون وٿندڙ هوائون لڳي رهيون هيون ۽ اڇا اڇا ڪڪر آسمان تي ڪنهن چتساليءَ جهڙو ڏيک ڏئي رهيا هئا. ان سفر دوران جيڪو مزو هو سو توکي آئون ڪيئن ٻڌايان؟ لفظ تمام سادا ۽ ٿورڙا آهن، جيڪي ماڻهوءَ جي دل جي جذبن جي چٽيءَ طرح عڪاسي نه ٿا ڪري سگهن. مون جيڪي ڏينهن پنهنجي روحاني ساٿيءَ سان گڏ گذاريا سي سانت ۽ سڪون سان ڀرپور هئا ته مان ڪڏهن به انهن انتظار جي ڏکن کي نه ٿو وساري سگهان جن مونکي پيدائشي پهاڙين کان ڏور رهڻ لاءِ مجبور ڪيو.

هوءَ مون سان ساندهه ٽي ڏينهن گڏ هئي، جي مون ڏاڍي مزي سان بيروت ۾ گذاريا. هوءَ مون سان گڏ شهر گهمندي ٽي رهي، جتي آئون بيٺس ٽي اتي هوءَ به بيٺي ٽي رهي. جڏهن مون کي ڪو دوست ڪيڪاريندو هو ته هوءَ مشڪندي هئي. جڏهن آءُ مهمان سراءِ جي چچهڙيءَ ۾ ويس ته هوءَ بيخوديءَ ۾ مون سان ملي هڪ ٽي ويٺي پر جڏهن آئون جهاز تي چڙهڻ وارو ٿيس ته مون ۾ هڪ وڏي تبديلي اچي ويئي هئي. مون محسوس ڪيو ته ڪو اڄاتو هٿ

مون کي ڪلهن ڪان پڪڙي ٻوٽتي چڪي رهيو هو ۽ مون پاڻ سان سس پس ڪندڙ آواز کي محسوس ڪيو: موتي اڇ نہ وڃ! جيسين جهاز سڙهہ سنوان ڪري تيسين موتي اچ! مون ان آواز تي ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو. پر جڏهن مون پنهنجو پاڻ کي ان ابهم پکيءَ وانگر محسوس ڪيو جو پري آسمانن ۾ جاڻو هجي ۽ ڪنهن باز جي چنبن ۾ اوچتو ڦاسي پيو هجي. شام جي ويل جڏهن لبنان جا پهاڙ ۽ ٽڪريون مون ڪان پري ٿي موتي رهيون هيون. جهاز جي اڳئين حصي تي مون پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪيو. مون پنهنجي تصوراتي عورت کي حاصل ڪرڻ لاءِ چوطرف پولار ۾ گهوريو- اها عورت جنهن کي دل سان چاهيم ۽ جنهن سان شادي ڪرڻ پئي چاهيم، پر شايد اها مون سان گهڻو وقت گڏ رهڻي نہ هئي.

” اها خوبصورت ڪنوار جنهن جو چهرو مون کي آسمان ۾ گهورڻ سان چٽو نظر ۾ ايندو هو. جنهن جو آواز مون رات جي سانت ۾ ٻڌو هو. جنهن جي هٿن ۾ هٿ ڏيئي مان بيروت جي گهٽين ۾ گهميو هوس. سا مون سان گهڻو وقت گڏ رهڻي نہ هئي. مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن ٻيڙيءَ تي چڙهي، اونهي عميق جو اڪيلي سر سير ڪيو هو. مان جهاز جي عرشي تي چڙهي پنهنجيءَ محبوبہ کي دل ۾ پڪاريندو رهيس. لهرن کي گهوريندو رهيس. ان اميد سان تہ متان انهن ۾ سندس چهرو نظر اچي، پر سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو. آڌيءَ رات جو جڏهن ٻيا سڀ مسافر هيٺ لهي ويا. آءٌ جهاز جي عرشي تي اڪيلو. ڏکارو ۽ اداس ويٺو رهيس.

مون اوچتو مٿي نهاريو ۽ ڪيس ڏسي ورتم. منهنجو ساٿي. منهنجي مٿان ڪنهن بادل ۾ ٿوري پنڌ تي هو. آئون خوشيءَ ۾ ٽپڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏڻ لڳس. پنهنجيون ٻانهون پکيڙي ٻيڻس ۾ زور سان پڪاريم، "اي پريتم! تو ڇو مون کي وساري ڇڏيو آهي؟ تون ڪٿي هلي وئي هئين؟ تون ڪٿي هئين؟ هاڻي منهنجي ويجهو اچ ۽ ٻيهر مون کي ائين اڪيلو نه ڇڏجانءِ." هوءَ ذرو به اڳتي نه وڌي. ان جي چهري تي مون ڏک ۽ رنج جا آثار ڏٺا. اهڙا آثار جيڪي مون اڳ ڪڏهن به ڪنهن جي مک ۾ نه ڏٺا هئا.

هُوءَ نرم ۽ ڏکياري لهجي ۾ چوڻ لڳي.

" آئون عميق جي اونهائيءَ مان هڪ دفعو وري توکي ڏسڻ آئي آهيان. هاڻي هيٺ لهي وڃ پنهنجي ڪئبن ۾ وڃي ننڊ ڪر ۽ پنهنجو پاڻ خوابن حوالي ڪري ڇڏ."

اهي لفظ چئي هوءَ وري بادلن سان هڪ ٿي نظرن کان غائب ٿي ويئي. مون ڪيس ڪنهن ٻڪايل ٻار جيان ديوانو پڪاريو. مون پنهنجون ٻانهون هر طرف پکيڙي ڇڏيون، پر منهنجي ٻاڪر ۾ رڳو رات جون ماڪ ڀنل هوائون هيون ۽ بس.

مان هيٺ لهي پنهنجي برٿ ۾ آيس. منهنجي وجود ۾ ڪاوڙ جي هڪ لهر اٿي، اهو سڀ ڪجهه ائين ٿيو جڻ مان ڪنهن نراسائي ۽ مونجهاري جي سمنڊ ۾ اڇلايو ويو هجان. حيرانيءَ مان جيئن ئي مون پنهنجي وهاڻي کي هٿ لاتو ته مون گهري ننڊ محسوس ڪئي، مون هڪ خواب ڏٺو، جنهن ۾ مون کي صليب نما صوف جو وڻ نظر آيو، جنهن ۾ منهنجو ساٿي ائين ٽنگيل هيو، جڻ کيس صليب تي چاڙهيو ويو هجي، ان جي هٿن پيرن مان رت ڦڙا وڻ جي ڪرٻل پور تي پئجي رهيا هئا، جهاز ڏينهن رات سمنڊ ۾ هلندو رهيو، پر آئون اجان تائين بي خوديءَ واري حالت ۾ هيس. مون کي پڪ نه پئي ٿي

تہ اٿون کو انسان ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ڏانهن وڃي رهيو هيس يا ڪو پوت هيس، جيڪو ڪڪرن سان ڇانئيل آسمان تي ترندي ان جي آواز ٻڌڻ، ان جي هڪ جهلڪ ڏسڻ يا پنهنجي چپن تي ان جي نرم ۽ نازڪ آڱرين جي ڇهاءُ لاءِ پروردگار کي پاڏائي رهيو هيس.

چوڏهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ بہ آءٌ اڪيلو هيس. پندرهين ڏينهن منجهند جو اسان کي پري کان اٽليءَ جو ساموندي ڪنارو نظر آيو ۽ شام ٿيڻ تي اسان بندرگاهہ ۾ داخل ٿياسين. ماڻهن جا انبوهہ ۽ جوندولس (ٽيڪسي)خوشيءَ وچان جهاز جو آڌرڀاءُ ڪرڻ ۽ مسافرن کي شهر پهچائڻ لاءِ آيل هئا. وينس جو شهر ڪيترن ئي ننڍن ننڍن ٻيٽن تي ٻڌل آهي، جيڪي هڪ ٻئي کي ويجها ويجها آهن، خوبصورت وهندڙ واهہ ان شهر جون گهٽيون آهن، شهر جا انيڪ محل ۽ ماڙيون پاڻيءَ تي ٺهيل آهن. مون کان ٽئڪسيءَ واري پڇيو، توهان ڪٿي وينڌؤ ۽ جڏهن مون کيس وينس جي ميئر ڏانهن وڃڻ جو ٻڌايو تہ هو ڊپ وچان مون ڏانهن نهارڻ لڳو. جيئن ئي اسان ڪئنال جي وچان لنگهي رهيا هئاسين تہ رات جي اونداهي بہ شهر تي پنهنجا پَرَ پکيڙڻ لڳي. عبادت گاهن ۽ محلن جي ڪليل درين مان بتين جا جهلڪا ڏسڻ ۾ پئي آيا ۽ جڏهن سنڌن پاڇا پاڻيءَ تي پئجي رهيا هئا تہ شهر کي ڏاڍي سونهن بخشي رهيا هئا، ڪنهن شاعر جي وٺندڙ / من موهيندڙ خواب جيان لڳي رهيا هئا. جڏهن ٽيڪسي ٻن واهن جي ميلاپ واري هنڌ پهتي تہ اوچتو گرجا جي گهنڊ جو غمگين آواز ڪن تي پيو.

جيتوڻيڪ آءٌ حقيقتن کان گهڻو پري روحاني بي خوديءَ ۾ محو هوس، پر پوءِ بہ ان گهنڊ جو آواز منهنجي دل ۾ پيهي ويو ۽

منهنجي روح کي رنجائڻ لڳو. هڪ هنڌ ٽيڪسي بيهي رهي ۽ اتي هڪ پتريليءَ ڊاڪٽر رڪيل هئي، جنهن ڪان اڳتي پڪي گهٽي هئي. ٽيڪسيءَ واري هڪ محل ڏانهن اشارو ڪيو. جيڪو باغ جي وچ ۾ ٺهيل هو ۽ چيائين، ”اها آهي توهان جي منزل.“ آءٌ آهستي آهستي ڏاڪڻ تي چڙهيس، جيڪا محل ڏانهن پئي ويئي ۽ منهنجي پٺيان ٽيڪسيءَ وارو منهنجو سامان کڻي اچي رهيو هو. جڏهن آئون بنگلي جي در وٽ پهتس ته مون هن کي ڀاڙو ڏنو. هو هليو ويو. منهنجي گهنٽي وڄائڻ تي در کليو، جيئن ئي آءٌ اندر داخل ٿيس ته منهنجو آڌرڀاءُ غمگين آواز سان ٿيو. آءٌ شڪ ۾ پئجي ويس، هڪڙو ڪرڙو ڍ ملازم منهنجي آڏو آيو ۽ مون ڪان ڪم پڇيائين. ”ڇا هيءُ ميئر جو بنگلو آهي؟“ مون ڪانئس پڇيو. هن جهڪي سلام ڪيو ۽ ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪيائين ته مون ڪيس لبنان جي گورنر جو خط ڏنو. خط ڏسڻ سان هن جي منهن تي گنڀيرتا ڇانئجي ويئي ۽ هو مهمانن واري ڪمري ڏانهن ڊوڙيو. مون ڪمري ۾ ويٺل هڪ نوجوان ملازم ڪان سندس پريشانيءَ جو سبب پڇيو، هن ٻڌايو ته ميئر جي ڌيءَ مري وئي، هن ان ڪري منهن ڍڪي ڇڏيو آهي ۽ تمام گهڻو روئي رهيو آهي.

سوچ ته ان ماڻهوءَ جا احساسات ڇا هوندا. جيڪو سمنڊ پارڪان آيو هجي، هن ڇا ڇا نه اميد ۽ نراسائيءَ وچ ۾ سوچيو هوندو. پنهنجي سفر جي آخر ۾ هو هڪ اهڙي محلات جي در تي پهچي ٿو، جنهن ۾ رڳو غم ئي غم جا انبار هجن. ان اجنبي ماڻهوءَ جي احساسات جي باري ۾ سوچ جيڪو صرف ونڊر خاطر هڪ محل ۾ رهي. جتي موت اچي سندس آڌرڀاءُ ڪري.

جلد ئي پوڙهو ملازم موٽي آيو. جهڪي سلام ڪري چيائين. "ميئر توهان سان ملاقات لاءِ منتظر آهي." هو مون کي دالان جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ در وٽ وٺي آيو ۽ اندر ڪمري ۾ وڃڻ لاءِ چيائين. مون آڌرياءَ واري ڪمري ۾ پادرين ۽ ٻين بزرگ ماڻهن جو ميڙ ڏٺو. جيڪي سڀ گهري رنج ۾ ٻڏل هئا. وچ ڪمري ۾ منهنجو آڌرياءُ هڪ اڇي ڏاڙهيءَ واري بزرگ ڪيو ۽ چيائين، "اها اسان جي بدقسمتي آهي جو توهان تمام ڏورانهين ديس مان اسان وٽ آيا آهيو ۽ اسين پنهنجي پياريءَ نياڻيءَ جي موت تي غمگين آهيون، پر پوءِ به آءٌ اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته اهو موت جو وڇوڙو اوهان جي مقصد ۾ رڪاوٽ نه بڻبو ۽ يقيناً آءٌ اوهان جي هر طرح مدد ڪندس." مون اهڙيءَ مهربانيءَ تي سندس ٿورا مڃيا ۽ کيس پنهنجي غم کان واقف ڪيم- هن مون کي اڳتي ويهاريو ۽ پوءِ مان به ان ئي ميڙ ۾ شامل ٿي ويس، جڏهن مون انهن غمگين ڪانڌين جي چهرن ۾ گهوري ڏٺو ۽ سندن دردناڪ آهون ٻڌم ته منهنجي دل به غم سان پرجي آئي.

سگهوئي ڪانڌي هڪ ٻئي پٺيان موڪلائي روانا ٿيڻ لڳا ۽ باقي آئون ۽ ڏڪويل پيءُ وچي باقي بچياسين. جڏهن مون به واپس ورڻ جو سعيو ڪيو ته هن مون کي روڪيو ۽ چيائين، "منهنجا دوست! آءٌ اوهان کي عرض ٿو ڪريان ته جيڪڏهن اسان سان غم ۾ شريڪ ٿي سگهين ته اسان وٽ ترس ۽ اسان جو مهمان ٿي سندس لفظن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ مون ڪنڌ ڌوڻي هائوڪار ڪئي ۽ پوءِ هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو. توهان لبنان جا ماڻهو ڏاڍا سخي آهيو ۽ آئي جو آڌرياءَ سهڻي نموني ڪندا آهيو، اسان کي

پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي ڪرڻ نه گهرجي، نه ته اسان مهمان نوازي ۾ لهه لحاظ ۾ لبنان وارن کان گهڻو گهٽ رهجي وينداسين." هن گهنٽي وڄائي ته سندس سڏ تي هڪ خوش پوشاڪ ملازم آيو. "اسان جي مهمان کي اوپر واري محل ۾ ڪمرو ڏيکاري اچ ۽ جيسين هيءَ اسان وٽ ترسيل آهي، سندس سهڻي نموني خدمت ڪئي وڃي." هن چيو.

شاهي ملازم مون کي هڪ ڪشادي ڪمري ۾ وٺي آيو. جيڪو ڏاڍو سينگاريل هو. جيئن ئي هو واپس ويو ته مان پلنگ تي ڌمي پيس ۽ هنن ڏارين تي ويچارڻ لڳس ۽ پنهنجي جنم ڀوميءَ کان دور ڪجهه دير اڳ هتي گهاريل گهڙين تي ويچارڻ شروع ڪيم. ڪن پل کان پوءِ شاهي نوڪر چانديءَ جي دسترخوان تي مون لاءِ ماني کڻي آيو. ماني کائڻ کان پوءِ مون ڪمري ۾ هلڻ شروع ڪيو. پوءِ مان هڪ دريءَ جي سامهون بيهي رهيس. جتان "وينس" شهر کي به پئي ڏٺم ته ٽيڪسين وارن جون شڪست خورده دانهون پڻ ٻڌي رهيو هوس. ٿوريءَ دير ۾ مون کي ننڊ اچڻ لڳي ۽ پنهنجي ٿڪل ٽٽل جسم سان بستري تي ليٽي پيس. مون کان ننڊ جو خمار ۽ اوجاڳي جي ڳنڀيرتا وسري وئي هئي. آءٌ نه ٿو ڄاڻان ته اتي گهڻي دير ترسيس، ڇو ته زندگيءَ جا وڏا مفاصلا جيڪي روح طئه ڪري ٿو، جن کي اسان انسان جي ايجاد ڪيل وقت جي ماپي سان ماپي نٿو سگهجي. اهو سڀ ڪجهه جيڪو آئون ڇڏي آيس ۽ هياتي محسوس ڪيان ٿو. اها منهنجي بدنصيبي آهي.

اوچتو مون محسوس ڪيو ته ڪو آسماني روح مون کي بي سمجهه اشارن سان پڪاري رهيو آهي. آئون اٿي بيٺس ۽ دالان وارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رستو ورتو، جيڪو ڪنهن ايشوري سگهہ، مون کي ڏسيو ۽ نالو هيو. آءُ اهڙي دنيا ۾ سفر ڪري رهيو هوس، جيڪا وقت ۽ مفاصلي کان متانهين هئي، آءُ جڏهن دالان جي چيڙي ۾ پهتس ۽ هڪ در کولي هڪ ڪشادي ڪمري ۾ آيس تہ ان جي وچ ۾ چمڪندڙ ميڻ بتين سان وڪوڙيل تابوت ڏٺم، جنهن کي اڇن گلن جا هار پارايل هئا. آءُ جنازي جي پاسي کان ويهي رهيس ۽ مري ويل کي ڏسڻ لڳس. اتي ڏٺم تہ ڍڪيل چهرو منهنجي محبوبہ ۽ جيون ساٿيءَ جو هو. هيءَ اها عورت هئي، جنهن کي مان پوڄيندو هوس ۽ جيڪا هينئر مري چڪي هئي ۽ اڇي ڪفن ۾ اڇن گلن سان ويڙهيل هئي ۽ سندس حفاظت صدين جي خاموشي ڪري رهي هئي.

او پيار، زندگي ۽ موت جا ڏاتي! تون ئي اسان جي روحن جو پروردگار آهين، تونئي اسان کي سچ ۽ ڪوڙ جي پرک ڏني، تونئي اسان جي دلين کي خاموش ڪيو ۽ تونئي انهن کي اميد ۽ غم جي سهاري اڳتي وڌڻ سيکاريو ۽ هينئر تونئي مون کي منهنجي جوانيءَ جو ساٿي مرده حالت ۾ ڏيکاريو آهي.

اي پروردگار! تو مون کي پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار ڪري هٿي هنڌ پهچايو ۽ تو ئي مون کي زندگيءَ کان برتر موت جي سگهہ ڏيکاري، خوشيءَ کان برتر غم ڏيکاريو. تو ئي منهنجي ٽٽل دل جي ويرانيءَ ۾ سوسن گل اپايو ۽ تونئي مون کي ڏورانهين هنڌ آڻي ويران رڻ پٽ ڏيکاريو.

اي منهنجي اڪيلائيءَ جا جلاوطن دوست! خدا اهو ئي چاهيو تہ اسان زندگيءَ ۾ ڏکيا ڏينهن ڏسندس. ان جي ئي رضا آهي، اسان تہ بي انت بهشت جي بي بقا ذرڙن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهيون.

بس اسان الاهي امر جي مخالفت نہ ٿا ڪري سگهون. جيڪڏهن اسان پيار ڪندڙ آهيون تہ اسان جو پيار اسان طرفان نہ آهي تہ ئي اسان لاءِ آهي- جيڪڏهن اسان خوش آهيون تہ اها خوشي اسان ۾ نہ آهي پر اها خوشي زندگيءَ ۾ ئي آهي- جيڪڏهن اسان ڏکارا آهيون تہ اهو ڏک اسان جي زخمن ۾ نہ پر فطرت جي دل ۾ آهي. آءٌ ڪو شڪوه شڪايت نہ ٿو ڪريان، پر زندگيءَ سان شڪايت ۽ شڪ ڪندڙن کي سمجهائي ٿو ڏيان، آءٌ تہ پڪو ويساهہ رکندڙ آهيان. آءٌ ڪوڙاڻ جي ڪٽ ۾ ويساهہ رکان ٿو، جيڪا آءٌ زندگيءَ جي پيالي ۾ هر شيءِ سان گڏ پيئان ٿو. آءٌ غمن جي سونهن ۾ ويساهہ رکان ٿو. جيڪي منهنجي دل ۾ چپيندا رهن ٿا. آءٌ هنن فولادي آڱرين جي آخري ٻاجهہ ۾ ويساهہ رکان ٿو، جن منهنجي روح کي چچري ڇڏيو آهي، اهو ئي منهنجو قصو آهي، جنهن جي حقيقت ۾ ڪا پڄاڻي نہ آهي، پر مون ڪيس ڪيئن ختم ڪيو آهي. آءٌ ڳوڙهن ڀر جهڪي تابوت اڳيان ماٿ ۾ پڌل هوس ۽ فجر تائين ان سندر چهري کي گهوريندو رهيس، پوءِ آءٌ اٿي پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس ۽ انساني ڏکن جي ازلي بار آڏو ڪنڌ جهڪائي بيٺس.

ٽن هفتن کان پوءِ آءٌ وينس ڇڏي لبنان موٽي آيس. اهو ائين هو ڄڻ مون کي صديون ماضيءَ جي خاموش بي انت بحرن ۾ گذاري ڇڏيون هجن. مون کي ان جو درشن ياد آهي. جيتوڻيڪ مون ڪيس پيهر صرف مثل حالت ۾ ڏٺو، پر پوءِ بہ هوءَ منهجي محبتن دل ۾ اڃان تائين زندهہ آهي. اي منهنجا سڄڻ انهن منهنجي ۽ چاهتن کي تون ئي سمجهي سگهين ٿو. اهي سڀئي محبتون مون ان جي ئي سهاري ڪيون ۽ پرايون. جيڪا سرت ۽ دانائي مون پرائي سا مون پنهنجي

ماڻهن ۽ حاڪمن کي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. مون لبنان جي گورنر "الحارث" وٽ انهن مظلومن جون آهون ۽ دانهون پهچايون، جيڪي سندس ملڪ ۾ سرڪاري عبادتگاهن جي ناانصافين ڪري چيڀاٽجي رهيا هئا. مون ڪيس صلاح ڏني تہ هو پنهنجي وڏڙن جي پيروي ڪندي سڀ مسئلا نرميءَ، نيڪ نيتي ۽ سمجهہ سان نبيري ۽ مون ان کي چيو، "عوام ئي اسان جي ملڪ جي عزت ۽ دولت آهي. حڪمرانن کي پنهنجي بادشاهت مان چئن شين 'ڪاوڙ'، 'لالچ'، 'ڪوڙ' ۽ 'ظلم' کي نيڪالي ڏيڻ کپي." انهن سمجهاڻين ڪري، مون کي سزا ڏئي جلاوطن ڪيو ويو.

هڪ رات گورنر "الحارث" دل جي تڪليف هئڻ ڪري سمهي نہ سگهيو. هو دريءَ کان بيهي آسمان ڏانهن ڏسي رهيو هو، ڪيترائي اهڙا عجيب آسماني وجود لاحد ۾ وجائجي چڪا هئا. هي غيبي ۽ ساراهڻ جوڳو جهان ڪنهن خلقيو آهي؟ هن ڏورانهن گرهن جو اسان سان ڪهڙو رشتو آهي؟ آءٌ ڪير آهيان ۽ ڏتي جو آيو آهيان؟ اهي سڀ ڳالهيون 'الحارث' پنهنجو پاڻ کان پڇيون- پوءِ هن کي ياد پيو تہ هن مون کي شهر نيڪالي ڏني ۽ مون سان سخت روش روا رکي. هاڻ ان تي پڇتائڻ لڳو. هن هڪ دفعو منهنجي سزا تي پڇتايو. هن مون کي بادشاهي وڳو ڏنو. منهنجي هٿ تي هڪ سوني منڊي رکي ۽ مون کي پنهنجو صلاحڪار مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

مون جيڪي سال جلاوطنيءَ ۾ گذاريا. مون کي انهن تي ڪوبہ افسوس نہ آهي، اهو ماڻهو جيڪو حق کي حاصل ڪرڻ ٺهري ۽ انسان ذات اڪيلو اهو اعلان ڪري وٺي، اهو تڪليفن لاءِ بہ تيار هوندو آهي. مون کي پنهنجي ڏکن. پنهنجي ساٿين (انسانن) جي

ڏکن کي سمجهڻ جو سبق سيکاربو. نہ ڏک ۽ نہ ئي وري جلاوطني منهنجي حوصلن کي گهٽائي سگهي.

"۽ هاڻ آءُ تکجي پيو آهيان."

پنهنجي ڳالهہ ختم ڪندي، آقا پنهنجي خليفي، المهتديٰ کي گهر سر ڪري ڇڏيو. المهتديٰ جي معنيٰ "نئون مريد يا مذهب مٽائيندڙ" آهي ۽ هو پنهنجي جسم ۽ روح کي يادن جي تڪ ڪناز آرام ڏيڻ لاءِ پنهنجي پناهہ گاهہ ۾ هليو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آقا جو موت

ٻن هفتن کان پوءِ آقا بيمارتي پيو ۽ سندس دوستن جو ميڙ ڪانئس پڇڻ آيو. جڏهن اهي باغيچي جي در تي پهتا تہ گهر مان هڪ پادري، هڪ سنياسي، هڪ ڊاڪٽر ۽ المهتدي ڪي ايندي ڏٺائون. خليفي پنهنجي آقا جي موت جو اعلان ڪيو ان ميڙا ڪي اها خبر ٻڌي روئڻ پٽڻ شروع ڪري ڏنو. پر المهتدي نہ رنو ۽ نہ ئي ڪو لفظ واتان ڳالهايائين. خليفو ڪجهہ دير ويچارڻ کان پوءِ مڇين واري ڍنڍ جي ڪناري، ٽڪريءَ تي چڙهي بيٺو ۽ چيائين:

” منهنجا ڀائرو ۽ هم وطنو! توهان هينئر هينئر آقا جي موت جي خبر ٻڌي. لبنان جي هن پيغامبر پنهنجو پاڻ کي دائمي ننڊ حوالي ڪري ڇڏيو ۽ ان جو مقدس روح اسانجي آتمائن جي جنت مٿان ڦيرا ڏئي رهيو آهي، جو هاڻ هر رنج ۽ پيڙا کان بالاتر آهي. ان جو روح پنهنجي جسم مان بيماريءَ ۽ هن بي بقا زندگيءَ جي غلاميءَ مان آزاد ٿي هليو ويو. آقا هيءَ مادي دنيا ڇڏي ۋاڪاڻ جون پوشاڪون پهري، اهڙي دنيا ڏانهن هليو ويو، جتي ڪوبہ ڏک نہ آهي. هو هاڻي اهڙي هنڌ هليو ويو جنهن جاءِ کي اسان جون اکيون ۽ ڪن ٻڌي ۽ ڏسي نہ ٿا سگهن. هو هاڻي روحاني دنيا ۾ تڪيل آهي، جتان جي رهواسين کي هن جي سخت ضرورت هئي ۽ هڪ نئين سرشتي بابت ڄاڻ ۽ علم گڏ پيو ڪري، جنهن جي تاريخ ۽ سونهن ڪيس موهي وڌو هو ۽ جنهن جي واکاڻ پسڻ لاءِ هو آتو هو. هن ڌرتيءَ تي

سندس حياتي وڏن ڪمن جي پويل لڙهي هئي. هن جي زندگي مستقل سوچن جو سلسلو هو ۽ مان مرشد لاءِ صرف ايترو چائان تو ته ڪيس ڪم ڪان سواءِ آرام نه ايندو هو. هن کي ڪم سان ئي چاهه هو، جنهن کي هو"پسي سگهندڙ پريم" ڪوٺيندو هو، هن جو روح سدائين پياسو هوندو هو ۽ ڪيس صرف جاڳرتا جي هنج ۾ ئي آرام ايندو هوس. هنجي پيار ڀري دل رحم ۽ اتساهه سان ٽمٽار هوندي هئي هو ڏاهپ جي چاتيءَ مان نڪتل علم جو بهار هو هو انساني دماغ کي پنهنجي خيال جي لهرن سان تازو توانو بنائيندڙ دريا هو ۽ هاٿي اهو دريا اچي ازلي زندگي جي ڪنارن کي پهتو آهي. هاٿي ڪوبه ڪيس لاءِ غم جا لڙڪ نه لاڙي.

ياد رکو! اهي ماڻهو جيڪي هميشه زندگيءَ جي لڪائي آڏو بيٺا رهيا ۽ ڪڏهن به پنهنجي پگهر سان ڌرتيءَ کي آباد نه ڪيائون ۽ پوءِ جڏهن اهي هي جهان ڇڏي وڃن ته انهن لاءِ ئي توهان جو روج راڙو واجب آهي، پر آقا جي زندگي ڏسو! ڇا ان پنهنجي سموري زندگي انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ جدوجهد نه ڪئي آهي؟ ڇا توهان مان ڪو هڪ ماڻهو به اهڙو آهي، جنهن سندس ڏاهپ سان ڀريل چشمي مان هڪ ڍڪ به نه ڀريو هجي؟ جيڪڏهن توهان ان جي واڪاڻ ڪرڻ چاهيو ٿا ته ان لاءِ غم ۽ ڏک جا مرثيه نه پر ساراهه ۽ سرهائيءَ جا گيت ڳايو. جيڪڏهن توهان ڪيس مجتا ڏيڻ چاهيو ته سندس علم ۽ دانائيءَ وارا ڪتاب پڙهو- جيڪي هو دنيا کي ورثي ۾ ڏئي ويو آهي.

ڪيس ڪجهه ڏيڻ بدران ان کان ڪجهه وٺو. فقط ائين ئي توهان هن جا ٿورا لاهي سگهو ٿا. توهان هاءِ گهوڙا ڪرڻ بجا خوش

ٿيو ۽ سندس دانائيءَ مان سبق سکو اهو ٿي ڪيس دل سان ياد ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي.“ خليفي جا اهي لفظ ٻڌي سڄي ميڙجي ڇپن تي مرڪ تري آئي ۽ هو آقا جي ساراهه جا گيت ڳائيندا گهرن ڏي واپس ويا.

”المهتدي“ ماڻهن جي جهان ۾ اڪيلو رهجي ويو هو، پر اڪيلائي کيس مايوس ڪري نہ ٿي سگهي، ڇو تہ آقا جو آواز سدائين سندس ڪنن ۾ گونجندو رهندو هو ۽ کيس مجبور ڪندو رهندو هو تہ آقا جي ڪم کي اڳتي وڌائيندو رهي ۽ ماڻهن جي دلين ۽ دماغن کي ڪيڙي سندس سوچ جا ٻج پوکيندو رهي.”المهتدي“ باغ ۾ ويهي ڪيترائي ڪلاڪ انهن يادن تي ويچاريندو هو، جيڪي آقا کيس ورثي ۾ ڏئي ويو هو. جن ۾ دانائيءَ جوسبق هو. چاليهن ڏينهن جي کوجنا کان پوءِ ”المهتدي“ پنهنجي آقا جي پناهہ گاهہ ڇڏي، قديم فونيشيا جي واهڻن، ڳوٺن ۽ شهرن ڏانهن نڪري پيو.

هو هڪ ڏينهن بيروت جي بازارمان لنگهي رهيو هو تہ ماڻهن جو ميڙ هن جي پٺيان لڳي پيو. نيٺ هو هڪ هنڌ ويهي رهيو ۽ کيس چوڌير ماڻهن جو ميڙ وڪوڙي ويو. هو انهن کي پنهنجي آقا جون چوڻيون ـ ڳالهيون ٻڌائڻ لڳو: ”منهنجي دل جو وڻ ميون سان ڀرجي جهڪو آهي. جيڪو ٻڪارو هجي تہ پٽي ويجي پيٽ ڀري. منهنجي دل جي ڏات حاصل ڪري منهنجي من جو بار هلڪو ڪريو. منهنجو روح سون چانديءَ جي وزن ڪري ڳرو ٿي پيو آهي. جيڪي ڳجهو خزانو هٿ ڪرڻ چاهيو ٿا. سي اڳتي وڌي اچو ۽ پنهنجا گهر هن خزاني مان ڀري منهنجي روح جو بار هلڪو ڪيو.

منهنجي دل صدين کان بي بها شراب سان ٽارو ٽار آهي.

جيڪي ازل کان پياسا هجو سي اچو! اچي پيو ۽ پنهنجي اڄ اجهايو.

ٻئي ڏينهن تي مون هڪ امير ماڻهوءَ کي ڏٺو- هو مندر جي در تي بيٺو هو ۽ سندس ٻئي هٿ قيمتي هيرن جواهرن سان ڀريل هئا، هو پنهنجون ٻانهون ڦهلائي واتهڙن کي چئي رهيو هو: ”مون کان هي جواهر وٺو، مون تي رحم ڪائو. هنن (جواهرن) منهنجي روح کي روڳي ڪري وڌو آهي. ۽ منهنجي دل تي بار بنجي پيا آهن. مون تي رحم ڪائو مون کان وٺو ۽ منهنجي روح جو روڳ لاهيو.“ پر ڪنهن به واتهڙوءَ ڏانهس ڌيان نه ڏنو ۽ مون کيس ڏسي پنهنجو پاڻ کي چيو يقيناً اهي ڪنگالَ هن لاءِ شاهوڪار کان بهتر هئا. جيڪي بيروت جي گهٽين ۾ پنهنجا ڏڪندڙ هٿ خيرات لاءِ ٻين آڏو ٽنگي ۽ آخر خالي هٿين گهر موٽن ٿا.

مون هڪ شاهوڪار سخي ماڻهوءَ کي عربي رڻ پٽ جي بيابانن ۾ خيمه کوڙيندي ڏٺو. هو سانجهيءَ ٽاڻي پنهنجي نوڪر کي روانو ڪندو هو ته وڃي واتهڙن کي خيمن ڏانهن وٺي اچن ۽ پوءِ انهن واتهڙن کي آجهو مهيا ڪيو ويندو هو. پر اڪثر بياباني رستن جيخراب هئڻ ڪري سندس نوڪر وٽس ڪو مهمان آڻي نه سگهندا هئا- ۽ مون کي ان تنها امير جي حال تي رحم آيو ۽ منهنجي دل چوڻ لڳي: هن لاءِ نوڪرن جي انبوهه سان گڏ بيابان ۾ رهڻ کان شهر جي پاسي ۾ رهڻ بهتر آهي.

مون لبنان ۾ گورنر جي ڌيءَ کي ڪچڙيءَ ننڊ مان جاڳندي ڏٺو هو، جنهن کي قيمتي وڳو پهريل هو. هن جي وارن ۾ ڪستوري ڇٽڪاريل هئي ۽ جسم کي سرهاڻ لڳل هئس. هوءَ پنهنجي پيءُ جي محل واري باغ ۾ پنهنجي محبوب جي ڳولا ۾ گهمي رهي هئي. گاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڄڻم ولندڙ ماڪ ڦڙا سندس پوشاڪ کي پسائي رهيا هئا. پر افسوس! سندس پيءُ جي رعيت مان ڪير به سائنس پريم ڪرڻ وارو ڪونه هو. جيئن ئي مون گورنرجي ڌيءُ تي ويچار ڪيو تہ منهنجي دل مون کي سمجهائيندي چيو: "ڇا هن لاءِ اهو بهتر نه هيو تہ ڪنهن ريڊار جي ڌيءُ هجي ها ۽ ريڊارڪي ويس ۾ پٽس جو ڌڻ چارڻ لاءِ چراگاهن ڏانهن ڪاهي وڃي ها. شام جو ڌڻ کي واڙ ۾ سوٽائي آڻي ها ۽ پوءِ رات جي تاريڪيءَ ۽ سانت ۾ پنهنجي پيءُ جي جهوپڙيءَ کان پري لڪي ڇپي نديءَ ڪناري پنهنجي راهن ۾ اڪيون وڇائيندڙ محبوب سان تہ ملي سگهي ها."

منهنجي ديس جون نيائيون ۽ پٽڙؤ! منهنجون ڳالهيون غور سان ٻڌو: "منهنجي دل جو وڻ ميون سان تمتار آهي جيڪي بڪارا هجو. اچي ميڙي کائو. منهنجو روح صدين جي سراب سان تارآهي. جيڪي اجارا هجو سي اچو، اچي پنهنجي اڃ اجهايو.

ڪاش آءُ اهڙو ڪو وڻ هجان ها جيڪو نہ ٻور جهلي ها ۽ نہ ان ۾ ڪو ميوو ئي ٿئي ها.

آباديءَ جي ڀيٽ ۾ ويرانيءَ جي ڏک کان تنهائي خراب آهي ۽ امير سخي ماڻهوءَ جي ڀيٽ غريب سخي ماڻهوءَ جي ڪنجوسيءَ کان بهتر آهي.

جيڪڏهن آءُ ڪو سڪل کوهہ نهجان ها تہ ماڻهو منهنجي اونهاين ۾ پٿر اڇلائين ها. انهيءَ کان بهتر آهي تہ خالي کوهہ هجان.

جيڪڏهن آئون ڪو سر جو ڪانو هجان ها جنهن کي ماڻهو لتاڙي ڀڃي ڇڏين، ان کان بهتر آهي تہ ڪنهن اهڙي گهر جي مالڪ جي هٿن ۾ سرندو ٿي وڃان، جنهن جا سڀ گهر ڀاتي ٻوڙا

هجن ۽ ڪين آگرين ۾ لڱون هجن.

منهنجي ديس جون نياڻيون ۽ پٽڙؤ! پيغامبر جي ڳالهايل لفظن تي ويچار ڪيو ۽ انهن کي هيئين سان هنڊايو. اهڙي دانائيءَ جو ٻج توهان جي روحن جي ڪيتيءَ ۾ قلارجي پوندو. اهڙن ماڻهن لاءِ پروردگار طرفان قيمتي سوکڙيون آهن.

"المهتدي" جي هاڪ پوري ملڪ ۾ پکڙجي ويئي ۽ ٻاهريان ماڻهو پڻ ڪيس ميٽا ڏيڻ ۽ آقا جي پاران سندس ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ آيا. حڪيم، طبيب، قانوندان ۽ دانشور جتي به ڪين "المهتدي" ملندو هو. چاهي مسجدن ۾، مندرن ۾، ديول ۾ يا شهر جي گهٽين يا ڪنهن ٻئي ماڻهن جي ميڙاڪي واري هنڌ، ڪائنس سوالن جا جواب پڇندا هئا. انهن سڀني جا ذهن هن جي عمدن لفظن سان پرجي چڪا هئا ۽ اهي ڪنهن هڪ ڪان ٻئي ماڻهوءَ تائين پهچندا رهيا. "المهتدي ماڻهن کي زندگي ۽ ان جي حقيقتن متعلق ٻڌائيندي چوندو هو "انسان سمنڊ تي ترندڙ گج مثل آهي، جيڪا هوا لڳڻ سان اڏامي ويندي آهي. اسان جون حياتيون پڻ سامونڊي گج وانگر آهن. موت اچڻ سان ختم ٿيو وڃن. زندگيءَ جي حقيقت خود زندگي آهي، جيڪا نه ماءُ پيٽان شروع ٿي ٿئي ۽ نه ئي وري سندس پڄاڻي قبر آهي. جيڪي صديون گذري چڪيون سي ابدي زندگيءَ جي هڪ گهڙيءَ مثل آهن. هيءَ مادي دنيا ڪجهه به نه آهي. اها جاڳرتا بنسبت هڪ خواب آهي. جنهن کي اسان موت جو پرتوو ڪوٺيون ٿا. اسان جي دلين مان نڪرندڙ هر هڪ ٺهڪ ۽ ٺڏو شوڪارو سڀ پولار ۾ موجود آهن ۽ انهن جا پڙاڏا جڳن تائين ٻڌجندا رهن ٿا- جيڪي فرحت بخش چميءَ سان ٺهڪيل پچن ٿا. فرشتا غم وچان مرهڪ

لاڙيل لڙڪ ڪي ڳڻيندا رهن ٿا ۽ اسان جيڪي پريم جا گيت ڳائيون ٿا، اهي ابدي جنت ۾ رهندڙ روحن کي ٻڌائين ٿا.

ايندڙ دنيا ۾ اسان پنهنجي احساسن ۽ دلين جي ڌڙڪن کي ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهنداسين. اسان پاڻ ۾ موجود ايشورتا (علم الاهي) کي سمجهي سگهنداسين. جنهن ڪان اسين نراسائيءَ جي ڪري نفرت ڪريون ٿا. اهي ڪم جن کي اسان اڄ غلطيءَ مان ڪمزوري سڏيون ٿا، سي سڀاڻ انسانيت جي زنجير جي ابتدائي ڪڙي ثابت ٿيندا. اسان اڄ جيڪي بي اجر ڪم ڪريون ٿا سي اسان سان گڏ زنده رهندا ۽ اڳتي جي راهه لاءِ اسان جي رهنمائي ڪندا. اسان جيڪي سختيون سٺيون آهن، سي سوڀ جا هار ٿي اسان جي ڳلي ۾ پوندا."

خليفو اهي لفظ چئي، سڄي ڏينهن جي جهد ڪري پنهنجي ٿڪل جسم کي آرام ڏيڻ لاءِ ماڻهن جي ميڙ مان نڪري وڃڻ لڳو- جڏهن هو وڃڻ لڳو ته هڪ نوجوان ڇوڪرو ڏک ڀريا نيڻ ڪٺي هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ کي گهوري رهيو هو ۽ خليفي سان ٿس مخاطب ٿيندي چيو، "ڇا تون ماڻهن جي ظاهري ڌرمن سان رنجيده آهين؟ ڇا تون مختلف ويساهن جي وادين ۾ ورتائجي ويو آهين؟ ڇا تون سوچين ٿو ته ڌرم ڪان گمراهيءَ جي آزادي، تابعداريءَ جي غلاميءَ ڪان گهٽ ٿڪائيندڙ آهي؟ ۽ اختلاف راءِ جي آزادي، رضامنديءَ جي مورچي ڪان وڌيڪ محفوظ آهي. جيڪڏهن اهڙي ڳالهه آهي ته پنهنجي مذهب ۾ سونهن پيدا ڪر ۽ ايشورتا جي پوڄا ڪر. ڇو ته اها (سونهن) ڏسي سگهجي ٿي ۽ اها ظاهر ۽ مڪمل خدا جي جوڙيل جوڙ آهي. جيڪي ديندايءَ سان ڪيڏن ٿا ۽ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ۾ ڪوڙ، لالچ ۽ ايمان (مغروري) هجي ته انهن کي ڄڏي ڏيو ۽ ان جي بجاءِ حُسن جي ايشورتا ۾ ويساهه رکو. جيڪا زندگيءَ جي عبادت جي ابتدا آهي ۽ توهان جي خوشين لاءِ تڙپ جو ذريعو آهي. پنهنجي گناهن جي عيوض حُسن آڏو نمي توبهه ڪريو. ڇو ته حسن ئي توهان جي دل کي عورت جي تخت ويجهو آڻي ٿو. اهو توهان جي محبت جو آئينو. فطرت جي راهن تي توهان جي دل جو استاد آهي ۽ اها ئي فطرت توهان جي دل جو گهر آهي."

گڏ تيل ميز جي تڙي پکڙي وڃڻ ڪان اڳ هن وڏيڪ چيو،

" هن دنيا ۾ ماڻهن جا ٻه قسم آهن. هڪڙا ڪالهوڪا ماڻهو ۽ ٻيا سڀاڻوڪا ماڻهو. منهنجا پيارؤ! توهان جو تعلق ڪهڙن سان آهي. اچو ته مان توهان کي ڏسيان توهان روشنيءَ جي دنيا جا پانڌيئڙا آهيو يا اونداهين راهن جا مسافر آهيو؟ اچو مون کي ٻڌايو ته توهان ڇا ۽ ڪير آهيو؟ ڇا توهان سياستدان آهيو؟ جيڪي پنهنجو پاڻ کي چوندا آهن ته "مان پنهنجي ديس کي ذاتي پلي لاءِ استعمال ڪندس" جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ توهان ان مفت خور وانگر آهيو جيڪو پرائي ماس تي پلبو آهي. يا توهان وطن دوست آهيو، جيڪو پنهنجي اندر ۾ پٽڪي ٿو، "آءُ وفادار نوڪر جيان پنهنجي ديس جي خدمت ڪندس." جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ توهان ان رڃ جي چشمي جيان آهيو، جيڪو هر واٽهڙوءَ جي اڃ اجهائي ٿو. يا توهان واپاري آهيو جن وٽ ماڻهن ڪان وڌيڪ منافعي جي اهميت هوندي آهي ۽ شين کي ذخيرو ڪندا آهن. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ توهان اهي لفنگا آهيو، جن کي سڌ ناهي ته سندن ٺڪاڻو محل آهي يا جيل. يا توهان ايماندار ماڻهو آهي. جيڪي گراهڪ ۽ واپاري وچ ۾ صلح

ڪرائيندا آهن ۽ هاريءَ ۽ ڪوريءَ کي پنهنجي شين جي مٽاسٽا ڪرڻ لاءِ همٿائيندا آهن ۽ پنهنجي منصفاڻي طريقي ڪار ڪري پاڻ کي ۽ ٻين کي فائدو پهچائين ٿا. جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ توهان اهي عظيم انسان آهيو جن جي نيڪي يا بدي ڪرڻ سان ڪو فرق نہ ٿو پوي. ڇا توهان مذهبي اڳواڻ آهيو. جيڪي رنگيل ڪپڙا پائي عقيدتمندن جي سادگيءَ جو ناجائز فائدو وٺي، انهن جي محنت جي موڙيءَ مان مٿي تي سونو تاج پهرين ٿا ۽ اهي شيطان جي ٺي خزاني تي پلجي پوءِ شيطان جي ٺي مخالفت ڪندا آهن- جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ توهان ڪافر آهيو. ڀلي توهان رات ڏينهن روزا رکو نمازون پڙهو، ان سان ڪو فرق نہ ٿو پوي- يا توهان ايماندار آهيو. جن جو روح ڪماليت جي ڏاڪڻ جيان هوندو آهي ۽ اهي پنهنجي قوم ۽ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندا رهندا آهن. جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ توهان سچائيءَ جي باغيچي ۾ ٻيٺل سوسن گل جيان آهيو. پوءِ جيڪڏهن توهان جي سرهاڻ ماڻهن مان ختم ٿي وڃي يا هوا ۾ غائب ٿي وڃي، تہ ان سان ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي ۽ اها هميشہ هوا ۾ قائم رهندي- يا توهان صحافي آهيو جيڪي پنهنجا اصول غلاميءَ جي مارڪيٽن ۾ وڪڻندا آهن ۽ اهي اجائي بڪ بڪ، بدقسمتي ۽ گناهہ جا ڪم ڪرڻ ڪري مڇي مواڙ تي پوندا آهن. جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ توهان ان ڳجهہ وانگر آهيو. جيڪا ڍونڍ لاءِ جهٽ هڻندي وتندي آهي- يا توهان ترقي يافتہ دؤر جا استاد آهيو. جيڪي ماضيءَ جي واڪاڻ ڪيان متاثر ٿيل آهن ۽ انسان ذات کي چڱائيءَ جو درس ڏين ٿا ۽ جيئڻ جون ٿا، تيئن ڪن ٿا. جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ توهان بيمار انسان ذات لاءِ شفا ۽ زخمي دل لاءِ مرهم مثل آهيو- يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان گورنر آهيو جيڪي پنهنجي رعيت کي لتي، انهن کي پنهنجي مفاد لاءِ استعمال ڪندا آهن. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ توهان ٻاهر جي پڙ ۾ ڍڳن جي ڪرن جيان آهيو- ڇا توهان هڏ ڏوکي ملازم آهيو؟ جيڪي ماڻهن جي ڀلائيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ سرگرم هوندا آهن. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ توهان ڪيتيءَ جي رحمت جيان آهيو- يا توهان مڙس آهي؟ جيڪي پنهنجي غلط ڪمن کي صحيح ۽ پنهنجي جيون ساٿيءَ جي صحيح ڪمن کي غلط چوندا آهن. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ توهان انهن وحشين جيان آهيو جيڪي غارن ۾ رهندا آهن ۽ پنهنجي اوگهڙ ڪلن سان ڍڪيندا آهن- يا توهان وفادار ساٿي آهيو جنهن جي گهر واري هر وقت ان جي ڏکن سکن ۾ ساٿس گڏ ۽ ڀاڱي ڀائيوار رهندي آهي. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ توهان ائين آهيو جيئن ڪو پرهه ڦٽي کان پنهنجي قوم سان گڏ عمل ۽ دانائيءَ جي ڀيهريءَ ڏانهن پنڌ ڪري ٿو- ڇا توهان ليکڪ آهيو جيڪي فخر ته ڪندا آهن، پر انهن جو ذهن ماضيءَ جي اوڙاهه ۾ پڌل هوندو آهي. جنهن ۾ بيڪار ۽ ردي ليڙن جا ڍير پيل هوندا آهن. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ توهان پاڻيءَ ۾ پڌل راند جي ميدان جيان آهي- ڇا توهان ذهين ۽ سوچيندڙ ذهن جا مالڪ آهيو. جيڪي پنهنجو پاڻ تي سوچيندا آهن ۽ براين ۽ بيڪار ڳالهين کان پاسو ڪندا آهن. صرف اهو ڪم ڪندا آهن- جيڪو ڪارائتو ۽ فائديمند هوندو آهي، جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ توهان بکين لاءِ "من وسلويٰ" (اهو کاڌو جيڪو بني اسرائيلين کي عربي رڻ پٽ ۾ مليو) ۽ اڃين لاءِ ٿڌي ۽ شفاف پاڻيءَ مثل آهيو.

ڇا توهان شاعر آهيو جن جو ذهن بيڪار ڳالهين سان ڀريل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ اوهان انهن نيم حڪيمن جيان آهيو. جيڪي پاڻ روئي اسان کي ڪلائيندا آهن ۽ پاڻ کلي اسان کي روئاريندا آهن- يا توهان انهن ذات ڏٺين مان آهيو جن کي خدا اهڙو سرندو ڏئي ڇڏيو آهي، جنهن سان هو بهشتي موسيقي ڳائي، انساني دلين کي پرچائيندا آهن ۽ انسان ذات کي زندگيءَ ۽ ان جي سونهن جي ويجهو آڻيندا آهن. جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ توهان اسانجي راهہ ۾ روشني ڏيندڙ بتي، اسان جي دلين ۾ اڪير ۽ اسان جي خوابن ۾ "الهامي آواز" جيان آهيو. اهڙيءَ ريت انسان ذات ٻن وڏن گروهن ۾ ورهايل آهي، هڪڙا اهي جيڪي پراڻ پرست آهن ۽ پنهنجي پراڻن ڳالهين تي قائم آهن ۽ جڏهن هو زندگي جي راهن تي هلندا آهن تہ ائين پيائيندا آهن ڄڻ ڪو جبل جهاڳي آيا آهن ۽ سهڪي پوندا آهن. پر دراصل اهي اوڙاهہ جي تري ۾ ڪري رهيا هوندا آهن ۽ ٻئي گروهہ ۾ وري نوجوان نسل اچي وڃي ٿو. اهي زندگيءَ جي راهن تي سريلا گيت ڳائيندا اکڙ سان اڳتي وڌندا رهن ٿا. پهاڙي چوٽيءَ ڏانهن ائين چڙهندا ويندا آهن، ڄڻ ڪا جنوني قوت انهن کي کنيو پئي وڃي. مسيحا پائرو! انهن ٻنهي گروهن مان توهان جو تعلق ڪهڙي گروهہ سان آهي؟ اهو سوال پنهنجو پاڻ کان رات جي سانت ۾ پڇندا ڪريو. فيصلو پاڻ ڪريو تہ توهان جو تعلق ماضيءَ جي غلامن سان آهي يا ايندڙ وقت جي آزاد ماڻهن سان.

"المهتدي" موتي پنهنجي پناهہ گاهہ ۾ آيو. ڪيترائي مهينا گوشہ نشينيءَ ۾ رهي، آقا جي سيڪاريل دانائيءَ جي سبقن ۽ يادگيرين تي سوچيندو رهيو. هن گهڻو ڪجهہ برابر پر اجا ڪي ڳالهيون هيون، جيڪي هو سکي نہ سگهيو هو ۽ نہ ئي وري آقا

ٻڌايون هيس. هن پڪو پهه ڪري ڇڏيو ته هو تيستائين پناهه گاهه کان ٻاهر نه نڪرندو جيستائين آقا جو سيڪاريل سچو سبق ياد ڪري نه وٺندو ۽ پوءِ اهو پنهنجي همه وطنن کي ٻڌائيندو. اهڙيءَ ريت "المهتديؒ" آقا جي ڇڏيل علمي سرمائي جي مطالعي ۾ رڌل ۽ پنهنجو پاڻ ۽ آسپاس کان بلڪل غافل رهيو. ويندي انهن ماڻهن کي به وساري ڇڏيائين، جيڪي بيروت جي بازارين ۽ گهٽين ۾ سندس ڳالهين کي ڪن ڏيئي ٻڌندا هئا.

سندس چاهيندڙن وٽس پهچڻ ۽ ساڻس ملڻ لاءِ ڏاڍو پاڻ پتوڙيو، پر سڀ ناڪام ويا. ايستائين جو لبنان جي گورنر ڏانهس پيغام موڪليو ته هو اچي سرڪاري عملدارن کي خطاب ڪري، پر هن جواب ۾ چوائي موڪليو ته "توهان ۽ ٻين سڀني ماڻهن لاءِ آئون جلد ئي هڪ خاص پيغام ڪٺي ايندس." گورنر پنهنجي رعيت کي هدايت ڪئي ته جنهن ڏينهن "المهتديؒ" اچي ته ان جو شاندار استقبال ڪيو وڃي ۽ ڪيس گهرن، مسجدن، مندرن، ديولن ۽ سڪيا گهرن ۾ غور سان ٻڌو وڃي- ڇو ته هن جو آواز پيغامبر جو آواز آهي.

جنهن ڏينهن "المهتديؒ" پنهنجي ڪمر کي اڪيلي وڌائڻ لاءِ آخري ڀيرو پناهه گاهه کان ٻاهر نڪتو ته اهو ڏينهن سڀني ماڻهن لاءِ خوشين ۽ شادمانن جو ڏينهن هو. هن بغير ڪنهن رنڊ روڪ جي ڳالهايو ۽ ٻائيءِ ۽ پيار جي خوشبريءَ سان تبليغ ڪندو رهيو. ڪنهن کي به اها همت نه ٿي، جو هو ڪيس جلاوطنيءَ يا ٻيات مان نيڪاليءَ جا دڙڪا ڏئي. سندس آقا ڪيترو نه بدقسمت هو جو هن جي قسمت ۾ آخري سزا جلاوطني ۽ نيات مان نيڪالي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"المهتدي" جا لفظ سچي لبنان ۾ ڏاڍي ڏيان سان پڌا ويا. جلد ئي اهي ڪتابي صورت ۾ ڇپجي پڌرا ٿي آيا ۽ قديم "فونيشيا" ۽ ٻين عرب ملڪن ڏانهن پڻ خطن ذريعي موڪليا ويا. انهن خطن مان ڪجهه آقا جا پنهنجا لفظ هئا ۽ ڪجهه آقا ۽ خليفي طرفان دانائيءَ جي ڪتابن مان ڪٺا ڪيا ويا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آقا جا زندگي جي باري ۾ خيال

زندگي اڪيلائي جي اونهي سمند ۾ هڪ ٻيٽ مثل آهي. جنهن جون ٽڪريون اميدون، وڻ خواب، گل گوشه نشيني ۽ نهرون پياس مثل آهن. اي منهنجا دوست! تنهنجي زندگي اهو ٻيٽ آهي، جيڪو ٻين ٻيٽن کان مختلف آهي. اها ڪا عجيب ڳالهه نه آهي ته ڪيترائي جهاز تنهنجي ڪنارن کي ڇڏي، ڏورانهن ڏيهن ڏي وڃي چڪا آهن، ڪيترائي جهاز تنهنجي لاءِ آيا آهن، پر پوءِ به تون ساڳيو هيڪلو ٻيٽ آهين، اڪيلائي جون تڪليفون پيو برداشت ڪرين ۽ خوشين لاءِ تڙفين پيو. تنهنجا ساٿي توکان بي خبر آهن ۽ تون سندن همدرديءَ کان ڏور ڏڪيل آهين.

منهنجا ڀاءُ! مون توکي سوني ٽڪريءَ تي ڏاڍو خوش ويٺل ڏٺو آهي. تون پنهنجي دولت تي مغرور آهين ۽ تنهنجو ڏن دولت ۾ پختو ويساهه هڪ لڪل ڪڙي آهي جيڪا ٻين ماڻهن جي سوچن. خواهشن کي تنهنجي خواهشن ۽ سوچن سان ملائي ٿي. مون توکي پنهنجي فاتح لشڪر جي اڳواٽي ڪندي دشمن جي مورچن کي تباهه ڪندي ڏٺو. جڏهن مون ٻيهر ڏٺو ته هڪ ويران دل تنهنجي خزاني ۾ سوڻا تنبيندي نظر آئي ۽ هڪ اڃايل پکيءَ کي سوني پڃري ۾ قيد ڏٺم، جنهن جي اڳيان پاڻي واري پيالي خالي هئي. منهنجا ڀاءُ! مون توکي واڪاڻ جي تخت تي ويٺل ڏٺو آهي ۽ تنهنجي چوڌاري تنهنجا ماڻهو تنهنجي شان ۽ شوڪت تي واهه واهه پيا ڪن. تنهنجي واکاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا گيت پيا ڳائين، تنهنجي دانائيءَ کي پڏائين پيا، توکي ائين پيا ڏسن جڻ تون کو پيغامبر هجين ۽ اهي ايترا تہ خوش آهن جهڙو کر هو بهشت جي چانوَ ۾ بيٺا آهن. تو پنهنجي رعيت کي جڏهن گهوري ڏٺو تہ مون تنهنجي منهن تي خوشي ۽ سوڀ جا آثار ڏٺا ۽ تون هنن جي جسمن ۾ روحن جيان جرڪندو ڏسڻ ۾ آئين.

پر مون جڏهن توکي ٻيهر ڏٺو تہ تون مون کي پنهنجي اڪيلائيءَ ۾ اڪيلو نظر آئين ۽ پنهنجي تخت گاهہ جي پاسي وٽ بيٺل ڏسڻ ۾ آئين، ائين جڻ کو جلاوطن، اجاتل ديوتائن اڳيان رحم ڪرم لاءِ هٿ پکيڙيو بيٺو هجي، پناهہ لاءِ ليلائيندو هجي. پر پوءِ بہ تولاءِ مون مائهن ۾ کا همدردي نہ ڏٺي. منهنجا ياءُ! مون توکي کنهن عورت تي اکن چکن ٿيندي ڏٺو آهي ۽ سندس پيار جي قربانگاهہ ۾ دل نذراني طور پيش کندي ڏٺم. پر جڏهن مون ان عورت کي ڏٺو تہ هوءَ توکي کوملتا ۽ ماءُ جي پيار سان گهوري رهي هئي. مون پنهنجي منهن چيو: "اي پيارا! شل وڏي جمار ماڻين!! هن ماڻهوءَ جي اڪيلائي کي ختم ڪري، هن جي دل ڪنهن ٻئي سان جوڙي ڇڏي اٿئي."

تنهن هوندي بہ مون جڏهن ٻيهر ڏٺو تہ مون کي تنهنجي پيار ڀري دل ۾ ٻي خالي دل نظر آئي. جيکا سندس راز هرويرو عورت کي ٻڌائڻ لاءِ رڙي رهي هئي ۽ تنهنجي پيار ڀرئي روح جي لڪ ۾ ٻئي اڪيلي روح کي ڪنهن ڀٽکندڙ بادل جيان ڏٺم. جيکو لڙک بنجي سندس محبوبہ جي نيڻن ۾ سمائجڻ لاءِ آتو هو. منهنجا ياءُ! تنهنجي زندگي ان ويران وستيءَ مثل آهي، جيکا ٻين مائهن جي رهائشگاهن کان پري آهي. هي اهڙو گهر آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ ٻاڙبسريءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهور بيهي نٿي سگهي. جيڪڏهن اهو گهر اونداهيءَ ۾ ٻڏل هجي ته ان کي پاڙيسريءَ جو ڏيئو روشن ڪري نٿو سگهي. جيڪڏهن اهو گهر خالي هجي ته تنهنجي پاڙيسريءَ جي سڀڏي سامان سان ڀرجي نٿو سگهجي. جيڪڏهن اهو اجڙيل هجي ته ان ۾ ٻين ماڻهن جا پوکيل ۽ پاليل باغ باغيچا نٿا اپائجي سگهجن. جيڪڏهن اهو گهر ڪنهن جبل جي چوٽيءَ تي هجي ته تون ان کي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي سنواريل حسين واديءَ ۾ نٿو لاهي سگهين.

منهنجا ياءَ! تنهنجي روح جي زندگي اڪيلائيءَ سان گهيريل آهي ۽ جا اهو ايڪانت ۽ اڪيلائيءَ لاءِ نه آهي. تون، تون نه هوندين ۽ آءٌ، آءٌ نه هوندس. جا اها اڪيلائي ۽ ايڪانت نه آهي. جا آئون تنهنجو آواز ٻڌي چوان ته اهو منهنجو آواز آهي ۽ تنهنجو چهرو ڏسي وري پاڻ آئيني ۾ ڏسان ۽ چوان ته اهو منهنجو چهرو آهي، ائين ممڪن نه آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انساني قاعدن موجب ڏرم ويرن (شهيدن) جي باري ۾

ڇا تون غمن جي هندوري ۾ جنم وٺندڙن ، ظلم جي گهر بدقسمتيءَ جي هنج منجهه پلجندڙن مان هڪ آهين؟؟ ڇا تون لڙڪن سان پسيل پورن تي پلجندڙ آهين؟ ڇا تون رت ۽ لڙڪن مليل ميرو پاڻي پي اڃ اجهائيندڙ آهين؟ ڇا تون هڪ سپاهي آهين ۽ مجبورن پنهنجو گهر ٻار ڇڏي لالچ ۾ ميدانِ جنگ ڏانهن وڃين ٿو. جنهن کي تنهنجا اڱواڻ ڊيوٽي ڪوٺين ٿا؟ ڇا تون ٿورو گهڻو خوش رهندڙ شاعر آهين؟ مس ۽ ڪاغذن تي خرچ ڪرڻ ۾ راضي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ ٻئي لوڪ کان بي نياز، ڪنهن پرديسيءَ وانگر ترسيل آهين؟ ڇا تون قيدي آهين، جنهن کي معمولي ڏوهه ڪري نالائق قرار ڏئي، قيد ڪيو ويو آهي، ۽ ڏوهن کان باز اچڻ لاءِ سزا ڏني وئي آهي؟

ڇا تون جوان عورت آهين.جنهن کي الله تعاليٰ بيحد حُسن بخشيو آهي، پر بدقسمتيءَ سان ڪنهن مير ماڻهوءَ جي شهوت جو شڪار ٿي هجين، جنهن توکي ننڍپڻ سان هٿ ڪري تنهنجي دل نه پر تنهنجي جسم کي وڪڻي ڇڏيو هجي ۽ توکي ڏکن ڏولاون ۾ ڦٽو ڪيو هجي؟

جيڪڏهن تون انهن مان هڪ آهين ته پوءِ تون انساني قاعدن موجب ڏرم ويرآهين. پوءِ تون بدقسمتيءَ سان ظالم جي ظلم ۽ بڇڙائيءَ، اميرن جي وحشت ۽ فاحشن جي خود غرضيءَ ۽ لالچ جو نتيجو آهين. اي منهنجا پيارا! تون صبر ڪر، مان مادي دنيا کان پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ئي دنيا آهي، جنهن ۾ رڳو عدل، ڀاجهه، رحم ۽ پيار آهي. تون ٿڌن چانورن ۾ پلجندڙ گل آهين. ڪا هير گهلڻ واري آهي جا توکي سج جي روشنيءَ ۾ پهچائيندي ۽ تون پيهر تڙي پوندين. تون سياري جي برف سان ڍڪيل ڪنهن خالي وڻ جيان آهين، بهار ايندو توکي ساوڪ جا ويس پهرائيندو ۽ تنهنجي مرڪ لڪائيندڙ لڙڪن جي گهونگهٽ کي سچائي چيهاڙيون ڪري ڦِتو ڪندي.

منهنجا ستايل ڀائرو! مان توهان کي ڀاڻ وٽ گهرائيندس مون کي توهان سان محبت ۽ توهان تي ظلم ڪندڙن لاءِ نفرت آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچ ويچار جي باري ۾

زندگي اسان کي هڪ هنڌان ڪٺي ٻئي هنڌ پهچائي ٿي ۽ قسمت اسان کي هڪ حد ڪان ٻي حد تائين اڳتي وڌائي ٿي. اسان انهن ٻنهي ڳالهين ۾ گهيربل آهيون. توهان انهن ٻنهي آوازن کي ٻڌو ۽ پوءِ ڏسو تہ ڪهڙو توهان جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهي ان سان مهاڏو اٽڪايو. سونهن اسان وٽ ائين ظاهر ٿئي ٿي جڻ شان و شوڪت سان تخت تي ويٺل هجي پر اسان انکي شهواني خواهش پوري ڪرڻ لاءِ استعمال ڪريون ٿا: ان جي خلوص جو تاج کسي ان کي پنهنجي برابرين سان بگاڙي ڇڏيون ٿا. پيار نماڻائيءَ جي روپ سان اسان وٽان لنگهي ٿو. پر اسان ان جي ڊپ کان اونداهين ۾ منهن لڪايو ڇڏيون ۽ ان جي نالي ۾ برايون ڪيون ٿا. جيتوڻيڪ اسان مان ڪجهہ داناءُ ماڻهو بہ پيار جي وزن هيٺان دٻجي وڃن ٿا. پر حقيقت ۾ اهو لبنان جي ٿڌڙي هير جيان تمام هلڪو آهي.

دانائي اسان کي پنهنجي ٽيبل تي وٺي اچي ٿي، تہ جيئن اسين ساڻس لذيذ کاڌن ۽ شرابن ۾ حصيدار ٿي سگهون. پر اسان جڏهن ان سان گڏ ويهون ٿا تہ اسان تي لالچ ۽ هيج طاري ٿيو وڃي ٿي. فطرت اسان وٽ پنهنجا مهربان هٿ پکيڙي پهچي ٿي ۽ اسان کي پنهنجي سونهن مان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ حڪم ڪري ٿي، پر اسان ان جي خاموشيءَ کان ائين ٿا ڊڄون جيئن ڪا رڍ بگهڙ کان ڊڄندي آهي ۽ پوءِ شهرن جو رخ ڪريون ٿا. جتي گهٽو گوڙ ۽ گپا گهہ

هوندي آهي. سچائي اسان کي ڪنهن معصوم جي مرڪ يا محبوب جي چمي جي روپ ۾ پڪاري ٿي پر اسان ان سان دشمن وارو ورتاءُ ڪريون ٿا.

انساني دل مدد لاءِ پڪاري ٿي ۽ چوٽڪاري لاءِ ليلائي ٿي، پر اسان ان جي دانهن جي ڪابه پرواهه نه ٿا ڪريون ڇو ته اسان ان کي ٻڌي ۽ سمجهي نٿا سگهون. پر جيڪو ماڻهو ان جون دانهون ٻڌي ۽ سمجهي سگهي ٿو ته اسان ان کي بيوقوف ٿا ڪوٺيون ۽ اسان ان کان پڄندڙ آهيون. اهڙيءَ طرح راتيون گذرنديون رهن ٿيون، پر اسان بي خبريءَ ۾ رهون ٿا ۽ ڏينهن اسان کي پاڪر پائي مبارڪون ڏين ٿا، پر اسان ڏينهن رات جي لاڳيتي دهشت ۾ رهون ٿا.

اسان ڌرتيءَ کي ڇهنيا پيا آهيون جڏهن ته پروردگار جي دل جا دروازا اسان لاءِ هميشه کليل رهن ٿا. اسان زندگيءَ جي روٽيءَ کي لتاڙيون ٿا جڏهن ته بک اسان جي دلين ۾ وڏ وجهي رهي آهي، زندگي انسان لاءِ عظيم ٿل آهي، پر انسان زندگيءَ کان ڪيترو نه پڄندڙ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرين نگاهه جي باري ۾

هيءَ اها گهڙي آهي جيڪا زندگيءَ جي مستيءَ کي بيداريءَ کان ڌار ڪري ٿي. هيءَ دل جي دنيا کي روشن ڪندڙ پهرين نگاهه جو پهريون شعلو آهي. هيءَ پهريون ئي جادوئي پرزو آهي جيڪو دل جي ماڻهن کي توڙي ٿو. هيءَ اها مختصر گهڙي آهي جيڪا وقت جي اتهاس (تواريخ) جا دل اڳيان پردا هٽائي ٿي ڇڏي. هيءَ اها گهڙي آهي جيڪا مستقبل جا ازلي ڳجهه کولي ٿي ڇڏي. هي ٻج آهي جنهن کي پيار جي ديوي" اشتر" خريد ڪري ٿي، محبوب جا نيڻ پيار جي ٻنيءَ ۾ پوکينس ٿيون. محبت جي پاڻيءَ سان ان جي واڌ ويجهه ٿئي ٿي ۽ روح ان جو لاڀارو ڪري ٿو.

محبوب جي پهرين نگاهه سطح سمنڊ تي ترندڙ آتما وانگر آهي ۽ جڏهن خالق ڪل حڪم فرمايو، " پيدا ٿي پئو" تہ ان مان زمين آسمان پيدا ٿي پيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرين؏ چميءَ جي باري ۾

هيءَ ديوتا جي طرفان زندگيءَ جي امرت وٽي مان پهرين سُرڪي آهي. هيءَ شڪ کي ختم ڪري روح کي وندرائيندڙ ۽ دل کي اداس ڪندڙ خاطري آهي، جيڪا اندرکي سرور سان ڀري ٿي ڇڏي. هيءَ زندگيءَ جي گيت جي شروعات ۽ ڪنهن آدرشي انسان جي زندگيءَ جي ڪيل جو پهريون منظر آهي. هيءَ اهو سبنڌ آهي جيڪو عجيب ماضيءَ کي روشن مستقبل سان ملائي ٿو ۽ احساس جي خاموشيءَ ۽ ان جي ڪيتن جي وچ ۾ ڪڙيءَ مثل آهي. هيءَ چئن چپن مان نڪتل دل کي تخت، پيار کي بادشاهه ۽ وفاداريءَ کي تاج جيان مشهور ڪندڙ هڪ لفظ آهي. هيءَ هير جي نازڪ آڱرين جو گلاب جي گل جي چپن تي هلڪو ڇهاءُ آهي، جنهن مان سهائتا جو ٿڌو شوڪارو ۽ مٺڙو پڇتاءُ ظاهر ٿئي ٿو.

هيءَ انهيءَ جادوئي جنون جي شروعات آهي جيڪا پريم پوڄارين کي هن ماپ تور واري دنيا مان ڪڍي خواب ۽ خيال جي دنيا ۾ پهچائي ٿي. هيءَ ٻن سرهن گلن جو ميلاپ آهي ۽ انهن جي سرهاڻ جي ميلاپ سان ٽيون وجود پيدا ٿيو پوي. جهڙيءَ ريت محبوب جي پهرين نگاهه انسان جي ٻنيءَ ۾ ديوتا طرفان پوکجندڙ ٻج مثل آهي. اهڙي ريت پهرين چمي زندگيءَ جي وڻ جي ٽاريءَ ۾ ٽڙندڙ پهرئين گل مثل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاديءَ جي باري ۾

هتي پيار جي شروعات زندگيءَ جي نثر کي تعريف جي گيتن ۾ پچنن ۾ تبديل ڪري، رات جي شروعات من موهيندڙ موسيقيءَ سان ۽ ڏينهن جي شروعات دل لڀائيندڙ گيتن سان ٿئي ٿي. هتي پيار جي اڪير، سڀئي پردا هٽائي، دل جي ايڪانت کي روشن ڪري خوشي پيدا ڪري ٿي.

شادي ٻن ايشورتائن جو ٻنڌڻ آهي جنهن سان ڌرتيءَ تي ٽيون ماڻهو جنم وٺي ٿو. هي وڇوڙي کي ترڪ ڪرڻ لاءِ ٻن دلين جي وچ ۾ پيار جو سٻنڌ آهي. هي اهو ميلاپ آهي جيڪو ٻن دلين جي جدائيءَ کي ختم ڪري ٿو ڇڏي. هيءَ هڪ زنجير جي سوني ڪڙي آهي جيڪا محبوب جي نگاهه کان شروع ٿي ازليت تي ختم ٿئي ٿي. هيءَ آسمان مان وسندڙ اهو مينهن آهي جنهن سان فطر زمين مان رحمت جا ميوا اپائي ٿي. جهڙيءَ ريت محبوبہ جي پهرين نگاهہ انساني دلين ۾ پيار جي ديوتا طرفان پوکجندڙ ٻج مثل آهي ۽ سندس چمي زندگيءَ جي وڻ جي ٽاريءَ تي ٽڙندڙ پهرئين گل مثل آهي. اهڙيءَ ريت وري ٻن پيار ڪندڙن جي شادي / ميلاپ ان ٻج مان ڦٽندڙ پهرئين گل جي پهرئين ميوي مثل آهي.

انساني عظمت جي باري ۾

بهار آيو تہ فطرت جڻ نيٽن ۽ ندين جي وهڪرن ۾ ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنو هجي. باغن ۾ گل تڙي پيا ۽ ماڻهوءَ جي دل کي خوش ڪرڻ لڳا- پوءِ اوچتو فطرت شوخ ٿي پئي ۽ خوبصورت شهرن کي ويران ۽ غير آباد ڪري ڇڏيائين ۽ انسان بہ پنهنجي مرڪ، خوشي ۽ پلاٽيءَ کي وساري ويٺو. هڪ ويلي ڪنهن پيانڪ قوت اهو سڀ ڪجهہ تباهہ ڪري ڇڏيو. جيڪو انسان صدين جي محنت سان تعمير ڪيو هو. پيانڪ موت انسان کي پنهنجي چنبن ۾ پڪڙي ورتو ۽ ان کي چيپاٽي ڇڏيائين. تباهہ ڪار باهين انسان ۽ سندس جوڙيل مڙني شين کي پسم ڪري ڇڏيو. هڪ گهري ۽ خوفائتي راتِ زندگيءَ جي سونهن کي رک هيٺان لڪائي ڇڏيو. خوفائتين شين انساني وستين ۽ هنرن کي تباهہ ڪري ڇڏيو.

زمين جي اندران انهيءَ پيانڪ ۽ تباهہ ڪندڙ ڏکي سان بدقسمتي ۽ تباهي مان هڪ غريب آتما پيدا ٿي پيو، جيڪو هن سڄي منظر کي پري کان گهوريندو رهيو ۽ غم وچان انسان جي ڪمزوريءَ ۽ خدا جي قادر مطلق هجڻ تي سوچڻ لڳو. هو زمين جيءِ تهن ۽ پولار جي ذرڙن ۾ لڪل انساني دشمن جي باري ۾ ويچارڻ لڳو. هن مائرن ۽ پيٽ بڪايل ٻارن جو روئڻ پٽڻ ٻڌڻ شروع ڪيو ۽ ساٿن ڏکن ڏاکڙن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ لڳو. هن قاعدن قانونن جي تنگ نظريءَ ۽ انسان جي نندڙائپ تي ويچاريو. هن جو ذهن ماضيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي يادن ڏانهن ڇڪجي ويو ته ڪيئن نہ ماضيءَ ۾ مائهن جا ٻچڙا پنهنجي گهرن ۾ آرامي هئا ۽ اهي اڄ بي گهر تي اجهي جي ڳولا ۾ ڀڄندا ٿا وتن ۽ پنهنجي خوبصورت شهرن کي پري کان ڏسي روئڻ پٽين پيا. انهن جون اميدون مايوسين ۾، خوشيون غمن ۽ سکيو جيون ڏکن ڏوجهڙن ۾ بدلجي ويو آهي. هو غم، پيڙا ۽ مايوسيءَ جي لوهي چنبن ۾ جڪڙيل غمگين دلين سان ياڳي پائيوار تيڻ لڳو ۽ جيئن ئي اهو روح ان الاهي قانون جي انصاف تي ويچاريندو غمگين ٿي اٿيو، جنهن سان سڄي دنيا جي طاقت لاڳاپيل آهي ته هوءَ (آتما) خاموشيءَ جي ڪنن ۾ سس پس ڪرڻ لڳي:

هن سڄي تخليق جي پسِ پرده ابدي دانائي ڪارفرما آهي. جيڪا هيئڙ ته تباهيءَ ڏمر آئي ٿي، پر اڳتي هلي ان مان بي انداز سونهن جنم وٺندي. تباهي، بربادي ۽ طوفان ڌرتيءَ لاءِ آهن ته حسد ۽ برائي انساني دل لاءِ آهن، جيڪي ڏڪارجن ٿا. جڏهن ڏکويل قوم دانهون ۽ روح راڙو ڪري آسمان ڏاري رهي هئي ته يادگيريءَ منهنجي ذهن کي چتاءَ ۽ اطلاع ڏنا، جيڪي وقت اچڻ تي قانون جو روپ وٺي بيهندا.

مون انسان کي زمين تي اوچا اوچا مينار، محل، شهر ۽ عبادتگاهون جوڙيندي ڏٺو ۽ وقت اچڻ تي ڏٺم ته ڌرتي انهن تي ڏمرجي پئي ۽ انهن سيني کي پنهنجي سيني ۾ دفن ڪري ڇڏيائين.

مون مائهن کي عاليشان محل جوڙيندي ۽ نقاشن کي انهن جون ديوارون چٽساليءَ سان پريندي ڏٺو ۽ وقت اچڻ تي ڏٺم ته ڌرتي پنهنجو وڏو وات ڦاڙي ماهرن ۽ ڪاريگرن جو ناهيل سڀ ڪجهه ڳڙڪائي ڇڏيو. پوءِ مون کي خبر پئي ته ڌرتي ان خوبصورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنوار مثل آهي. جنهن کي پنهنجو حسن نکيرڻ لاءِ انسان جي جوڙيل زيورن جي نه پر پنهنجي ميدانن جي ساوڪ، سامونڊي ڪنارن جي سونهري واري ۽ پهاڙي پٿرن جي ضرورت آهي. پر مون ڏٺو ته انسان تباهيءَ ۽ بربادي جي وچ ۾ بيٺل ان راڪاس مثل هو، جيڪو ڌرتيءَ جي ڪاوڙ ۽ دنيائي قاعدن تي ڳالهيون ۽ چرچا ڪري رهيو هو.

انسان "بابي لان" "نائيوان" "پاليمائره" ۽ "پومپيءَ" جي کنڊرن ۽ روشن مينار جيان ڪڙو هو ۽ هن اتڻ سان هيٺيون امرتا جو گيت ڳائڻ شروع ڪيو.

ڌرتي واپس وٺندي،
اهو سڀ ڪجهه جيڪو هن مان پيدا ٿيو آهي،
چو ته انسان جي ڪا پڇاڙي (آخري خواهش) ناهي-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علم ۽ عقل جي باري ۾

جڏهن عقل توهان سان ڳالهائي ته ان کي ڌيان سان ٻڌو. جيئن توهان جو بچاءُ ٿي سگهي ان جو صحيح استعمال ڪريو ته جيئن توهان هشيار بند ٿي سگهو. ڇو ته پروردگار توهان کي عقل کان سواءِ ٻيو ڪو به هشيار عطا نه ڪيو آهي جڏهن عقل توهان جي تمام گهرائيءَ مان توهان سان مخاطب ٿئي ته توهان ڌيان سان اهو ڪجهه ٻڌو. ڇو ته عقل هڪ سياڻو وزير، وفادار رهنماءُ ۽ داناءُ صلاحڪار آهي. عقل اونداهيءَ ۾ روشنيءَ مثل آهي. سياڻا ٿيو. عقل جي پوئواري ڪريو. جوش کي قبو ڪري ڌيرج کي ساٿي بڻايو ۽ پنهنجا رهنماءُ پاڻ ٿيو.

اجا به وسيع ٿيو ته عقل توهان سان گڏ گڏ هوندو. اهو علم جي مدد کان سواءِ لولو لنگڙو آهي ۽ علم جي مدد کان سواءِ عقل ٻي گهر مفلس جيان آهي ۽ عقل علم کان سواءِ غيرمحفوظ گهر جيان آهي. ايتري تائين جو پيار، انصاف ۽ چڱائي عقل جي ڄهڄهائيءَ کان سواءِ گهٽ ڪارآمد آهن. ڇاڻو ماڻهو عقل کانسواءِ ائين آهي جيئن ڪو بي هٿيار سپاهي ميدان جنگ ۾ هجي، جنهنجي ڪاوڙ دشمن بجاءِ هر وطن جي سدابهار زندگيءَ کي زهر ڪري ٿي ڇڏي ۽ هو خالص پاڻيءَ جي جڳ ۾ ڪنوار ٻوٽيءَ جي ٻج مثل آهي. عقل ۽ علم جو رشتو جسم ۽ روح وانگر آهي ۽ روح کان سواءِ جسم ڪجهه به نه آهي. عقل علم کان سواءِ غير آباد زمين يا گهٽ خوراڪ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلجندڙ انساني جسم جيان آهي. عقل مارڪيٽ ۾ گهٽ وڪامجندڙ شين وانگر نہ آهي. عقل جي قيمت ان جي جهجهائيءَ سان پاڻ وڌي ٿي. ڪو قدردان ئي ان جو ملهہ ڪٿي سگهي ٿو.

بيوقوف ماڻهوءَ کي بيوقوفيءَ کان سواءِ ۽ چرئي ماڻهوءَ کي چريائپ کان سواءِ ڪجهہ بہ نظر نہ ٿو اچي. ڪالهہ مون هڪ بيوقوف کي چيو تہ ”پنهنجي چؤطرف بيوقوفن جو ڳاڻيٽو ڪر.“ هن کلي ڏنو ۽ چيو ”اهو ڪم ڏکيو آهي ۽ تمام گهڻو وقت لڳندو ۽ ان کان بهتر اهو ٿيندو تہ فقط سياڻن جو شمار ڪري وٺجي.“

پنهنجو صحيح ملهہ ڄاڻو تہ توهين امر ٿي ويندؤ. عقل توهان لاءِ روشني آهي، جيڪو توهان کي سچ کان واقف ڪري ٿو. عقل زندگيءَ جو ذريعو آهي. خدا تعاليٰ توهان کي سمجهہ ڏني آهي تہ ان جي روشنيءَ ۾ توهان نہ صرف عبادت ڪريو، پر توهان پنهنجون خوبيون ۽ خاميون پڻ جاچي ڏسو. جيستائين توهان پنهنجي اک جو تر، پاڻ نٿا ڏسي سگهو تہ يقينا توهان ان کي ٻئي ڪنهن جي اک ۾ بہ ڏسي نہ سگهندؤ. هر نئين ڏينهن پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسو ۽ پنهنجي خامين تي نظر رکو، جيڪڏهن توهان ان ۾ ڪا ڪوتاهي ڪئي تہ توهان پنهنجي اندر ۾ موجود علم ۽ عقل اڳيان ڪوڙا ۽ هيچ ٿي پوندؤ.

پنهنجو پاڻ تي ڪڙي نظر رکو، جڻ توهان پنهنجا پاڻ دشمن هجو. نہ تہ توهان پنهنجو پاڻ تي حڪم هلائي نہ سگهندؤ. توهان پهرين پنهنجي خواهش تي ضابطو ڪرڻ سکو ۽ پوءِ ئي پنهنجي ضمير جي ڏسيل واٽ وٺو. مون هڪ دفعي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاٺو ماڻهوءَ کان پڇو: ”بيوقوفيءَ کانسواءِ ٻي هر برائيءَ جو حل آهي.“ ڪنهن ضدي بيوقوف کي چند ڪڏڻ يا ڪنهن موڳي کي سمجهائڻ پاڻيءَ جي سطح تي ڪجهه لکڻ مثل آهي.

حضرت عيسيٰ نابينن کي نور، فالج ۽ ڪوڙهه وارن کي شفا ته ڏئي سگهيو، پر بيوقوف جو علاج اهو به ڪو ڪري نه سگهيو. هڪ سوال غور سان پڙهو ۽ پوءِ توهان يقينا سمجهي وٺندؤ ته ان ۾ ڪٿي خامي آهي. جڏهن توهان جي گهر جو دروازو ڪشادو آهي ته پوءِ اهو به ڏسو ته چور دروازو به تمام سوڙو نه هئڻ گهرجي. اهو ماڻهو جيڪو هٿ آيل موقعي جو فائدو وٺڻ چاهي ٿو. سو ان ماڻهوءَ مثل آهي، جيڪو ان موقعي کي ويجهڙو ته ڏسندو هجي، پر ان کي هٿ ڪري نه سگهندو هجي. خدا تعاليٰ ڪنهن سان ڪڏهن به برائي نٿو ڪري پر ان اسان کي عقل ۽ علم عطا ڪيو آهي ته جيئن اسان ڪوتاهيءَ ۽ تباهيءَ کان بچي سگهون.

وڏا خوشنصيب آهن اهي ماڻهو جن کي خدا تعاليٰ عقل جهڙي نعمت عطا ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳ رنگ جي باري ۾

مون هڪ دفعي پنهنجي چاهڪ ڪان ويهي، سنڌ ۾ ڳالهيون ٻڌيون، منهنجو روح اڻ ڪٽ پولار ۾ پنڌڪڻ لڳو، جتي ڪل ڪائنات هڪ خواب مثل هئي ۽ جسم هڪ سوڙهي قيد مثل هو. منهنجي محبوبہ جو من موهيندڙ آواز منهنجي دل ۾ پيهي ويو.

دوستو! اها موسيقي ئي آهي، جيڪا مون پنهنجي محبوبہ جي شوڪارن ۽ اڌ اچاريل لفظن ۾ ٻڌي آهي. مون پنهنجي دل جي ڌڙڪن سان گڏ پنهنجي محبوبہ جي دل جي ڌڙڪن کي محسوس ڪيو آهي.

منهنجا دوستو! موسيقي روحن جي ٻولي آهي. هن جو آلاپ ان چاولي هير وانگر آهي جيڪا ساز جي تارن کي پيار سان وڄائيندي آهي. جڏهن موسيقي اسان جي احساسن جو در کڙڪائي ٿي تہ اسان جي ماضيءَ جون دل ۾ دفن ٿيل يادون ٻيهر تازيون ٿي پونديون آهن موسيقيءَ جو غمگين سُر اسان کي غمگين ڪري ڇڏيندو آهي ۽ سريلو سر مزيدار يادون ۽ خوشي بخشيندو آهي.

تارن جو آواز اسان کي تڏهن روئاري وجهندو آهي، جڏهن اسان جي ڪنهن عزيز جو لاڏائو ٿي ويندو آهي ۽ اهو ئي تارن جو آواز وري اسان کي تڏهن خوش ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن خداتعاليٰ طرفان اسان کي خوشي حاصل ٿيندي آهي. موسيقي روح لاءِ راحت ۽ دماغ لاءِ سڪون آهي. جڏهن خدا تعاليٰ انسان کي خلقيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين ٻولين سان گڏ موسيقيءَ جي ٻولي پڻ عطا ڪيائين. ابتدائي دؤر ۾ انسان خدا جي واڪاڻ موسيقيءَ جي مدد سان ڳائي ڪئي ۽ پوءِ جڏهن بادشاهن ان کي ٻڌو تہ اهي تخت ۽ تاج کان بي نياز ٿي ويا. اسان جا روح تقدير جي هوائن تي پلجندڙ نرم نازڪ گلڙن مثل آهن. اهي صبح جي ٿڌڙي هير مثل ننڍڙي پوندا آهن ۽ بهشتي ماڪ پوڻ تي ڪومائجي ويندا آهن. صبح جو پکيءَ جو گيت ماڻهوءَ کي ڪچڙي ننڊ مان جاڳائي ٿو ۽ کيس پڪاري ٿو تہ هو بہ ان سان گڏجي ان جي دائمي دانائيءَ جا گيت ڳائي جنهن ان پکيءَ جي گيت کي تخليق ڪيو آهي. اهڙي موسيقي اسان کي سيڪاري ٿي تہ اسان پنهجو پاڻ کان عيب جي باري ۾ پڇون جيڪو قديم دؤر جي ڪتابن ۾ آهي.

جڏهن پکيئڙا ڳائين ٿا تہ ڇا اهي باغيچن ۾ موجود گلڙن کي پڪارين ٿا؟ يا وڻن ۽ ٻوٽن کي سڏين ٿا؟ يا زندگيءَ جي روڻ جهوڻ ۾ شامل ٿين ٿا؟ ڇو تہ انسان پنهنجي سياڻپ سان اهو نہ تو سمجهي سگهي تہ پکيئڙا ڪهڙيون لاتيون ٿا لنون، نہ وري ندين جي روڻ جهوڻ کي سمجهي ٿو ۽ نہ ئي سامونڊي ڪناري سان آهستي آهستي ۽ نزاڪت سان ٽڪرائيندڙ لهرن جي سس پس کي سمجهي سگهي ٿو. انسان پنهنجي ڏاهپ ساڻ وڻن جي پنن ۽ شيشي جي درين تي ڪرندڙ برسات جي بوند جي ٻولي نہ تو سمجهي سگهي. هو نہ تو سمجهي سگهي تہ باغيچن ۾ بهار گلڙن سان ڪهڙا ٻول ٿو ٻولي، پر انسان جي دل انهن آوازن کي سمجهي ۽ محسوس ڪري ٿي، جيڪي ان جي احساسن ۾ شامل آهن. دائمي دانائي اڪثر ساڻس پراسرار ٻوليءَ ۾ مخاطب ٿئي ٿي. روح ۽ فطرت پاڻ ۾ گفتگو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندا رهن ٿا. جڏهن تہ انسان بغير ڪجهہ ڳالهائڻ جي مت جو موڙهو ٿيو بيٺو هوندو آهي. ڇا انسان اجا بہ انهن آوازن تي نہ رنو آهي ۽ نہ ٿي ان جي لڙڪن ۾ ڪا گهري معنيٰ سمايل آهي؟

آسمانيموسيقي!
پيار جي روح جي ڌيءَ،
ڪوڙاڻ ۽ پياري جي گلداني،
انساني دل جو خواب ۽ غمن جو ڦل،
سرهاڻ جو گل ۽ درمنديءَ جو سڳنڌ
پيار جي پوڄارين جي زبان ۽ ڳجهن کي ظاهر ڪندڙ،
لڪل پيار جي لڙڪن جي ماءُ،
شاعرن، منصفن ۽ معمارن کي همٿائيندڙ،
سوچن کي لفظن جي ذرڙن سان ملائيندڙ،
سونهن بنا پيار سٽيندڙ،
خوابن جي دنيا ۾ رهندڙ دل لاءِ شيرين شراب،
سورمن کيهمٿائيندڙ،
روحن کي پڪو ڪندڙ،
ٻاجهہ جا بي انت بحر،
ڪوملتا جا سمنڊ،
ايموسيقي!
اسان پنهنجا روح ۽ دليون تنهنجي گهرائين ۾ رکون ٿا.
تونئي اسان کي اکين سان ڏسڻ ۽ دلين سان ٻڌڻ سيکاريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دانائيءَ جي باري ۾

سياڻو ماڻهو اهو آهي جيڪو خدا سان پيار ڪري ٿو ۽ ان کي ئي ميجتا ڏئي ٿو. ڪنهن به ماڻهوءَ جي خوبي سندس علم ۽ عمل ۾ آهي، نه ڪي سندس رنگ نسل ۽ عقيدي ۾. منهنجا دوستو! ياد رکو ته هڪ ريڊار حو پٽ جنهن کي تمام گهڻو علم هجي سو پنهنجي قوم لاءِ تخت ۽ تاج جي جاهل وارث کان بهتر آهي. علم ئي توهان جي مرتبي جي سند آهي، قطع نظر ان جي توهان جو پيءُ ۽ نسل ڪهڙو آهي. علم ۽ عقل ئي اها دولت آهي، جنهن کي دشمن تباهه نٿو ڪري سگهي. صرف موت ئي توهان ۾ موجود علم جي لاٽ کي جهڪو ڪري سگهي ٿو. ڪنهن به قوم جي دولت ان جو سون چاندي نه پر علم، دانائي ۽ ان جي جوانن جي سچائي آهي.

مصنوعي آت ا جا مالڪ ئي انساني چهري کي خوبصورت ڪري، همدرديءَ ۽ عزت کي جنم ڏيئي سگهن ٿا. هر ماڻهوءَ جي اکين، مهانڊي ۽ ٻين جسماني حرڪتن ۽ رمزن مان روح عيان آهي. اسان جي شڪل ۽ شبيهه، قول فعل ڪڏهن به اسان کان مٿاهان نه آهن. جو ته اسان جو روح گهر مثل آهي. اسان جون اکيون ان جون دريون ۽ اسان جا لفظ ان جا قاصد آهن. علم ۽ عقل زندگيءَ جا به وفادار ساٿي آهن جيڪي ڪڏهن به بيوفا نه ٿيندا. جو ته علم توهان جو تخت آهي ۽ عقل توهان جو رهنما آهي ۽ جڏهن اهي ٻئي توهان وٽ هجن ته توهان لاءِ ان کان وڌيڪ ڪوبه خزانو نه آهي. اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو جيڪو توهان کي سمجهي سگهي سو توهان جي انهن عزيزن کان بهتر آهي. جيڪي اوهان جي اهميت کي نٿا سمجهن.

ڪنهن به بي علم ماڻهوءَ جي دوستي اهڙي بيوقوفي آهي جيئن ڪنهن شرابيءَ سان بحث ڪرڻ. خدا تعاليٰ توهان کي علم ۽ عقل عطا ڪيو آهي. الاهي فضل جي چراغ کي نه وسايو ۽ دانائيءَ جي شمع کي شهوت ۽ غلطين جي انڌاريءَ ۾ اُجهامڻ نه ڏيو. ڇو ته داناءُ ماڻهو هميشه پنهنجي مشعل سان انسان ذات جي راهه کي روشن رکندو آهي. ياد رکو ته هڪ سچاڻ ماڻهو شيطان کي، انڌو عقيدو رکندڙن هزارين ماڻهن کان وڌيڪ نقصان پهچائي ٿو. ٿورڙي پر باعمل چاڻ، تمام گهڻي بي عمل ۽ بيڪار ڄاڻ جي ڀيٽ ۾ املهه آهي. جيڪڏهن توهان جو علم توهان کي شين جي قدر قيمت نٿو سيکاري ۽ توهان کي ماده پرستيءَ کان آجو نٿو ڪري ته توهان ڪڏهن به سچائيءَ جي تخت کي ويجها اچي نٿا سگهو.

داناءَ جي واتان نڪتل دانائيءَ جي لفظن کي سمجهو ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ انهن تي عمل ڪريو. انهن دانائيءَ جي گفتن کي زنده رکو، پر انهن کي برزبان ياد نه ڪريو ڇو ته اهو ماڻهو جيڪو ڪجهه سمجهڻ کان سواءِ بيان ڪري ٿو، سو ان گڏهه مثل آهي جيڪو ڪتابن سان سٿيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار ۽ مساوات جي باري ۾

اي منهنجا مسڪين دوست! جيڪڏهن تون صرف اهو ئي ٿو ڄاڻين تہ مفلسي جنهن توکي بدبخت بڻايو آهي سا ئي زندگيءَ کي سمجهڻ ۽ علم جي انصاف کي پڌرو ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهہ آهي تہ پوءِ تون پنهنجي نصيب تي راضي رهہ. آئون انصاف جو علم سيکاريانءِ ٿو. ڇو تہ طاقتور ماڻهو طاقت ۽ سچائيءَ جي سڌي رستي تي هلڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪري رهيا آهن.

اي منهنجا غريب دوست! تون خوش ٿي، ڇو تہ تون ئي انصاف جو ڇپر ۽ زندگيءَ جو ڪتاب آهين. تون راضي رهہ ڇو تہ تون ئي پنهنجي حڪمرانن جي عزت ۽ عظمت جو ذريعو ۽ رهنمائن لاءِ سچائيءَ جو مينار آهين. اي منهنجا غمگين دوست! جيڪڏهن تون سمجهين ٿو تہ اها بدقسمتي جنهن توکي زندگيءَ ۾ شڪست خورده ڪري وڌو آهي- اها ئي قوت آهي جيڪا تنهنجي دل کي روشن ڪري تنهنجي روح کي ٺٺول ۽ مسخريءَ جي فرش تان کڻي عزت ۽ مجتا جي عرش تي پهچائي ٿي تہ تون پنهنجي نصيب تي راضي رهندين ۽ ان کي پنهنجو ورثو سمجهندين، جا تو کي نصيحت ڪري داناءُ بڻائي ٿي. جيئن تہ زندگي قسمين قسمين ڪڙين مان جڙيل زنجير آهي. غم يا ڏک، حال ۽ مستقبل کي ملائيندڙ ڪڙيءَ مثل آهي. هيءَ ڪچڙي ننڊ ۽ سجاڳيءَ وچ ۾ پرهہ ڦٽي پرياٽ آهي. منهنجا مسڪين ساٿي! غربت روحن جي مرتبي کي ختم ڪري ٿي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دولتِ ان جي اوڻاين کي ظاهر ڪري ٿي. غم احساس کي نرم ڪري ٿو ۽ خوشي زخم دل لاءِ مرهم بڻجي ٿي. جيڪڏهن غم ۽ مفلسيءَ کي رد ڪري ڇڏجي ته انسان جو روح ان تختيءَ مثل آهي، جنهن تي سواءِ لوڀ ۽ لالچ جي ٻيو ڪجهه به اڪريل نه هجي. ياد رکو ته علمِ الاهي ئي انسان جي صحيح سڃاڻپ آهي اها ڪڏهن سون جي عيوض نه وڪامندي آهي نڪو اها اڄ ڪلهه جي اميرن وانگر هڪ هنڌ ڪٺي ڪري سگهجي ٿي. امير ماڻهن پنهنجي الوهيت وڃائي ڇڏي آهي ۽ رکو پنهنجي ڏن دولت کي چنبڙيا پيا آهن ۽ اڄڪلهه جي نوجوانن پنهنجي عظمت کي وساري ذاتي عيش عشرت ۽ خوشيءَ کي اپنايو آهي.

منهنجا غريب دوست! تون پنهنجي ٻنيءَ تان موٽي جيڪا گهڙي پنهنجي زال ۽ ٻچڙن سان گهارين ٿو سا سڀني ايندڙ انساني خاندانن لاءِ اتساهه ۽ ايندڙ نسلن جي مقدر ۾ لکيل خوشيءَ جي علامت آهي. پر اها زندگي جا امير لوڪ ڏن دولت ميڙڻ ۾ گذارين ٿا سا حقيقت ۾ قبر جي ڪيڙن جي زندگيءَ مثل آهي- اها خوف جي نشاني آهي.

اي منهنجا ڏکدائڪ دوست! جيڪي تون لڙڪ لاڙين ٿو سي اميرن جي ٽهڪڙن کان وڌ خالص ۽ ٺٺول ڪندڙن جي ٺٺول کان وڌ مٺڙا آهن. اهي لڙڪ دل کي نفرت کان پاڪ ڪري ٿا ڇڏين ۽ انسان کي ڏکين سان همدردي ڪرڻ سيکارين ٿا. اهي نظرياتي لڙڪ آهن اها سگهه جا تون اميرن لاءِ ٿو پوکين سا ايندڙ وقت ۾ تون پاڻ لڻندين. ڇو ته فطرت جي قانون مطابق "هر شيءِ اسليت ڏانهن موٽي ٿي" ۽ جيڪو تو ڏک سٺو آ سو رزاق جي رضا سان سرهائيءَ ۾

بدلجي ويندو ۽ ايندڙ نسل غم ۽ مفلسيءَ ڪي پيار ۽ مساوات جو سبق سمجهي سگهندا.

مان ابد کان آهيان ۽ ازل تائين رهندس چو تہ منهنجي وجود جي ڪا بہ انتها نہ آهي. انساني دل ان پرندڙ مشعل جو حصو آهي، جيڪا خدا تعاليٰ پيدائش- آدم وقت پاڻ کان جدا ڪري ڇڏي.

منهنجا پائرو! هڪ ٻئي کان صلاح مشورو وٺندا ڪريو ڇو تہ ان سان غلطين ۽ اجائي پيشمانيءَ کان بچڻ لاءِ بهتر راهہ نڪري پوندي آهي. گهڻن جي دانائي توهان لاءِ ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ خلاف ڍال آهي ڇو تہ ائين سمجهو ڇڻ اسان پنهنجي دشمن جو تعداد گهٽايون ٿا. جيڪو ماڻهو صلاح مشورو نٿو وٺي سو بيوقوف آهي. ان جي بيوقوفي کيس حق جي راهہ کان پري ڪري، بڇڙو، هوڏي ۽ سنگت سات لاءِ خطرو بنائي ٿي ڇڏي. جڏهن بہ توهان لاءِ ڪو مسئلو پيدا ٿي پوي تہ ان کي مضبوط ارادي سان منهن ڏيو ڇو تہ اهو ئي اڏول انسانن جو طريقو آهي. هميشہ وڏڙن کان صلاح مشورو وٺندا ڪريو ڇو تہ انهن کي ڪيترن ئي سالن جو مشاهدو هوندو آهي ۽ سندن ڪئين زندگيءَ جا راز ٻڌا آهن. جيڪڏهن انهن جي صلاح توهان کي نہ وڻي تہ بہ کين ڏيان سان ٻڌو.

ڪڏهن بہ ظالم، بڇڙي، گستاخ ۽ بيعزتي ماڻهوءَ مان نيڪ صلاح جي اميد نہ رکو. جيڪڏهن ڪو بڇڙو ماڻهو ڪنهن چڱي ماڻهوءَ وٽ صلاح مشوري لاءِ اچي ۽ پوءِ اهو بہ ان بڇڙي ماڻهوءَ سان هم خيال ٿئي تہ ان کي تڪليف ڏيندا ڪريو- ڇو تہ بڇڙي ماڻهوءَ سان هم خيال ٿيڻ بدنامي آهي ۽ ڪنهن غلط ماڻهوءَ ڏي ڌيان ڏيڻ سان اوهان کي دوکو ئي ملندو آهي. جيڪر مون کي گهڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تجربو، عقل ۽ ڄاڻ نہ آهي تہ آئون پنهنجو پاڻ ہين کي صلاح ڏيڻ جهڙو نہ ٿو ڀانيان. جڏهن بہ توهان کي موقعو ملي تہ سست نہ ٿيو ۽ اپهرائي نہ ڪريو- ائين ڪرڻ سان توهان قبر جي خطائن کي ٽاري سگهو ٿا. منهنجا دوست! ان ماڻهوءَ وانگر نہ ٿيو جيڪو ٻاهر جي پاسي سان ان جي نگهباني ڪندو هجي ۽ ٻاهر کي وساءِندڙ ڏسندو رهي ۽ پوءِ ٿلهي خاڪ کي ويهي ڦوڪون ڏئي. ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيو نراسائيءَ اڳيان آڻ نہ مڃو- ڇو تہ جيڪي ڪجهہ گذري چڪو ان تي روئڻ پٽڻ اجايو آهي ۽ اها انسان جي ڪمزوري آهي. ڪالهہ مون پنهنجي ڪيل ڪمن تي پڇتايو ۽ اڄ جڏهن مون پنهنجو ڪمان پڇي، تيرڏان تباهہ ڪري ڇڏيو آهي تہ پنهنجي ڪيل خامين ۽ برائين کي سمجهي ورتو اٿم.

منهنجا ڀاءُ! توهان ڪير آهيو؟ ڇاهي ڪليسا ۾ پوڄا پاٺ ڪندڙ آهين، تڪائي وڃي جهڪندو آهين يا مسجد ۾ وڃي عبادت ڪندڙ آهين، مون کي توهان پيارو آهين. توهان ۽ مان سڀ هڪ ئي ڌرم جا مڃيندڙ آهيون- ڇو تہ مذهب جا اونها رستا ڪنهن اعليٰ هستيءَ جون شفيق آڱريون آهن بلڪہ هڪ اهڙو هٿ آهن جيڪوسڀني ڏانهن ٻاجهہ لاءِ وڌي ٿو- سڀني روحن کي تڪميل بخشي ٿو ۽ سڀني کي حاصل ڪرڻ جو خواهان آهي. خداتعاليٰ توهان کي پڙن سان روح عطا ڪيا آهن. جن جي مدد سان توهان پيار ۽ آزاديءَ جي وسيع آڪاش ۾ پرواز ڪري سگهو ٿا. ڇا اهو (خداتعاليٰ) رحمدل نہ آهي جو توهان پنهنجا پر پنهنجي هٿن سان ڪپي پنهنجي روح کي آزاريو ۽ پوءِ اهو روح زمين تي جيتن وانگر ريڙهيون پائي. منهنجا روح جيئڻ پرهہ ڦٽيءَ کي ويجهي رات جي تيز اڏام ۽ درياهہ جي سير وانگر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پـڏنـدڙ

اي هوا! تون جيڪا هينئر هينئر منڙو منڙو ۽ سريلو راڳ ڳائيندي ۽ آهون ڀريندي، روئندي پٽيندي اسان جي ڀرسان گذري رهي آهين- اسين توکي ڀڏون پيا، پر توکي ڏسي نـٿا سـگهون. اسـان تنهنجو ڇهاءُ تہ محسوس ڪريون ٿا پر تنهنجي شڪل شبيهہ تشڪيل ڏسي نٿا سگهون. تون پريم جي هڪ مهاساگر جيان آهين جيڪو اسان جي دلين کي پيار سان تمتار تہ ڪري ٿو ڇڏي پر انهن کي ٻوڙي نٿو. تون پهاڙين تي مٿي وڃي ماٿرين ۾ هيٺ لهي ٿي اچين ۽ پنهنجو پاڻ کي چراگاهن ۽ ميدانن ۾ ڦهلائيندين ٿي اچين. تنهنجي چاڙهيءَ ۾ مضبوطي، لاهيءَ ۾ مروت ۽ ڦهلاءَ ۾ سونهن آهي. تون هڪ رحمدل بادشاهہ وانگر آهين جيڪو مظلومن تي مهربان ۽ مغرورين ۽ طاقتورن لاءِ سخت آهين.

سرءُ ۾ تون ماٿرين جي معرفت افسوس ٿي ڪرين ۽ وڻن ٽڻ مان تنهنجي روئڻ پٽڻ جو پڙاڏو ٿو اچي. سياري ۾ تون پنهنجون سڀ زنجيرون ٽوڙي ٿي ڇڏين پوءِ ساري فطرت توسان بغاوت ٿي ڪري. بهار ۾ جيتوڻيڪ ڪچڙي ننڊ مان هيٺي ۽ نبل ٿي اٿين ٿي، پر پوءِ بہ پنهنجي جوش ۽ جذبي سان سيني پوکن کي بيدار ڪري ٿي وٺين. اونهاري ۾ تون خاموشيءَ جي پردن پٺيان مئلن وانگر ٿي هجين جڻ توکي سج جي تيرن ۽ گرمين جي بڙڇين سان ماريو ويو هجي.

ڇا تون گذريل خزان ۾ سچ پچ روئي رڙي رهي هئينءَ يا ننگن وڻن جي ڳاڙهن ڇهرن تي کلي رهي هئينءَ- ڇا تون سياري ۾ ڪاوڙيل هئينءَ- يا رات جي برف پوش قبي جي چوڌاري رقص ڪري

رهي هئين٤. چا تون بهار ۾ سچ پچ گهايل ٿي هئين٤ يا تون پنهنجي محبوبہ "هر مند جي جوين" جي وڇائجڻ ڪري رنجيده هئين٤- چا تون اونهاري ۾ اتفاق سان مري وئي هئين٤ يا تون ميوون جي دلين ۾ انگورن جي اکين ۾ سمهي پئي هئين٤- يا تون ڳاهہ جي پڙن ۾ ڪنڪ جي ڪوڙن ۾ سمهي پئي هئين٤.

شهرن جي گهٽين مان تون ڏکن جا ڄج چتيندي ۾ پهاڙين تان گلڙن جو سرهو ساهہ اڏائي وئين٤، اهڙيءَ ريت مها آتما جيون جا ڏک سهي ٿو ۾ خاموشيءَ سان ان جا مزا ماڻي ٿو. تو گلاب جي گل کي ڪن ۾ ڪا راز جي ڳالهہ ٻڌائي، جنهن کي سمجهڻ کان پوءِ هو اکثر ڏکارو رهيو ۾ پوءِ سرهو ٿي پيو. انساني روح سان بہ خدا جو اهڙوئي تعلق آهي، هينئر ٿي- تون ترسين٤، ۾ هينئر ٿي هيڏانهن هوڏانهن پئي وڃين. انسان جو دماغ بہ اهڙو آهي. زندهہ آهي تہ ڪم ڪري ٿو ۾ جي مري ٿو تہ بيڪار آهي. تون پنهنجا گيت سمنڊ جي سطح تي لکي وري ميساري ٿي ڇڏين. شاعر بہ ڪا شيءِ تخليق ڪرڻ مهل ائين ٿي ڪندو آهي. ڏکڻ کان تون پيار وانگر گرم گرم ٿي اچين ٿي ۾ اتر کان موت جهڙي سرد. پورب کان ڪنهن آتما جي نفيس ڇهاءَ جيان اچين ٿي ۾ اولهہ کان ڪاوڙ ۾ غصي وانگر خوفناڪ ٿي اچين ٿي. چا تون عمر وانگر پولار (ڳتي خور) آهين يا تون قطب نما جي چئني طرفن کان ٻاري خبرون آڻيندڙ قاصد آهين. تون بيابانن تي ڪاوڙ ٿي ڪرين ۾ تون ئي معصوم قاتلن کي پنهنجي پيرن هيٺان چيپاٽين، واريءَ جي ذرڙن ۾ دفنائي ٿي ڇڏين. چا تون اها ساڳي چنچل هير آهين جيڪا پرهہ ڦٽيءَ مهل تارين ۾ ۾ گهلندي آهي ۾ وادين جي ورن وڪڙن مان ڪنهن خواب وانگر غائب ٿي ويندي آهي- جتي گلڙا بند ڳيءَ ۾ جهڪندا آهن ۾ گاهہ تنهنجي ساهہ جي مستيءَ سان نمي پوندا آهن. تون بحرن مان اچين ٿي ۾ انهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاموش گهراين کي پنهنجي زلفن کان وٺي جهنجهوڙيس ٿي ۽ تون ڪاوڙ وقت جهازن ۾ ۽ عملي ۾ رهين ٿي. ڇا تون اها ساڳي ئي نفيس هير آهين، جيڪا پارن جي وارن جي چڳن سان لاڏ ڪوڏ ڪندي آهي- جڏهن هو پنهنجي گهرن جي آس پاس کيڏي رهيا هوندا آهن.

تون اسان جي دلين، سرد آهن، ساهه جي سهڪڻ ۽ مرڪن کي ڪهڙي ماڳ تي کنيو ٿي وڃين؟ تون اسان جي روحن جي اڏندڙ ٻتين کي ڇا ڪندين؟ ڇا تون انهن کي زندگيءَ جي افق کان مٿي کڻي ويندين؟ ڇا تون انهن کي صدقو ڪرڻ جهڙين شين وانگر ڊورانهين هيبتناڪ غارن ۾ قربان ڪرڻ لاءِ کڻي ٿي وڃين؟ خاموش راتين ۾ دليون توکي راز ٻڌائين ٿيون ۽ پرهه ڦٽيءَ مهل تنهنجي نفيس ڇهاءَ سان اکڙيون کلن ٿيون. ڇا توکي خبر آهي ته دل ڇا ٿي محسوس ڪري ۽ اکين ڇا ڏٺو؟ تنهنجي کنيڙاتين وچ ۾ ڏکيرو ماڻهو پنهنجي غميگين گيتن جو پڙاڏو ٻڌي ٿو. يتيم پنهنجي ٻڳل دل جا ٽڪرا پسي ٿو ۽ مظلوم پنهنجون درد ڀريون آهون ٻڌي ٿو. تنهنجي چوغي (لباس) ۾ اجنبيءَ کي اڪير، رهيل کي پنهنجو بوجهه ۽ ڪريل عورت کي پنهنجي نراسائي ملي ٿي. ڇا تون انهن سڀني کي نماڻائيءَ سان محفوظ ڪري رکين ٿي. يا ڌرتي ماتا آهين جيڪا جنهن شيءِ کي خلقي ٿي، ان کي ئي وري دفنائي ٿي ڇڏي؟؟ ڇا تون اهي سڀ آهون دانهون ٻڌين ٿي؟ ڇا تون هي تڏا شوڪارا ۽ ڪوڪون ٻڌين ٿي؟ يا تون ان ڏاڍي ۽ مغرور جيان آهين جيڪو ڦهليل هٿن ڏي نه ڏسندو آهي ۽ نه ئي وري غريبن جون دانهون ٻڌندو آهي؟ اي سيني ٻڌندڙن جا روح توهان ٻڌو پيا؟-

پريم ۽ جوڀن

هڪ نوجوان، زندگيءَ جي پرھ ڦٽيءَ مهل پنهنجي هيڪلي گهر ۾ بينچ تي ويٺو آهي. هينئر هن دريءَ مان ٻاهر تارن ڀريل آسمان ڏانهن ڏٺو. هينئر هن جي هٿ ۾ هڪ ڪنواريءَ جي تصوير آهي ۽ سندس نظرون ان تصوير ۾ کتل آهن. ان تصوير جون ليڪون ۽ رنگ سندس تخليقار جو مظهر هيون. هينئر انهن جو عڪس ان نوجوان جي ذهن تي پيو ۽ ڪيس دنيا جي اسرارن ۽ ازليت جي ڳجهن کان آشنا ڪيائين.

عورت جي تصوير نوجوان کي پاڻ ڏانهن سڏيو ۽ انهيءَ ئي مهل ان جون اکيون ڪنن ۾ تبديل ٿي ويون، جيئن هو سندس ڪمري مٿان گهمندڙ روحن جي ٻولي سمجهي ۽ پوءِ هن جي دل پيار سان ڏئيبجي پئي. اهڙي طرح جيڪي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذريا سي ڄڻ ڪر خواب هجن، يا ازليت جي زندگيءَ جو هڪ سال هجي. پوءِ نوجوان اها تصوير کڻي پنهنجي اڳيان رکي- پنهنجو قلم کڻي پنهنجي دل جي احساسن کي ڪنهن چمائي پني تي اتارڻ لڳو!

” اي پريتم! سچائي جا پوري فطرت کان بالاتر آهي سا انساني ڳالهين ذريعي هڪ هستيءَ کان ٻي هستيءَ تائين پهچائي نٿي سگهجي. سچائي خاموشيءَ ذريعي پنهنجو مطلب پريم پوڄارين تائين پهچائي ٿي. آئون ڄاڻان ٿو تہ رات جي سانت اسان جي دلين وچ ۾ تمام بهترين قاصد آهي جو تہ ان وٽ پيار جو پيغام آهي ۽ اها

اهڙي طرح انساني دلين جي گيتن کي بيان ڪري ٿي، جهڙي طرح خدا اسان جي روحن کي جسم جو قيدي ڪيو آهي ائين پيار مون کي لفظن ۽ ڳالهين جو قيدي بنائي وڌو آهي.

اي پريتم! پيار انسان جي دل ۾ ٻرندڙ شعلو آهي مون توسان پنهنجي پهرين گڏجاڻيءَ ۾ ائين ڀانيو ڄڻ آئون توکي صدين کان سڃاڻندو هوس ۽ جدائيءَ مهل ائين ڀانيم ته ڪابه اهڙي طاقتور شيءِ نه آهي جيڪا توکي مون کي جدا رکي سگهي. توتي منهنجي پهرين نگاهه حقيقت ۾ پهرين نه هئي اها گهڙي جنهن ۾ پنهنجون دليون مليون تنهن منهنجي من ۾ روح جي امرتا ۽ ازليت ۾ پختو يقين پيدا ڪري ڇڏيو. ان ويل فطرت مظلومن تان گهونگهٽ لاهي مٿن آمر انصاف نازل ڪري ٿي.

اي پريتم! ڇا تون ان نديءَ کي ياد ڪرين ٿي جنهن جي ڪناري تو ۽ مون ويهي هڪ ٻئي کي گهوريو هو؟ ڇا توکي خبر آهي ته تنهنجي نيڻن ان گهڙيءَ مون کي ٻڌايو هو ته تنهنجو پيار، رحم نه پر انصاف مان پيدا ٿيل آهي؟ هاڻي آئون پنهنجي پاڻ ۽ جڳ آڏو اهو اعلان ڪري سگهان ٿو ته اهي انعام جيڪي انصاف مان ملن ٿا، سي خيرات ۾ مليل شين کان بهتر آهن ۽ آئون اهو به چئي سگهان ٿو ته پيار جنهن قسمت جي ڪُک مان جنم ورتو آهي سو ڍوري ٻجي ٻيٺل پاڻيءَ جيان آهي.

اي پريتم! زندگي مون کي اڳتي ڇڪيندي ٿي وڃي- جيڪا آءٌ فخر ۽ سونهن سان ڳاهيان ٿو. هڪ زندگي جيڪا پنهنجي پهرين ملاقات کان شروع ٿي ۽ ازليت تي ختم ٿيندي. آءٌ ڄاڻان ٿو ته تون ان طاقت کي اڀاري سگهين ٿي جيڪا خدا مون کي عطا ڪئي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا وڏن وڏن لفظن ۾ ڪمن ۾ سمايل آهي ايستائين جو سڄ زندگيءَ ۾ ۾ پنهنجي مان سرها گل سمائي ٿو.

اهڙيءَ ريت تو لاءِ منهنجو پيار هميشه رهندو."

نوجوان اٿيو ۽ آهستي آهستي باادب طريقي سان ڪمري جي ٻئي پاسي هليو ويو. هن دريءَ مان نهاريو تہ چنڊ ڪي افق تان ايرندي، ڪشادي آسمان کي پنهنجي نفيس چاندوڪيءَ سان روشن ڪندي ڏٺائين- پوءِ هو پنهنجي ميز تي آيو ۽ لکيائين:

اي پريم! مون کي معاف ڪر. مون توسان ضمير حاضر ۾ ڳالهايو جو تہ تون منهنجي وجود جو ٻيو خوبصورت حصو آهين، جنهن جي کوٽ مون ۾ تيستائين هئي، جيستائين خدا توکي ۽ مونکي پنهنجي پوتر هٿ سان هڪ نہ ڪيو هيو. اي پريتم مون کي معاف ڪر...!!!-"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دانائي ۽ آئون

رات جي سانت ۾ دانائي منهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ منهنجي پلنگ لڳ اچي ويٺي. ان مون کي پيار ڪندڙ ماءُ وانگر گهوري، ڏٺو، منهنجا لڙڪ اگهيائين ۽ چوڻ لڳي، ”مون تنهنجي اندر جون آهون ٻڌيون آهن ۽ توکي راحت بخشڻ لاءِ هتي آئي آهيان. پنهنجي دل جا دروازا کولي ڇڏ جانءِ، ته جيئن آءُ ان کي نور سان ڀري ڇڏيان- مون کان پڇ ۽ آءُ توکي سچائيءَ جي واٽ ڏيکاريندس.“ مون سندس چوڻ تي کانئس پڇيو: ”اي دانائي! آءُ ڪير آهيان ۽ هن خوفناڪ هنڌ تي ڪيئن پهتو آهيان. هي زور آور اميدون، هي ڪتابن جا ڍير، هي اڻاتا عڪس آخر ڇا آهن؟ هي سوچون جيڪي ڪبوتر جي وارن جي ڇڪ جيان اچن ۽ وڃن ٿيون سي آخر ڇا آهن؟ هي لفظ جيڪي اسين خواهش مان جوڙيون ٿا ۽ مزي مزي مان لکون ٿا- آخر ڇا آهن؟ هي ڏکدائڪ ۽ سرها انومان جيڪي منهنجي روح ۾ سمائجن ٿا ۽ منهنجي دل جو گهيرو ڪن ٿا سي ڇا آهن؟

هي نيڻ ڪنهن جا آهن جيڪي مون کي گهورين ٿا ۽ منهنجي جگر ۾ چِين ٿا ته به منهنجي ڏکن کان بيخبر آهن؟ هي آواز جيڪي منهنجي جيئڻ تي ڪروڌ ڪن ٿا ۽ منهنجي ٻاروتڻ جا گيت ڳائين ٿا سي ڇا آهن؟ هي جواني جيڪا منهنجي خواهش سان کيڏي ٿي، منهنجي سوچن تي ٺٺوليون ٿي ڪري، پنهنجن ڪالهوڪن ڪرتوتن کي وساريندي، اڄ جي ننڍڙائپ ۾ راضي ۽ سڀاڻي جي ويجهو اچڻ

خلاف هتيار بند آهي سا ڇا آهي؟ هيءَ هيبتناڪ دنيا جيڪا مون کي اڃاتي پرتويءَ ڏي گهلي تي وڃي سا ڇا آهي؟؟ هي قدرتي جيڪا پنهنجون ويڪريون ڇاڙيون کولي اسان جي جسمن کي هڙپ ڪرڻ پئي اڇي ۽ ان مان لالچ لاءِ اڻ ڏٺو اڃهو تي نٿاهي سا ڇا آهي؟ هيءَ انسان جيڪو پنهنجو پاڻ قسمت تي راضي رهي ٿو ۽ موت ڪنڌيءَ هوندي به زندگيءَ جي چين ڪان ڇمي پيو گهري سو ڪير آهي؟ هي انسان جنهن کي سالن جي پڇتاءَ عيوض خوشيءَ جي هڪ گهڙي ملي ٿي ته پنهنجو پاڻ ننڊ حوالي ڪري ٿو ڇڏي- جڏهن ته خواب کيس پڪاريندا رهن ٿا. سو ڪير آهي؟ هي انسان جيڪو اڃاڻپ جي لهرن تي ترندي انڌوڪار جي بحرڏي پيو وڃي سو ڪير آهي؟ اي دانائي مون کي ٻڌاءِ اهي سڀ شيون ڇا آهن؟"

دانائيءَ وراڻيو "اي انسان تون خدا جي اکين سان هن دنيا کي ڏسي سگهين ٿو ۽ هتان ڪان پوءِ جا راز انساني سوچ جي مدد سان سمجهي سگهين ٿو- اهو ئي ٻي خوديءَ جو ثمر آهي. تون ٻنين ۾ وڃي ڏس ته ماڪيءَ جي مک ڪيئن منڙن منڙن گلڙن تي لامارا ڏئي رهي آهي ۽ باز ڪيئن پنهنجي شڪار تي جهٽ ٿو هڻي. پنهنجي پاڙيسريءَ جي گهر وڃي ڏس ته ننڍڙو ٻار باهه جي روشنيءَ ڪان ڪيئن موهجي پوي ٿو- جڏهن ته سندس ماءُ ڪم ۾ رڌل آهي.

ماکيءَ جي مک وانگر ٿيو ۽ سرڻ جي ڪرتوتن کي ڏڪيندي پنهنجي بهار جا ڏينهن ضايع نه ڪريو. ان ٻار وانگر ٿيو جيڪو پنهنجي ماءُ کي ڇڏي باهه جي روشنيءَ تي سرهو ٿو رهي. جيڪو ڪجهه توهان ڏٺو هو سو توهان جو هو ۽ اڃا به توهان جو آهي. هي سڀ ڪتاب، اڃاتا عڪس ۽ وڻندڙ سوچون جيڪي توهان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڌاري آهن سي انهن روحن جا پاڇا آهن. جيڪي اوهان کان اڳ تي گذريا. توهان جي چپن تي موجود لفظ ان زنجير جون ڪڙيون آهن جنهن ۾ توهان ۽ تنهنجا ساٿي انسان جڪڙيل آهيو. هي ڏڪائيندڙ ۽ مزيدار انومان اهي ٻج آهن جيڪي ماضيءَ طرفان توهان جي روح جي کيتيءَ ۾ پوکيا ويا ۽ اهي مستقبل ۾ لبجي ويندا. جواني جيڪا توهان جي چاهت سان کيڏي تي سا توهان جي دل جا دروازا کولي ڇڏيندي جيئن ان ۾ نور داخل ٿي سگهي. پرٿوي جيڪا ماڻهوءَ ۽ ان جي عملن کي ڳڙڪائڻ لاءِ وڏو وات ڦاڙي ويٺي آهي سا توهان جي روحن کي جسمن جي ڳانڍاپي کان ڇوٽڪارو ڏياريندڙ آهي. دنيا جيڪا توهان سان گڏ متحرڪ آهي سا توهان جي دل آهي جيڪا خود دنيا آهي ۽ ماڻهو جنهن کي توهان خسيس ۽ ننڍڙو سمجهو ٿا سو خدا جو پيغامبر آهي جيئن پيڙائن ۽ خسيس ڀٽي مان زندگيءَ جو حقيقي مزو ماڻي سگهي."

اهڙي طرح دانائيءَ ڳالهايو ۽ منهنجي تپندڙ پيشانيءَ تي هٿ رکي چوڻ لڳي: "اڳتي وڌ دير نہ ڪر. اڳتي وڌڻ ئي تڪميل ڏانهن وڌڻ جو نالو آهي. اڳتي وڌندو رهہ ۽ زندگيءَ جي راهہ ۾ ايندڙ ڪنڊن ۽ تيز پٿرن کان نہ ڊڄ."

بـ شـهـر

جيون مون کي پنهنجي ڪنيڙائين تي ڪنيو ۽ جوين جي پهاڙ تي پهچاياائين- پوءِ ان پنهنجي پويان اشارو ڪيو. مون پوئتي نهاريو تہ مون کي هڪ اجنبي شهر ڏسڻ ۾ آيو. جنهن مان گوڙ شور جا ڪارا بادل يوتن جيان آهستي آهستي ايري رهيا هئا. هڪ سنهڙي بادل هميشہ منهنجي نظرن کان ان شهر کي ڳجهو رکيو. ڪجهہ دير خاموش رهڻ کان پوءِ مون دانهن ڪئي: "اي زندگي! هي ڇا آهي؟"

۽ زندگيءَ وراڻيو: "هي ماضيءَ جو شهر آهي هن کي ڏس ۽ غور ڪر." مون اهو عجيب منظر ڏٺو ۽ اتي مون کي ڪيترين شيون ۽ نظارا ڏسڻ ۾ آيا. مقدمن لاءِ دالان ٺهيل هئا جن ڪو راڪاس ڪچڙي ننڊ جي پرن هيٺان بيٺو آهي. مندر جن جي چوڌاري روح لامارا ڏئي رهيا هئا ۽ ڪنهن ڪنهن وقت مايوسيءَ مان دانهون ڪري رهيا هئا تہ ڪنهن وقت وري اميد جا گيت ڳائي رهيا هئا. مون ديول، ڏانهن نهاريو جيڪي عقيدي تحت جوڙيا ويا هئا ۽ شڪن تحت ڏٺا ويا هئا. مون پري کان سوچن جا منارا ڏٺا جن جون ٺليون ڪنهن فقير جي هٿن جيان مٿي اڀيون هيون. مون چاهتن جون راهون ڏٺيون جيڪي ماٿرين وچان وهندڙ ندين جيان هيون. اهي رازن جا ڀانڊا جن جي حفاظت لڪ ڇپ جا پهريدار ڪري رهيا هئا. تن کي اپنار جي چورن هٿان ڦرجندو ڏٺم. وڏا وڏا طاقتور قلعا جيڪي همت ۽ بهادريءَ سان جوڙيا ويا هئا سي سڀيا ڊپ جي قوت سان ڪرندي

ڏنم. ڪچڙي ننڍ سان سينگاريل سنواريل خوابن جي درگاهن کي جاگرتا سان تباهہ ٿيندي ڏٺم. مون اهي ڪمزور جهوپڙيون بہ ڏٺيون جن ۾ هيٺانئي ماٺي هوندي آهي. گوشہ نشيني ۾ من مارڻ لاءِ مسجدون بہ ڏٺم، سمجهہ سان روشن ٿيندڙ ۽ اڻ ڄاڻائيءَ سان تاريڪ ٿيندڙ سڪيا گهر بہ ڏٺم. پيار جا ميخانہ بہ ڏٺم. جتي پريم جا پوڄاري مڌ پي مست ٿي پوندا آهن ۽ پوءِ اڻ هوند انهن تي ٺٺولون ڪندي آهي. اهي آڪاڙا بہ ڏٺم جتي زندگي پنهنجا ڪردار نڀائيندي آهي ۽ آخر موت زندگيءَ جا سڀ دکدائڪ واقعا ويڙهي سيڙهي کڻي ويو. اهو ئي ماضيءَ جو شهر آهي، جيڪو ڏسڻ ۾ ڏور. پر حقيقت ۾ ويجهو آهي ۽ جو ڪارن ڪڪرن مان مشڪل سان پسي سگهجي ٿو.

پوءِ زندگيءَ مون کي اشارو ڪيو ۽ چيائين: "پاڻ هتي گهڻو ترسيا آهيون هاڻي منهنجي پويان اچ"

مون پڇيومانس: "اي زندگي پاڻ ڪيڏانهن پيا هلون؟"

زندگيءَ وراڻيو: " هاڻي پاڻ مستقبل جي شهر ڏي پيا هلون. "

۽ مون چيومانس "اي زندگي! مون تي رحم ڪر! آءُ ٿڪجي پيو آهيان. منهنجا پير پٿون ٿي پيا آهن ۽ مون ۾ ست نہ رهيو آهي."

پر زندگيءَ وراڻيو: "اي منهنجا دوست! اڳتي وڌ ۽ وڌندو رهہ! بيهي رهڻ بزدلي آهي. ياد رک! ماضيءَ جي شهر کي تڪڻ بيوقوفي آهي. مستقبل جي شهر تي نگاهہ ڪر جيڪو هر وقت پڪاري رهيو آهي.!"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فطرت ۽ انسان

پيچ پنيءَ مهل، جڏهن انسان ذات بوڇڻ اوڍي ڪچڙيءَ ننڊ ۾ ستل هئي، آءٌ پنيءَ ۾ فطرت سان مخاطب هوس. آءٌ جهج سائي گاهه ۾ ليٽيو پيو هيس ۽ هيٺين سوالن تي ويچاري رهيو هيس.

ڇا سونهن سچائي آهي؟ ڇا سچائي سونهن آهي؟ ۽ سوچن ئي سوچن ۾ آءٌ انسان ذات کان گهڻو پري وڃي پهتس ۽ منهنجي ويچار شڪتي، منهنجي اندر ۾ لڪل مادي گهونگهٽ کي چاڪ ڪري ڇڏيو. منهنجو روح اڏيو ۽ آءٌ فطرت ۽ ان جي اسرارن کي ويجهو پهچي ويس- منهنجا ڪن فطرت جي وڻندڙ ٻولي سمجهڻ لاءِ کلي پيا ۽ اهڙي ريت آءٌ پنهنجي پورن ۾ غرق ٿي ويس. لڳم ته ڪا هلڪڙي هير وڻن جي ٽارين وچان گذري ڪنهن ڀٽڪندڙ يتيم جي آهه وانگر اچي ڪن پئي آهي.

"اي هير! تون آهون ڇو ٿي ڀرين؟" مون پڇيو ۽ هير ورائيو:
"آءٌ ان ڪري ٿي روئان جو آءٌ سج جي تپش ڪري ٻرندڙ شهر مان آئي آهيان، جتي ايذاءَ جو ٻج پوکيل آهي جتي منهنجي پاڪ پوشاڪ کي ناپاڪي چنبڙي پئي آهي- ڇا اڃا به تون مون تي ڏکوئڻ جا الزام لڳائيندين؟"

پوءِ مون لڙڪن سان ڀريل گلڙن جي چهري ڏانهن ڏٺو ۽ انهن جو هلڪڙو روئڻ ٻڌم- پڇيو مان:
"اي گلڙؤ توهان ڇو ٿا رئو؟"

گلڙن مان هڪ گل پنهنجو نازڪ منهن مٿي کيو ۽ آهستي چوڻ لڳو: انسان ان ڪري ٿا روئون جو انسان ايندو ۽ اسان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻني. وچي شهر جي مارڪيٽ ۾ وڪڻندو. "ايتري ۾ ٻني ڳالهائيندي چيو: "شام جو جڏهن اسين ڪوٺامجي ويندا سين تہ هو اسان کي ڍير تي ڦٽو ڪري ڇڏيندو. اسان ان ڪري بہ روئون ٿا جو انسان جا بيرحم هٿ اسان کي پنهنجي اصلي ماڳن کان ڇني ڌار ٿا ڪن."

مون هڪ نديءَ کي ڪنهن مري ويل پار جي ماءُ وانگر افسوس ڪندي ڏٺو ۽ پڇيومانس: "اي ندي! تون ڇو پئي روئين؟"

نديءَ وراڻيو: "ڇاڪاڻ جو آءٌ ان شهر ڏانهن وڃڻ لاءِ لاچار آهيان. جتي ماڻهو مون کي ڌڪارين ٿا. پنهنجي تڪن مٽن شرابن لاءِ هڪالين ٿا. مون کي پنهنجي گندگي صاف ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻين ٿا. منهنجي پوترتا کي ناپاڪ ٿا ڪن ۽ منهنجي پاڪيزگيءَ کي گندگيءَ ۾ بدلائي ٿا ڇڏين."

مون پکيئڙن کي افسوس ڪندي ڏٺو. پڇيو مان: "اي پکيئڙو! توهان ڇو پيا روئو؟"

انهن مان هڪ اڏامي اچي ٿاريءَ تي ويٺو ۽ چوڻ لڳو: "اڄهو آدم جو اولاد موتمار هٿيار کڻي هتي ايندو ۽ اسان کي پنهنجو ازلي دشمن سمجهي ماريندو. هينئر اسان هڪ ٻئي کان ملي موڪلايون پيا ڇو تہ اسان کي سڌ ناهي تہ اسان منجهان ڪهڙو انسان جي ڏمر جو شڪار ٿيندو. اسان جتي جتي وڃون ٿا موت انسان جي روپ ۾ اسان جو پيڇو ٿو ڪري."

هاڻي سج جبلن جي چوٽين پٺيان، وڻن جي چوٽين کي پنهنجي سونهري ڪرڻن سان پوترتا بخشيندو پيو اچي، مون ان منظر کي ڏٺو ۽ پنهنجو پاڻ کان پڇيم:

آخر ڇو انسان فطرت جي ناهيل هر شيءِ کي تباهہ پيو ڪري؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادوگرباٺي يا ساحره

جنهن عورت کي مان چاهيندو هيس، اها ساڳي عورت ڪالهه هن اڪيلي ڪمري ۾ ويٺي هئي ۽ هن بخملي پلنگ تي آرام ڪيو هيو. هٿ ۾ شفاف پيالن سان هن پراڻو شراب پيتو هو. هيءُ ڪالهوڪو خواب آهي جو تہ منهنجي محبوبا ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ هلي ويئي آهي جتي ويسر ۽ اٿهوند کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي: ان جي آڱرين جي ڇاپ اڃا منهنجي آرسيءَ تي آهي ۽ سندس ساهہ - سڳنڌ اڃان تائين منهنجي پوشاڪ منجهہ موجود آهي. ان جي مٺڙي ۽ سريلي آواز جو پڙاڏو اڃان تائين هن ڪمري ۾ ٻڌي سگهجي ٿو. پر اها عورت جنهن جو مان چاهيندڙ آهيان، اها تمام ڏورانهين ڏيهہ هلي وئي آهي- جنهن کي جلاوطني ۽ غفلت جو ڏيهہ سڏيو وڃي ٿو. منهنجي پلنگ سان لاڳيتو ان جي تصوير لٽڪيل آهي. هن مون ڏانهن جيڪي پريم پتر لکيا هئا، سي مون هڪ چانديءَ جي پيتيءَ ۾ بند ڪري رکيا آهن، ۽ اها پيتي زمرد ۽ مرجان سان جڙيل آهي. اهي سڀ شيون سياٺي تائين مون سان گڏ رهنديون- ۽ پوءِ هوا انهن کي اڏائي اتي کڻي ويندي، جتي خاموشيءَ جو راڄ آهي.

جنهن عورت کي آءٌ چاهيان ٿو اها بہ انهن ٻي عورتن جهڙي آهي، جن کي توهان پنهنجون دليون ڏئي چڪا آهيو. هوءَ تمام گهڻو خوبصورت آهي، ڄڻ ان کي ڪنهن ديوتا سينگاريو سنواريو هجي. هوءَ ڪبوتر وانگر نماڻي آهي، نانگ جهڙي حرفتڻ آهي، مور جهڙي سهڻي ۽ مغرور آهي. بگهڙ جهڙي خونخوار آهي، هنس پکيءَ جهڙي وٺندڙ آهي ۽ ڪاري رات جهڙي خوفناڪ آهي. اها عورت مٺيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٺ ۽ سمنڊ جي ڳچ جي پيالي مان لهيل مرڪب آهي.

آءُ ان عورت کي ٻالڪ پڻي کان ڄاڻان سڃاڻان- مون پوکن ۾ ان جو پيڇو ڪيو آهي ۽ سندس پلئہ ۾ پڪڙي شهر جي گهٽين ۾، ان جي پٺيان پٺيان گهميو آهيان. آءُ ان کي پنهنجي جوڀن پرين ڏينهن کان سڃاڻان ۽ مون جيڪي ڪتاب پڙهيا آهن، انهن ۾ بہ ان جوٺي پاڇو ڏٺو اٿم. مون سندس بهشتي آواز ندين جي روڻ جهوڻ ۾ ٻڌو آهي. ان کي مون پنهنجي دل جا سيئي راز کولي ٻڌايا آهن- جنهن عورت جو آءُ چاهڪ آهيان، اها ڪنهن سرد، اداس ۽ ڏورانهين ماڳ وڃي پهتي آهي، جتي وسيع اڻ هوند کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.

اها عورت جنهن کي منهنجي دل پيار ڪري ٿي، ان کي "زندگي" چوندا آهن. هوءَ ڏاڍي خوبصورت آهي ۽ سيني دلين کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺي ٿي. اها اسان جون دليون گروي ڪري ٿي ۽ اسان جي سک ۽ اڪير کي دلاسن ۽ انجامن ۾ دفن ڪري ٿي ڇڏي.

زندگي هڪ عورت آهي، جيڪا پنهنجي چاهڪن جي لڙڪن سان غسل ڪري ٿي ۽ پنهنجو پاڻ کي شڪار جو رت مکي ٿي. سندس لباس رات جي اونداهيءَ ۾ گوهيل روشن ڏينهن آهي. اها پيار ڪرڻ لاءِ انسان جي دل وٺندي آهي، پر شاديءَ کان انڪار ڪندي آهي.

"زندگي هڪ جادوگرياڻي آهي،
جيڪا اسان کي پنهنجي سونهن سان برغلائي ٿي،
پر اهو ماڻهو جيڪو ان جي مڪرن کي سمجهي وٺي ٿو،
سو سندس جادوگرين کان پرهيز ڪري ٿو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوين ۽ اميد

جوين منهنجي اڳيان هليو ۽ ڏورانهين هنڌ پهچڻ تائين مون سندس پيڇو ڪيو. هتي هو(جوين) بيهي رهيو ۽ افق تي لڙيل ڪڪرن کي تڪڻ لڳو- جيڪي رڍن جي ولر جيان لڳي رهيا هئا. پوءِ هن وٽن ڏانهن نهاريو، جن جون اگهاڙيون ٽاريون آسمان ڏانهن اٿيون ايپيون هيون جڻ هنن پنهنجي ساوڪ موٽائي وٺڻ لاءِ خدا آڏو هٿ ڊگهيريا هجن ۽ مون پڇيو مانس: "اي جوين! پاڻ هينئر ڪٿي آهيون؟" هن وراڻيو: " پاڻ مونجهاري واري هنڌ پهتا آهيون- سبق پراءِ! "۽ مون چيومانس: "اچ تہ موٽي هلون ڇو جو هي اداس هنڌ مون کي ڊيڄاري رهيو آهي ۽ ڪڪرن ۽ وڻن جي اگهاڙين ٽارين وارو نظارو مون کي غمگين بنائي رهيو آهي. "۽ هن جواب ڏنو:" بردبار ٿي! مونجهارو علم جي ابتدا هوندو آهي." پوءِ مون پنهنجي چوڌاري ڏٺو، مون کي هڪ پاڇو اسان ڏانهن ايندي نظرآيو ۽ مون پڇيو: " هيءُ عورت ڪير آهي؟" جوين وراڻيو: " هيءَ "ميلپومين" آهي، "زيورس" جي ڌيءُ ۽ ڪنهن ڏک ڀرئي واقعي جي "سرسوتي" (راڳ جي نون ديوتائن مان هڪ) آهي"

"او پيارا جوين جڏهن تون هتي آهين تہ پوءِ هي ڏکدائڪ واقعو مون کان ڇا ٿو چاهي." مون دانهن ڪري چيو تہ ان جواب ڏنو: "هي توکي ڌرتي ۽ ان جا غم ڏيکارڻ آيو آهي ڇو تہ جيڪو ڏک نہ ٿو ڏسي، سو ڪڏهن بہ سک ڏسي نہ سگهندو." پوءِ روح منهنجي اکين تي هٿ رکي ڇڏيو ۽ جڏهن هن هٿ ڪنيو تہ جوين وڃي چڪو هو ۽ آءٌ پنهنجي نفساني پوشاڪ کان عاري" اگهاڙو" تي

اڪيلو رهجي ويو هيس-

پوءِ مون دانهن ڪئي: "اي زيورس" جي ڏيءُ! جوپن ڪٿي آهي؟" "ميلپومين" بغير ڪنهن جواب ڏيڻ جي مون کي پنهنجي پرن تي کڻي هڪ جبل جي چوٽيءَ تي پهچايو. مون پاڻ کان هيٺان زمين ۽ ان تي موجود هر شيءِ کي پکڙيل ڏٺو. جيئن ڪنهن ڪتاب جا صفحا کليل هجن ۽ انهن تي ڪائنات جا راز رکيل هجن. آءُ ڏيپ وچان صنوبر (وڻ) جي پرسان بيٺو هيس ۽ انسان جي رازن تي ويچارڻ لڳس ۽ زندگيءَ جي نشانين جي معنيٰ لهڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ لڳس. مون دکدائڪ نظارا ڏٺا. خوشيءَ جا ملائڪ ڪمبختيءَ جي شيطانن سان وڙهي رهيا هئا ۽ انهن وچ ۾ انسان بيٺو هو. اهو ڪنهن ويرم اميد واري رستي ڏانهن ڇڪجي رهيو هو. مون ڏٺو تہ "محبت" ۽ "نفرت" انسان جي دل سان پاڻ پئي وندرايو- محبت اسان جا گناهہ لڪائي رهي هئي ۽ ان کي فرمانبرداريءَ، واڪاڻ ۽ چاپلوسيءَ جي شراب سان مست ڪري رهي هئي- جڏهن تہ نفرت ڪيس چيڙائي رهي هئي ۽ ان جا ڪن ۽ اکيون سچائيءَ کان بند ڪري ڇڏيون هيائين.

مون ڏٺو تہ شهر گند ڪچري سان پريل هو ۽ اهو گند آدم جي اولاد جي ڪپڙن کي چهٽيل هو. تمام پري-کان مون ساون فصلن کي انسان جي غمن تي روئيندي ڏٺو. ملن ۽ پادرين کي حرفتي لومڙين وانگر ڏمرجندي ڏٺم ۽ ڪوڙن مسيحائن کي انسان ذات جي خوشيءَ خلاف حرفتون هلائيندي، ايڪو ڪندي ڏٺم. مون انسان کي ڏٺو تہ هو نجات لاءِ دانائيءَ کي پڪاري رهيو هو، پر دانائيءَ هن ڏانهن ذرو بہ ڌيان نہ ڏنو. ڇو تہ جڏهن دانائيءَ انسان سان شهر جي گهٽين ۾ ڳالهايو هو تڏهن هن ڪائنس نفرت ڪئي هئي ۽ مون تبليغين کي تمام گهٽي عقيدي سان بهشت کي تڪيندي ڏٺو، پر

سندن دلين ۾ لالچ هئي. مون هڪ نوجوان کي جوڀن جي نشي ۾ ڏٺ، جوانڙيءَ کي منڙيون منڙيون ڳالهيون ٻڌائيندي ڏٺو، پر انهن جا حقيقي جذبا ستل هئا ۽ سندن ايشورتا تهائين ڏور هئي. مون ڪوڙن قانونن ٺاهيندڙن کي بڪواس ڪندي ڏٺو، جيڪي پنهنجو وڪر دغا ۽ فريب جي بازار ۾ وڪڻي رهيا هئا. مون طبيبن کي سادن ۽ معتبر ماڻهن جي آتمائن سان کيڏندي ڏٺو- مون جاهل کي ڏاهي سان ويٺل ڏٺو، جيڪي پنهنجي ماضيءَ جي واکاڻ ڪري رهيا هئا- پنهنجي حال کي ڪپڙن جي جهجهائيءَ سان سارامي رهيا هئا ۽ مستقبل لاءِ عيش عشرت جو پلنگ جوڙي رهيا هئا.

مون ويچاري مسڪين هاريءَ کي ٻج پوکيندي، لابارو ڪندي ۽ ظلم سهندي ڏٺو آهي، جنهن جي غلط فهميءَ سان قانون پهريداري پيو ڪري. مون اياڻن کي علم جا خزانا لٽيندي ڏٺو- جڏهن ته نور جا پهريدار سستيءَ جي اگهور ننڊ ۾ ٻڏل هئا. مون پريم پوڄارين کي ڏٺو- عورت، مرد جي هٿ ۾ اهڙ سارنگي جيان هئي، جنهن کي وڄائي نٿو سگهجي، فقط سندس آواز سڻي سگهجي ٿو. مون علم جي قوتن کي ورثي ۾ مليل فائدن ۾ گهيريل ڏٺو، جيڪي (فائدا) تمام ٿورڙا هئا ۽ جلد ڇڙوڇڙ ٿي ويا. مون آزاديءَ کي در در پناهه لاءِ پڪاريندي ڏٺو، پر ڪو به سندس دانهن ڏانهن ڌيان ڌرڻ وارو نه هو. مون ڦرلٽ کي وڏي شان سان ٻرانگهون پريندي ڏٺو ۽ ماڻهو کيس شاباس ڏئي رهيا هئا. مون مذهب کي ڪتابن ۾ دفن ٿيل ڏٺو ۽ ان جي جاءِ تي شڪ کي بيٺل ڏٺم. مون انسان جي صبر جي پوشاڪ کي بزدليءَ جو ويس پهريندي ڏٺو ۽ سستيءَ کي بردباري ۽ ڊپ کي مروت ڪوٺيندي ڏٺم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيامت يا حشر

اي منهنجا محبوب! ڪالهه آءٌ دنيا ۾ اڪيلو هيس ۽ منهنجي اڪيلائي موت وانگر بي رحم هئي. آءٌ ٺڪريءَ جي ڇانوَ ۾ پلجندڙ ان گل مثل هيس، جنهنجي وجود جي، زندگيءَ کي ڪا خبر نہ هئي، پر اڄ منهنجو روح سجاڳ آهي ۽ توکي ٻنهنجي پرسان بيٺل ڏٺو اٿم. آءٌ پنهنجي پيرن تي ڪڙو تي خوش ٿيس ۽ پوءِ ادب سان گوڏا کوڙي تنهنجي پوڄا ڪيم.

اي منهنجا پريتم! ڪالهہ چلولي هير جو جهاءُ سخت محسوس ٿيو هيم- سج جا ڪرڻا ڪمزور لڳا هئا. ڌرتيءَ جي منهن تي ڪوهيڙو ڀيل هو ۽ سمنڊ جون لهرون طوفان وانگر گجگوڙ ڪري رهيون هيون. مون پنهنجي چوڌاري نظر ڊوڙائي- مون کي پنهنجي ڏکن ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ آيو ۽ انڌاريءَ جا ڀوت منهنجي چؤطرف لاڳي ڳجهن جيان گهمي رهيا هئا. پر اڄ فطرت نور ۾ غسل ڪيل ٿي لڳي، گجندڙ لهرون خاموش آهن ۽ ڪوهيڙو ختم ٿي چڪو آهي. مون جيڏانهن بہ نهاريو، زندگيءَ جا راز معلوم ٿيندا ويم. ڪالهہ آءٌ بي مقصد آواز هيس ۽ اڄ آءٌ وقت جي چمن تي امر گيت آهيان.

اهو سڀ ڪجهہ هڪ گهڙيءَ ۾ ٿيو ۽ هڪ نگاهہ، هڪ لفظ هڪ آهہ ۽ هڪ چميءَ سان جڙي پيو. اي منهنجا محبوب! انهيءَ گهڙيءَ ئي منهنجي گذريل چاهہ کي منهنجي دل ۾ ايندڙ اميدن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳنڍي ڇڏيو آهي. اها گهڙي ڌرتيءَ جي سيني مان ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڦٽي نڪرندڙ نئين سلي وانگر هئي. اها گهڙي منهنجي زندگيءَ ۾ ائين هئي جيئن عيسيٰ عليه السلام جو انساني زندگين لاءِ جنم- ڇو ته اها گهڙي پريم ۽ پوترتا سان ٽمٽار هئي. ان گهڙيءَ اوندهه کي روشنيءَ ۾، غم کي خوشيءَ ۾ ۽ مايوسيءَ کي اُميد ۾ بدلائي ڇڏيو.

اي منهنجا پريتم! پيار جنت مان ڪيترن ئي روپن ۾ نڪرندو آهي، پر دنيا تي ان جو اثر ساڳيو ئي آهي. انساني دل کي منور ڪندڙ هلڪو شعلو به بهشت مان نڪرندڙ ڪنهن وڏي روشنيءَ جي مينار جيان آهي. جيڪو انسان ذات جون راهون روشن ڪري ڇڏي ٿو. ڇو ته هڪ ئي دل ۾ پوري انسان ذات جون اميدون ۽ احساسات سمايل آهن. يهودي وعدي مطابق مسيحا لاءِ ترسيل هئا. جيڪو کين ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ اچڻو هو. انسان ذات جي اعليٰ ذهن سمجهي ورتو ته، "مشتري" ۽ "منروه" (گرهه) جي پوڄا پاٺ مان ڪو فائدو نه آهي ڇو ته ان سان انسان ذات جي پياسين دلين جي اڃ نٿي اجهائي سگهجي. روم ۾ ماڻهن بي رحم ديوتا "اپالو" جي ايشورتا کي پرکي ورتو ۽ "وينس" جي سونهن جو خودبخود زوال اچي ويو.

انهن جي دل جي گهرائيءَ کي جيتوڻيڪ انسان سمجهي نه سگهيا، پر پوءِ به اهي قومون ڪنهن اهڙي قوم لاءِ آيون هيون، جيڪي هن ڌرتيءَ تي مٿاهون مان ماڻي ٿي. اهي روح جي آزاديءَ لاءِ آتا هئا، جيڪو انهن کي پاڙيسريءَ سان سچ جي روشنيءَ ۽ رهڻيءَ ڪهڻيءَ تي سرهو ٿيڻ سيکاري. هيءَ اها آزادي آهي جيڪا انسان کي غيب جي ويجهو آڻي ٿي ۽ پوءِ اهو، ان کي بغير ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي

حاصل ڪري وٺي ٿو.

اي منهنجا پريتم! اهو سڀ ڪجهه ٻه هزار سال اڳ ٿيو، جڏهن ابدي آتما کي ويجهو وڃڻ کان ڊنل دل جون خواهشون، اکين اڳيان ڦرندڙ شين جي چوڌاري گهمي رهيون هيون. جڏهن جهنگلن جي بادشاهه " ٻان" ريڍارن جون دليون دهشت سان ڀري ڇڏيون ۽ سج جي بادشاهه " بال" پادرين جا بي رحم هٿ، غريبن ۽ مسڪينن جي روحن ۾ کپائي ڇڏيا هئا. هڪ رات، هڪ گهڙيءَ روح جا چپ کليا ۽ انهن مان هڪ لفظ "زندگي" اچارجي ويو ۽ نور جي هنج ۾ سٽل ٻار ۾ ماس پيدا ٿي پيو. هڪ واڙ ۾ جتي ريڍار پنهنجي ڌڻن کي جهنگلي جانورن کان بچائڻ لاءِ پهريدار بيٺا هئا، انهن ٻار تي اچرج مان نظر وڌي جيڪو آهر ۾ ستو پيو هو. رنجيده دلين ۽ بکايل آتمائن تي وينل معصوم ٻار پنهنجي ماءُ جي ڪپڙن ۾ ويڙهجي ويو ۽ هن بنهنجي نماڻائيءَ سان "ورهسپت" ديوتا کان شاهي لٺ ڦري ڌڻ جاريندڙ ريڍار کي ڏيئي ڇڏي ۽ "منروه" (گرهه) کان هن دانائي وٺي، غريب مهاڻي جي دل ۾ داخل ڪري ڇڏي، جيڪو پنهنجو مڇين مارڻ وارو ڄنل ڇار ڳنڍي رهيو هو. هن "اپالو" کان پنهنجي ڏکن عيوض سک وٺي، راهگير فقير کي ڏيئي ڇڏيو. هن وينس کان حسن کسي ان مسڪين عورت کي عطا ڪيو، جيڪا ظالم (مڙس) جي اڳيان ڏکي رهي هئي.

هن "بال" کي تخت تان لاهي، ان جي جاءِ تي زمين کيڙيندڙ ۽ ٻج پوکيندڙ مسڪين هاريءَ کي وهاري ڇڏيو.

اي پريتم! ڇا ڪالهه منهنجو روح اسرائيلي قبيلن جهڙو نه هو؟ ڇا مون رات جي سانت ۾ غلاميءَ ۽ وقت جي برائيءَ کان مڪتي

ڏياريندڙ جو انتظار نہ ڪيو هو؟ ڇا آءٌ زندگيءَ جي راهہ تي ڪنهن بيابان ۾ وچائجي ويل پار جيان نہ رهيو هوس ۽ منهنجي زندگي ڪنهن پٿر تي پوکجندڙ ٻج جيان نہ هئي، جنهن کي ڪو بہ پکي حاصل ڪري نــتي سگهيو ۽ نہ ئي انهيءَ کي ماري يا جياري ٿي سگهيو. ڇا مون ماضيءَ جي قومن وانگر پياس ۽ روحاني بک محسوس نہ ڪئي هئي؟

اي پريتم! اهو سڀ ڪجهہ ڪالهہ ٿيو. جڏهن منهنجا خواب اوندهہ ۾ گم هئا ۽ ڏينهن ڏسڻ کان ڊنل هئا. اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ٿيو. جڏهن ڏکن منهنجي جيءَ کي جهوري وڌو ۽ اميدن.ان کي سهاري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هڪ رات، هڪ گهڙي روح، ابدي نور جي دائري مان نڪري، مون ڏانهن تنهنجي نيڻن سان نهاريو- ان نگاهہ مان ئي پيار جنم ورتو ۽ منهنجي دل ۾ گهر ڪري ويو. اهو اتم پريم منهنجي احساسن جي پوشاڪن ۾ ويڙهجي ويو ۽ غم کي خوشيءَ ۾، مايوسيءَ کي اميد ۾ ۽ اڪيلائيءَ کي بهشت ۾ بدلائي ڇڏيائين. پيار مون کي زندگي بخشي، منهنجي بي نور اکين کي منور ڪيو ۽ مون کي مايوسيءَ جي فرش تان کڻي اميد جي عرش تي پهچايو- ڇوتہ اي پريتم! منهنجا سڀ ڏينهن، راتين مثل هئا. پر ڏس هاڻ پرهہ ڦٽي آهي. اجهو سج ايريو- ڇو تہ يسوع مسيح جي ساهہ آڪاش کي تمتار ڪري شراب جي جوهر سان ملائي ڇڏيو آهي. زندگي جيڪا اڳ ڏکن سان ڀريل هئي سا هينئر سکن سان مالامال آهي- ڇو تہ معصوم جون ٻانهون چؤطرف آهن ۽ منهنجي روح کي ياڪر ڀري بيٺيون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري جا ڇپرايل شاھ جا ڇپيا تي رسالا

1- شاھ جو رسالو (مڪمل) ڪليان آڏواڻي

سنڌ ۾ ڇپيل پيرو بهترين گيٽ اپ ۾ - سائيز ڊبل ڪرائون- آفسيٽ پيپر - پڪو جلد- ريگزين بائينڊنگ - فائيل پرنٽنگ.

ڪل صفحا 496. قيمت 150 رپيا.

2- شاھ جو رسالو (اصل) غلام محمد شاھواڻي

(شاھواڻي صاحب جي جو مرتب ڪيل شاھ جو رسالو پنهنجي اصل صورت ۽ سيرت ۾) رسالي ۾ آيل نثر ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل.

بهترين گيٽ اپ ۾ - سائيز ڊيمي- آفسيٽ پيپر-

پڪو جلد- ريگزين بائينڊنگ- فائيل پرنٽنگ.

ڪل صفحا 1216. قيمت 250 رپيا.

3- شاھ جو رسالو موتيچند مولچند گربخشاڻي

(ٽئي جُلد معنيٰ ۽ شرح سميت)

پهريون پيرو سڄو رسالو ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل- هر سر پوريان معنيٰ ۽ شرح ڏنل.

بهترين گيٽ اپ ۾- سائيز ڊبل ڪرائون- آفسيٽ پيپر-

پڪو جلد- ريگزين بائينڊنگ- فائيل پرنٽنگ.

ڪل صفحا 696. قيمت 225 رپيا.

پگل ڪنيڙاتيون

خليل جبران

گل محمد تنيو

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1995ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Roshni Book No. 86

”ڀڳل ڪنڀڙاٽيون“

ليکڪ: خليل جبران

سنڌيڪار: گل محمد تنيو

ٻيو ايڊيشن : © اپريل 1995ع

ڪمپوزنگ: بشير احمد جمالي

عبدالبرادرز ليزر ڪمپوزنگ سسٽم لجپت روڊ حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين آرٽ ڪميونيڪيشن حيدرآباد سنڌ.

ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ضلعو نوشهرو فيروز سنڌ.

قيمت: 30.00 رپيا

BHAGAL KHANBHRATHYOON

Written By KHALIL JIBRAN

Translated By GUL MOHAMMAD TUNIO

Composed by Bashir Ahmed Jamali,

Abdul Brothers Laser Composing System Hyderabad Sndh.

Printed by Fine Communications Hyderabad.

Published by Roshni Publication, Kandiaro, Sindh.

Second Edition: © April 1995

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتساب

دلبر دوست عبدالڪريم عرف بخشڻ سومري جي نالي!

گُل محمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون سبق

محبت جي جادوءَ ڀريل شعاعن جنهن وقت منهنجي اکين کي نور سان روشن ڪيو، ان وقت منهنجي عمر اڙهن سال هئي. هيءُ پهريون ڀيرو هو، جڏهن منهنجي روح، قرب جي گرم آگرين جو ڇهاءُ محسوس ڪيو.

سلميٰ ڪرامي اها پهرين عورت هئي، جنهن جي سونهن منهنجي روح کي سونهن ۾ سوڀيا واري ماترِيءَ جي دڳ لاتو، جتان حسن وارا خوابن وانگر متيندا رهن ٿا ۽ هرڪا رات، شب برات جهڙي من موهيندڙ ۽ دل ۾ سرور پيدا ڪندڙ ٿئي ٿي.

سلميٰ ڪرامي سراسر سونهن ۽ قرب جي پتلي هئي. هوءَ پيار جي اها ديوي هئي، جنهن مون کي سونهن کي پوڄڻ جو پهريون سبق پڙهايو ۽ جنهن پهرئينءَ ئي ملاقات ۾ پنهنجي بيمثال سونهن جي معرفت مون تي عشق ۽ محبت جون ڳُوڙهيون رمزون آشڪار ڪري ڇڏيون. پڪ سان چوان ٿو تہ هوءَ اها ڳالهہ هئي، جنهن منهنجي زندگيءَ کي پهريون ڀيرو سرمندي ڳيتن سان جهومايو.

پهريون پيار، هرهڪ ڄڻيءَ جي دل جي پٽيءَ تي ڪي اڻ مٽ نقش چٽي ويندو آهي ۽ هرڪو شخص ويچار جي ڏوري وجهي، انهن سونهري گهڙين کي واپس گهلي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هي اهي گهڙيون آهن، جڏهن جذبات جي اونهي پاتال ۾ لهي، ماڻهو اٿاهہ پيار سبب جهومڻ تي لاچار ٿي وڃي ٿو ۽ انسان پيار جي ڪڙن، تلخ ۽ ڳجهن آزمودن هوندي بہ ان مان لطف وٺڻ چاهيندو آهي. هر ڄڻيءَ

جي جوانيءَ واري پهرين ڏاڪي ۾، ڪانـ ڪا سلميٰ سندس زندگيءَ جي ڪتاب جو هڪ خوبصورت باب بڻجي، سندس سامهون اچي ٿي ۽ سندس حياتيءَ جي ماٺ ۽ سڪون ڪي اک ڇنڀ ۾، خوشين ۽ سرهاين ڀريل لمحن ۾ بدلائي ڇڏي ٿي. پيار جو اهو جادو، ان جي بي رونق راتين کي، راحت ۽ سڪون سان ڀرپور ڪري ڇڏي ٿي.

تن ڏينهين آءٌ عجيب سوچ ويچار ۾ ٻڏل هوس ۽ هر گهڙيءَ قدرت جي قانون، الهامي ڪتابن ۽ مذهبي صحيفن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس تہ، اوچتو سلميٰ جي چپن مان پيار جو نغمو منهنجي ڪنن تائين پهتو. ان ڪان اڳ مون تي ماٺ ڇانيل هئي. منهنجي زندگي حضرت آدم وانگر بهشت ۾ بي ڪيف ۽ ٺڪائيندڙ هئي، ليڪن عين ان وقت سونهن سان منهنجي ملاقات ٿي ۽ روشني جي هڪ محڪم مناري وانگر سلميٰ منهنجي اڳيان اچي بيٺي.

سلميٰ، منهنجي راڻي! جنهن، منهنجي دل جي اوٺائين کي حيرت ۽ تعجب سان ڀري، مون کي زندگيءَ جون رمزون سمجهڻ لائق ڪري ڇڏيو.

بيبي حوا، حضرت آدم کي پنهنجي رضا سان جنت کان ٻاهر ڪڍيو هو، پر آءٌ سلميٰ جي مدد سان حقيقي محبت جي بهشت ۾ داخل ٿيس. اها آدم جي پستي هئي ۽ هيءَ انسان جي ارتقا؛ پر مون سان بہ نيٺ اهائي جڻ ٿي جيڪا حضرت آدم سان ٿي هئي. ساڳي تلوار جنهن آدم کي بهشت مان ڪيي ڏار ڪيو، سا مون کي بہ موت جي منهن ڏانهن ڌڪي رهي هئي. اها قاتل تلوار مون کي ڌمڪائڻ لڳي ۽ هڪڙي ڏينهن ان جي تيز چمڪندڙ ڌار مون کي پيار جي بهشت مان ڌڪي ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪيو. حالانڪ منهنجو ڪوبہ ڏوهہ نہ هو، ۽ نہ ئي مون ڪا حڪم عدولي ڪانہ ڪئي هئي، منع

ڪيل ميووي سان پڻ منهنجو ڪو واسطو ڪونہ هو، تنهن هوندي بہ مون کي بهشت مان ڏکي ڏار ڪيو ويو.

انهيءَ واقعي کي ڪيترائي سال گذري چڪا آهن. اهي سيئي حسين خواب، وکري چڪا آهن. هن وقت مون وٽ سواءِ دل ڀڃائيندڙ يادگيرين جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. اهي يادگيريون جڏهن منهنجي چوڌاري پنهنجا پر پکيڙي ڦڙڪڻ لڳن ٿيون تہ منهنجي دل جي گهراين ۾ رنج ۽ غم اچي واسو ٿو ڪري ۽ منهنجون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي وڃن ٿيون. منهنجي پياري- سونهن ديوي- سلميٰ هن رنگ برنگي دنيا کان پري وڃي چڪي آهي. ان جي يادگيري کي تازو ڪرڻ لاءِ، مون وٽ، پڳل/ ٽٽل دل کانسواءِ بس رڳو هن جي قبر موجود آهي.

هن جي قبر تي ماٺ جو مڪمل قبضو آهي، ليڪن اها ماٺ، خدا جي انهيءَ ڳجهہ جو، جيڪو هن ڪفن ۾ لڪائي رکيو آهي، ڪو پتو نٿي ٻڌائي. هوا ۾ جهومندڙ هي سرو جون لامون، جن پاڙن وسيلي قبر ۾ پوريل جسم جي پوري ڪائنات کي دل کولي چوسيو آهي، تن کي بہ ڏنديون آڳريون اچي ويون آهن ۽ انهن جي چپن تي بہ خاموشيءَ جي مهر لڳل آهي. اهي بہ قبر جي ڳجهہ بابت ڪا خبر نٿيون ڏين. صرف منهنجي پڳل دل جون چند هڏڪيون آهن، جيڪي هن جهان جي رهواسين لاءِ ان ڊرامي جو اعلان ڪري رهيون آهن، جيڪو محبت، حسن ۽ موت، دنيا جي اسٽيج تي پيش ڪيو.

بيروت شهر ۾ رهندڙ دوستو! جيڪڏهن ڪڏهن صنوبر جي وڻن سان ڍڪيل قبرستان ۾ اوهان جو وڃڻ ٿئي، تہ ان ۾ داخل ٿيڻ وقت هوريان هوريان وکون کڻجو تہ جيئن اوهان جي پيرن جو کڙڪو، ان مائيٽي شهر جي رهاڪن جي ننڊ نہ ڦٽائي ۽ جڏهن توهان

سلميٰ جي قبر وٽ پهچو تہ چپ چاپ نهايت ادب سان اتي ڪي گهڙيون ترسي پئجو. ان بعد هن ان زمين کي جنهن هميشه لاءِ هنجي جسم کي پنهنجي اندر ۾ سانديو رکيو آهي، تنهن کي سرگوشيءَ ۾ منهنجا سلام چئجو. پوءِ هڪ ڏکوءِ تڏو ساهہ کڻي منهنجو ذڪر ڇيڙجو ۽ پاڻ کي هيئن مخاطب ٿجو:

"هيءَ جبران جي اميد جي قبر آهي- اهو جبران جيڪو سڄي حياتي پيار جو قيدي رهيو. هن ٺي ڌرتيءَ تي هن جون خوشيون لٽجي ويون. هن جي زندگي ڳوڙهن ۽ تڏن شوڪارن ۾ وهي ويئي ۽ هو هميشه لاءِ پنهنجي مرڪ وڃائي وينو."

ان ديوي جي قبر ويجهو سرو جي وڻن سان گڏ ان جو رنج ۽ غم بہ وڌي ويجهي ٿو. روزانو رات جو جبران جو روح ان قبر تي ڦرندو رهي ٿو ۽ سلميٰ کي ياد ڪري ٿو. ان قبر تي وڻ جهومن ٿا ۽ بلڪ جبران جي روح سان ملي سلميٰ جي وڇوڙي تي ماتم ڪن ٿا. اها سلميٰ جيڪا ڪالهہ تائين زندگيءَ جي چمن تي هڪ سونهن پريو نغمو هئي، سا اڄ ڪنهن پراسرار مٽيءَ جو ڍير آهي.

منهنجي جوانيءَ جا دوستو! آئون اوهان کي منٿ ٿو ڪريان. توهان کي پنهنجي ان محبوبہ جو قسم، جنهن کي اوهان کي پيار ڪيو آهي ۽ جنهن کي توهان دل ڏني آهي، توهان منهنجي سلميٰ جي قبر تي گل چاڙهڻ نہ وسارجو. اي منهنجا دوستو توهان جيڪي گل منهنجي سلميٰ جي قبر تي چاڙهيندؤ، سي ماڪ جا اهي موتي بڻجي پوندا، جيڪي صبح جي اک مان ۽ گلاب جي پنکڙين تي پون ٿا.

ڳجھو روڳ

منهنجا دوستو! توهان سيئي پريت جي پهرئين پهر کي ڏاڍي سرهائيءَ ۽ خوشيءَ سان ياد ڪريو ٿا: توهان ان خوشيءَ جي گذري وڃڻ جو ڏاڍي ڏک مان ذڪر ڇيڙيو ٿا، پر آئون انهن گهڙين کي هڪ اهڙي بانديءَ وانگر ياد ڪريان ٿو، جنهن کي بنديخاني جون سيخون ۽ پير ڪڙيون ياد ايندي هجن. توهان پنهنجي ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جي وچ واري وقت جو گهڙيءَ گهڙيءَ ذڪر ڪريو ٿا. توهان لاءِ عمر جو اهو دؤر هڪ سونهري دؤر آهي، توهان جي سمجهه آهر، اهو دؤر هر قسم جي تڪليف کان خالي ۽ ڳڻتيءَ کان آزاد ۽ دؤر آهي، پر منهنجي لاءِ اهو دؤر هڪ خاموش غم جو زمانو آهي. ان دؤر منهنجي دل جي زمين ۾ ڏک جو ٻج پوکيو، جيڪو منهنجي دل جي گهراين ۾ پرورش پائيندو رهيو، پر ان غم کي علم ۽ ڏاهپ جي دنيا ۾، پنهنجي اظهار جو وجهه ان وقت مليو جڏهين پيار پير ڄمائي، منهنجي دل جا دروازا کوليا ۽ ان جي ڪنڊڪڙڇ کي نور سان روشن ڪري ڇڏيو. ان بعد پيار منهنجن سڏڪن ۽ ڳوڙهن کي زبان عطا ڪئي. توهان ڪلالن، تفريح گاهن ۽ ملاقات جي جڳهين کي ياد ڪريو ٿا. توهان گهٽين جي انهن ڪنڊن پاسن کي ياد ڪريو ٿا جن اوهان کي کيڏندي ڏٺو ۽ توهان جي ٻاراڻين ڳالهين کي ٻڌو. اهو سڀ ته ٺيڪ آهي. اوپر لبنان جو هڪڙو سونهن ڀريو ٽڪرو منهنجي نظرن جو پڻ مرڪز رهيو آهي. آئون جڏهن به پنهنجون اکيون ٻوٽيان ٿو تڏهن پاڻ کي انهن ماٿرين ۽ ساوڪ ڀرين

وادين ۾ محسوس ڪريان ٿو، جيڪي پنهنجي جادوگريءَ عظمت ۽ شان سان ساڳيءَ ريت دل جي دامن ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪن ٿيون. اهي اوچا ۽ بلند پهاڙ اڄ به ساڳئي شان شوڪت سان ۽ پنهنجين سربلند چوٽين سان آسمان کي ڇهڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. گوناگون شهر جي گهماگهميءَ جي غوغاءَ کان جنهن وقت پنهنجن ڪنن کي بند ٿو ڪريان، ته ان وقت مون کي ندين جي وهڪري مان ٿڌل نغما ۽ دريائن جا راڳ ۽ هوا ۾ جهومندڙ ڻامن جي سرسراهٽ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. سونهن جون اهي مڙيئي موهت ڪندڙ ادائون ۽ ڪرشمه سازيون جن جو هن وقت مان ذڪر ڪري رهيو آهيان، انهن جي زيارت ڪرڻ لاءِ منهنجي دل اڄ ٻين تڙڦي رهي آهي، جيئن ڪو ڪيرپياڪ ٻار پنهنجي ماءُ جي ڇاتين سان چنبڙڻ لاءِ بيقرار ٿيندو آهي، ليڪن حسن جي انهن جادوگر رمزن منهنجي روح کي زخمي ڪري ڇڏيو. جواني جي ٻاٽ اونداهين ۾ قيد ٿيل منهنجو روح انهيءَ پکيءَ وانگر هو، جو ڪو ٻهري ۾ قيد رنج ۽ ڏک جون گهڙيون ڪاٽيندو هجي ۽ پکيڙن جا ولر ان جي نظرن جي سامهون آسمان جي بي انت فضا ۾ آزاديءَ سان اڏامي رهيا هجن. بيشڪ انهن ماٿرين ۽ پهاڙن منهنجي تخيل کي اڏام لاءِ پَرَ بخشيا، پر ڪڙين يادگيرين منهنجي دل جي چؤڦير مايوسين جو چار اُٺي ڇڏيو.

آئون جڏهن به پنين ۾ پوک جي ساوڪ ڀرين نظارن ڏسڻ لاءِ ٿي نڪتس ته بيحد مايوس ٿي واپس ٿي وريس، پر ڪيتري به ڪوشش ڪندي ان مايوسيءَ جو سبب سمجهه ۾ نٿي آيم. جنهن وقت نيري اڀ ڏانهن نظر ڪٽي ٿي نهاريم ته منهنجي دل ٻيهي ٿي وئي. جڏهن به پکيڙن جون ٻوليون ٿي ٻڌم ۽ بهار جي نظارن کي ٿي ڏٺم ته اچرج ۾ اچي ٿي ويس، پر ان اچرج جي سبب جي سڌ

نتي پيمر. ٻڌو اٿمر تہ پورزائپ ماڻهوءَ جو مغز خالي ڪريو ڇڏي ۽ سڪٿو مغز آخرڪار ڳتين کان ڇڏايو ڇڏي. تي سگهي ٿو اها انهن ماڻهن جي چوٽي هجي جيڪي پيدائشي مرده دل هجن ۽ دنيا ۾ لاش وانگر حياتي گهارڻ جا خواهشمند هجن. ليڪن هڪ حساس نوجوان، جيڪو احساس جي بي پناهہ قوت جو مالڪ هجي ۽ ساڳئي وقت اچا علمر جي دولت مان پوري طرح نہ پرايو هجيس، سو ان دنيا ۾ نهايت ئي اياڳو انسان ليکبو: ڇاڪاڻ جو اهڙين حالتن ۾ هن سان ٻہ قوتون جنگ جوتين ٿيون. هڪ قوت اها آهي جا ان جي روح کي روشن بڻائي، کيس مانُ ۽ مرتبو عطا ڪري ۽ حسين خوابن ذريعي زندگيءَ جي سونهن جي جهلڪ ڏيکاري ٿي. ٻي قوت ان کي پستين ڏي مائل ڪري کيس پنهنجو ڳيجهو بڻائي ان جي اکين ۾ ڏوڙ وجهي مٿس پوري طرح غالب پئجي، کيس ڏکن جي اوڙاهہ ۾ اڇلي ٿي.

ظاهر ۾ گوشہ نشينيءَ جا هٿ ڪپهہ وانگر نرمر ۽ نازڪ نظر اچن ٿا، پر ان جون سخت آڱريون جنهن وقت دل ۾ ڦٻن ٿيون تہ ان کي رنج ۽ غمر جو آستانو بڻائين ٿيون. تنهائي غمر جي دوست آهي پر ان ڳالهہ کان بہ انڪار ڪونهي تہ هوءَ روحاني بلندين ۽ سرفرازين جي مددگار ۽ معاون بہ آهي.

ان ننيڙي ۽ حساس نوجوان جو روح في الحال سوسن جي نرمر ۽ نازڪ، نئين ڪليل گل وانگر هو، پر ان رنج ۽ المر جا ڏڪ پئي ڪاڏا. اهڙو روح صبح جي هلڪي هير گهلڻ تي بہ ڏڪي ويندو آهي ۽ پنهنجي اندر جي پوري ڪائنات کي کولي ڪٽي سامهون رکندو آهي ۽ شامر ٿيندي ئي پنهنجي ڪليل پنکڙين کي سهيڙيندو آهي. زندگيءَ جي انهيءَ منزل تي جيڪڏهن اهڙي نوجوان کي سير ۽ تفريح توڙي

دوستن جون محفلون ميسر نہ ٿين ٿيون تہ ان جي حياتي هڪ اهڙو قيد خانو بڻجي پوي ٿي، جنهن ۾ هن کي ڪوريئڙن جي چار ۽ ڪيڙن ۽ ماڪوڙن کانسواءِ ٻي ڪا شيءِ نظر نٿي اچي.

جنهن مايوسيءَ منهنجي زندگيءَ کي گهيري ورتو هو، تنهن جو سبب تفريح جي گهٽتائي نہ هو ڇاڪاڻ جو آءٌ چاهيان ها تہ پاڻ لاءِ تفريح جو ججهو سامان پنهنجي اردگرد گڏ ڪري ٿي سگهيس. ان مايوسيءَ جو اصل سبب هڪ مخفي روڳ هو جنهن جي هئڻ جي ڪري آئون تنهائيءَ ۽ خلوت جو چاهڪ بڻجي پيو هيس. اندر جي انهيءَ اندروني روڳ، منهنجي راند روند ۽ گهمڻ ڦرڻ جي خواهش کي بلڪل فنا ڪري ڇڏيو هو. هن روڳ منهنجن پانهن جو ٻل کسي ورتو هيو ۽ منهنجي حالت پهاڙ ۾ ڇپيل پاڻيءَ جي هڪ اهڙي تلاءُ جهڙي ڪري ڇڏي هئي، جنهن جي سانتيڪي سطح، وڻن ۽ ڪڪرن جي سهڻين رنگن روپن جو اولڙو ڏاڍي خوبيءَ سان ڏيکاري ٿي سگهي، مگر اهو ڪنهن جهونگاريندڙ نديءَ وانگر سمنڊ سان وڃي ملڻ لائق نہ هو.

ارڙهن ورهين جي عمر تائين پهچڻ کان اڳ تائين منهنجي زندگيءَ جو پس منظر اهو ئي هو. اهو سال منهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان مٿاهين چوٽيءَ جي حيثيت رکي ٿو، ڇاڪاڻ جو اهو ئي سال آهي جنهن منهنجي اونداهي اندر ۾ علم جي شمع روشن ڪري بني نوع انسان جي تقديرن جي هيٺائين مٿانهين کي سمجهڻ جي سگهہ عطا ڪئي. ائين سمجهو تہ ان سال مون ٻيهر جنم ورتو. ڇو جو جيستائين انسان ٻيهر جنم وٺي، نئين سر نئو اڀري، تيستائين هن هستيءَ جي ڪتاب ۾، ان جي زندگي، اڇي پني کان وڌيڪ حيثيت نٿي رکي. اهو ئي پهريون سال آهي، جنهن ۾ مون ڄاڃيو

تہ آسمان تان فرشتا جوهہ وجهي مون ڏانهن نهاري رهيا آهن. مون اهو بہ ڇاٽي ورتو تہ دوزخ جا شيطان بہ هڪ اڻنگي فطرت واري انسان جي دل ۾ پيهي، مون کي ڪاوڙ مان گهوري رهيا آهن. جيڪو شخص هن زندگيءَ جي لڳائيءَ چڱائيءَ ۾ فرشتن ۽ شيطان جو مشاهدو نٿو ڪري، سو علم ۽ حڪمت کان ڪوهين دور رهندو. اهڙي شخص جو روح، پاڇهہ ۽ محبت جي مفهوم کان خالي رهندو.

تقدير جو هٿ

مان انهيءَ سونهن ڀريءَ سال جي بهار جي مند ۾ بيروت شهر ۾ رهيل هيس، جنهن ۾ سڀني باغن کي بهار جي هٿن طرحين طرحين گلڙن سان سينگاري ڇڏيو هو ۽ ائين پئي لڳو ته ڌرتي پنهنجا مڙيئي مخفي خزانا اپ اڳيان کڻي کولي رکيا آهن. نارنگين ۽ صوف جا وڻ، حورن ۽ ڪنوارين وانگر پنهنجين تمام دلفريبن سان سينگاريل هئا، جن کي قدرت، شاعرن جي وجدان ۽ ويچار جي وسعت لاءِ اڇو پاڪيزه لباس ڍڪائي ، خوشبوءِ سان معطر ڪري ڇڏيو هو.

بهار جي مند هر ملڪ ۾ حسين هوندي آهي، پر لبنان ۾ ته اها ويتر وڌيڪ دلپذير ٿئي ٿي. بهار جو روح هر ملڪ ۾ ڦيرا ڏئي ٿو، پر لبنان ۾ ته هو ٽلندو رهي ٿو. ان جي ٽور ڏسڻ وٽان هوندي آهي ۽ اها بهار جي مند بادشاهن ۽ ڏاهن سان ڪلام ڪندي، لبنان جي دريائن سان سر ملائيندي، راڳ جي دل وندرائيندڙ ترنم کي پکيڙيندي ۽ ان ملڪ جا عظيم ۽ شاندار لوڪ گيت ڳائيندي رهندي آهي. بهار جي موسم ۾ جڏهن لبنان، سرءُ جي مند جي گند ڪچري ۽ آرهڙ جي لُڪَ ۽ دز کان پاڪ صاف هوندو آهي، تڏهن ڪا پاڪ پوتر ڪنوار، ڪا نديءَ جي نياٽي، ڪنهن اڇي اُجري چشمي جي ڪنڌيءَ تي پنهنجي چڪلندڙ ۽ چمڪندڙ جسم کي سج جي شعاعن ۾ سڪائڻ ۾ رڌل هوندي آهي.

اپريل جي مهيني جي هڪ ڏينهن مان ڪنهن دوست سان ملڻ لاءِ ويس، جيڪو شهر جي گوڙ ۽ ڀيڙ کان ڪافي پري رهندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. اسين ٻئي ڳالهين ۾ محو هئاسين ته اوچتو هڪ معزز شخصيت جنهن جي عمر پنجهٺ سالن جي لڳ ڀڳ هوندي، سو اچي نڪتو. دوست سان گڏ مان به بزرگ لاءِ عزت وچان اٿي بيٺس. منهنجي دوست اسان ٻنهي جي هڪ ٻئي سان واقفيت ڪرائي ۽ پهريان هن معزز شخص جو نالو فارس آفندي ڪرامي ٻڌايو ۽ وري ڪيس نهايت سهڻي نموني ۾ منهنجو تعارف پڻ ڪرايو. هو پيرسن، چند سيڪنڊ پنهنجي مٿي تي آڱريون رکي مون ڏانهن غور سان تڪيندو رهيو، ڄڻڪ ڪا وسري ويل ڳالهه ياد ڪري رهيو هجي. پوءِ مشڪندي منهنجي ويجهو اچي ۽ چوڻ لڳو: ”تون منهنجي هڪ پياري دوست جو پٽ آهين ۽ سچ ته ان خوشي وچان منهنجو اندر جهومي اٿيو آهي جو آئون پنهنجو دوست تنهنجي وجود ۾ پسي رهيو آهيان.“

هي پيار ڀريا لفظ ٻڌي مان ڏاڍو متاثر ٿيس. مون کي هن جي وجود ۾ اها ئي دلڪشي ۽ ڇڪ محسوس ٿيڻ لڳي جا هر ڪنهن کي، پنهنجي آکيري ڏانهن اڏامڻ لاءِ محسوس ٿيندي آهي. اسين سڀئي ويهي رهياسين. پوءِ ان پيرسن منهنجي پيءُ سان پنهنجي دوستيءَ جي سربستي ڪهاڻي ڪري ٻڌائي ۽ منهنجي پيءُ سان گڏ گهاريل گهڙين جون ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون. هر پيرسن پنهنجي جوانيءَ جي ڏينهن کي ياد ڪري جوانيءَ جي موجن مان مزا ماڻيندو آهي ۽ ان وقت هن جي بي قراريءَ جو عالم، ان ڌارئي مسافر وانگر هوندو آهي جيڪو پنهنجي وطن واپس اچڻ لاءِ تڙڦندو آهي ۽ ماضيءَ جا داستان ٻڌائڻ ۾ اهڙو سرهو ٿيندو آهي جيئن ڪو شاعر پنهنجو بهترين نظم بار بار ٻڌائي محسوس ڪندو آهي. روحاني طور تي هو پنهنجي ماضيءَ واري دور ۾ حياتي گذارڻ جو تمنائي رهي ٿو، ڇاڪاڻ جو حال وچ وانگر لنگهي وڃڻ وارو ٿئي ٿو ۽ مستقبل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرسن جي خيال موجب، قبر جي گمناميءَ جي ڪنڊ ڏانهن وڌندڙ وک هجي ٿو. پراڻين يادگيرين سان پريل هڪ ڪلاڪ جڻ ڪنهن رولاڪ ڪڪري جي ڇانوَ وانگر آيو ۽ گذري ويو.

جڏهن فارس آفندي اسان کان موڪلائڻ لڳو. تڏهن هن ڪبو هٿ منهنجي ڪلهي تي رکي ۽ سڄي هٿ کي ڪيڪار لاءِ اڳتي وڌائيندي چيو، ”تنهنجي پيءُ سان ملڻي اچ ويهارو ورهه اچي گذاريا آهن ۽ اميد اٿم تہ تون ان جي ڪميءَ کي پورو ڪندين ۽ وقت ڪڍي اچي مون سان ملندين.“

مون سندس مهرباني مڃيندي، پنهنجي پيءُ جي هڪ عزيز دوست جي حڪم جي بجاءِ آوري ڪرڻ جو وعدو ڪيو.

جڏهن فارس آفندي هليو ويو تڏهن مون پنهنجي دوست کان سندس وڌيڪ واقفيت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ورتي.

هن چيو: بيروت ۾ مون کي ٻيو ڪو اهڙو ماڻهو ڪونہ ٿو سُجهي جيڪو ڏوڪڙ وارو ٿي ڪري بہ رحمدل هجي. هو انهن ٿورن ماڻهن مان آهي، جيڪي هن دنيا ۾ ڪنهن کي بہ ايذائڻ کان سواءِ هي جهان ڇڏي ويندا پر ان قسم جا انسان، دنيا ۾ بيوسيءَ واري زندگي گذارين ٿا. ڇاڪاڻ تہ خدا جا اهڙا نيڪ ٻانها، سندن پسگردائيءَ ۾ پکڙيل شيطانن جو مقابلو ڪرڻ جوڳا نہ هوندا آهن. هن کي هڪ نياڻي آهي سا بہ جهڙي ئي نيڪدل ۽ سلڇڻي آهي، جنهن جي سونهن سوپيا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي، ان هوندي بہ هوءَ لاچاريءَ واري زندگي بسر ڪري رهي آهي ۽ پٽس جو پيسو هن لاءِ آزار ثابت ٿيو آهي. ”هوءَ هينئر کان ئي ذلت جي کوهہ جي ڪناري تي بيٺي آهي.“مون ڏٺو تہ مون اهو جملو پورو ٿي مس ڪيو تہ سندس منهن تي رنج جا ڪڪر ڇانئجي ويا. هن ڳالهہ جاري رکندي چيو:

فارس آفندي هڪ نيڪ سيرت ۽ سٺيءَ دل جو مالڪ آهي پر منجهس قوت ارادي جي گهٽتائي آهي، ماٺهو هن کي آسانيءَ سان دوکو ڏئي ويندا آهن. هن جي نياڻي. سياڻي ۽ سلڇڻي هوندي بہ پنهنجي پيءُ جو حڪم اکين تي رکندي آهي ۽ اهوئي راز آهي جنهن پيءُ ۽ ڌيءَ جي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي. هڪ شيطان صفت انسان، جنهن کي هتي بشپ چوندا آهن، تنهن اهو راز معلوم ڪري ورتو آهي.

ظاهري طور تي هو پنهنجي شيطاني صفت کي تقدس جي پردي ۾ لڪائيندو پيو اچي ۽ ماٺهن کي اهو اعتبار ڏيندو پيو اچي تہ هو چڱي ڪردار جو ڏٺي آهي. هو هن سر زمين تي مذهبي پيشوا آهي. ماٺهو هن جو حڪم اکين تي رکن ٿا ۽ ان جي پوڄا ڪن ٿا. هو ماٺهن کي رڍن ٻڪرين وانگر ڪوس گهر ڏانهن ڌڪيندو رهي ٿو. ۽ ان بشپ جو هڪڙو ڀائٽيو آهي، جيڪو ڪلڇڻو ۽ نفرت جوڳو آهي پر نيٺ اهو ڏينهن بہ اچڻو آهي، جڏهن بشپ جو ڀائٽيو سندس سڄي پاسي ۽ فارس آفنديءَ جي نياڻي هن جي ڪڇي پاسي ويٺل هوندا ۽ بشپ جو منحوس هٿ انهن ٻنهي کي نڪاح جي بندڻ ۾ ٻڌندو. اهڙي طرح هڪڙي ڪنواري ۽ پاڪيزه دوشيزه، هڪڙي ڪريل ۽ ڪميڻي ماٺهوءَ سان شاديءَ جي بندڻ ۾ ٻڌي، ڏينهن وانگر روشن دل کي، انڌڪار ۽ اونداهيءَ کاهيءَ ۾ لاٿو ويندو." آئون فارس آفنديءَ ۽ ان جي نياڻيءَ بابت ان کان وڌيڪ پيو ڪجهہ نٿو ڄاڻان.

ائين ڇٺي هن پنهنجو منهن ڪٺي دريءَ ڏانهن ڪيو ۽ مون ائين محسوس ڪيو تہ ڄڻڪ منهنجو دوست ڪائنات جي سونهن ۽ سوڀيا جو اڀياس ڪري، انسان ذات جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ مصروف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويو آهي.

پنهنجي دوست جي گهران روانو ٿيڻ وقت مون ان کي ٻڌايو ته آئون وعدو پورو ڪرڻ خاطر، ڪجهه ڏينهن ۾ بابا سان سندس لاڳاپن کي اڳيان رکندي، فارس آفنديءَ جي گهر وڃي رهيو آهيان. منهنجي اها ڳالهه ٻڌي هو تڪ ٻڌي مون ڏانهن گهورڻ لڳو. مون ڏٺو ته هن جي منهن تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي وئي هئي. مون محسوس ڪيو ته منهنجن ٿورن لفظن هن اڳيان ڪو نئون راز کولي پڌرو ڪيو هو. مون کي هن جي اکين ۾ هڪ ئي وقت پيار، رحم، ڏک ۽ ملال جا آثار گڏ سڏ ڏسڻ ۾ آيا. هي اهڙي شخص جي نگاهه هئي جنهن کي اچڻ وارا واقعا صاف نظر پئي آيا. ۽ پوءِ رحم جي جذبي کان هن جا چپ ڏڪڻ لڳا پر هو واتان ڪي ڪين ڪڇيو. مان موڪلائي روانو ٿيس، پر هن جي عجيب و غريب نگاهن، بدستور منهنجي پٺ نه ڇڏي ۽ مون ان جو مطلب ان وقت سمجهيو جڏهن ان تجربيگاهه جي مون کي به ڪجهه ساڃهه پيئي. هيءَ اها تجربيگاهه هئي، جنهن ۾ دليون وجداني طور تي هڪٻئي جون ڳالهيون سمجهنديون آهن، جتي روح هڪ ٻئي کان چڱيءَ طرح واقف هوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قربانگاهہ جي دروازي تي

اڪيلائيءَ ٿورن ئي ڏينهن ۾ مون کي بدحواس ڪري ڇڏيو. آئون ڪتابن جي خوفناڪ ۽ ڀيانڪ شڪلين مان ڪِڪ ٿي پيس، ۽ پوءِ اوچتو هڪ ڏينهن مان ڪرائي تي گاڏي ڪري، فارس آفنديءَ جي گهر ڏانهن روانو ٿي ويس ۽ صنوبر جي وڻن جي انهيءَ جهڳٽي وٽ پهتس، جتي ماڻهو گهڻو ڪري پڪنڪ لاءِ ايندا آهن. هتان هڪڙو خانگي رستو شروع ٿئي ٿو جنهن جي ٻنهي پاسي توتن جا ڊگها وڻ پوکيل هئا ۽ ڪجهہ اڳيرو سامهون گاهہ جو مخملي فرش ۽ انگورن جون وليون لڳل نظر آيون. جن جي پسگردائيءَ ۾ رنگ برنگي گل پنهنجون بهارون ڏيکارڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا.

ڪجهہ گهڙين ۾ گاڏي اچي ان جڳهہ تي بيٺي، جنهن جي چوڌاري هڪ سهڻو باغ هو، جنهن مان، گلاب، گيندي ۽ چنبيليءَ جا گل پنهنجي خوشبو هوا ۾ پکيڙي رهيا هئا. مان گاڏيءَ مان لهي باغ ۾ داخل ٿيس تہ پرِيان فارس آفندي پٽي آيو، هُو ڏاڍيءَ سڪ مان مليو ۽ گهر اندر وٺي هليو. هن کي اهڙي خوشي حاصل ٿي، جهڙي هڪ مهربان ۽ شفيق پيءُ کي پنهنجو نيڪ اولاد ڏسي ٿيندي آهي. هو منهنجي پرسان ٿي وٺو ۽ پوءِ مون کان منهنجي زندگيءَ، مستقبل ۽ علم پرائڻ بابت اڻ ڳڻيا سوال پڇيائين، جن جا جواب مون پڻ ساڳئي گرمجوشيءَ ۽ هيج مان ڏنا. منهنجي ڪنن ۾ عظمت ۽ توقير جا گيت ٻرڻ لڳا. مون ائين ٿي ڀانيو تہ ڄڻڪ مون اميدافزا خوابن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سانتيڪي سمنڊ ۾ سفر پئي ڪيو. ايتري ۾ هڪڙي خوبصورت نوجوان ڇوڪري صاف شفاف سفيد بوسڪي پهريل دروازي جي مخملي پردي پويان ڪمري ۾ داخل ٿي. فارس آفنديءَ آئون ٻئي ڄڻا پنهنجون پنهنجون ڪرسيون ڇڏي اٿي ڪڙا ٿياسين.

هن هڪ خوبصورت دوشيزه جي واقفيت ڪرائيندي چيو ته هيءَ منهنجي ڌيءَ سلميٰ آهي ۽ مون ڏانهن اشارو ڪندي چيائين "قسمت پنڙي جي صورت ۾ منهنجي هڪ پراڻي همدم ۽ سنگتيءَ سان ملاقات ڪرائي آهي."

سلميٰ اهو ٻڌي مون ڏانهن پرپور نگاهن سان ڏٺو. شايد هن کي يقين ڪونه هو ته ڪو مهمان صبح سان سندن گهر ويٺو آهي. جڏهن مون سندس سوسن جي اچي گل جهڙو نرم ۽ نازڪ هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو ته هڪ اهڙي ڌڪ منهنجي دل کي بيقرار ڪيو جنهن جو بيان نٿو ڪري سگهجي.

اسين سڀ ماٺ ۾ ويٺا رهياسين. ان ساٿ ۾ ائين لڳو ڄڻڪ ڪمري ۾ داخل ٿيڻ وقت سلميٰ پاڻ سان گڏ سرمندي روح آندو هو. جنهن جي تعظيم لاءِ ماٺ ۽ سانت ضروري هئي. نيٺ سلميٰ کي ان ماٺ ۽ سانت جو احساس ٿيو. هن مشڪي مون ڏي ڏٺو ۽ چوڻ لڳي:

"بابا پنهنجي جوانيءَ جا گهڻائي داستان مون کي ٻڌايا آهن. انهن داستانن ۾ اهو زمانو ذڪر لائق آهي جيڪو بابا ۽ اوهان جي والد جو هڪ ٻئي جي ساٿ سنگت ۾ گذريو. جيڪڏهن اوهان جو والد به ساڳيءَ حب سان پنهنجي دوست ۽ همدم جو ذڪر ڪندو رهيو هوندو ته پوءِ پڪ اٿم ته هيءَ ملاقات اسان جي پهرئين ملاقات نه هوندي."

پوڙهي جڏهن سلميٰ کي انهيءَ انداز سان ڳالهائيندي ڏٺو ته ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڻ لڳو. ”سلميٰ ڏاڍي جذباتي آهي. هوءَ هر شيءِ کي پنهنجي روح جي اکين سان ڏسي ٿي.“

ان بعد پوڙهي آفنديءَ پنهنجي ڳالهه ٻولهه ۾ ڪجهه تبديلي پيدا ڪئي، جنهن مان احتياط ۽ تڪلف جهلڪڻ لڳو. مون کي ائين محسوس ٿيو ته ڄڻڪ هن جي نگاهن، مون ۾ اها طلسمي ڪشش معلوم ڪري ورتي آهي، جنهن هن کي يادگيرين جي پرن تي ڪٺي، گذريل حياتيءَ جا گذريل ڏس ڏيکارڻ تي گهريا.

پنهنجي زندگيءَ جي حسين خوابن کي اڳيان رکندي جڏهن مون فارس آفنديءَ ڏانهن ڏٺو ته لڳو ته هڪڙي وڏي وڻ، جنهن زماني جي گرمين ۽ سردين کي اکين ڏٺو آهي، تنهن مون جهڙي ضعيف ٻوٽي کي، جيڪو صبح جي هير لڳڻ تي به ڏڪڻ لڳندو آهي، قرب ۽ پيار جي پاڇي ۾ ڪٺي ورتو آهي.

سلميٰ ٻنهي ماٺ هئي. ڪڏهن ڪڏهن اکيون کڻي ڦيرائين مون ڏانهن ۽ پوءِ پيءُ ڏانهن ڏٺائين ٿي، ڄڻڪ هوءَ پنهنجي انداز سان زندگيءَ جي ڪتاب جي ڦهرئين ۽ آخري باب جو اڀياس ڪندي هجي. ڏينهن جا پهر باغ ۾ ويٺي جلدي لنگهي ويا ۽ لبنان جي ٽڪرين کي سج جون آخري سونهري چميون ڏينديءَ ڏٺم. فارس آفندي انهيءَ وچ ۾ گرمجوشيءَ سان پنهنجي زندگيءَ جا واقعا بيان ڪندو رهيو. آئون به ڏاڍي سرت سان سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو هوس- اوچتو هن جي خوشي مايوسيءَ ۾ تبديل ٿي ويئي.

سلميٰ دريءَ وٽ بيٺي هئي. هن جي اکين ۾ مايوسي هئي ۽ هوءَ ماٺ ۾ هئي، سونهن جي پنهنجي ٻولي ٿيندي آهي، جيڪا چپن مان نڪرندڙ آواز کان گهڻو مٿانهين، زمان ۽ مڪان جي قيد کان

مڪمل آزاد. هڪ سانتيڪيءَ ڍنڍ وانگر تيندي آهي. اها ٻولي، ڳائيندڙ ندين کي پنهنجي دل جي دامن ۾ سهيڙيو ماٺ ڪر يو ڇڏي.

سونهن جي حقيقت فقط اسان جا روح ٿا سمجهن. جيڪي سونهن جو قرب حاصل ڪري، ان سان گڏ گونج ڪيي سرسبز ٿين ٿا. سونهن اسان جي ذهن کي حيرت ۽ اچرج ۾ وجهيو ڇڏي. لفظ ان جي حقيقت بيان ڪرڻ کان قاصر آهن. هيءَ هڪ اهڙي ڪيفيت آهي جيڪا اکين جي مشاهدي ۾ نٿي اچي سگهي. هيءَ هڪ تاثر آهي، جيڪو شاهد ۽ مشهود ٻنهي جي دلي ڪيفيتن مان جنم وٺي ٿو. ائين سمجهو ته سونهن نور جي هڪڙي لاٽ آهي، جيڪا صرف هڪڙي پاڪباز ۽ تعظيم لائق روح مان ڦٽي نڪري ٿي ۽ جهڙي طرح زندگي، پاڻيءَ ۽ ڌرتيءَ جي اونهائين مان اُبري، گلن کي رنگ روپ ۽ خوشبو بخشي ٿي، اهڙيءَ طرح اها نور جي لاٽ، انساني جسم ۽ جان جي ڪنڊ ڪڙڇ کي روشن ڪريو ڇڏي.

حسن جي رمز جو حقيقي هنڌ، روحاني هم آهنگي آهي، جنهن جو ٻيو نالو آهي پيار. جيڪو فقط هڪ مرد ۽ هڪ عورت جي وچ ۾ ٿي سگهي ٿو.

ڇا! منهنجو ۽ سلميٰ جو روح پهرئين ملاقات ۾ رلي ملي ويو هو؟ اهو ئي سبب ته نه هو جو مان سندس سهڻي صورت کي ئي دنيا ۾ سڀ کان سرس سمجهڻ لڳو هوس؟ ڇا! مان جوانيءَ جي مڌ جي نشي ۾ چور، هڪ اهڙي چيز جي وجود کي تسليم ڪري رهيو هوس، جيڪو اتي ڪونه هو؟ ڇا! جوانيءَ منهنجي نظر کي منڌي ڇڏيو هئو، جو آئون حقيقتن جو اپياس ڪرڻ بدران، هن جي اکين جي چمڪ، چپن جي مناج ۽ قيامت خيز قد ڪاٺ ۾ ٻڏي ويو هوس! يا ائين هو ته هن جي مرڪ جي مناج ۽ جسماني بيهڪ،

منهنجي نيڻن کي نور بخشي، مون کي پيار جي خوشين ۽ غمن جي لذت کان واقف ڪيو هو؟

انهن سوالن جو جواب ڏيڻ سولو ڪونهي، پر مان هڪ حقيقت بيان ڪري رهيو آهيان تہ ان وقت مون تي اهڙي ڪيفيت طاري ٿي وئي هئي جا هن کان اڳ مون ڪڏهن بہ پاڻ تي محسوس ڪانہ ڪئي هئي. پيار جو اهو انوکو جذبو آهستگيءَ سان منهنجي دل جي وسعتن ۾ پيهي ويو هو ۽ اهو جذبو ان روح وانگيان هو جيڪو هن ڏيک ويک واري دنيا جي پيدا ٿيڻ وقت پاڻيءَ جي وسعتن مٿان ڦري رهيو هو. ان انوکي جذبي مون کي پيار بخشيو. اتان ئي منهنجي خوشيءَ ۽ ڏک جي شروعات ٿي. اها هئي منهنجي سلميٰ سان پهرئين ملاقات جي ڪهاڻي.

هاڻ مون کي قدرت جي هٿ، جوانيءَ ۽ اڪيلائيءَ جي زنجيرن مان آزاد ڪري پيار ڪندڙن جي جلوس ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

هن دنيا ۾ اصل آزادي آهي پيار، ڇاڪاڻ جو اهو جوهر، روح کي ايڏي اوچائي ۽ وسعت ٿو بخشي جو انساني قانون ۽ فطرت جو نظام ٻئي گڏجي بہ ان جون راهون نٿا ڦيرائي سگهن.

مان موڪلائي هلڻ لاءِ اجان اٿيس ئي مس تہ فارس آفندي منهنجي ويجهو اچي ٻينو ۽ سنجيدگيءَ سان چيائين:

" هاڻي هي گهر تنهنجي لاءِ ڪنهن ڌارئي جو گهر ناهي، اڄ کان توکي هن گهر کي پنهنجو گهر سمجهي ڇڏڻ کپي. تون هن گهر ۾ ايندو ڪج ۽ ائين سمجهج تہ تون پنهنجي گهر ٿو اچين. آئون تنهنجو پيءُ آهيان ۽ سلميٰ تنهنجي ڀيڻ."

ائين چئي هن سلميٰ ڏي ڏٺو، ڄڻڪ هن کي پنهنجي بيان جي تصديق ڪرائڻي هجي. سلميٰ بہ هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ مون ڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي طرح ڏنو ڄڻڪ ڪيس ڪو دل گهريو دوست ملي ويو هجي.

فارس آفنديءَ جي انهن لفظن مون کي ۽ هن جي ڌيءُ کي پيار جي ساڃهه ۽ قربانگاهه اڳيان اچي بيهاريو هو. انهن لفظن ۾ سڀ گ ع پاڪيزگيءَ جو نغمو هو. ان نغمي ڪان منهنجي اوچائي ۽ وسعت شروع ٿي ۽ آخر ۾ اهو ئي نغمو منهنجي سورن جو سامان بڻيو. ان نغمي اسان جي روحن کي نور ۽ نار، روشني ۽ باهه جي دڳ لاتو. اهو نور ۽ يسمر ڪري چڏڻ وارو باهه جو شعلو گويا اهڙي ڪڙي ۽ منيءَ مڌ مثل هو، جنهن مان اسان پنهنجي روحن کي ريج ڏنو هئو.

منهنجي موڪلائڻ تي پوڙهو آفندي باغ جي آخري ڪنڊ تائين مون کان موڪلائڻ لاءِ آيو. ان وقت منهنجي عجيب حالت هئي. منهنجي دل ڪنهن پياسي جي چپن وانگر ڦڙڪي رهي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇي اُجري روشني

اپريل جو مهينو اڇي پورو ٿيو هو. مان دستور موجب فارس آفنديءَ جي گهر پيو ايندو ويندو هيس. منهنجون سلميٰ سان باغ ۾ ملاقاتون بہ ٿينديون رهنديون هيون، مان سلميٰ جي سونهن کي تڪيندو، سندس ذهانت تي اچرج ۾ ايندو ۽ روزانو سانتيڪي سور جون سوٽون سٽندو رهندو هوس. مان ائين پائيندو هيس تہ ڪا اڻ ڏٺي طاقت مون کي ڇڪي ان پاسي وٺي ويندي هئي.

هر ملاقات مون کي سندس سونهن جي نئين معنيٰ ۽ مطلب تي سمجهايو ۽ هن جي دل ليپائيندڙ روح کي سمجهڻ لاءِ مون کي بصيرت بخشي. آهستي آهستي سلميٰ جو وجود منهنجي لاءِ هڪ ڪتاب بڻجي پيو، جنهن جي هرهڪ صفحي جي اپياس ڪرڻ ۽ ان جي شان ۾ گيت ڳائڻ لڳو هيس، پر ان هوندي بہ ان ڪتاب جو پورو اپياس ڪري نہ سگهيس.

سلميٰ هڪ اهڙي عورت هئي، جنهن کي قدرت نہ رڳو ظاهري پر روح جو بہ حسن بخشيو هو. هن جي سموري وجود ۾ سچائي هئي. هوءَ ساڳئي وقت هڪ ڪليل راز بہ هئي تہ سربستي حقيقت پڻ، جنهن کي صرف پيار سمجهي ۽ تقدس ڇهي ٿي سگهيو. اهڙي سراپا سونهن جو جيڪڏهن ڪو شخص ويهي تفصيل سان بيان ڪندو تہ سونهن پنهنجو وجود وڃائي ويهندي.

سلميٰ جو وجود روحاني ۽ جسماني سونهن جو سهنڊ ۽ ميلاپ هو. جنهن شخص ان کي نہ ڏٺو آهي، تنهنجي اڳيان ان جي ڪهڙي ساراهہ ڪريان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا ڪو بي روح، ڪويل جي ڪوُڪوُ، گلاب جي خوشبوءَ ۽ وهندڙ ندين جي ساهه ڪڻڻ جو تصور سمجهي سگهي ٿو؟ ڇا ڪو قيدي جيڪو قيد خاني اندر ڳرين زنجيرن ۾ جڪڙيل هجي سو صبح جي ٿڌڙي ۽ هلڪڙي هير جي همراهيءَ جي دعويٰ ڪري سگهي ٿو؟ ڇا منهنجو اهو فخر اجايو آهي، جو مان سلميٰ کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. مجان ٿو ته مان چمڪندڙ، چلڪندڙ ۽ روشن رنگن هوندي به سلميٰ جي تصوير نٿو ٺاهي سگهان. پر! رڻ پٽ ۾ جتي ڪنهن بڪايل کي ست رڇيون ملڻ جي اميد نه هجي ته پوءِ سڪل ماني ڳيو به ان لاءِ وڏي نعمت نه هوندو؟

سفيد سلڪ پهريل سلميٰ، چنڊ جي ان شفاف ڪرڻي وانگر هئي، جيڪو دريءَ مان ڪمري ۾ داخل ٿي رهيو هو. هوءَ هلي ٿي ته ان جي ٽور ۽ لوڏ ۾ پاڪيزگي ٿي محسوس ٿي. هن جي آواز ۾ نزاڪت ۽ مناج ڀريل هيو. هن جڏهن ڳالهايو ٿي ته لفظ هن جي چپن مان ائين ٿي ڇڻيا جڻ هوا جي جهوٽن تي گلن جي پنکڙين تان ماڪ ڦڙا ٿي ڪريا.

هاءِ، سلميٰ جو روشن روح! دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ان جو بيان نٿو ڪري سگهجي. هن جي چهري تي پهريائين نماڻائي ۽ نراسائي نمودار ٿئي ٿي ۽ پوءِ ان ۾ سرمدي سرفرازي ۽ سربلندي جهلڪندي نظر اچي ٿي.

سلميٰ جي چهري جي سونهن کي، قديم يوناني ۽ رومي معيارن تي پرکڻ ٺيڪ ناهي. هن جو حسن هڪ الهامي خواب وانگر زمان ۽ مڪان جي قيد کان آزاد هو، جنهن ڪري ڪنهن پٿر گهڙيندڙ ڪاريگر جي ڇيڻيءَ جي ڪاريگري ان جي مورت گهڙي نه ٿي سگهي. سلميٰ جي خوبصورتي ان جيءَسونهري ۽ ڀورن وارن ۾

ڪانہ هئي، بلڪ ان تقدس ۽ پاڪيزگيءَ ۾ هئي، جنهن سندس چوڌاري هڪ گول دائرو ٺاهي ورتو هو. ان جي خوبصورتي سندس وڏين وڏين اکين ۾ نہ، بلڪ ان نور ۾ لڪل هئي، جنهن جو چشمو هن جي نيڻن مان ٿي ڦٽي نڪتو. شايد اوهان سمجهو تہ هن جي خوبصورتيءَ جو اصل راز هن جي ڳاڙهن چپن ۾ لڪل هو- نہ- هن جي سونهن جو اصل راز سندس منڙن لفظن ۾ هو. ائين بہ ڪونهي تہ هن جو اصلي حسن سندس روح جي پاڪيزگيءَ سبب هو جيڪو هڪ اڇيءَ اجريءَ روشنيءَ وانگر اب ۽ ڌرتيءَ جي وچ ۾ جهلڪا ڏيڻ ۾ رڌل هو.

هن جي سونهن شاعري هئي. اڙي هي مون ڇا چيو! شاعر تہ ويچارا سدائين غمن هاٿا تيندا آهن. هنن جو روح جيترو اوچائيءَ تائين پهچي سگهندو هو، ايترو وڏيڪ رنج ۽ الم ۾ وڪوڙيا ويندا آهن.

سلميٰ ڳالهائيندي گهڻ ۽ غور ۽ ويچار وڏيڪ ڪندي هئي. هن جي ماٺ اهڙي نغمي وانگر هئي جيڪو انسان کي خوابن جي اهڙي دنيا ۾ وٺي ويندو آهي، جتي هو پنهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ ٻڌي سگهندو آهي ۽ پنهنجي اميدن ۽ احساسن کي عين پنهنجي اکين سامهون ڏسي سگهندو آهي.

هوءَ سموري حياتي غمگينيءَ جي چادر ۾ ويڙهي رهي، پر جهڙي طرح گلڙن سان ٽمٽار وڻ صبح جي ڪوهيڙي ۾ وڌيڪ دلڪش ۽ خوبصورت پيو لڳندو آهي، تهڙي طرح غمگينيءَ سلميٰ جي دلفريبيءَ ۽ عظمت ۾ ويتر اضافو ٿي ڪيو.

اها مايوسي ٿي هئي جنهن اسان ٻنهي جي روحن ۾ هڪ جهڙائي پيدا ڪري ورتي هئي. اسان هڪ ٻئي جي دلين جي مخفي

ڏک ڏک ڀڏي ٿي ورتي ۽ هڪ ٻئي جي دل جي ڌڙڪن جي راز کي سمجهي ورتو هو. اسان جا جسم جدا هيا پر روح رليل هئا ۽ اسان جي جدائيءَ جو مطلب ڏکن ڏولاوَن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو.

مايوس ۽ غمگين روح کي ساڳئي قسم جي روح جي قرب ۾ آرام اچي ٿو. اهڙن روحن ۾ هڪٻئي لاءِ هڪ خاص تڙپ ۽ ڪشش ٿئي ٿي. اهي روح هڪ ٻئي کي ڏسي ان پرديسيءَ وانگر خوش ٿيندا آهن، جنهن کي ڌارئي يا اڻڄاتل ملڪ ۾ هم وطن ملي ويندو آهي. اهي ٻه دليون جن کي مشترڪ غم ۽ ڏک هڪ ڪري ڇڏيو هجي، تن کي وڏي خوشي به هڪ ٻئي کان ڌار نٿي ڪري سگهي. جيڪو پيار سورن جي سمنڊ مان پاڪيزگي حاصل ڪري ٿو ان جي سونهن سدائين قائم رهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طوفان

هڪ ڏينهن فارس آفنديءَ مون کي رات جي ماني‌ءَ جي دعوت ڏني. منهنجو روح ان روحاني ماني‌ءَ لاءِ بيقرار هو، جيڪا قدرت سلميٰ جي هٿن ۾ قابو ڪري رکي هئي. هڪ اهڙو طعام جيڪو جيترو ٿو ڪاڇي اوتري ئي دلين جي بک وڌي ٿي. هيءَ اهو طعام هئو جنهن جي لذت کان قيس آشنا ٿيو ته ان جي دل سراپا نور بڻجي پئي. هيءَ اهو طعام آهي جنهن کي پيار جي ديوي، چمين جي مٽاڻ ۽ لڙڪن جي ڪوڙاڻ مان تيار ڪري ٿي.

مون فارس آفنديءَ جي گهر ۾ پير رکيو ته ڏٺم، سلميٰ باغ ۾ هڪڙي بينچ تي ويٺي هئي. هوءَ اڇي بوسڪيءَ جي لباس ۾ نئين نويلي ڪنوار ٿي لڳي يا ائين پئي لڳو ڄڻ ڪو پهريدار ان گهر جي سنڀال لاءِ مقرر آهي.

نهايت احتياط ۽ آهستگيءَ سان آئون سندس پرسان ويهي رهيس، پر مون ۾ ڳالهائڻ جي سگهه نه هئي. مون ماٺ رهڻ مناسب سمجهو. درحقيقت ماٺ ئي دلين جي حقيقي زبان آهي. مون کي خبر هئي ته سلميٰ منهنجي دل جو آواز ٻڌي ۽ منهنجي روح جي پاڇولن کي منهنجي اکين ۾ ڏسي رهي آهي.

گهڙي کن بعد پيرسن آفندي ٻاهر آيو ۽ اڇي مون کي ڏاڍي حب سان کيڪاريائين. مون کي ائين محسوس ٿيو ته ڄڻ هن مون ڏانهن کيڪارڻ لاءِ نه بلڪ انهيءَ اسرار جي سلامتيءَ لاءِ هٿ ڏکيري دعا پئي گهري، جنهن مون کي ۽ سندس نياڻيءَ کي قربت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪڙيءَ ۾ ڪڙيو هيو. پوءِ هن چيو ته اچو پارو! طعام تيار آهي ۽ اسان سندس پويان هلڻ لڳاسين. ان وقت سلميٰ جي اکين ۾ خاص چمڪ هئي چاڪاڻ جو اڄ هن جي پيار جي دنيا ۾ تازن توانن ۽ خوشين سان ٽمٽار جذبن جنم ورتو هيو. جن جو اظهار سندس پيءُ اڄان هينئر پارو چئي ڪيو هو.

ڪاڏي جي ميز تي ڪاڏي جو لطف وٺي رهيا هئاسين. پراڻو شراب اسان جي سامهون پيو هو پر ان وقت اسان پنهي جو روح، هتان ڪان گهڻو پري، ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ هڪٻئي سان همڪلام هو. اسان جو روح، مستقبل ۽ ان جي مشڪلاتن جي ويچار ۾ گم هو.

. اسان ٽنهي جڻن جون ذهني ڪيفيتون هڪ ٻئي ڪان بلڪل نراليون هيون، پر پڪ سان ٽنهي جون دليون هڪ ٻئي جي پيار سان ٽمٽار هيون. اسان وٽ فقط جذبن جي دولت هئي. اسين ٽيئي معصوم هئاسين ۽ اسين ڪي عالم سڳورا ڪونه هئاسين. هڪ پوڙهو پيءُ هو جنهن ڪي پنهنجي ڌيءَ سان ڏاڍو پيار هو. جنهن ڪري هو ان جي خوشيءَ لاءِ انداز ڪان ٻاهر فڪرمند هو، جيڪو ڊرامي ۾ هڪ مکيه ڪردار جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو هو. ٻي ويهن ورهين جي نوجوان عورت هئي. جنهن ڪي مستقبل مايوس ڪندڙ ٻئي نظر آيو ۽ ٽيون شخص هڪ نوجوان هو جيڪو پنهنجن خوابن ۽ ڳڻتين ۾ گم هو، جنهن اڃان تائين حياتيءَ ۾ ڪجهه ڏٺو ئي ڪين هو. هو پيار ۽ چاڻ جي چوٽين ڪي چمڻ لاءِ سڪيو ٿي، پر اڃان تائين منجهس پرواز جي سگهه ڪانه هئي. اسين ٽيئي ڄڻا ان اڪيلي گهر جي هلڪيءَ روشنيءَ ۾ ڪاڏي ڪائڻ ۾ رُڌل هئاسين. ان هوندي به اسان جي دلين جي تهن ۾ رنج ۽ ڏک جي ڪوڙاڻ واسو ڪيو ويٺي هئي.

اڃا اسان ڪاڏو ڪائي مس پورو ڪيو ته نوڪرياڻيءَ اندر اچي

ٻڌايو تہ ٻاهر ڪو ملاقاتي آيو آهي، جيڪو فارس آفنديءَ سان ملڻ ٿو چاهي.“ اهو ملاقاتي ڪير آهي؟“ پيرسن نوڪرياڻيءَ کان پڇيو.

”بشپ صاحب جي طرفان ڪو پيغام کڻي آيو آهي.“ نوڪرياڻيءَ جواب ڏنو.

گهڙي ڪن جي لاءِ سڄي ڪڙنيءَ ۾ ماٺ ٿي ويئي. فارس آفندي پنهنجي نياڻيءَ ڏانهن ڏٺو. هن جي نظرن ۾ ان ملاقات جا سيپئي اسرار جهلڪي رهيا هئا، پوءِ هن نوڪرياڻيءَ کي چيو، ”ان ملاقاتيءَ کي اندر وٺي اچ.“

نوڪرياڻي ٻاهر وئي ۽ ڍگهين ڍگهين مڇن وارو هڪڙو ماڻهو مشرقي طرز جو لباس پهريل ، اندر داخل ٿيو. هن فارس آفنديءَ سان ڏاڍي عزت مان مخاطب ٿي سلام ڪري چيو:

”تقدس ماب جناب بشپ مون کي اوهان ڏانهن موڪليو آهي. پاڻ اوهان کي ياد فرمايو اٿن. اوهان سان ڪنهن ضروري مسئلي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻي اٿن. سندن ذاتي گاڏي بہ گڏ آندي اٿم.“

نياپو ٻڌي پيرسن آفنديءَ جي چهري تي مايوسيءَ ۽ نراسائيءَ جا ڪڪر ڇانئجي ويا. هن جي منهن جي مرڪ غائب ٿي وئي ۽ ٿورو ويچارڻ کان پوءِ هو اسان وٽ اچي دوستاڻي لهجي ۾ مخاطب ٿي چوڻ لڳو، ”منهنجي موتي اچڻ تائين توهان هتي ئي هججو. هن اڪيلي گهر ۾ توهان جي رفاقت خوشيءَ جو سبب ٿيندي.“

ائين چئي هن سلميٰ ڏي نهاريندي، ان جي رضامندي گهري. سلميٰ پسنديدگيءَ جو اظهار ڪندي ڪنڌ لوڏيو. ۽ ائين ڪرڻ مهل هن جا ڳل گلاب جي گل جيان ڳاڙها ٿي ويا. هن چنگ کان بہ مٺي لهجي ۾ ورائيو، ”آئون پنهنجي معزز مهمان کي خوش رکڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنديس.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفندي بشپ جي گاڏيءَ ۾ چڙهي روانو ٿي ويو. جيستائين گاڏي نظر آئي سلميٰ جون اکيون ان ۾ کتل هيون، ان بعد هوءَ منهنجي اڳيان سائي رنگ جي سلڪ سان مڙهيل تخت تي اچي ويٺي، جنهن تي ويٺل هوءَ سوسن جي ان گل جهڙي لڳي رهي هئي، جنهن جو ڪنڌ، صبح جي هوا جهڪائي ڇڏيو هجي. اهو قدرت جو ڪرشمو هو جو اڄ رات جو هڪ عاليشان مڪان ۾، جيڪو چئني طرفن کان طرحين طرحين وڻن ۽ گلن ۾ گهيريل هو، مون کي ان جي ويجهڙائيءَ ۽ رفاقت جو موقعو مليو. اهڙو گهر جنهن ۾، پاڪيزگي، سانت، پيار ۽ سونهن هڪ ٿي وقت رهائش پذير هئا.

اسين ٻئي چپ چاپ ويٺا هئاسين، ائين ٻئي پانيوسين ته پهرين اڳلو ڳالهائڻ شروع ڪري، پر ٻن هم آهنگ روحن وچ ۾ نياپو رسائڻ جو ذريعو فقط گفتگو نه ٿيندي آهي، اهو ضروري ڪونهي ته ٻن دلين کي ملائڻ لاءِ چپن مان نڪتل لفظ ئي اظهار جو ذريعو ٿين.

ڳالهه ٻولهه کان به مٿانهين ۽ اعليٰ شيءِ اظهار جو ذريعو ٿي سگهي ٿي. خاموشي روحن کي منور ڪري، هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ ۽ هڪ جهڙائي پيدا ڪرڻ لاءِ اسان جي دلين ۾ سرگوشيون ڪري ٿي. مـ ـ اسان کي پنهنجو پاڻ کان الڳ ڪري، روحن جي وسعت جو سير ڪرائي، حقيقت جي ويجهڙائي حاصل ڪرڻ ۾ مددگار بڻجي ٿي. پوءِ هڪ اهڙي منزل به اچي ٿي، جتي اسين پايون ٿا ته اسان جا جسم رڳو قيدخانو آهن ۽ هيءَ چلڪي واري دنيا، جلاوطنيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونهي.

سلميٰ مون ڏانهن ڏٺو، هن جي نگاهن سندس دل جو سارو حال چئي ڏنو. هن پوءِ آهستي چيو:

” هلو ته هلي باغ ۾ وڻن جي ڇانوَ ۾ وِهون ۽ جتان پهاڙين

جي پويان چنڊ جي ايرڻ جو نظارو به ڪريون."

مان تعظيم سان حڪم جي تعميل ڪندي اٺي ڪڙو ٿيس ۽ ٿورو هيڪي وراڻيم:

"ڇا اهو بهتر نه ٿيندو ته جيسين چنڊ مٿي چڙهي، تيسين اسين هتي ئي ويٺا رهون. هن وقت چوطرف ڳڱهه اوندهه آهي، سيني گلن ۽ وڻن تي ڪاراڻ جي چادر چڙهيل آهي، تنهن ڪري اسان کي ڪجهه به نظر نه ايندو."

سلمي چيو، "جيتوڻيڪ اوندهه، گلن ۽ وڻن کي اسان جي نظرن کان پري ڪري ڇڏيو آهي، پر اها اوندهه، اسان جي دلين جي پيار کي هڪ ٻئي کان هرگز لڪائي نٿي سگهي."

اهو جملو هن عجيب انداز ۾ ادا ڪندي، دريءَ ڏي ڪنڌ منهن موڙيو ۽ ٻاهر ڏسڻ لڳي. مون ماٺ ڪري هن جي لفظن تي ٻيئي ويچاريو ته ايتري ۾ هن پريون نظرن سان مون ڏانهن اهڙي طرح نهاريو ڄڻڪ هُن، جن احساسن جو اڄا هينئر اظهار ڪيو هو تن جي ورجائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هُئي، مگر هن جي خوبصورت اکين احساس جي تاثر کي ختم ڪرڻ بدران، منهنجي دل جي گهراين ۾ ان کي اڳي کان به وڌيڪ اجاگر ۽ چٽو ڪري ڇڏيو ۽ اهو سونهن پريو نغمو منهنجي يادگيريءَ جي صفحن تي ابد تائين نقش ٿي ويو.

هن دنيا ۾ هر ڪو نيڪ ۽ چڱو ڪم انسان جي سيني ۾ موجون ماريندڙ ڳُجهڳُوٺ ۽ جذبي جو نتيجو ٿيندو آهي. پراڻين تهذيبن جون جيڪي عظيم نشانيون اڄ اسان کي نظر اچن ٿيون، سي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ۾ ڪنهن نه ڪنهن مرد يا عورت جي سيني ۾ اول ته فقط هڪ خيال جي حيثيت سان اُڀريون هونديون. ساڳيءَ ريت اهي انقلاب جيڪي لکين انسانن جي قتل عام ۽ رت وهائڻ ڪانپوءِ آزاديءَ

جا ضامن بڻيا، سي شروع شروع ۾ ضرور ڪنهن هڪڙي فرد جي سوچ ويچار جو نتيجو هئا. جو منجهائن ٺي هڪ هو. اهي جنگيون جن تباهيون آنديون، وڏيون وڏيون راڄڌانيون، حڪمرانيون ۽ سلطنتون نيٽ نابود ڪري ڇڏيون؛ شروع ٿيڻ کان اڳ تن جي آڳ جو آلو ڪنهن هڪڙي شخص جي دماغ ۾ لڪو ويٺو هو. عمدي ۽ اعليٰ ترين تعليم ۽ سکيا، جنهن انسان ذات جا وارا نيارا ڪري ڇڏيا آهن سا پڻ ڪنهن هڪڙي فرد، جنهن جي لياقت ۽ علم جي بلندين ان کم لاءِ ڪيس پنهنجي ماحول کان ذرا الڳ هٽائي رکيو هو، تنهن جي نيڪ ويچار جو نتيجو هئي. اهڙي طرح هرهڪ چڱو توڙي بڇڙو خيال شروعات ۾ ڪنهن هڪ فرد جي ذهن ۾ پرورش پائي ٿو. هڪڙو خيال ساڳئي وقت مصر جي احرام جي صورت ۾ به ظاهر ٿئي ٿو ته اسڪندريه جي ڪتب خاني جي تباهيءَ جي صورت ۾ به ملي ٿو.

ڪو ويچار توهان جي سربلنديءَ ۽ عظمت جو سبب ٿي سگهي ٿو ته ڪو اوهان کي پاڳلخاني ۾ زندگي بسر ڪرڻ جي دعوت ڏئي سگهي ٿو. عورت ذات جي هڪڙي نگاهه اوهان جي حياتيءَ جي پلوَ کي سڄي دنيا جي خوشين سان به ڀري سگهي ٿي ته اوهان جي بربادي‌ءَ ۽ تباهيءَ جو سبب پڻ ٿي سگهي ٿي. ساڳيءَ ريت ڪنهن شخص جي چپن مان نڪتل فقط هڪڙو لفظ اوهان کي خوشين سان مالامال به ڪري سگهي ٿو ته ساڳيو ئي لفظ اوهان کي ذلت جي ڪڏ جي تري ۾ به اڇلائي سگهي ٿو.

سلميٰ جي منهن مان نڪتل، ان رات وارن لفظن مون کي ماضيءَ ۽ حال جي سنگم تي گرفتار ڪري ورتو ۽ منهنجي حالت ان ٻيڙيءَ جهڙي وڃي ٿي، جيڪا ڪُنن جي ٻنهه وچ ۾ لنگر هنئي بيٺي هجي. انهن لفظن مون کي جوانيءَ جي ٻُهرواري ڳهري ننڊ مان

جاڳائي وڌو ۽ تنهائيءَ مان چوتڪارو ڏياري، مون کي حياتيءَ جي انهيءَ اسٽيج تي آڻي ڪڙو ڪيو جتي حياتي ۽ موت پنهنجو پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ٿا.

گلن جي هلڪي هلڪي خوشبو پنهنجي هڳاءُ ڦهلائڻ ۾ رڌل هئي. اسين باغ ۾ چنبيليءَ جي هڪڙي ٻوٽي پرسان اچي ويٺاسين ۽ نند ۾ محو، فطرت جي ساهه کڻڻ واري لذت سان آشنا ٿيڻ لڳاسين ۽ مٿان اڀ جون نيريون اکيون وجهه وٺي اسان جي زندگيءَ جو ڊرامو ڏسي رهيون هيون.

اولهه وارن ملڪن جا شاعر لبنان کي صرف قصن، ڪهاڻين ۽ روايتن جي سرزمين سمجهندا آهن. هن ملڪ کي حضرت سليمان حضرت دائود ۽ ٻين پيغمبرن جي روشن تاريخ ڪانپوءِ اهڙي طرح هڪ وساريل زمين ڪري ٿا ڄاڻن، جهڙي طرح حضرت آدم جي زوال ڪانپوءِ باغ عدن کي. مغربي شاعرن وٽ لبنان رڳو شعريت جو هڪ اصطلاح آهي، جتي هڪ پهاڙ آهي، جنهن جون سموريون ماٿريون، چئن ئي طرفن کان صنوبر جي وڻن جي هيڪار سان واسيل آهن. جنهن وقت هو لبنان جو نانءُ ٿا کڻن، تنهن وقت هنن جو ذهن يڪدم ٽامي ۽ سنگ مرمر جي انهن عبادتگاهن ڏانهن هليو ٿو وڃي، جيڪي صدين کان مضبوط بيٺيون آهن ۽ جن جو وجود مٿائڻ جوڳو ناهي. هو پنهنجي اکين جي سامهون اهي هرڻن جا ٽولا ڏسن ٿا، جيڪي لبنان جي ماٿرين ۾ چرندا ڦرندا ٿا وتن. ان رات مون کي به لبنان هڪ سهڻي خواب وانگر نظر پئي آيو، ڇڻڪ آءُ ان کي هڪ شاعر جي اک سان ڏسي رهيو هوس.

شين جي ظاهري شڪل شبيهه انسان جي اندروني احساس سان گڏ ڦرندي گهرندي رهندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو وقتي

ڪي شيون خاص حسن ۽ دلڪشيءَ جو پندار نظر ايندڻون آهن، حالانڪ اها سونهن ۽ دلڪشي اصل ۾ اسان جي دل ۽ نظر ۾ سمايل هوندي آهي.

چنڊ جا ڪرتا سلميٰ جي چهري، ڳچيءَ ۽ ٻانهن تي چمڪڻ لڳا ۽ مان ائين ڀانئڻ لڳس ته هوءَ عاج جو هڪ بت آهي، جنهن جي حسن ۽ پيار ڪي ڪنهن سنگتراش بوچاريءَ ڏاڍيءَ تل ۾ ڏاهپ سان ويهي جوڙيو آهي. ايتري ۾ هن مون ڏانهن نهاريندي چيو:

”اوهان ماٺ ڇو آهيو؟ ڇا اهو مناسب ناهي ته اوهان مون کي پنهنجي گذريل زندگيءَ جي پلن کان واقف ڪريو.“

جيئن ئي مون نظر کڻي ڏانهس نهاريو ته مون کان ماٺ ڇڏائي ويئي ۽ مان چپ جوري چوڻ لڳس:

”ڇا جيڪي ڪجهه مون هتي باغ ۾ اچڻ کان اڳ ۾ چيو هو سو توهان نه ٻڌو هو. اهو روح جيڪو گلن جي ڳالهين ۾ خاموش نغمن کي ٻڌي نو سو منهنجي دل جي ڏک ڏک ۾ اندر جو آواز به ٻڌي سگهي ٿو.“

هن پنهنجو چهرو پنهي هٿن سان لڪايو ۽ ڪنبڊڙ آواز ۾ چوڻ لڳي:

”هائو، مون توهان جي دل جو آواز ٻڌي ورتو هو... مون هڪ اهڙو آواز جيڪو رات جي سيني ۾ ڏينهن جي اونهاين ۾ موجزن هو سو ٻڌي ورتو هو.

مان پنهنجي ماضيءَ ۽ پنهنجي وجود کي پلجي ويس ۽ منهنجي لاءِ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جو ڪو حقيقي وجود هو ته اها صرف سلميٰ هئي. پوءِ مون هن جي ڳالهه جو جواب ڏيندي وراڻيو:

”مون به تنهنجي دل جي ڏک ڏک ٻڌي ورتي هئي سلميٰ!

مون نغمن جي هڪ اهڙي لهر کي محسوس ڪري ورتو آهي، جنهن ساري ڪائنات ۾ لرزش پيدا ڪري ڇڏي آهي."

منهنجا اهي لفظ ٻڌي هن پنهنجون اکيون ڪٿي بند ڪيون ۽ مون ڏنو تہ هن جي چپن تي مُرڪ ۽ مايوسيءَ جو عجيب ميلاپ نروار ٿيو. پوءِ هن آهستگيءَ سان چيو:

"مون کي خبر پئي آهي تہ آسمان کان اوچي، سمونڊ کان اونهي زندگي، موت ۽ وقت کان بہ وڌيڪ عجيب ڪا ٻي شيءِ آهي. اهو ڳجهہ مون تي اڄ کليو آهي."

ان وقت مون کي معلوم ٿيو تہ سلميٰ جو وجود هڪڙي دوست کان وڌيڪ پيارو، هڪڙي ڀيڻ کان وڌيڪ ويجهو ۽ هڪڙي محبوب کان وڌيڪ مٺو آهي. هاڻ سلميٰ هڪ مٿانهون خيال، هڪ بنهہ سهڻو سپنو ۽ منهنجي روح جو اهڙو جذبو هئي، جيڪو هر لحظي مون تي ويتر وڌيڪ غالب پئجي رهيو هو.

منهنجي خيال ۾ اها ڳالهہ ئي غلط آهي تہ ڪو پيار ڊگهي ميل ميلاپ ۽ سنگت جي ڪري پيدا ٿئي ٿو. اصل ۾ پيار، روحاني ويجهڙائيءَ جو ٻيو نالو آهي. جتي اها روحاني ڪشمڪش اک ڇنڀ ۾ پيدا نٿي ٿئي، اتي پيار جو ناتو سال تہ ڇڏيو پر صدين ۾ بہ قائم ٿي نٿو سگهي.

ان بعد سلميٰ پنهنجو ڪنڌ مٿي کنيو ۽ پري افق ڏانهن جتي سنين جو جبل اپ کي چمي رهيو هو، اوڏانهن ڏنو ۽ چيو:

" ڪالهہ تائين تنهنجو وجود منهنجي لاءِ هڪڙي پاءُ جو وجود هو، جنهن سان گڏ مان پنهنجي پيءُ جي مهربانيءَ جي ڇانوَ ۾ حياتي گذاري رهي هيس ۽ ان جي پرسان ماٺ ڪري ويهي رهندي هيس. اڄ مونکي ان هستيءَ ۾ هڪ عجيب ۽ وڌيڪ ڇڪ محسوس

تي ٽئي جيڪا ياءِ جي پيار کان بلڪل مختلف آهي. اها چڪ پنهنجو پاڻ ۾، هڪ انوکي پيار ۽ خوف جو ميلاپ سمايو بيٺي آهي. جيڪا منهنجي دل کي هڪ ئي وقت سرهائيءَ ۽ مايوسيءَ سان ڀري ڇڏي."

مون چيو:

" پيار جو اهو آڙاهہ جنهن کان اسين ڏڄي وڃون ٿا ۽ جيڪو دلين ۾ مچ مچائي، اسان کي ڏکئيءَ ۾ وجهي ٿو ڇڏي سو قدرت جو اهو قانون آهي، جيڪو چنڊ کي زمين جي چوڌاري ۽ سج کي خدا جي چوڦير ڦرڻ تي مقرر ڪري ٿو."

هوءَ پنهنجون نرم ۽ نازڪ آڱريون منهنجي وارن ۾ ڦيرڻ لڳي. هن جي منهن تي عجيب رونق نظر پئي آئي، پر سندس اکين ۾ اوچتو پرجي آيل ڳوڙها ائين وسڻ لڳا جڻڪ ماڪ جا ڦڙا، سوسن جي پنکڙين تي ڪري رهيا هجن. پوءِ هوءَ چوڻ لڳي:

"اسان جي هن ڪهاڻيءَ تي ڪنهن کي يقين ايندو ۽ اها ڳالهہ ڪير مڃيندو تہ اسين وهم ۽ شڪ جون سيئي سرحدون ٽپي چڪا آهيون. ائين بہ ڪير وسهندو تہ اپريل جي مهيني جن پن روحن کي هم آهنگ ڪري ڇڏيو آهي، سو اهو مهينو آهي جنهن اسان جي زندگيءَ کي مقدس ۽ پاڪ گهڙين کان واقف ڪري ڇڏيو آهي."

هن جو هٿ اڃان تائين منهنجي وارن ۾ هو ۽ آئون انهيءَ خوبصورت هٿ جي پيٺ ۾، جنهن جون سهڻيون ۽ نازڪ آڱريون منهنجي وارن ۾ پئي ڦريون، شاهي تاج يا وڏي کان وڏي عظمت ۽ سربلنديءَ کي بہ هيچ ۽ هڪڙي ٽڪي جهڙو سمجهڻ لڳس.

پوءِ مون وراڻيو:

" ماڻهو اسان جي انهيءَ ڪهاڻيءَ کي ڪونہ مڃيندا، ڇاڪاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪين خبر ٿي ڪانهي ته پيار جي حقيقت ڇا آهي؟ هنن کي ڇاڻ ٿي ڪانهي ته پيار هڪ اهڙو گل آهي جيڪو موسمن جي مدد ڪانسواءِ به وڌڻ ويجهڻ ۽ ڪڙڻ جي سگهه ۽ لياقت رکي ٿو. ڇا سچ پچ اهو اپريل جو مهينو هو جنهن اسان کي ڀهريون ڀيرو پاڻ ۾ ملايو؟ ڇا واقعي اها ٿي حياتيءَ جي ڀهرئين گهڙي هئي، جنهن اسان جي زندگيءَ کي نهايت ئي پاڪيزه ساعتن جي لذت کان واقف ڪيو هو؟

ڇا اها قدرت جي هٿ جي ڪاريگري ناهي جنهن اسان جي روحن کي خلقڻ کان اڳ ئي هڪ ٻئي جي ويجهو ڪري ابد تائين هڪ ٻئي جي پيار جو قيدي ڪري ڇڏيو. انسان جي زندگي ماءُ جي پيٽ کان شروع ڪانه ٿي ٿئي ۽ نڪي ڪي ان جي آخري منزل قبر جي ڪنڊ آهي. هيءَ ڪائنات جيڪا چنڊ تارن سان ڀري پيئي آهي، سا ئي پيار ڀرين روحن جي رهڻ جي جاءِ آهي ۽ روح هميشه انهن چنڊ تارن جي چوطرف چڪر هڻندا ٿا رهن."

سلميٰ جيئن پنهنجو هٿ منهنجي مٿي تان هٽايو ته مون پنهنجي وارن ۾ ڪا بجليءَ جي لهر محسوس ڪئي. هڪ خلوص واري پوڄاريءَ وانگر جيڪو قربانگاهه ۾ داخل ٿيڻ وقت آشيرواد جي لاءِ چانئٺ چمندو آهي. مون سلميٰ جو هٿ کڻي پنهنجي هٿن ۾ جهليو ۽ پنهنجا ٻرندڙ چپ کڻي ان تي رکيم. مون هن جي هٿ کي ڊگهي ۾ ڊگهي چمي ڏني، جنهن جي يادگيري اڄ به منهنجي دل کي پگهرايو ٿي ڇڏي، جنهن جو مٺاج اڄ به منهنجي روح جي پاڪيزگيءَ جو ضامن آهي.

پورو ڪلاڪ ٿي ويو. منهنجي لاءِ ان ڪلاڪ جو هڪ هڪ منٽ سال سمان هو. رات جي خاموشيءَ، چانڊاڻ، گلن ۽ وڻن ملي جلي عجيب سمو پيدا ڪري ڇڏيو هو. اسين پيار ڪانسواءِ ٻيو سڀ

ڪجهہ وساري چڪا هئاسين. ايتري ۾ اچتو گهوڙي جي ٽاپن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اسين هڪدم دلڪش مدهوشيءَ مان سجاڳ ٿي، خوابن جي ماڙين مان نڪري، رنج ۽ ڏک جي هن دنيا ۾ داخل ٿي وياسين. ڏٺوسين تہ پيرسن آفندي گاڏيءَ ۾ اچي سهڙيو آهي. اسين هن جي استقبال لاءِ باغ جي دروازي ڏانهن وڌياسين.

گاڏي باغ جي دروازي تي پهتي. فارس آفندي گاڏيءَ مان لهي اسان ڏي آهستي آهستي وڌڻ لڳو. پيرسن جو ڪنڌ جهڪيل هو ۽ ائين لڳو ٿي تہ ڄڻ هن جي ڪنڌ تي ڪو ڳرو بار پيل آهي. هو سلميٰ جي ويجهو آيو ۽ ان جي ڪلهن تي پنهنجا ٻئي هٿ رکي هڪ ٽڪ ڏانهس نهاريندو رهيو. تان جو هن جون اکيون پرجي آيون ۽ سندس گهنجيل ڳلن تان ڳوڙهن جا قافلا گذرندا رهيا. هن جا چپ ڏڪڻ لڳا ۽ پوءِ انهن تي مايوسي جهلڪڻ لڳي. هن جو آواز ڳرو ٿي ويو ۽ هن سلميٰ کي مخاطب ٿيندي چيو:

” منهنجي پياري سلميٰ! اهو ڏينهن ويجهو اچي ويو آهي جڏهن توکي پنهنجي پيءُ جي پيار ڀري ڇانوَ ڇڏڻي پوندي ۽ تون هميشہ لاءِ ڪنهن ٻئي شخص جي ٿي ويندينءَ. تقدير جا هٿ جلدي توکي هن سهڻي گهر مان ڪڍي ڪنهن ڪلئي ماحول ۾ نيندا. هاڻي هن باغ جي ڌرتي جنهن کي هيل تائين تنهنجي پيرن جي چمين جو فخر حاصل هو، سا ان عظمت ۽ وڏائيءَ کان محروم ٿي ويندي. هاڻي تنهنجو پيءُ تنهنجي لاءِ هڪ ڌاريو شخص ٿي پوندو. ڌڻي تعاليٰ توکي خوش ۽ آباد رکي، منهنجي اها ئي دعا آهي.“

اهو ٻڌي سلميٰ جي مکڙيءَ تي ڏک جا پاڇا ڇانئجي ويا. هن جون اکيون خوف ۽ ڏپ جي شدت کان، خشڪ ٿي ويون ۽ هوءَ مکڙي زخمي پکيءَ وانگر ڦٿڪڻ لڳي ۽ ڏک ۽ تڪليف سان ڀريل

ڏڪندڙ ۽ لرزندڙ آواز ۾ دانهون ڪرڻ لڳي:

” توهان ڇا چئي رهيا آهيو؟ مون توهان جو مطلب نہ سمجهيو. توهان مون کي ڪنهن جي حوالي ڪري رهيا آهيو؟“

پوءِ هن جاسوسن وانگر ڳجهہ ڳولهيندڙ نگاهن سان پيءُ ڏانهن ائين ڏٺو ڄڻڪ ان جي اکين ۾ لڪل راز معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هجي. پل کن کانپوءِ هن کي سڀ سڌ پئجي ويئي. هوءَ چوڻ لڳي:

” آئون سمجهي ويس، مون کي سڀ ڪجهہ پتو پئجي ويو آهي. بشپ منهنجو سڱ گهريو آهي ۽ هِن پڳل ڪنيڙائين پکيءَ جي لاءِ هُن تيليون ڪنيون ڪري ورتيون آهن تہ جيئن هو مون کي پنجرو جوڙي قيد ڪري وٺي. اي منهنجا شفيق ۽ مهربان پيءُ! ڇا اهو سڀ ڪجهہ اوهان جي مرضيءَ سان ٿي رهيو آهي؟“

ان سوال جي جواب ۾ فارس آفندي فقط هڪڙو اونهو ساهہ کنيو. پر زبان مان کي بہ ڪين ڪڇيو ۽ هڪڙي مهربان پيءُ وانگر هو سلميٰ کي پاڻ سان گهر اندر وٺي ويو ۽ مان اڪيلو باغ ۾ بيٺو رهجي ويس. مايوسي، رنج ۽ ڏک چئني پاسن کان مون تي حملہ آور ٿيو. مون ائين پيانيو تہ ڄڻ خزان جي موسم جي ٿڌي هوا جو جهوٽو. سڪل پن وانگر اڳتي اڏايو ڪنيو پيو وڃيم. مان سندن پويان ڪمري ۾ گهڙيس ۽ هنن اٿوٿندڙ ۽ منحوس حالتن کي وڌيڪ وقت منهن ڏيڻ ڪانسواءِ، فارس آفنديءَ ڏانهن موڪلائڻ لاءِ هٿ وڌايم. پوءِ سلميٰ ڏانهن ڏٺم ۽ ٻنهي کان موڪلائي واپس وريس. اڃا باغ جي آخري ڪنڊ تي مس پهتس تہ پيرسن آفنديءَ جو آواز ڪن تي پيم ۽ آئون ان لاءِ بيهي رهيس. هن منهنجي هٿ ۾ هٿ ڏيئي پڇتاءُ ظاهر ڪندي چيو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

” پٽڙا! مون کي معاف ڪج. مون تنهنجي اچوڪي شام ڏکن جي ورِ چاڙهي ڇڏي. مون کي پوري اميد آهي تہ تون مونسان ملڻ لاءِ بدستور ايندو رهندين ڇاڪاڻ جو مان ڇاڻان ٿو تہ جڏهن سلمي هن گهر مان رخصت ٿي ويندي، ان وقت آئون بلڪل تنها رهجي ويندس. آئون اهو بہ سمجهان ٿو تہ جهڙي طرح سچ جي ايرڻ ۾ لهڻ ۾ ڪابہ رفاقت يا ياري ڪانهي تهڙي طرح جوانيءَ ۾ پيڙاپي جو بہ ڪو ساٿ ڪونہ ٿيندو آهي، پر مون کي اميد آهي تہ تون مون وٽ اچي مون کي انهن ڏينهن جي يادگيرين مان لطف اندوز ٿيڻ جو وجهہ ڏيندين، جيڪي مون ۾ تنهنجي پيءُ جوانيءَ ۾ گڏجي گذاريا آهن. حياتيءَ جون سرگرميون اڄڪلهہ مون کي جيئرن ۾ ڪونہ ٿيون ڳڻين. تون مون سان ملڻ لاءِ ايندو رهندين نہ! سلمي تہ هلي ويندي ۽ آئون هن گهر ۾ اڪيلو رهجي ويندس.“

پيرسن آفنديءَ جا اهي دل پچائيندڙ ۽ ڏکوئيندڙ لفظ ٻڌي مون ڪيس ڏانهن آهستگيءَ سان موڪلائڻ لاءِ هٿ وڌايو. اسان اڃا هٿ هٿ ۾ ڏنو ئي مس تہ پيرسني جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي منهنجي هٿ تي ڪرڻ لڳا. اهو ڏک ۽ ڪرب مون کان سٺو نہ ٿيو. مان اولاد واري پيار هيٺ دٻجي ويس ۽ ائين پائڻ لڳس تہ غم جي ڳهٽائيءَ ڪان منهنجي دل وهندي پئي وڃي. مون ڪنڌ مٿي ڪنيو تہ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي، فارس آفنديءَ وڏڙن واري شفقت سان منهنجي نراڙ تي چمي ڏيندي چيو؛ ”خدا حافظ! منهنجا پٽڙا خدا حافظ!“

هڪ نوجوان جا لڙڪ چنڪ گلاب جي پنکڙين تي ماڪ وانگر هوندا آهن. پر پوڙهي ۽ ضعيف ماڻهوءَ جا ڳوڙها چنڪ ان خشڪ پن وانگر هوندا آهن، جيڪو سرءُ جي واءُ جي هلڪي اشاري

سان اچي پٽ پوندو آهي.

جنهن وقت مان آفنديءَ جي گهران روانو ٿيس، تنهن وقت سلميٰ جو آواز منهنجي ڪنن ۾ پري رهيو هو. هن جي سونهن همزاد وانگر مون سان همراه هئي. هن جي پيءُ جي نيڻن مان ڳڙيل ڳوڙها، آهستي آهستي منهنجي هٿ تي خشڪ ٿي رهيا هئا.

اڄ رات هن گهر مان منهنجي روانگي آدم وانگر هئي. اڄ مون کي بهشت مان ڪڍيو ويو هو، پر منهنجي دل جي حوا جيڪا سڄي دنيا کي منهنجي لاءِ عدن جو باغ بڻائي ٿي سگهي، سا مون سان گڏ ڪانه هئي. ان رات مون نئون جنم ورتو هو، پر اهائي رات منهنجي لاءِ موت جو پيغام به بڻجي آئي.

سج حياتيءَ کي جلا بخشي ٿو، پر سندس تپش جي شدت مان جنم وٺندڙ لڪن ڪري ڀڙڪندڙ ۽ جهومندڙ ساوڪ کيتن جو ساهه سڪي ٿو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڙاهه

انسان جيڪي ڪجهه رات جي تاريڪين ۾ ڪري ٿو، تنهن جا اسرار صبح ساڻ کليو پون. جيڪي لفظ هو اڪيلائيءَ ۾ خلوت ۾ پنهنجي منهن مان ڪڍي ٿو، سي اهڙي ڪا اميد نه هوندي به ٻئي ڏينهن عام جي زبان تي اچيو وڃن. اهي ڳالهيون جيڪي اڄ اسين پنهنجن گهرن جي ڪنڊن پاسن ۾ لڪائي رکون ٿا سي پاڙي پتيءَ جي ماڻهن جي زبانن کان ٿينديون وڃيو بازارن ۾ پڌرجن ٿيون.

بشپ غالب ۽ فارس آفنديءَ جي ملاقات جو مقصد، اونداهيءَ جي روحن سيني تي ڪولي چڙيو ۽ صبح جو اهو داستان پسگردائيءَ ۾ گشت ڪرڻ لڳو. آهستي آهستي اها ڳالهه منهنجي ڪنن تائين به اچي پهتي.

ان رات فارس آفنديءَ ۽ بشپ غالب جي وچ ۾ جيڪا ڳالهه ٻولهه ٿي هئي سا ڪا غريبن، يتيمن ۽ رنن زالن بابت ڪا نه هئي. فارس آفنديءَ کي پنهنجي خاص گاڏي موڪلي گهرائڻ جو مطلب رڳو اهو هو ته سلميٰ جو مڱڻو بشپ جي ڀائٽيي منصور غالب سان ٿي وڃي.

سلميٰ پنهنجي دولتمند پيءُ جي اڪيلي نياڻي هئي. اهو ئي سبب هو جو بشپ جي انتخاب جي اک سلميٰ کي چونڊيو هو. اها چونڊ ڪا سلميٰ جي سونهن ۽ سلڇڻائيءَ جي ڪري ڪانه ٿي هئي، بلڪ هڪ دولتمند جي دولت جي ڪري ٿي هئي ته جيئن هن جو ڀائٽيو عيش ۽ آرام جي زندگي گذاري سگهي ۽ ان جو شمار شهر جي وڏن ماڻهن ۾ ٿيڻ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايرندي وارن ملڪن ۾ مذهبي پيشوا پنهنجين ذاتي فياضين تائين محدود نٿا رهن، بلڪ هو پوري ڪوشش ڪن ٿا تہ هنن جي ڪٽنب جو هرهڪ ڀاتي وڏو ۽ طاقتور ماڻهو بڻجي پوي. هڪ بادشاه جي شاهاڻي عظمت وراثتي جي قانون مطابق وڏي پٽ جي حصي ۾ ايندي پر هڪڙي مذهبي اڳواڻ جون متيرائپ ۽ وڏ ماڻهپائي وچڙندڙ بيماريءَ وانگر ان جي ڀائرن ۽ ڀائٽين تائين بہ پهچيو وڃي ۽ اهڙي طرح ڪڏهن ڪڏهن عيسائين جا بشپ، مسلمانن جا پير ۽ هندن جا برهمڻ، هڪڙي هيبتناڪ ساموندي بلا بڻجي ۽ چاڙيون پٽي هر طرف عام ماڻهن تي حملو ڪن ٿا، تان جو پنهنجا وڏا وات ڀنيو پنهنجي شڪار جو رت چوسي وڃن ٿا. جنهن وقت بشپ پنهنجي ڀائٽيي لاءِ سلمیٰ جي سڱ جي گهر ڪئي تہ ان جو پيءُ هڪ ڏکهي ماٺ ۾ اکين مان ڳڙندڙ ڳوڙهن ڪان سواءِ ٻيو ڪو جواب ڏيئي نہ سگهيو. هن پنهنجي اڪيلي ڌيءُ کي پاڻ کان ڌار ڪرڻ نٿي گهريو ڪوبہ پيءُ جنهن کي فقط هڪڙي نياڻي هجي ۽ هن اها ڌاڍي لاڏ ۽ پيار سان پالي هجي، تنهنجي جدائي سهي ڪين سگهندو. اهڙي حالت ۾ هن جو روح ڪنبي اٿندو ۽ ساڳي حالت هن پيرسن جي هئي.

مائٽن کي جيتري خوشي پٽ جي شاديءَ ۾ ٿيندي آهي اوترو مايوسي ڌيءُ جي شادي ۾ پلئہ پوندي اٿن. پٽ جي شادي ڪٽنب ۾ هڪڙي ڀاتيءَ جو واڌارو آڻيندي آهي، پر نياڻيءَ جي شاديءَ ڪري ڪٽنب مان هڪڙو پيارو ڀاتي سدائين لاءِ الڳ ٿي ويندو آهي.

فارس آفندي، شاديءَ جو اهو پيغام لاچار قبول ڪيو هو. اهو سيڪجهہ دل نہ گهرندي ٿيو هو ڇاڪاڻ جو آفندي، بشپ جي ڀائيٽي کان چڱي طرح واقف هو. هن کي سڏ هئي تہ منصور، غالب خطرناڪ، نفرت جوڳو ۽ بڇڙين عادتن وارو شخص هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لبنان ۾ ڪنهن بہ عيسائيءَ کي اها مجال ڪانہ هئي جو هو بشپ جي مخالفت ڪري ۽ پوءِ پنهنجي آبرو سلامت رکي سگهي. هتي ڪوبہ ماڻهو مذهبي اڳواڻ جي حڪم جي انحرافي ڪري پنهنجي مشهوريءَ کي بيداغ نٿو رکي سگهي. ڪابہ اک نيزي جي اڻيءَ سان ڦٽجڻ ڪانسواءِ ان جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. جيڪو شخص مقابلي لاءِ تلوار تي هٿ رکندو، تنهن تي هٿ ڍلو رکيو هوندو.

فرض ڪريو تہ فارس آفندي انهيءَ مائٽيءَ ڪرڻ کان صفا انڪار ڪري ها تہ ڇا ٿي پوي ها. اهڙو انڪار سلميٰ جي عزت ۽ آبروءَ لاءِ نهايت خطرناڪ ثابت ٿئي ها. ان جي پاڪدامنيءَ تي گند اڇلايو وڃي ها ۽ سوين زبانون هن جي لڄ کي داغدار ڪرڻ ۾ لڳي وڃن ها. ڇاڪاڻ جو گدڙ جي خيال موجب انگورن جي جنهن ڇڳي تائين پاڻ پهچي نہ سگهيو سو ضرور کٽو هوندو.

ان ريت قسمت سلميٰ کي بہ اوير جي بيوس ۽ لاچار رحم جوڳين عورتن جي جلوس ۾ شامل ڪيو ۽ اهو اعليٰ روح، جيڪو پوري آزاديءَ سان پيار جي پرن تي، چانڊاڻ ۽ گلن جي دلفريب سرهاڻ سان ڀريل فضائن ۾ اڏامي رهيو هو. سو اڄ سوڙهي ۽ اونداهي قيدخاني جي پابندين ۾ سوڪهو ٿي ويو.

ڪن ملڪن ۾ مائٽن جي ملڪيت اولاد جي لاءِ تباهيءَ جو سبب بڻجي پوي ٿي. اها ويڪري ۽ مضبوط لوهي صندوق، جنهن ۾ هن جا مائٽ پاڻ ۾ صلاحون ڪري ناٺي کي قابو ڪن ٿا. سا ئي سندن اولاد جي روح لاءِ هڪڙو سوڙهو ۽ اونداهو قيدخانو بڻجيو پوي. اها ناٺي جي ديوي جنهن جي ڪي لوڪ پوڄا ڪندا آهن. سا ئي هڪ سِر وڃائيندڙ بلا بڻجي هنن جي روح کي عبرتناڪ سزا ٿي ڏئي ۽ دل کي موت جي مُنهن ۾ اڇلي ٿي ڇڏي. سلميٰ انهن مان هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي جن کي پنهنجي پيءُ جي دولت سورن سان سلهاڙي ڇڏيو هو. جيڪڏهن هن جو پيءُ شاهوڪار نہ هجي ها تہ اڄ سلمىٰ بہ دنيا ۾ خوش ۽ سرهي حياتي گذاريندي نظر اچي ها.

ان واقعي کي هفتو گذري چڪو هو جو سلمىٰ جو پيار منهنجو ساٿي ۽ مددگار بڻجي، رات ٿيڻ تي مون کي خوشيءَ جا راڳ ٻڌائي، صبح جو سجاڳ ڪري، زندگيءَ جي معنائن ۽ ڪائنات جي اسرارن کان واقف ڪندو هو. فقط سرمدي پيار ئي آهي جيڪو هر قسم جي حسد ۽ ساڙ کان پاڪ تي روح کي تقويت ۽ تازگي پهچائي ٿو. عشق ۽ محبت ۾ فقط وسيع قرب، روح کي صبر ۽ تحمل جي تلقين ڪري ٿو؛ پيار جي تکي بک کي جنهن وقت آئت اچي وڃي تنهن وقت روح کي طرحين طرحين نعمتن سان مالا مال ڪري ڇڏي ٿو. احسان ۽ ڀلائيءَ جي اها دولت، روح کي پريشان ڪرڻ کان سواءِ، اميد کي وڌائيندڙ حالتون پيدا ڪري، هن ڌرتيءَ واري حياتيءَ کي بهشت بڻائي ڇڏي ٿي ۽ حياتي هڪ سونهن ڀريو مٺڙو خواب بڻجي پوي ٿي.

ڏينهن پاڇولن وانگر گذرندا، ڪڪرن وانگر گم ٿيندا ويا ۽ ڏسندي ڏسندي مون وٽ ڏکوئيندڙ يادگيرين کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ باقي نہ رهيو هو. اها اک جنهن سان مان بهار جي منظر جي دلفريبين جو نظارو پسي قدرت جي قانون جي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو هوس، ان جي پسڻ جو انداز ئي بدلجي ويو. اها ساڳي اک خوفناڪ واچوڙن ۽ طوفانن کان سواءِ ٻئي ڪنهن چيز جو مشاهدو نٿي ڪري سگهي.

اهي ڪن جيڪي هن کان اڳ لهرن جا راڳ ٻڌي خوشيءَ جي خزانن وچان ۾ جهومڻ لڳندا هئا، سي هاڻ هوا جي تک ۽ سختيءَ،

ڦوڪيل سمونڊ جي شور ۽ غوغاءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ٻڌي نٿي سگهيا. اهو روح جيڪو اڳ انسانذات جي اڻتڪ قوتن کي ڏسي خوش ٿيندو ۽ ڪائنات جي عظمت جو مشاهدو ماڻي، علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪندو هو، سو هاڻ انساني مايوسيءَ ۽ نا ڪاميءَ جو احساس ڪري ڏک ۽ ڏاڪڙي ۾ ٻڏڻ لڳو هو. پيار جي انهن سونهن ڀرين ڏينهن کان وڌيڪ سهڻي شيءِ مون اڄ ڏينهن تائين ڪانه ڏٺي هئي.

جڏهن منهنجي بيچيني ۽ بيقراري حد کان وڌڻ لڳي ته هڪ ڇنڇر ڏينهن تي مون وري سلميٰ جي گهر ڏانهن رخ رکيو. منهنجي نظر ۾ اهو گهر نه بلڪ هڪ اهڙي درگاهه هئي جنهن کي سونهن پنهنجي هٿن سان جوڙيو هو ۽ جيڪا سڄو وقت پيار جي برڪتن سان ڀري پيئي هئي. جتي روح پوڄا ڪري ۽ دل پوري دلجوعيءَ سان جهڪي عبادت ڪري ٿي سگهي. باغ ۾ قدم رکيم ته ائين لڳو ڄڻ ڪو همٿ ڀريو هٿ مون کي هن دنيا کان گهٽو ڀري، ڪنهن اهڙي جڳهه تي آباد ڪرڻ ٿو چاهي جا جاءِ قدرت جي عام قانون کان گهٽو مٿي هئي، جتي ڏک ۽ تڪليف جو نالو نشان نه هو. اهڙي صوفي مت واري ماڻهوءَ وانگر جنهن تي روحاني اسرار ۽ راز کلندا آهن، مون اوچتو پاڻ کي وڻن ۽ گلن جي وچ ۾ ڏٺو. جڏهين آءٌ گهر جي دروازي وٽ پهتس ته ڏٺم ته سلميٰ هڪڙي بينچ تي چنبيليءَ جي وڻ جي ڇانو ۾ ويٺي هئي، جتي اسين ٻئي جڏا گذريل هفتي، رات جون ڪجهه گهڙيون گڏجي ويٺا هئاسين. جنهن رات منهنجي خوشي ۽ غم جي شروعات لاءِ قسمت، مون کي چونڊيو هو.

مان جيئن ٿي هن ڏانهن وڌيس نه ڏٺر ته هوءَ ماٺ ويٺي آهي پر پاڻيم ته ڪيس وجداني طور تي ان ڳالهه جي ڄاڻ هئي ته مان وٽس اچي رهيو هوس. جڏهن مان ڏيري ڏمان هن جي ڀرسان ويهي

رهيس ته هن ڀرپور نظر سان مون ڏانهن ڏٺو ۽ اونهو ساهه کنيو. پوءِ وري هن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪري آسمان ڏانهن نهاريو. گهڙي کن بعد هوءَ مون ڏانهن منهن ڪري ڏڪندڙ هٿن سان منهنجو هٿ جهلي، ڀريل آواز ۾ چوڻ لڳي:

"منهنجا مٺڙا! مون ڏانهن ڏيان سان ڏس. منهنجي چهري جو اڀياس ڪر ۽ جيڪي اسرار تون معلوم ڪرڻ گهرين ٿو سي پڙهي وٺ. ڇاڪاڻ جو مان اهي اسرار زبان تائين آڻڻ کان لاچار آهيان. منهنجا پيارا مون ڏانهن ڏس!... منهنجا پياءُ مون ڏانهن نظر ڪر!"

مون ڏاڍي شوق سان نظر کڻي نهاريو. ڇا ڏسان ته مارا! ٿورا ڏهاڙا اڳ مون جن اکين مان ڪِل خوشيءَ سان تمتار ۽ اکين جي پنبڙين کي پوپٽ جي پرن وانگر ڦڙ ڦڙائيندي ڏٺو هو، سي ساڳيون اکيون ڏک جي شدت ڪري اندر پيهي ويون هيون. هن جو سونهن ڀريو مکڙو جيڪو پاڪيزگيءَ ۾ سوسن جي ان اڌ کليل گل وانگر هو، جنهن کي سج جي پهرئين ڪرڻي چميون ٿي ڏنيون، سو ڪومائجي رنگ ئي ڇڏي ويو هو. هن جا مناج ڀريا چپ، گلاب جي انهن ٻن ڪوماڻل گلن وانگر ٿي لڳا، جيڏ"ي خزان جي هوا ڪان بچي ويا هئا پر اجا تائين ٽارين ۾ پئي لٽڪيا. هن جو خوبصورت ڪنڌ جيڪو شفاف عاج جي ٿنڀي جيئن هو، سو هاڻي اڳتي جهڪي چڪو هو ۽ ائين پئي لڳو ته ان ۾ هاڻي ڏک ۽ تڪليف جو بار کڻڻ جي سگهه باقي نه رهي آهي.

سلميٰ جي صورت ۾ آيل تبديليءَ کي مون چٽيءَ طرح ڏٺو پر ان هوندي به مونکي اها تبديلي ڪڪرن جي ڦرندڙ گهرندڙ انهن ٽڪرن وانگر لڳي جيڪي جڏهين چنڊ جي چهري کي ڍڪي ڇڏيندا آهن ته چنڊ جي سونهن ٻيٽي ٿي پوندي آهي. اها نگاهه جيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندروني ڳجهن کي کولي بيان ڪرڻ واري هوندي آهي سا زبان حال سان ڪٽي ڪيتري به ڏک، درد ۽ رنج جو اظهار ٿي ڪري، پر چهري جي حسن ۾ ويتر وڌيڪ واڌارو ٿي ڪري، جو جو اهو چهرو جيڪو ماٺ ۾ پنهنجي لڪل اسرار جو اعلان نٿو ڪري سو پنهنجن سڊول عضون جي هوندي به سهٽو ٿي نٿو سگهي- جيستائين شراب جو رنگ روپ شفاف شيشي مان صاف نظر نٿو اچي تيستائين رڳو پيماني جو وجود اسان جي چپن کي ورغلائڻ ۾ ڪامياب ٿي نٿو سگهي.

آءٌ سلميٰ ڏانهن تڪيندو رهيس ۽ ان جي غمزده روح جي ڳجهه جون ڳالهيون پڙدي سندس تڪليفن ۾ بدستور شريڪ رهيس. ان وقت پانيم ته آءٌ زمان ۽ مڪان جي سيني قيدن کان آزاد ٿي چڪو آهيان يا وقت جي رفتار بيهي چڪي هئي ۽ ان سان گڏ ڪائنات جو وجود به ختم ٿي چڪو هو. مون کي ان وقت فقط ٻن شين جو وجود نظر اچي رهيو هو. سي هيون هن جون به وڏيون وڏيون اکيون، جن تڪ پڏي مون ڏي پئي نهاريو ۽ هن جو ڏڪندڙ تڏو هٿ، جنهن سان هوءَ منهنجو هٿ جهليو بيٺي هئي. آءٌ انهيءَ ڊگهيءَ مدهوشيءَ مان جڏهين سجاڳ ٿيس تڏهن سلميٰ مون ڏانهن مخاطب ٿي چوڻ لڳي:

”منهنجا منڙا! ان کان اڳ جو مستقبل پنهنجي سيني خطرناڪين سوڌو اچي اسان جي سامهون بيهي، اچ ته ان جي باري ۾ ڪا ڳالهه ٻولهه ڪري وٺون. بابا سائين اڄ هينئر ان ماڻهوءَ سان گفتگو ڪرڻ لاءِ نڪتو آهي، جيڪو باقي حياتي منهنجي زندگيءَ جو ساٿي ٿيڻ وارو آهي. اڄ بابا سائين جنهن کي قدرت جي هٿ، هن دنيا ۾ مون کي جنم ڏيڻ لاءِ چونڊيو هو- ان ماڻهوءَ سان ملاقات ڪندو جنهن کي دنيا باقي ڄمار منهنجو آقا ڪري چونڊيو آهي. هن شهر ۾ اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرسن پيءُ جنهن جوانيءَ تائين منهنجو ساٿ ڏنو سو ان ماٺهوءَ سان
ڳنڍجندو جيڪو ويجهڙائيءَ واري وقت ۾ منهنجو رفيق حيات ٿيندو.

اڄ رات ٻئي ڪتنب ڳالهيون ٻولهيون ڪري شاديءَ جي رات
مقرر ڪندا. ڪهڙي نہ عجيب آهي هيءَ گهڙي ! گذريل هفتي هن ٿي
وقت ۽ ساڳئي چنبيليءَ جي ٻوٽي ويجهو منهنجو روح پهريون پيرو
پيار سان همڪنار ٿيو هو ليڪن عين انهيءَ وقت، قسمت جو هٿ،
بشپ جي گهر ۾ منهنجي حياتيءَ جي داستان جو پهريون لفظ لکي
رهيو هو. هاڻي هن وقت منهنجو پيءُ ۽ منهنجو ٿيڻ وارو مڙس
شاديءَ جي تاريخ مقرر ڪرڻ جي فڪر ۾ آهن، مگر مان ڏسان پيئي
تہ تنهنجو روح منهنجي چوڌاري ان اڃايل پکيءَ وانگر اڏري رهيو آهي،
جيڪو پاڻيءَ جي چشمي تي اميد ۽ آس جي عالم ۾ پر پکيڙي گهمي
رهيو آهي، ليڪن ان چشمي تي هڪ خونخوار اڙدها جو پهرو آهي."

اُف! هي رات ڪيڏي نہ عظيم ۽ پراسرار آهي! اهي الفاظ ٻڌي
مونکي ائين محسوس ٿيو تہ ڄڻڪ اسان جو پيار مايوسين ۽ ناڪامين
جي چنبي ۾ ڦاسي منزل جي پهرئين قدم تي ئي ساهہ پساهہ پورا
ڪري ڇڏيندو.

مون چيو:

"سلميٰ! جيستائين اڄ جي شدت پکيءَ کي آفت ماري نہ ٿي
وجهي ۽ جيستائين اها رت پياڪ اڙدها پنهنجي چنبي ۾ جڪڙي ان
کي هميشه لاءِ ختم ڪري نہ ٿي ڇڏي تيستائين هي پکيڙو ساڳئي
شوق ۽ چريائيءَ سان پاڻيءَ جي ان چشمي جي مٿان پرڙا پکيڙي
اڏرندو رهندو."

هن وراڻيو:

"نہ، نہ منهنجا من! ائين نہ ڪچ. هيءَ ڪوئل جيئري رهندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پنهنجو آواز ان وقت تائين فضا ۾ پکيڙيندي رهندي جيستائين گگهه اونداهه نه ڇانئجي وڃي. جيستائين ڌيک ويک واري هن دنيا ۾ بهار جون رونقون رهنديون، تيستائين بلبل پنهنجو راڳ آلاپڻ ۾ رڌل رهندي ۽ هرگز مات نه ڪندي. ان جو آواز منهنجي حياتي آهي. ان جا پر ۽ ڪنيڙائيون سدائين سلامت رهنديون ڇو جو انهن جي جنبش منهنجي دل تي ڇانيل غمن جي ڪڪرن کي هٽائي ڇڏي."

مون آهستگيءَ سان چيو، "سلمي منهنجي پياري، هي پياس ان کي پورو ڪري ڇڏيندي ۽ اهو مستقل خوف ۽ هراس ان کي ماري وجهندو."

اهو ٻڌي هن جا چپ احساس جي شدت کان ڪنبڻ لڳا ۽ هوءَ چوڻ لڳي:

"روح جي اڄ پئسي جي نشي کان وڌيڪ مٺي آهي ۽ روح جي سنڀال جسم جي حفاظت کان وڌيڪ ضروري آهي، پر منهنجا من! اڄ منهنجي ڳالهه ذرا ڌيان سان ٻڌ. اڄ آءٌ پنهنجي نئين زندگيءَ جي دروازي تي بيٺي آهيان. مون کي پتو ناهي ته اڳتي ڇا ٿيڻ وارو آهي، حالانڪ هڪڙي شخص اڳتي وڌي مون کي خريد ڪري ورتو آهي، پر پتو ڪونهي ته اهو شخص ڪير آهي. مون کي ان شخص سان ڪنهن به قسم جو لڳاءُ ڪونهي، پر هاڻي مون کي ان شخص سان پيار ڪرڻو پوندو. آءٌ ان جو حڪم مڃيندس ۽ هر ممڪن طريقي سان ان کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪنديس. هڪڙي ڪمزور ۽ ضعيف عورت هڪ ڏاڍي مڙس جي اڳيان پنهنجي حياتيءَ جي پياري کان پياري پونجي آڻي رکندي. مون وٽ جيڪي به آهي سو ان جو آهي.

مگر منهنجا من! اها حقيقت هر وقت منهنجي سامهون آهي ته تون نوجوان آهين ۽ تنهنجي زندگيءَ جون راهون گلن ڦلن سان

ڏڪيون پيون آهن. تون زندگيءَ جي واٽن تي جيڏانهن گهرين تيڏانهن آزاديءَ سان گهمي ڦري سگهين ٿو. تون پنهنجي دل جو فانوس هٿ ۾ کڻي هيڏي ساري ڌرتيءَ تي جيڏانهن ڪيڏي تيڏانهن وڃي سگهين ٿو. توتي ڪابه پابندي ڪانهي، تون پوري آزاديءَ سان سوچي سگهين ٿو، ڳالهائي سگهين ٿو ۽ جيئن گهرين تيئن پنهنجي زندگيءَ کي موڙي سگهين ٿو. تون هستيءَ جي صفحي تي پنهنجو نالو نقش ڪري سگهين ٿو ڇاڪاڻ جو تون مرد آهين. تون پنهنجي زندگيءَ جو آقا بڻجي جيئرو رهي سگهين ٿو. تنهنجي پيءُ جو ناٺو توکي ٻانهن ۾ ٻانهين جي وڪري واري پڙيءَ ۾ آڻي بيهاري نٿو سگهي. تون پنهنجي پسند جي عورت سان شادي ڪري سگهين ٿو ۽ اها عورت ڪنوار بڻجي تنهنجي گهر ۾ آباد ٿيڻ کان اڳ به تنهنجي دل جي اونهاين ۾ رهائش اختيار ڪري سگهي ٿي ۽ ڪنهن به قسم جي قيد و بند ڪانسواءِ به توهان ٻئي ڄڻا هڪٻئي جا واقف ۽ رازدار بڻجي، هميشه لاءِ هڪ ٿي سگهو ٿا."

چند منٽن لاءِ خاموشي ڇانئجي ويئي ۽ سلميٰ پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو:

"ڇا اسان جي زندگيءَ جو هاڻي اهوئي مقصد وڃي رهندو ته اسين ٻئي ڄڻا هن منزل تان پنهنجون پنهنجون الڳ راهون وٺون ۽ هن گهڙيءَ کان پوءِ زندگي هميشه لاءِ اسان کي هڪٻئي کان ڌار ڪري پنهنجين ڌار ڌار واٽن ڏانهن روانو ڪري ڇڏيندي. ان کان پوءِ تون هڪڙي مرد جي حيثيت ۾ حياتيءَ ۾ سربلنديءَ ۽ مٿانهون درجو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳندين ۽ آءٌ ڪنهنجي زال بڻجي زال جا حق ادا ڪنديس؟ ڇا، اڄ تائين انهيءَ ڳالهه لاءِ بلبل پنهنجي راڳ سان ماڻهن کي معمور ڪندي رهي آهي؟ ڇا انهيءَ مقصد خاطر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوا گلاب جي پنکڙين کي پڪيڙيندي رهي آهي ته جيئڻ زندگيءَ جي شراب جو جام پيرن هيٺان چيپاتيو وڃي؟ ڇا اهي سموريون حسين راتيون جيڪي اسان چنبيليءَ جي ٻوٽي وٽ ويهي گذاريون هيون ۽ جن اسان جي روحن کي هڪٻئي سان ملائي ڇڏيو هو، سي سڀ بيڪار ٿي وينديون. ڇا جيستائين اسان جا پر ۽ ڪنيڙاتيون ٽڪجي نه ڇڪيون هيون تيستائين اسان بلندي ڏانهن پنهنجي اڏام جاري نه رکي؟ ڇا اسين هاڻي پاتال جي اٿاهه پستين ڏانهن نه پيا وڃون؟ ڇا جنهن وقت هن اسان ڏانهن هٿ وڌايو هو تنهن وقت پيار جي ديوي ستي پيئي هئي؟ ڇا جنهن وقت هوءَ ننڊ مان سجاڳ ٿي ته ناراض ٿي اسان کي سزا جوڳو سمجهڻ جو فيصلو ڪري ورتائين؟ يا اسان جي ٻئي روحن رات جي نرم ۽ نازڪ روحن کي تند ۽ تيز واچوڙن جي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي ۽ انهن واچوڙن اسان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري مٽيءَ جي ذرڙن وانگر اڏائي ماتريءَ جي پستين ۾ اڇلي ڇڏيو آهي؟ اسان خدا جي ڪنهن به قانون جي ڀڃڪڙي ڪونه ڪئي آهي. اسان ته منع ٿيل وڻ ڪان واقف نه ٿيا آهيون ته پوءِ ڇو اسين هن بهشت کي ڇڏي وڃڻ تي مجبور آهيون؟ اسان اڄ تائين ڪابه سازش نه ڪئي آهي. اسان ڪنهن به بغاوت ۾ ڀاڱي ڀائيوار نه رهيا آهيون ته پوءِ به جو اسان کي دوزخ ۾ ڌڪيو وڃي پيو؟ پر ائين هرگز ڪونهي! جن گهڙين اسان کي هڪ ٻئي جي سڳي ۾ پوئي ڇڏيو سي گهڙيون صدين کان عظيم تر رهنديون پٺي آيون آهن. اها روشني جنهن اسان جي روحن کي منور ڪيو هو، پڪ اٿم ته اونداهيءَ کان وڌيڪ محڪم آهي. جيڪڏهن حياتيءَ جي هن شوخ سمونڊ جو طوفان اسان کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري ڇڏيندو ته ان جون لهرون، ماٺيءَ ڪنڌيءَ تي اسان کي وري ملائي هڪ ڪري ڇڏينديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن هيءَ حياتي اسان جو ساٿ نڀوڙي نيندي تہ موت اسان جو هڪ هنڌ ميلاپ ڪرائيندو.

عورت جي دل، وقت ۽ موسم وانگي بدلبي ڪانهي، جيڪڏهن هوءَ مري بہ وڃي تہ بہ سندس دل برباد نہ ٿيندي بلڪ وقت جو راز بڻيل هوندي آهي. جڏهن وڻ پاڙئون پٽجي وڃن ٿا، گاهہ سڪي وڃي ٿو. ٽڪريون رت سان ڳاڙهيون ٿي وڃن ٿيون ۽ پوءِ جڏهن آخر ۾ جنگ جي ميدان ۾ جيڏانهن بہ نظر ڪبي اوڏانهن انساني هڏا ۽ کوپڙيون ڏسڻ ۾ اينديون آهن، ان وقت بہ زال ذات جي دل ان طرح ماٺ ۽ سانت ۾ هوندي آهي جڻ تہ ڪجهہ ٿيو ئي ڪين هو. ڇاڪاڻ جو بهار ۽ خزان جو مندون پنهنجي پنهنجي مقرر وقت تي پنهنجا فرض بجا آڻڻ لاءِ اينديون ئي رهن ٿيون.

ليڪن منهنجا منڙا! هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هاڻي اسان کي ڪهڙي طرح موڪلائڻ گهرجي ۽ ان بعد وري ڪڏهن ملنداسين؟ ڇا اسان جي لاءِ پيار ان مسافر وانگر ڪونهي جيڪو ڪالهہ رات اسان جي گهر ترسيو ۽ صبح ٿيڻ تي موڪلائي روانو ٿي ويو؟ ڇا اسين اها ڳالهہ فرض ڪري وٺڻ تي لاچار ناهيون تہ پيار اسان جي زندگيءَ ۾ هڪ حسين خواب بڻجي آيو ۽ جڏهن اسان کي جاڳ ٿي تہ هو اسان کي ڇڏي وڃي چڪو هو.

ڇا ائين نٿو لڳي تہ اسان هي هفتو مدهوشيءَ ۾ گذاريو آهي ۽ هاڻي اوچتو ڇڪ اهو نشو ٽٽي پيو آهي؟ اي منهنجا منڙا محبوب! تون ٿورو منهن تہ مٿي ڪر. مان توکي جيءُ ڀري ڏسڻ گهران ٿي. تون بہ تہ ڪجهہ ڳالهاءِ. مان تنهنجون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ آتي آهيان. ڇا اي پيارا! جنهن وقت هي طوفان اسان جي پيار جي ٻيڙي ٻوڙي چڪو هوندو، ان وقت بہ تون مون کي ياد ڪندين؟ ڇا رات جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺ ۾ منهنجي من جون ڳالهيون پوءِ به ٻڌندو رهندين؟ ڇا تنهنجي اردگرد گهمندڙ منهنجي روح جو آواز پوءِ به توکي ٻڌڻ ۾ ايندو رهندو ۽ ڇا منهنجي ساهه کڻڻ جو آواز پوءِ به محسوس ڪندين؟ ڇا شام جو وڌندڙ پاڇولن سان گڏ منهنجو پاڇولو به توکي ڏسڻ ۾ ايندو؟ اي منهنجا من! تون منهنجي نيڻن جو نور، ڪنن جو حسين راڳ، روح جا پر ۽ ڪنيزائيون هئين- پر هاڻي تنهنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟ "

اهي الفاظ ٻڌي منهنجي دل ٻڏي وئي ۽ مون وراڻيو: "منهنجي منڙي آءٌ ته رڳو تنهنجي رضامنديءَ جو پابند آهيان. مون کي جيئن ڏسڻ چاهين ٿي ائين ئي ٿيندو."

وري هن چيو:

"آءٌ گهران ٿي ته تون مون سان هڪ شاعر وانگر پيار ڪندو رهج. جهڙي طرح شاعر پنهنجي غمگين ۽ افسرده يادگيرين سان پيار ڪندو آهي، مون کي به ساڳي طرح پيار ڪندو رهج. تون مون کي پاڻيءَ جي هڪڙي ٿڌي ۽ سانتيڪي چشمي وانگر ياد رکج، جيئن ڪوئي مسافر پنهنجي تاس لاهڻ لاءِ جهڪندي شفاف پاڻيءَ ۾ پنهنجو اولڙو ڏسي ٿو. مان گهران ٿي ته تون مون کي ان ماءُ وانگر ياد رکج جنهن جو ٻارڙو هن دنيا ۾ پير رکڻ شرط، ڏتيءَ در وڃي پهتو هجي. منهنجي آرزو آهي ته تون مون کي ان رحمدل ۽ مهربان بادشاهه وانگر ياد رکج، جنهن هڪڙي قيديءَ جي سزا معاف ڪري ڇڏي هجي، پر جنهنجو معافي نامو جيل ۾ پهچڻ کان اڳ ۾ اهو قيدي مري چڪو هجي. منهنجي دلي خواهش اها آهي ته تون منهنجو دوست ٿي رهج ۽ منهنجي هن گهر مان رخصت ٿيڻ کان پوءِ بابا سائينءَ وٽ ايندو ويندو رهج ۽ اڪيلائيءَ ۽ مايوسيءَ جي گهڙين ۾ هن جو مددگار ۽ همدرد ٿي گذارج."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون هن جي ڳالهين جو جواب ڏيندي وراڻيو:

”منهنجي پياري! تون جيڪي چوندين ٿ سوئي ڪندس. مان تنهنجي روح کي پنهنجي روح ۾ هميشه لاءِ جذب ڪري ڇڏيندس. تنهنجي سونهن کي پنهنجي دل جي تهہ خانن ۾ هميشه روشن رکندس. مان تنهنجي رنج ۽ الم کي پنهنجي سيني ۾ سدائين لاءِ سانڍي ڇڏيندس. سلميٰ! مان توسان اهڙيءَ طرح پيار ڪندو رهندس، جهڙي طرح سائي گاهہ جا ميدان بهار جي موسم سان ڪندا آهن. مان تنهنجي جسم ۽ روح ۾ اهڙي طرح سمائجي ويندس، جهڙي طرح سج جا ڪرڻا گل جي وجود ۾ رهن ٿا. مان تنهنجا گيت ائين ڳائيندو رهندس، جيئن ڳوٺن جي ديوارن جون گهنٽيون سُرَ ڪيئنديون آهن. مان تنهنجي روح جو آواز ائين ٻڌندو رهندس، جيئن ڪپر لهرن جو نياپو سڻندو آهي. مان توکي انهيءَ بيقراريءَ سان ياد ڪندو رهندس، جيئن ڪو مسافر پنهنجي پياري وطن کي ياد ڪندو آهي. مان توکي اهڙيءَ بيچينيءَ سان چاهيندو رهندس، جهڙي طرح هڪڙو بکيو دعوت جي طعام جو چاهڪ رهندو آهي. مان توکي ان بادشاهہ وانگر ياد رکندس جيڪو ڦرجي ويل تخت ۽ تاج کي حاصل ڪرڻ لاءِ هردم بيقرار هوندو آهي. مان توکي ان ڳوٺاڻي وانگر ياد ڪندس جيڪو پنهنجي ڪٽنب سان پريل ٻار کي ياد ڪندو آهي. مان توکي ان ريڍار وانگر ياد رکندس جيڪو سرسبز چراگاهن ۽ ڳائيندڙ ندين کي ياد ڪندو آهي.“

ڌڙڪندڙ دل سان منهنجا هي سڀيئي لفظ ٻڌڻ بعد سلميٰ چوڻ لڳي:

” سياڻي تائين سچائي پاڇي جي صورت وٺي بيهندي ۽ سجاڳي نند وانگر نظر اچڻ لڳندي. چا هڪ پيار ڪرڻ وارو هڪ

پاڇي کي پاڪر پائي سگهندو؟ ڇا هڪ اجارو شخص ننڊ ۾ ڏٺل چشمي مان پنهنجي اڃ اجهائي سگهندو؟"

مون جواب ڏنو:

"ايندڙ ڏينهن توکي هڪ امن پسند ڪتنب جو پاتي بڻائي ڇڏيندو ۽ اهوئي ڏينهن مون کي رنج ۽ تڪليف جي دنيا ڏانهن ڌڪي ڇڏيندو. سڀاڻي تون هڪ اهڙي گهر ۾ ڪنوار بڻجي ويندينءَ جنهن جو پاڳ تنهنجي سونهن ۽ پاڪيزگيءَ جي ڪري جاڳي اٿندو، پر مان خوف ۽ هراس جي حياتي بسر ڪرڻ لاءِ لاچار هوندس. سڀاڻي تون هڪ نئين زندگيءَ جي دروازي تي ويٺي هوندينءَ پر ان جي ابتڙ مان موت جي چائنٺ تي بيٺل هوندس. سڀاڻي مهمان نوازي تنهنجي انتظار ۾ هوندي پر مان اڪيلائيءَ ۾ موت جي گهڙين کي ڳڻيندو هوندس. مان تنهنجي پيار جو بت بڻائي، موت جي ماٿريءَ ۾ ان جي پوڄا ڪندس. فقط تنهنجو پيار ئي منهنجو همدرد ۽ ساٿي هوندو. مان پيار کي شراب وانگر پيئندس ۽ ڪپڙن وانگر پهريندس. صبح ساڻ پيار مون کي ننڊ مان جاڳائي پري ٻنين ۾ وٺي ويندو ۽ ٻنپهرن جو وڻن جي گهاٽيءَ ڇانوَ ۾ وهاريندو، جتي پکيئڙن سان گڏجي گرمي کان بچڻ لاءِ پناهه وٺندس. شام جو سج لهڻ کان ٿورو اڳ پيار مون کي بيهڻ لاءِ اشارو ڪندو ته جيئن قدرت جو الوداعي نغمو جيڪو سج جي آخري ڪرڻن کي ٻڌايو ويندو آهي، سو ٻڌي سگهان ۽ اڀ ۾ گهمندڙ ڪڪرن جو نظارو ڪري سگهان. رات جو پيار مونکي ڀاڪر پائيندو ۽ پوءِ مان ان روحاني دنيا کي خيال ۾ آڻيندي، جنهن ۾ شاعرن ۽ پيار ڪندڙن جا روح رهندا آهن، سمهي رهندس. بهار جي مند ۾ پيار سان گڏوگڏ، بنفشي ۽ چنبيليءَ جي گلن ۾ ناز سان پيو ٽلندس ۽ سوسن جي پيالين ۾ پيل ماڪ ڦڙن کي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چپن سان ملائي ڇڏيندس. آرهڙ جي مند ۾ سڪل ڳاهه جو وهاٽو ۽ وڇاڻو ٺاهيندس ۽ پوءِ چنڊ ۽ تارن کي ڏسندي ڏسندي نيري اڀ جي چادر تاڻي سمهي پوندس.

خزان جي مند ۾ پيار مون سان گڏجي انگورن جي باغ جو سير ڪندو ۽ پوءِ اسين ڊاک جي ولين کي سونهري زيورن کان سواءِ ننگو ڏسنداسين. ان وقت واهيرا مٿائڻ وارن پکين جا ٽولا اسان جي مٿان لامارا ڏيئي رهيا هوندا.

سردين ۾ اسين باهه جي پاسي ۾ ويهي هڪ ٻئي کي پراڻن ملڪن جا پراڻا ڪتاب پڙهي ٻڌائينداسين. جوانيءَ ۾ پيار مون کي پڙهائيندو، چڙهندڙ عمر ۾ مون سان همدردي ڪندو ۽ ٻڍاپي ۾ منهنجي خوشيءَ ۽ سرهاڻ جو سبب بڻبو. سلميٰ! پيار مرڻ گهڙيءَ تائين منهنجو ساٿ ڏيندو ۽ موت ڪانپوءِ قدرت جو هٿ اسان ٻنهي کي وري ملائي هڪ ڪري ڇڏيندو."

اهي سڀئي لفظ منهنجي دل جي گهراين مان ائين ابري رهيا هئا، ڄڻ ڪي باهه جا شعلا چلهه مان اٿي ۽ پوءِ رک ٿي ويندا هجن. سلميٰ منهنجي گفتگو ٻڌي روئي رهي هئي ۽ ائين پئي لڳو ڄڻ سندس ٻئي چپ، اکيون ٻنجي لڙڪن ذريعي منهنجي ڳالهين جو جواب پيا ڏين.

پيار جن ماڻهن کي ٻَرَ ۽ ڪنيڙائيون نه بخشيون آهن سي اڏامي ڪڪرن جي پويان لڪل طلسمي دنيا جو نظارو نٿا ڪري سگهن. منهنجو ۽ سلميٰ جا روح انهن خوشيءَ ڀريل گهڙين ۾ ان طلسمي دنيا ۾ هڪ ٻئي سان ياڪرين پيا. جن ماڻهن قرب نه ڪيو آهي سي پيار جو آواز نٿا ٻڌي سگهن، نه ئي ڪين پتو پئجي سگهي ٿو ته پيار ڪنهن وقت سڏي ٿو. حقيقت ۾ هيءَ ڪهاڻي اهڙن ماڻهن لاءِ ڪابه دلچسپي نٿي رکي جن جون دليون محبت کان خالي آهن ۽ جيڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ان کي سمجهڻ جي ڪوشش به ڪندا ته به ان جي مطلب جي فقط هڪ جهلڪ به ڏسي نه سگهندا. ان داستان جون معنائون اصل لفظن جو جامو ڍڪي صحيح معنيٰ ۾ پني جي صفحي تي نٽيون اچي سگهن. ڀلا اهو به ماڻهو ڇئبو جنهن ساري ڄمار پيار جي شراب جي پيالي مان هڪ سرڪ به نه پيتي هجي؟ اهو به ڪو روح هوندو جيڪو اڄ تائين پيار جي ان قربانگاهه آڏو تعظيم سان ڪڙو ٿي نه بيٺو هوندو، جنهن جي آڳر کي پيار ڪرڻ وارين دلين جڙيو هجي ۽ جنهن جون ڇتيون سونهن ڀرين خوابن مان ڻهيون هجن؟ ان ڳل جي ڀلا ڪهڙي حيثيت هوندي جنهن جي پنڪڙين تي اڄ تائين ماڪ ڦڙن جا موتي نه پکيڙيا هجن؟ ڇا حقيقت ۾ اها به ڪا ندي هوندي جيڪا پنهنجو رستو ڀلجي ويئي هجي ۽ اڄ تائين سمونڊ سان ملي نه سگهي هجي؟

سلميٰ پنهنجو منهن مٿي ڪري تارن کي تڪڻ لڳي. هن پنهنجا ٻئي هٿ کولي ڇڏيا ۽ هن جون اکيون حيرت ۾ ٻڏي ويون. هن جا ٻئي چپ ڪنبڻ لڳا ۽ هن جي چهري تي مايوسي، درد ۽ ڪرب جا آثار ظاهر ٿي پيا. پوءِ هوءَ سڏڪا ڀري دانهن ڏيڻ لڳي:

”اي منهنجا خدا! هڪ عورت ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟ جنهن جي ڪري هن تي هي عتاب نازل ڪيو ويو آهي ۽ ڪيس جيئري رهڻ تائين سزا ڀوڳڻ جوڳو ٺهرايو ويو آهي. اي منهنجا خدا تون قوي ۽ طاقتوارو آهين ۽ آءٌ ٻنهه هيڻي آهيان: ته پوءِ تو مونکي ٿي رنج ۽ ڏک لاءِ چو چونڊيو آهي؟ تون سيني کان وڌو ۽ قدرت وارو آهين. مان تنهنجي عظمت ۽ وڏائيءَ جي اڳيان هڪ جيتامڙي جز کان وڌيڪ ڪجهه به نه لهان- پوءِ به تون مون کي پنهنجي پيرن هيٺان چو ٿو چيپاٽين؟ تون جيڪو هڪ زبردست واچوڙو آهين ۽ آءٌ ته صرف مٽيءَ

جي هڪ مٺ آهيان. اي منهنجا ڏٺي ائين ڇو آهي جو تو مون کي هن بي حس ۽ جذبات کان خالي ٿڌي زمين تي ڪٿي اڇلايو آهي؟ تون قادر ۽ سگهارو آهين ۽ آءٌ تہ بلڪل ضعيف انسان آهيان. پوءِ ڀلا منهنجي خلاف ڪهڙي جنگ آزمائي تي سگهي ٿي؟

اي منهنجا مالڪ! تو عورت کي پيار جي دولت سان سرفراز ڪري، انهيءَ ئي پيار کي هن لاءِ تڪليف جو سبب بڻائي ڇڏيو آهي. تون پنهنجي سڄي هٿ سان سربلندي ۽ سرفرازي عطا ڪرين ٿو ۽ ڪٻي هٿ سان ڪٿيو ذلت جي تري ۾ تو اڇلين. هوءِ ويچاري نٿي سمجهي تہ ائين ڇو ٿو ٿئي.

اي قدرت وارا! تون پاڻ هن جي جسم ۾ ساهہ ڦوڪيو ۽ سندس دل ۾ موت جو ٻج ڇٽيو. تو ئي هن کي خوشيءَ جون راهون ڏيکاريون ۽ وري تو ئي ڪيس رنج ۽ ڏک جي خوفناڪ ماٿريءَ ۾ آڻي بيهاريو. تو ئي هن جي چپن کي خوشيءَ جي راڳ جي لذت کان واقف ڪيو، تہ وري تو ئي مٿس رنج ۽ ڏک جي مهر هڻي، هن جي زبان کي درد ۽ تڪليفن جي زنجيرن سان جڪڙي ڇڏيو. ائين ڀلا ڇو؟

اي منهنجا ڏٺي! ائين ڇو آهي، جو تون پاڻ پنهنجي اسرار ڀرين هٿن سان هن جي زخمن تي ملم رکي وري سندس خوشين جي جوڙاري رنج ۽ ڏک جو چار پکيڙي ڇڏين؟ تون پاڻ هن جي خوابگاهہ کي عيش ۽ آرام سان ڀري ٿو ڇڏين پر انجي ڀرسان ڳتين ۽ مشڪلاتن جي جڳهہ بہ جوڙي ٿو ڇڏين؟ ڇا ان ۾ تنهنجي مرضيءَ کي ڪو دخل ڪونهي، جا هڪڙي شخص لاءِ پيار جا جذبا بہ پيدا ٿي ڪري ۽ انهن جذبن کي حيا ۽ شرم جو سبب بہ بڻائي ٿي ڇڏي؟ تون پنهنجي رضا ۽ حڪمت سان هن کي سونهن جي رمزن کان واقف ڪرين ٿو پر هن جو پيار سر عام رسوا پيو ٿئي، آخر اهو ڇا آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي ڌڻي! تو زندگيءَ جي پيالي ۾ موت ۽ موت جي پيالي ۾ زندگي ڀري ڇڏي آهي ۽ هوءَ ويچاري اها وهه جي وٽي پيئڻ لاءِ لاچار آهي. تو هن کي لڙڪن جي ذريعي پاڪيزگيءَ جو سبق پڙهايو آهي ۽ انهن ئي لڙڪن ۾ هن جي حياتي لڙهي رهي آهي.

اي خلقڻهار! تو منهنجي اکين کي پيار جي نور سان منور ڪيو پر ان پيار ئي ذريعي تو وري انهن اکين جي بينائي پڻ ڇني ورتي. هڪ طرف تو مون کي احسان ۽ مروت سان چاڙهي ڇميو پر ٻئي طرف پنهنجي قوي ۽ طاقتور هٿ سان مون کي پستيءَ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيو. تو منهنجي دل جي زمين ۾ اڇو گلاب ته پوکيو پر ان جي چوڌاري ڪنڊن جو لوڙهو به لڳائي ڇڏيو.

اي منهنجا پروردگار! تو منهنجي حال کي هڪڙي نوجوان جي روح سان وابسته ڪري ڇڏيو، جنهن سان مون کي محبت آهي پر منهنجي مستقبل کي هڪ اهڙي شخص جي وجود سان سلهاڙي ڇڏيو جنهن کي آءٌ ڄاڻان سڃاڻان ڪين ٿي. هو منهنجي لاءِ اجنبي آهي.

اي منهنجا خدا! منهنجي مدد ڪر ۽ هن تڪليف ڏيندڙ آزمائش کي منهن ڏيڻ لاءِ مون کي بي پناهه قوت عطا ڪر.

اي منهنجا ڌڻي! مون تي دستگيري وارو هٿ رک ته جيئن آءٌ ساري ڄمار حق ۽ صداقت جو پلئه هٿان نه ڇڏيان ۽ ان آزمائش ۾ منهنجا پير ٿڙي نه پون."

سموري فضا ۾ سانت ڇانئجي وئي. پيلي ۽ ضعيف سلميٰ زمين ۾ نظرون کپائي ڏسندي رهي. هن جو ڪنڌ جهڪي ويو ۽ ٻانهون لڙڪي پيون. سلميٰ جو وجود مون کي ان شاخ وانگر نظر آيو، جنهن کي ڪنهن وڏي طوفان، وڻ کان ڇني پٽ تي اڇلي ڇڏيو هجي تاڪ سڪي ٺوٺ ٿي فنا ٿي وڃي.

مون هن جي برف وانگيان ٿڌي هٿ کي چمي ڏني پر جنهن وقت مون هن کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته يڪدم ائين لڳو ته آٿت جي ضرورت اصل ۾ ته مون کي آهي. آءُ ماٿ ٿي ويس ۽ پنهنجي پاڳ تي ويچاريندي، دل جي ڏڪ ڏڪ ٻڌڻ لڳس. اسين ٻئي چپ وينا رهياسين.

جڏهن ڏک ۽ تڪليف حد کان وڌي ويندا آهن ته ماٺهو ماٺ جا مجسما بڻجي ويندا آهن. اسين ٻئي ٺٺا ماٺ وينا هئاسين، ڄڻڪ اسان جو ساهه پنڊ پهڻ ٿي ويو هو، يا سنگ مرمر جا اهي ششدر ۽ حيران ٿنيا هئاسين جن کي زلزلي مٽيءَ ۾ دفن ڪري ڇڏيو هو. ٻنهي ڄڻن هڪ ٻئي جي واتان ڪجهه ٻڌڻ جي آرزو نٿي رکي. اسان جي دل جون تارون اهڙيون ڪمزور ۽ ضعيف ٿي چڪيون هيون، جو ساهه ڪڍڻ سان به اهي ٽٽي ٿي سگهيون.

ان وقت ڪافي رات گذري چڪي هئي ۽ سنان جبل جي پٺ کان چنڊ اڀري رهيو هو. ۽ تارن جي وچ ۾ چنڊ جو مکڙو، ڪفن ۾ ويڙهيل مڙدي جي منهن مثل لڳي رهيو هيو، جنهن جي آسي پاسي کان ٻريل ميڻ بتيون پيل هجن. ان وقت لبنان مون کي هڪڙي اهڙي عمر رسيده پوڙهي وانگر ٿي لڳو جنهن جي چيلهه ڇپي ٿي ويئي هجي، جنهن جون اکيون اونداهين ۾ انڌيرن کي ڏسندي ڏسندي ننڊ لاءِ واجهائي رهيون هجن ۽ هو صبح جو بيتابيءَ سان انتظار ڪري رهيو هجي. لبنان مون کي اهڙي بادشاهه وانگر ٿي لڳو، جنهن جو سڀ ڪجهه ڦرجي فنا ٿي چڪو هجي ۽ هن وقت هو پنهنجي ڊٺل محلات جي مٽيءَ جي ڍير تي ويٺو هجي.

جهڙي طرح انسان پنهنجن جذبن ۽ تجربن جي بنياد تي تبديل ٿيندو ٿو رهي، ساڳي طرح زماني جي گردش ۾ موسمن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبديلين جي ڪري جبلن، ندين ۽ وطن جون ظاهري شڪليون به ڦرنديون ٿيون رهن. هڪڙو وڏو قدآور وڻ، جيڪو ڏينهن جي روشنيءَ ۾ وڻيءَ وانگر وٿندڙ ٿو لڳي سو شام جي وقت دونهين جي دنڌ وانگر نظر ايندو آهي. هڪڙي وڏي جبل جي چوٽي جيڪا ڏينهن جو سر ڪرڻ ناممڪن لڳندي آهي سا رات جي وقت حقير ۽ بي وقعت نظر ايندي آهي. هڪڙي ندي جيڪا صبح جي وقت چمڪندي، چلڪندي، ابديت جا راڳ ڳائيندي پڌبي ۽ ڏسبي آهي، سا رات جي وقت ان بدنصيب امڙ وانگر دانهيندي نظر ايندي جنهن کي هڪڙو پٽ هجي ۽ سو به وڃائجي ويو هجي ۽ اهو لبنان جيڪو گذريل هفتي مون کي عظمت ۽ وڏائيءَ جو نمونو ٿي لڳو سو اڄ رات صفا ڏکيارو ۽ اڪيلو ٿي لڳم.

اسين ٻئي جتا هڪ ٻئي کي الوداع ڪرڻ لاءِ اٿي بيٺاسين پر محبت ۽ مايوسي اسان ٻنهي جي وچ ۾ ٻن روحن جي شڪل وٺي اچي اڳيان بيٺي. محبت زار زار روئي رهي هئي ۽ مايوسي وحشت جي عالم ۾ کلي رهي هئي.

جيئن ئي مون سلميٰ جي هٿ تي پنهنجا چپ رکيا ته هن منهنجي وڏيڪ ويجهو اچي منهنجي نرڙ تي چمي ڏني ۽ چميءَ ڏيڻ شرط وڃي بينچ تي ڪري. هن پنهنجون اکيون ڪٿي بند ڪيون ۽ چپن ۾ دعا ڪرڻ لڳي:

”اي منهنجا پروردگار! مون تي رحم ڪر. منهنجي پڳل ڪنيڙائين کي وري قوت عطا ڪر!“

جڏهن آءٌ موڪلائي باغ مان روانو ٿيس ته مون کي ائين لڳو ڄڻ ڪ منهنجي حواسن تي هڪڙو ٿلهو پردو پئجي ويو هجي يا ڪنهن ڍنڍ جي مٿان ڌنڌ ڇانئجي ويو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽن جي سونهن، چانڊوڪي رات جي سهائي، اونهي ماٺ ۾ آسپاس جي هر هڪ شيءِ مون کي اٿوٽندڙ، بدصورت ۽ ڊيڄاريندڙ ٿي لڳي. اهو اصلي نور جنهن مون کي حسن ۽ ڪائنات جي عجائبات سان واقف ڪرايو هو، سو به هاڻ مون کي ٻاهر جي ان ائلي وانگر نظر اچڻ لڳو، جيڪو اندر ئي اندر منهنجو جيءُ جلائي رهيو هجي. اهي سرمندي راڳ جيڪي آءٌ ڏاڍي بيقراريءَ سان ٻڌندو هوس سي هاڻي شينهن جي آواز وانگر خوفناڪ گجگوڙ جيان لڳڻ لڳا.

آءٌ پنهنجي گهر پهچندي اهڙي زخمي پکيءَ وانگر اچي هنڌ تي ڪِريس جنهن کي ماريءَ جي ڪانَ گهائي وڌو هجي. آءٌ سلميٰ جا هي لفظ دهرائڻ لڳس، ”اي منهنجا پروردگار! مون تي رحم ڪر. منهنجي پگهل ڪنيڙاٽين کي ٻيهر سگهه عطا ڪر.“

موت جي حضور ۾

اڄڪلهه شاديءَ جا معاملا رڳو مائٽن ۽ نوجوان مردن جي هٿن ۾ هوندا آهن، انهيءَ ڪري اهڙيون شاديون ڏاڍي ڏکوئيندڙ صورت وٺن ٿيون. ڪن ملڪن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿئي ٿو جو اهڙين حالتن ۾ نوجوان، مائٽن کي شڪست ڏيئي زندگيءَ جي بازي جيتڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. عورت رڳو واپار جي جنس بڻجي پوي ٿي، جنهن کي هڪ گهر مان خريد ڪري ٻئي گهر جي حوالي ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ان جي سونهن ۽ سوڀيا گهٽجي وڃي ٿي ۽ هن جو جسم رت ست ڇڏي وڃي ٿو ته ڪيس بيڪار ۽ پراڻي فرنيچر وانگيان، گهر جي ڪنهن سوڙهيءَ ۽ اونداهيءَ ڪنڊ ۾ ڦٽو ڪيو وڃي ٿو.

موجوده تهذيب عورت کي عقل مند ۽ سگهڙ بڻائي ڇڏيو آهي، پر ان سان گڏوگڏ مرد جي لالچي طبيعت ۽ حرص ان جي مصيبت ۽ تڪليف ۾ واڌارو آندو آهي. ڪالهه جي عورت ياڳ ڀري زال هئي پر اڄ جي عورت رحم جوڳي زال نموني جي بيگم بڻجي پئي آهي. پراڻي زماني ۾ هوءَ بنا ويچار ۽ ڳٽڳوت جي پير ڪٽندي هئي، ان هوندي به هوءَ روشنيءَ جي جهرمٽ ۾ جيئندي هئي. پر اڄڪلهه هوءَ اڪيون کولي هلي ٿي تنهن هوندي به اونداهين ۾ گهيريل آهي. اڳ هوءَ پاڪباز ۽ طاقتور هئي، پر اڄ هوءَ پنهنجي سمجهه ۽ سياڻپ هوندي به بدصورت ۽ پنهنجي علم ۽ فن جي هوندي به جڙتو ۽ بيوسيءَ جو نمونو بڻيل آهي. ڇا اهو ڏينهن ڪڏهن ڪونه ايندو يا اهڙو واءُ نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورندو جڏهن سونهن ۽ سوپيا، علم ۽ ادراڪ، پاڪبازي ۽ سادگي توڙي دل جي سگهه، سڀئي اچي هڪڙي عورت ۾ ڪٺيون ٿينديون؟

مان انهن ماڻهن مان آهيان، جن جو عقيدو آهي تہ انساني زندگي، روح جي ترقيءَ کانسواءِ ممڪن ناهي. جڏهن هڪڙي عورت، زندگيءَ جي هڪ شعبي ۾ ترقي ڪرڻ گهري ٿي ۽ هن جي عملي زندگيءَ جي واٽ روڪيل ٿي ڏسجي، تہ ان جو مطلب پڪ سان اهو ٿئي ٿو تہ ترقيءَ جي معراج جي جنهن لفظ تائين هوءَ پهچڻ گهري ٿي، ان جي پسگردائيءَ ۾ چورن ۽ بگهڙن جهڙن چرون ۽ پناهہ گاهون آهن جن هن جي منزل ڏانهن ويندڙ واٽن کي گهيري رکيو آهي.

موجوده نسل سجاڳيءَ ۽ ننڊ جي وچين وقفي واري حياتي گهاري رهيو آهي. ائين سمجهو تہ هن جي هٿ ۾ مٽي تہ پراڻي زماني جي آهي پر هو پاڻ کي حال جو نمائندو ٿو سمجهي. مستقبل کي هر شهر ۽ هر وسنديءَ ۾ ڪا اهڙي عورت ملي ويندي جا مستقبل جو نشان پتو ڏيندي.

بيروت شهر ۾ سلميٰ ڪرامي ان وقت مشرقي عورتن جي نمائندي هئي، پر ڪيترن ٻين ماڻهن وانگر جيڪي پنهنجي وقت کان اڳتي نڪرڻ ٿا گهرن، سلميٰ بہ پنهنجي موجوده دؤر جو شڪار ٿي وئي ۽ هوءَ ان نرم ۽ نازڪ گل جيان جنهن کي ڪنهن تاريءَ مان چني الڳ ڪري درياءَ جي لهرن حوالي ڪري ڇڏيو ويو هجي، تنهن جيان بيوس ۽ هار ڪاڏل زالن جي جلوس ۾ وڃي شامل ٿي.

منصور ۽ سلميٰ جي شادي ٿي وئي. فارس آفندي پنهنجي باغيچي ۾ گهيريل گهر اندر ان ريڍار وانگر جيڪو رڍن جي ڌڻ وچ ۾ ويٺو هوندو آهي، ويٺو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاديءَ جا رنگ برنگي جشن ۽ ان جا شاندار ڏينهن راتيون گذري ويا، ليڪن اهي جشن ملهائڻ واريون گهڙيون، پنهنجي پويان ائين ڪڙيون يادگيريون ڇڏي ويون جيئن جنگ ختم ٿيڻ بعد جنگ جي ميدان ۾ ماڻهن جون ڪوپڙيون ۽ هڏيون وڃي بچنديون آهن. اوپر جي ملڪن ۾ شادي زال مڙس جي دل ۾ وجدان پيدا ٿي ڪري پر ڪڏهن ڪهوٽ، ڪنوار جي شاديءَ وارا حسين ڏينهن گذرڻ بعد، انهن ڏينهن کي سمونڊ جي تري ۾ اڇلي ٿو ڇڏي. هتي جون خوشيون ۽ شادمانيون واريءَ تي پيرن وانگر ٿين ٿيون جن کي پاڻيءَ جي رڳي هڪڙي لهر ۽ هوا جي هڪ لهر ميساريو ڇڏي.

بهار جي مند آئي ۽ گذري وئي. ساڳيءَ طرح اونهارو، سرءُ ۽ سيارو بہ ويا پر سلميٰ لاءِ منهنجي محبت راتو ڏينهن وڌندي وڃي خاموش پوڄا جي صورت ورتي. آءٌ ان طرح تڙڦڻ لڳس، ڄڻ ڪو يتيم ٻارڙو پنهنجي ماءُ جي روح لاءِ بيقرار هجي. منهنجو سمورو پيار، ڪنهن اونداهيءَ مايوسيءَ ۾ تبديل ٿي ويو، جنهن کي پنهنجو پاڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا چيز نظر نٿي آئي. پيار ۽ ميلاپ جي اميد، جنهن منهنجي نيڻن مان لڙڪن جا درياءَ ٿي وهايا، حيرت ۽ اچرج ٻڌجي، منهنجي دل جو رت چوسڻ لڳي. منهنجو هر ساهہ، سلميٰ، مڙسس ۽ پٽس جي خوشيءَ ۽ دلي سڪون ۽ اطمينان لاءِ هڪڙي مستقل دعا ٻڌجي پيو.

پر منهنجي ڪابہ دعا قبول نہ پئي ۽ منهنجون سڀ اميدون مٽيءَ ۾ ملي ويون. سلميٰ جي بربادي جو اصل سبب اهو اندروني روڳ هو، جنهن جو علاج فقط موت هو.

منصور اهڙو شخص هو جنهن کي حياتيءَ جون سڀيئي راحتون سولائيءَ سان ملي ويون هيون، جن جي هوندي بہ هو شڪرانو بجا

آڻڻ وارو نہ هو. سلميٰ سان ساڻس شادي ٿيڻ ڪانپوءِ هو، سهري جي مرڻ لاءِ سوچڻ لڳو، جيئن جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد پوڙهي جي باقي بچيل موڙي بہ هن جي هٿ چڙهي وڃي.

لڇڻ ۾ منصور پنهنجي چاچي جهڙو هو. هنن جي ڪردار ۾ فرق رڳو هي هو جو چاچس جيڪي ڪجهہ ڪندو يا ڪرڻ گهرندو هو سو پراسرار طريقي سان ڪندو هو، مذهبي اڳواڻ هئڻ ڪري هن جا ڪارناما جبي ۽ سونهري صليب جي اوٽ ۾ هئا، پر ان جي ابتڙ ڀائٽيو جيڪي بہ ڪندو هو سو کليو ڪلايو ڪندو هو. بشپ صبح جو سوير ديول ۾ ويندو هو ۽ پنهنجو باقي وقت، بيوهہ زالن، يتيم ٻارن ۽ ٻين سادڙن ۽ ابوجهہ ماڻهن کي ڦرڻ لٽڻ ۾ صرف ڪندو هو ۽ هن جو ڀائٽيو سڄو وقت نفساني خواهشن جي پورت ۾ پورو ڪندو هو. آچر ڏينهن بشپ ماڻهن کي انجيل پاڪ پڙهائيندو هو پر پاڻ انجيل جي ڪنهن بہ حڪم جي پيروي نہ ڪندو هو، بلڪ ڏينهن رات ان علائقي جي سياسي جوڙ توڙ ۾ لڳو ٿي رهيو. هيڏانهن منصور وري پنهنجي چاچي جو اثر رسوخ ڪم آڻي انهيءَ سياسي جوڙتوڙ مان فائدو وٺندو هيو. هو ٻين سان انجام ۽ وعدا ڪري وٺائڻ وڏيون رقمون وصول ڪندو هيو.

بشپ اهڙو چور هو جيڪو پنهنجون حرڪتون رات جي اونداهين ۾ لڪائيندو وتندو هو ۽ ان جو ڀائٽيو منصور اهڙو دغاباز هو جيڪو ڏينهن جي روشنيءَ ۾ وڏي فخر ۽ امتياز سان سينو ڪڍي نڪيون ڪندو هيو. بهرحال اوير وارن ملڪن جون ڪي قوتون اهڙن ئي ماڻهن ۾ ڀروسو رکن ٿيون جيڪي بگهڙن ۽ ڪاسائين وانگر ملڪ کي تباهہ ۽ برباد ڪندا رهن ٿا. هو وري پنهنجي وات جي چسڪي ۽ مريض جي پيٽ پورت لاءِ پنهنجي پاڙيوارن کي پٽيندا رهن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پنهنجا لفظ ملڪ ۽ قوم سان دغا ڪرڻ وارن لاءِ چئو پيو وڃايان، حالانڪ منهنجا لفظ تہ فقط هڪ بدنصيب، رحم جوڳي ۽ دل تنل عورت لاءِ وقف ٿيل هئا. آخر آءٌ پنهنجا لڙڪ، مجبور ۽ ڏڪارين قومن لاءِ ڇو پيو وڃايان، جڏهن تہ اهي صرف ڪمزور ۽ هيٺي عورت لاءِ سانديڻ رکيل هئا. جنهن جي زندگي، موت جهڙي ورتي هئي.

ليڪن منهنجا پڙهندڙؤ! ڇا توهان ڪي منهنجي اِن ڳالهہ سان اتفاق ڪونهي تہ اهڙي قوم جيڪا مذهبي اڳواڻن ۽ جابر حاڪمن جي قتيل هجي سا مظلوم عورت وانگر آهي! توهان ڪي ان ڳالهہ جي پڪ ناهي تہ ناڪام محبت جا هڪ عورت ڪي جيئري قبر ۾ ڌڪي ڇڏي، تنهنجي حياتي پڻ قهر هيٺ آيل قوم جي حياتيءَ جيان آهي. عورت جو ناتو، ڪنهن قوم سان بلڪل اهڙو آهي، جهڙو روشنيءَ جو ڏيي سان. ڏيي ۾ تيل جي گهٽتائي ٿيڻ تي ان جي روشني ڪانہ گهٽبي؟

پن جهڙ جي مند آئي ۽ سياري جي لاءِ پيلن پنن کي اڏائي ڪٿي وٺي. آءٌ اڃا تائين اڪيلو بنا ڪنهن يار مددگار جي بيروت شهر ۾ رهيو پيو هوس. منهنجي خوابن جي دنيا ڪڏهن تہ مون کي اڀ جي اوچاين تي وني تي وٺي ۽ ڪڏهن هيٺ ڌرتيءَ جي پاتال ۾ دفن ڪري ڇڏيائين.

ڏکويل ۽ مايوس روح ڪي تنهائيءَ ۾ آٿت ايندو آهي. هو ماڻهن کان ان قتيل هرڻ وانگر ٿهندو آهي جيڪو پنهنجي ساٿين کان الڳ ٿي ڪنهن غار ۾ وڃي پناهہ ٿو وٺي ۽ ڦٽ ڇٽڻ يا موت اچڻ تائين پنهنجي حياتي ان غار ۾ گهارڻ جو فيصلو ٿو ڪري.

هڪڙي ڏينهن مونکي خبر ملي تہ فارس آفندي بيمار آهي سو

ڳاڙي پڙي ڪري، عام رستو ڇڏي زيتونن واري سڙڪ کان ٿيندو هن جي گهر پهتس. فارس آفندي ضعيف ۽ پيلو ٿي ويو هو، اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيس. جيڪا مرڪ هميشه هن جي چهري کي زندگي بخشيندي هئي سا درد ۽ ڪرب جو شڪار ٿي مرجهائجي چڪي هئي. هن جي هيٺن هٿن جون هڏيون وٽن جي انهن شاخن جيان ٿي لڳيون جيڪي طوفان جي سامهون ڏڪي رهيون هجن. پرسان ويهي صحت بابت پڇيومانس ته هن پنهنجو پيلو چهرو مون ڏانهن ڪيو ۽ سندس ڏڪندڙ چپن تي هلڪي مرڪ تري آئي. هن ڪمزور ۽ هيٺي آواز ۾ مون سان مخاطب ٿيندي چيو، "منهنجا پٽ! هن ڪمري ۾ وڃ ۽ سلميٰ کي تسلي ڏيئي ڇئينس ته اچي مون وٽ ويهي."

ٻيو واري ڪمري ۾ مون وڃي ڏٺو ته سلميٰ هڪ سينگاريل صندل تي ليٽي پيئي هئي. ٻانهون مٿي کان ۽ منهن وهاڻي ۾ هيس ۽ روئي رهي هئي. ويجهو وڃي ٻنهي آهستي سان سندس نالو ڪنيم ته هوءَ ڇرڪ ڀري اٿي ويهي رهي، ڄڻڪ ڪو خوفناڪ خواب ڏٺو هئائين. هوءَ ٻنل اکين سان مون ڏانهن ڏسندي رهي ڄڻ پڪ ڪرڻ چاهيندي هجي ته آءٌ ڀاڇولو هيس يا سچ پچ ڪو ماڻهو. ٿوري دير ڪمري ۾ سانت ٿي ويئي جنهن وچ ۾ پراڻين يادگيرين اسان ٻنهي ڇڻن کي پرن تي کڻي انهن رنگين گهڙين ۾ گم ڪري ڇڏيو، جڏهين اسان پيار جي شراب سان سرشار ٿيا هئاسين. سلميٰ پنهنجا لڙڪ اگهندي چيو:

"زماني جي گردش اسان کي ڪهڙي طرح بدلائي ڇڏيو آهي. وقت اسان جي زندگيءَ جي رستن کي ڦيرائي ڪيئن نه اوجهڙ ۾ وجي وڌو آهي. هن ئي جڳهه تي بهار جي مند اسان کي پيار جي رشتن ۾ ڳنڍيو هو ۽ اڄ ان ئي ساڳي هنڌ تي اسين موت جي دروازي تي بيٺا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيون. اها بهار ڪهڙي نہ دلفريب ۽ سونهن ڀري هئي. هاٿو ڪي سياري جي منڊ ڪيتري نہ ڀيانڪ ۽ مايوس ڪندڙ آهي."

ائين چئي ڪٽي منهن ڍڪيائين جڻ ماضيءَ جون يادگيريون سندس سامهون هجن ۽ ڪيس انهن سان منهن ڏيڻ جي سگهہ نہ هجي. مون پنهنجو هٿ آهستي هن جي مٿي تي رکندي چيو:

"سلميٰ! اڄ تہ اسين ٻئي هن طوفان آڏو مضبوط ۽ محڪم ٿنڀن وانگر ڪڙا تي ويحون. اسان کي بهادر سپاهين وانگر ان سان مهاڏو اٽڪائڻ گهرجي. جيڪڏهن وڙهندي وڙهندي مري وياسين تہ شهيد چورائينداسون پر جي جيئرا رهياسين تہ پوءِ بهادرن وانگر حياتي گهاريندا سون. مشڪلاتن ۽ تڪليفن جو مقابلو ڪرڻ، سانت ۾ پناهہ ڳولڻ کان همٿ ڀريو ڪم آهي. اهو پروانو جيڪو شمع جي چوڌاري ڦيرا ڏيئي جان جي بازي لڳائي ٿو سو ان انڌي ڪئي کان بلند مرتبي وارو ٿئي ٿو جيڪو ڪنهن اونداهي سوراخ ۾ حياتي گهارڻ تي قناعت ٿو ڪري. اچو تہ هنن ڪنڍن ۽ خطري ڀريل راهن ۾ ثابت قدم ٿي سفر پورو ڪريون. اسين انهن رستن تي سچ جي ڪرڻ جو سهارو وٺي اڳتي وڌون، تہ جيئن پيچرن تي پيل ڪوپڙيون ۽ ٺڪرين ۾ لڪل نانگ اسان جي نظرن کان پري نہ رهن. جيڪڏهن اڌ پنڌ تي خوف اسان جي قدمن کي جڪڙي وڌو تہ رات جا آواز اسان تي چٿرون ڪندا. جيڪڏهن اسان پنهنجي ارادن ۽ حوصلن کي بلند رکيو ۽ جبل جي چوٽيءَ تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين تہ پوءِ آسمان وارا سڀيئي روح اسان سان گڏجي فتح ۽ شادمانيءَ جا راڳ ڳائيندا، تنهن ڪري همٿ کان ڪم وٺ. ڳوڙها اگهي ڇڏ، منهن تان مايوسيءَ جا مڙيئي آثار ميساري ڇڏ. هاڻي هل تہ هلي بيمار پيءُ جي پير ۾ ويهون، هن وقت هن کي تنهنجي ئي ضرورت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هن جي حياتيءَ جو مدار فقط تنهنجي حياتيءَ تي آهي. تنهنجي مسڪراهٽن ۾ هن جي مڙن تڪليفن جو علاج لڪل آهي.“

هوءَ پيار ڀرين نظرن سان مون ڏانهن ڏسي چوڻ لڳي:

”توکي پاڻ صبر ۽ تحمل جي ضرورت آهي ۽ ڇا هڪ ٻڪيو ٻئي ٻڪئي کي مانيءَ ڳيو ڏيئي سگهي ٿو؟ هڪڙو بيمار جنهن کي پاڻ دوا جي گهرج آهي سو ٻئي بيمار جي علاج جو ڪهڙو بندوبست ڪري سگهندو؟“

هوءَ اتي هن جو منهن اڳ ئي ملول هو. اسين ٻئي پيرسن آفنديءَ جي ڪمري ۾ گهڙي وچي سندس بستري جي ڀرسان ويٺاسين. هن مرڪندي بظاهر پنهنجي پيءُ جي آئت لاءِ صبر ۽ سانت جا آثار پيدا ڪيا. پيرسن آفنديءَ پڻ سلميٰ جي دل وٺڻ لاءِ هن کي يقين ڏياريو تہ سندس حالت اڳي کان بهتر آهي ۽ هو جلد تندرست ٿي پوندو. مگر پيءُ ۽ ڌيءُ هڪ ٻئي جي دلي ڪيفيتن کان چڱي طرح واقف هئا. تنهن ڪري زبان تي نہ آڻيندي بہ هڪ ٻئي جي دانهن ڪوڪ ٻڌي رهيا هئا. رنج ۽ ڏک جي لحاظ کان ٻنهي جي هڪجهڙي حالت هئي. ڌيءُ جي ڏکوئيندڙ حالت ڏسي پيءُ جي دل سڙي ڳري رهي هئي. ٻئي پاڪيزه روح هئا. جن مان هڪڙو تہ هلڻ وارو هو ۽ ٻيو ڏک ۽ غم جي ڪري نستو هو. پر ساڳئي وقت محبت ۽ موت سان همڪنار بہ هو. هنن ٻنهي روحن جي وچ ۾ منهنجو روح هو پر اهو بہ زخمي ۽ قتيل هو. ان ڪمري ۾ اسين ٽي ڄڻا هئاسين پر تنهي جو جِسو جاءِ نہ هو. هڪڙو پوڙهو شخص، جنهن جي حالت ان پراڻي ڊنل جاءِ جهڙي هئي جنهن کي ٻوڏ تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو هجي. هڪ نوجوان عورت هئي جنهن جو مثال سوسن جي ان گل جهڙو هو جنهن جو ڳاٽو ڏاٽي جي تيز ڌار قلم ڪري ڇڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي. ٽيئون شخص نوجوان هو جيڪو ان نوخيز پوٽي وانگر هو جنهن جي چيلهه برف پوڻ ڪري ڇپي ٿي پئي هجي. اسين ٽيئي تقدير جي هٿن ۾ رانديڪا بڻجي ويا هئاسين.

فارس آفندي ڏيرج سان پنهنجو ڪمزور هٿ سلميٰ ڏانهن وڌائي پيار ۽ شفقت ڀريل سنهڙي ۽ ضعيف آواز ۾ چوڻ لڳو:

"منهنجي پياري ڌيءَ! منهنجو- هٿ وٺ." سلميٰ هن جي هٿ کي جهليو. پوءِ هو چوڻ لڳو:

"مون ڪافي ڏکي عمر گذاري آهي. مون حياتيءَ جون گهڻيون ئي بهارون ڏٺيون آهن. مون زندگيءَ جي مڙني پهلوئن جو اڀياس ڪيو آهي. جڏهن تنهنجي ماءُ فوت ٿي هئي تڏهن تون فقط ٽن سالن جي هئينءَ. هوءَ ويچاري تنهنجي صورت ۾ قيمتي خزانو منهنجي حوالي ڪري هلي وئي. مون توکي پالي وڏو ڪيو. هاڻي تنهنجي منهن ۾ تنهنجي ماءُ جا مهانڊا اهڙي طرح ظاهر ٿيا آهن جٺڪ پاڻيءَ جي سانتيڪي ڍنڍ ۾ آڀ جي تارن جو اولڙو نظر ايندو هجي. تنهنجي سلڇڻائي، تنهنجو عقل ۽ ڏاهپ ۽ تنهنجو رنگ روپ سڀ ڪجهه تنهنجي ماءُ جهڙو آهي. نه رڳو ايترو پر ڳالهائڻ ۽ اشارن جو ڍنگ پڻ اهڙو ئي اٿئي. هن دنيا ۾ منهنجي لاءِ، تنهنجو وجود ان ڪري به آٿت ڏيندڙ رهيو آهي جو ڪردار ۽ گفتار ۾ تون هوبهو ماءُ تي وئي آهين. هاڻي آءٌ پوڙهو ٿي ويو آهيان، منهنجي آخري آرامگاهه صرف موت جي هٿن ۾ آهي. اي منهنجي پياري ڌيءَ! صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺج، ڏکاري نه ٿج بلڪ اهو چاهي خوش ٿج ته موت کانپوءِ به آءٌ توسان گڏ هوندس. آءٌ توکان اڄ موڪلائي وڃان يا سڀاڻ، توکي ان ڪري مايوس ٿيڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ جو منهنجي حياتيءَ جا ڏينهن، هن وقت سرءُ جي پنن وانگر آهن، جيڪي آهستي آهستي

چئي رهيا آهن. منهنجي موڪلائڻ جي گهڙي ويجهي اچي پهتي آهي ۽ منهنجو روح تنهنجي ماءُ جي روح سان ملڻ لاءِ بيقرار آهي.“

فارس آفندي اهي لفظ ڏاڍي پيار ڀرئي لهجي ۾ ادا ڪيا. ان وقت سندس چهري تي خاص قسم جي چمڪ هئي. ان ڪانپوءِ هن پنهنجو هٿ وڌائي هيٺان ڦيرائي سوني فريم ۾ جڙيل هڪڙي تصوير ڪڍي. هن ان تصوير ڏانهن تڪيندي سلميٰ کي مخاطب ٿي چيو:

”سلميٰ ڏيءُ هيڏانهن ڏس! هيءَ تنهنجي ماءُ جي تصوير اٿئي.“

سلميٰ لڙڪ اگهي، پنهنجي ماءُ جي تصوير کي ڪجهه وقت تائين ڏسندي رهي ۽ پوءِ ان کي ڪٺي چمڻ لڳي. هوءَ تصوير کي بار بار چمندي رهي ۽ ماءُ کي پڪاريندي اچي روئڻ ۾ ڇٽڪي. پوءِ هن پنهنجا ڏڪندڙ چپ ماءُ جي تصوير تي اهڙي طرح رکي ڇڏيا ڄڻ پنهنجو روح ماءُ جي تصوير ۾ ڦوڪڻ ٿي گهريائين.

شايد انسانيت جي چپن تي ماءُ لفظ کان وڌيڪ مٺو ٻيو ڪو لفظ ڪونهي ۽ ”منهنجي امڙ“ چئي پڪارڻ کان وڌيڪ مٺو ٻيو ڪو آواز ڪونهي. هي اهي لفظ آهن جيڪي خوشيءَ ۽ پيار سان ڀرپور آهن. هي اهي مٺا ۽ ٻاجهارا ٻول آهن، جيڪي دل جي اونهائين مان نڪري چپ جي نوڪ تي اچن ٿا. ماءُ، وڏي ۾ وڏي رحمت آهي. امڙ، مصيبت ۾ غمخوار ۽ مايوسيءَ جي عالم ۾ اميد جو شعاع هوندي آهي، جيڪا ڪمزوريءَ وقت، سگهه ۽ حوصلو عطا ڪري ٿي. ماءُ، محبت، رحم، همدردي ۽ معاف ڪري ڇڏڻ جو سرچشمو آهي. جنهن جي ماءُ مري ٿي وڃي سو ڄڻ هڪ پاڪيزه روح جي سايئي کان محروم ٿي ٿو وڃي.

قدرت جي ڪارخاني جي هر هڪ شعبي ۾ ماءُ جي حيثيت لازوال آهي. سچ، ڌرتيءَ لاءِ ماءُ جي حيثيت رکي ٿو، جيڪو ان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرمائش ڏئي ان جي پرورش ڪري ٿو. رات، ڌرتيءَ کي ٻڪيئڙن، سمونڊن ۽ ندين جون مٺيون لوليون ڏيئي سمهاري ٿي. ٻيءَ طرح ڌرتي، وٽن ۽ گلن جي ماءُ ٿئي، جيڪا وٽن ۽ گلن کي جنم ڏئي ٿي. اهڙي طرح گل ۽ وڻ، ميون ۽ ٻجن جي ماءُ آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ امڙ جو لفظ سموري ڪائنات جو مظهر آهي. ماءُ جو وجود اهو سرمدي روح آهي جو سڄو سارو سونهن ۽ پيار آهي.

سلميٰ اڃان ننڍڙي ئي هئي تہ سندس ماءُ گذاري ويئي هئي. تنهن ڪري کيس ماءُ جي يادگيري ڪانہ هئي. هن جيئن ئي ماءُ جي تصوير ڏٺي، تہ "منهنجي امڙ" چئي ان کي چنبڙي پئي ۽ زارو زار روئڻ لڳي.

ماءُ جو لفظ اسان جي دلين جي اونهائين ۾ هر وقت لڪل رهي ٿو. جهڙي طرح خوشبو، گلاب جي گل جي دل مان نڪري فضا ۾ پکڙجي ٿي وڃي، بلڪل اهڙي طرح خوشيءَ ۽ غم جي گهڙين ۾ ماءُ جو لفظ دل جي اونهاين مان اپري پاڻمرادو يڪدم اسان جي چپن تي اچي وڃي ٿو.

ڪافي دير سلميٰ پنهنجي ماءُ جي تصوير ڏسندي ۽ کيس چمندي رهي. پوءِ هوءَ سڏ ڪندي پيءُ جي بستري جي پرسان ڪِري پيئي.

پٽس ٻئي هٿ سلميٰ جي مٿي تي رکي چوڻ لڳو:

"منهنجي پياري ڌيءَ! مون توکي رڳو ماءُ جي ڪاغذي تصوير ڏيکاري آهي. هاڻ تون منهنجي ڳالهہ تورو ڌيان ڏيئي ٻڌ جو آءٌ توکي تنهنجي ماءُ جون ڳالهيون ٻڌايان ٿو."

سلميٰ پنهنجو منهن ان ابهم ۽ ڪمزور پکيءَ جي ٻچڙي جيان مٿي ڪنيو جو پنهنجي ماءُ جي پرن جو آواز ٻڌي، آکيري ۾ ڪڙو ٿي وهندو آهي.

فارس آفنديءَ چيو:

”جڏهين تنهنجي ماءُ جو پيءُ فوت ٿيو ته ان وقت تو سندس گود ۾ پرورش پئي ورتي. هن کي پنهنجي پيءُ جي گذاري وڃڻ جو بيحد صدمو ٿيو. هوءَ ان جي ياد ۾ زارو زار روئيندي هئي، پر هوءَ وڏي تحمل ۽ صبر واري عورت هئي. جڏهين هن جي پيءُ جي ڪفن ۽ تابوت جي سينگار جو ڪم پورو ٿيو ته هوءَ منهنجي پر ۾ اچي ويني ۽ منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ڪري چوڻ لڳي، ”فارس! منهنجو پيءُ گذاري چڪو آهي. هاڻ هن دنيا ۾ توڪان سواءِ ٻيو ڪير به ڪونهي جو منهنجي لاءِ آٿت جو سبب بڻجي سگهي. اسان جا دلي جذبا صنوبر جي تارين وانگر ورهايل آهن. جڏهين وڻ جي هڪڙي مضبوط ٽاري ان ڪان الڳ ٿي ڪري ٿي پوي ته وڻ کي وڏو نقصان ٿو رسي، پر وڻ ڪڏهين به سڪي نٿو. هو پنهنجون سڀيئي قوتون ٻين تارين جي پرورش لاءِ وقف ڪري ٿو ڇڏي ته جيئن جلدئي هو پنهنجي ضايع ٿيل ٽاريءَ جي گهٽتائيءَ جو پورائو ڪري سگهي.“ اهي آهن تنهنجي ماءُ جا اهي لفظ جيڪي هن پنهنجي پيءُ جي گذاري وڃڻ وقت مون کي چيا هئا. توکي پنهنجي ماءُ جي پيرن تي هلڻ گهرجي ۽ جنهن وقت منهنجو روح هن عارضي پڃري مان اڏامي وڃي، ان وقت پنهنجي ماءُ جي لفظن کي ضرور ياد ڪجانءِ.“

سلميٰ جي نيڻن مان لڙڪ لڙي پيا. هوءَ پڳل دل سان چوڻ لڳي، ”جڏهين منهنجي ماءُ جو پيءُ فوت ٿيو ته توهان ان جي هٿ ۾ هٿ ڏنو، توهان هن جي هٿ وٺڻ جو وعدو ڪيو، پر توهان پنهنجي مرڻ بعد مونکي ڪنهن جي سهاري ڇڏي ويندؤ؟ جڏهين منهنجي ماءُ جو پيءُ فوت ٿيو ته ان وقت هڪ همدرد ۽ وفادار مڙس ان جي

زندگيءَ جو سهارو هيو. هن جي گود ۾ هڪڙي ننڍڙي ٻارڙي هئي جا هن لاءِ آٿت ڏيندڙ هئي، مگر بـابـا سـائين! توهان جي گذاري وڃڻ بعد منهنجي حياتي تہ ويران ٿي ويندي، مون لاءِ ڪو ٺڪاڻو نہ رهندو. مـون تـوهان جي وجود ۾ مـاءُ ۽ پيءُ ٻـنـهي جي شـفـقـت ۽ مهرباني ڏٺي آهي. توهان ئي منهنجا مهربان ۽ شفيق پيءُ، ساٿي ۽ مددگار رهيا آهيو."

ائين چئي سلميٰ مونڏانهن ڏسي، منهنجي قميص جي ڪنڌ ڪي جهلي چوڻ لڳي، "توهان جي موت ڪانپوءِ هيءُ ئي هڪڙو دوست وڃي بچندو، مگر جو شخص پاڻ رنج ۽ ڏک ۾ ڊپيل هجي سو ٻئي لاءِ تسڪين ۽ آٿت جو سبب ٿي سگهندو؟ ڪنهن ٽٽل دل لاءِ ڪـو مايـوس روح ڇا ڪري سگهندو؟ درد ۽ ڪرب ۾ ڪڙهندڙ شخص ڪنهن غمزده ۽ ڏکاري پاڙيسريءَ جي ڪهڙي مدد ڪري سگهندو؟ جنهن پکيءَ جون ڪنيڙائيون ڀڃي پيون هجن سو ڪيئن اڏامي سگهي ٿو؟ هي منهنجو روحاني دوست آهي، پر آءٌ تہ اڳيئي هن ٿي رنج ۽ ڏک جو بار وجهي چڪي آهيان. منهنجا لڙڪ هن ڪان اکين جي چمڪ ڦري چڪا آهن. هاڻ ٻاٽ اونداهين ڪان سواءِ هن ڪي ڀيو ڪجهہ بہ نظر ڪونہ ٿو اچي. هيءُ منهنجو ڀاءُ آهي، جنهن سان مونکي والهانہ پيار آهي پر هن جو وجود بہ منهنجي ڀين ڀائرن جيان آهي. هي بہ منهنجي ڏکن ۾ شريڪ ٿي لڙڪ وهائي سگهي ٿو. اهي لڙڪ منهنجي تلخين ۽ ڪڙاين ۾ واڌارو ڪري، دل جي باهہ کي ويتر وڌائيندا."

سلميٰ جي لفظن منهنجي دل کي ڦٽي وڌو. آءٌ ائين محسوس ڪرڻ لڳس تہ مون ۾ ان ڪان وڌيڪ ٻڌڻ جي طاقت ڪانهي رهي. پيرسن آفندي ٽٽل دل سان هن جي گفتگو ٻڌندو رهيو. هن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالت ڏيي جي انهيءَ لاٽ وانگر هئي جيڪا هوا جي لهرن تي ڏڪي رهي هئي.

”منهنجي ڌيءَ! هاڻي مونکي آرام سان مرڻ ڏي. آءُ هن عارضي پڃري جون سيخون موڙي چڪو آهيان. منهنجو رستو نہ روڪ، مون کي اڏامي وڃڻ ڏي. هن وقت آسمان صاف آهي ۽ سمونڊ ۾ سانت لڳي پئي آهي. منهنجي سفر جي ٻيڙي بلڪل تيار بيٺي آهي. مون کي سفر جو سانباهو ڪرڻ ڏي. منهنجي بدن کي آرام ڪرڻ ڏي، منهنجي خوابن کي ختم تي وڃڻ ڏي. هاڻي صبح ٿي چڪو آهي، منهنجي روح کي سجاڳ ٿيڻ ڏي. تنهنجو روح سدائين منهنجي روح سان رليل رهندو ۽ منهنجي حوصلي کي بلند رکندو. منهنجي لاش تي رنج ۽ ڏک جا ڳوڙها نہ ڳاڙجانءِ، ڇاڪاڻ جو پوءِ گاهہ ۽ گل، ڌرتيءَ ۾ مونکي ڪجهہ بہ ڏيئي نہ سگهندا. منهنجي منهن تان درد ۽ ڪرب جا آثار ختم ٿيڻ ڏي، جوتہ جيڪڏهين هوائن اهي مٽيئي نشانيون منهنجي پيشانيءَ تي معلوم ڪري ورتيون تہ پوءِ شايد هو منهنجي هڏن جي خاڪ کي اڏائي، سبزه زار تائين وٺي وڃڻ کان نابري واري وهن.

منهنجي ڌيءَ! مون سڄي ڄمار توکي پيار ڪيو آهي. مرڻ کانپوءِ منهنجو پاڇهہ پريو هٽ ساڳيءَ طرح تنهنجي مٿي تي رهندو. منهنجو روح سدائين توسان سات ڏيندو رهندو ۽ هر هنڌ تنهنجي حفاظت ڪندو.“

فارس آفندي هاڻي اڌ ڪليل اکين سان مون ڏي نهاري چوڻ لڳو:

”منهنجا پٽ! تنهنجو پيءُ منهنجو دوست آهي، ان لحاظ کان سلميٰ سان سڳن پائرن وانگر هلجانءِ. هن سان دوستيءَ جو دم

پـريـنـدو رهـجانءِ. مـنـهـنـجي مـوت بـعـد هـن ڪـي روح راڙي ڪـان منـع ڪـجانءِ، جو مـرڻ واري جو مـاتم ڪـرڻ وڏي غلـطـي آهـي. هـن ڪـي عـمـديون عـمـديون آڪـاڻـيون ٻڌائـيـنـدو ڪجانءِ ۽ هن جو غم غلط ڪـرڻ لاءِ ڪـيـس زنـدگـيءَ جا نـغـمـا ٻـڌائـيـنـدو رهـجانءِ. پـٺـهين سـان منهنجي پچار ڪنـدو رهجانءِ. ان ڪي پـنهـنجي جوانـيءَ جا داسـتـان ٻڌائڻ لاءِ فـرمـائـشـون ڪـنـدو رهجانءِ. ان ڪي ياد ڏيارجانءِ تـه مون مرڻ گهڙيءَ تائين، سندس پٽ جي وجود ۾ ڪيس پيار ڪيو آهي."

ڪمري ۾ مڪمل خاموشي ڇانئجي ويئي. پيرسن آفنديءَ جي منهن تي موت جي پيلاڻ ظاهر ٿيڻ لڳي. هن هڪ دفعو وري اسان ڏي نظرون ڦيريون ۽ ڪن ۾ ڳالهه ٻڌائڻ واري انداز ۾ چوڻ لڳو:

"هن وقت ڪنهن به ڊاڪٽر جي ضرورت ڪانهي. تي سگهي ٿو تـه ان جون دوائون هن قيدخاني جي سزا جي مدت وڌائي وجهن. هاڻي آءٌ قيدي ناهيان، پر منهنجو روح اُپ جي وسعت ۾ آزاديءَ جو ڳولائو آهي. منهنجي لاءِ ڪنهن پادريءَ کي نـه سـڏائجو، ڇو جو جيڪڏهن آءٌ گنهگار آهيان تـه پوءِ هن جو جادو ۽ منتر منهنجي ڪابه مدد ڪري نـه سگهندا. جيڪڏهين آءٌ بي گناهه آهيان تـه پوءِ هن جاهڙ مونکي بهشت ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي نٿا سگهن. دنيا جي ڪابه طاقت خدا جي حڪم کي نٿي روڪي سگهي. ستاره شناس تارن جي چرپر کي تـه سمجهي سگهي ٿو، پر ان جي مقرر ٿيل واٽن کي ڦيرائي نٿو سگهي. منهنجي مرڻ کانپوءِ ڊاڪٽر ۽ پادري جيڪي وٺين سو ڪن، ڪين پوري آزادي هوندي. ان وقت منهنجو جهاز منزل تائين پهچڻ لاءِ روان دوان هوندو."

آڌي رات جو فارس آفنديءَ پنهنجون ٿڪل اکيون آخري ڀيرو کولي، سلميٰ ڏي نهاريو. جيڪا سندس بستري ڀرسان گوڏا کوڙيو

ويٺي هئي. هن ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪئي مگر چئي نہ سگهيو. موت جي آمد هن جو گلو پـري چڏيو ۽ آخري آواز گلي ۾ اٽڪي پيس. ڏاڍيءَ مشڪل سان هن چپ چوريا، پر سلميٰ! منهنجي سلميٰ! کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه چئي نہ سگهيو. پوءِ هن جو ڪنڌ جهڪي ويو ۽ منهن سفيد ٿي ويو. هن مشڪندي آخري هڏڪي ڏني ۽ هميشه لاءِ اسان وٽان روانو ٿي ويو.

سلميٰ پنهنجي پيءُ جي هٿ کي ڇهي ڏٺو جو برف جهڙو ٿڌو هو. تهان پوءِ هن اکيون کڻي دل ٻري پيءُ جي منهن ۾ نهاريو، جنهن تي موت طاري ٿي چڪو هو. سلمي چپ چاپ ويٺي رهي. نڪي اکين ۾ لڙڪ هئس، نہ وري آهون ٿي ڀريائين. ڪي گهڙيون هن اهڙيءَ ريت تڪ ٻڌي پيءُ جي لاش ڏي ڏٺو ۽ نيٺ ڪنڌ کڻي جهڪايائين. هن جو نرڙ ذري گهٽ وڃي زمين سان لڳو ۽ هوءَ رڙيون ڪري روئڻ لڳي:

اي منهنجا خدا! منهنجي پـگل ڪنيـڙاتين کي وري قوت عطا ڪر."

فارس آفندي گذاري ويو. هن جو روح ابديت سان هم آغوش ٿي ويو. مٽيءَ کي مٽيءَ جي حوالي ڪيو ويو. منصور کي هن جو باقي رهيل ناتو ملي ويو ۽ سلميٰ باقي حياتي ڏک جي قيد ۾ وڃي ڪاٽي.

مون کي ڏک جي شدت پوري طرح وڪوڙي ورتو. رات ۽ ڏينهن مون ڏانهن اهڙي طرح وڌڻ لڳا جيئن ڪو شڪرو پنهنجي شڪار تي جهٽ هڻندو آهي. پنهنجو غم غلط ڪرڻ ۽ دل وندرائڻ لاءِ ڪتابن ۽ پراڻن قصن ڪهاڻين ۾ ٻاڻ کي رڌل رکڻ لڳس، پر ان ڪوشش جو مثال ائين هو جيئن ڪو شخص گاسليٽ سان باهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسائڻ جي ڪوشش ڪندو هجي، جو ته مون کي انهن ڪتابن ۾ غم جي جلوسن ۽ سيني ڪٽڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه آيو. جڏهين مايوسي ۽ نااميدي حد کان وڌي ٿي وڃي ته اها اسان جي حياتيءَ کي گهنائي ڇڏي ٿي ۽ ڪنن کي ٻوڙو ڪري ٿي ڇڏي. ان وقت اسان کي تباهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه دڳ نظر نٿو اچي. اسان جا ڪن، پنهنجي دل جي وحشي ڌڙڪي کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به شيءِ جو آواز ٻڌي نٿا سگهن.

ٻہ مجسما

انهن ٽڪرين ۽ باغن جي وچ- جن بيروت جي شهر ۽ لبنان
کي ملايو ٿي- پراڻي زماني جو هڪڙو ننڍڙو مندر هو. هي مندر اڇي
پٿر کي گھڙي ٺاهيو ويو هو، جنهن جي چوگرد زيتون، صنوبر ۽
توتن جا وڻ هئا. جيتوڻيڪ هي مندر، عام رستي کان اڌ ميل ڪن پنڌ
تي هو، پر جنهن زماني جي مان اوهان کي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو آهيان،
تنهن ۾ صرف اهي ٻه ٽي ماڻهو ان مندر ۾ دلچسپي وٺندا هئا،
جن کي آثار قديمہ ۽ پراڻن کنڊرن کي ڏسڻ وائسڻ ۽ انهن جي
اڀياس ڪرڻ جو شوق هو. لبنان ۾ هي مندر بلڪل وساريو ويل آهي
پر پاسيرو ۽ عام نظرن کان پوشيده هئڻ ڪري، پيار جي پرستارن
لاءِ بهترين جاءِ آهي.

مندر ۾ گھڙندي اوير واري پٽ تي هڪ مجسمو نظر ٿو اچي،
جو پيار ۽ محبت جي ديوي ايشتار جو آهي ۽ ٽڪريءَ کي ٽڪي، ان
مان ٺاهيو ويو آهي. پيار جي ديوي تخت تي ويٺي آهي ۽ ست سهٽيون
ڪنواريون داسيون، تخت جي چوڌاري ان کي گھيريو بيٺيون آهن.
هڪڙيءَ جي هٿ ۾ مشعل، ٻيءَ جي هٿ ۾ ستار، ٽينءَ جي هٿ ۾
عود دان، چوٿينءَ جي هٿ ۾ شراب جي صراحي، پنجينءَ جي هٿ ۾
گلاب جا گل، ڇهينءَ جي هٿ ۾ گلن جو هار ۽ ستينءَ جي هٿ ۾
تيرڪمان آهي. اهي ست ئي داسيون ديويءَ ڏي چتائي نهارين پيون.

ٻيءَ پٽ وارو مجسمو، پهرئين کان تازو آهي. اهو ايترو
جهونو نٿو لڳي. ان ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي صليب تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنگيل ڏيکاريو ويو آهي. ان جي پرسان سندس غمگين ماءُ جي تصوير آهي جنهن سان گڏ ٻيون زالون به ڏيکاريل آهن، جي سڀ روئي رهيون آهن. انهن مجسمن کي ڏسڻ سان پتو پوي ٿو ته اهي پندرهينءَ يا سورهينءَ صديءَ جا جوڙيل آهن ۽ جهوني فنيشيائي آرٽ جو نمونو آهي.

مندر جي اولهه واري پٽ ۾ به روشندان آهن جن مان سج جا ڪرڻا داخل ٿي، جڏهن مجسمن تي پون ٿا، تڏهين ائين ٿو لڳي ته جڻ ڪنهن فنڪار مٿن سون جو پاڻي چاڙهي ڇڏيو هجي. مندر جي بنهه وچ ۾ سنگمرمر جو هڪڙو چورس ٽڪرو رکيل آهي جنهنجي چئني ئي پاسن تي مختلف تصويرون نقش ٿيل آهن، جيڪي رت جي ڍٻن ۾ ڍڪيل آهن. ان پٿر کي ڏسڻ سان ائين ٿو ڀائنجي ته قديم زماني جا ماڻهو هن پٿر تي قربانيون پيش ڪندا هئا ۽ انهن رسمن بجا آئيندي، ان پٿر تي شراب، تيل ۽ خوشبو اوتيندا هئا.

انهن شين کان سواءِ انهيءَ ننڍڙي مندر ۾ ٻيو ڪجهه به ڪونهي. چوڏاري سانت ڇانيل آهي جنهن ۾ ان ديويءَ جا اسرار آهن ۽ هر هڪ شيءِ، حال جي زبان سان پنهنجي خاموشيءَ جي وسيلي، پراڻين تهذيبن ۽ مختلف مذهبن جي ارتقا جي سڌ ڏئي ٿي. هي مڙيئي منظر، هڪڙي شاعر کي چند گهڙين لاءِ پنهنجي وجود کان ڪٽي پري وٺي وڃن ٿا، جتي هڪڙو فيلسوف ان ڳالهه کي مڃڻ لاءِ لاچار ٿيو پوي ته انسان ڪنهن به وقت مذهب کان سواءِ جيئرو رهي نٿو سگهي، جنهن کي انسان جون نظرون ڏسڻ کان قاصر آهن. هن هي تصويرون ناهي پنهنجن لڪل دلي جذبن ۽ موت توڙي حيات جي ويچارن جا مختلف ڏيک ڏيکاريا آهن.

ان مندر منجهه مهيني ۾ هڪ ٻيرو سلميٰ سان منهنجي ملاقات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندي آهي ۽ ان هنڌ چند گھڙيون گذاريندو آهيان. پٿين تي اڪريل عجيب ۽ غريب تصويرن کي ڏسڻ سان، حضرت عيسيٰ کي صليب تي چاڙهڻ وارو واقعو منهنجي اکين آڏو ڦري ايندو آهي. پوءِ مون انهن نوجوان عورتن ۽ مردن تي ويچار ڪيو، جيڪي ان سرزمين تي رهندا هئا. پيار ۽ قرب ۾ وقت گذاريندا هئا. پيار جي ديويءَ جي پوڄا ڪندا هئا ۽ ان جي پيرن ۾ عود دکائيندا ۽ خوشبو ڇٽڪاريندا هئا. هاڻ انهن ماڻهن جو نالو نشان به باقي ڪونهي، صرف انهن جي يادگيري وچي رهي آهي، جنهن کي زماني جي گردش ڪڏهين ڪڏهين ابديت جو رنگ ڏيئي سامهون آڻي ٿي.

جيڪي خوبصورت گھڙيون مون سلميٰ سان گڏ گذاريون آهن، انهن کي لکت ۾ آڻڻ منهنجي وس جي ڳالهه ڪانهي. اهي سرمدي گھڙيون ڏک، سک، خوف، اميد ۽ مايوسيءَ سان ڀريل هيون.

انهيءَ جهوني مندر ۾ اسان لڪ چوريءَ ملندي، گذريل ڏينهن کي ياد ڪندي، موجوده حالتن تي بحث ڪندي ۽ پنهنجي مستقبل کان ڊڄندي، آهستي آهستي پنهنجي دلين جا لڪل راز هڪ ٻئي سامهون کولي ٿي رکيا. پوءِ اسان موجوده مشڪلاتن ۽ تڪليفن جون شڪايتون ڪندي، هڪ ٻئي جي دل وٺڻ خاطر تسليءَ جون ڳالهيون به ٿي ڪيون. ٿوري ٿوري دير ڪانپوءِ اسان هڪٻئي جا لڙڪ ٿي اگهيا ۽ کلي ٿي ڏنو. اسين پيار کانسواءِ دنيا جي هر ڪنهن شيءِ کان بيخبر ٿي ٿي وياسين ۽ جيستائين اسان جون دليون پگهرجي نٿي ويون تيستائين هڪٻئي جي پاسي ۾ پيا ٿي رهياسين ۽ اوچتو سلميٰ منهنجي نراڙ تي پاڪيزه چمي ڏيئي، منهنجي دل تي وجد طاري ٿي ڪيو ۽ وري هن پنهنجو سفيد شفاف ڪنڌ ٿي جهڪايو ۽ مون ان کي چميو ٿي ته هن جا ڳل، سج جي پهرين ڪرڻن وانگر، جيڪي

ايرڻ وقت پهاڙن جي پيشانيءَ کي چمندا آهن، ٿورو سر تي ٿي ويا. پوءِ اسان چپ چاپ ۾ لهندڙ سج جي نارنگي شفق تي نظرون کپائي ۽ افق کي تڪ ٻڌي ٿي ڏٺو. هاڻي اسان جي گفتگو رڳو پيار جي معاملن تائين محدود نه رهندي هئي بلڪه هن دنيا جي هلندڙ مسئلن ۽ موجوده حالتن تي خيالن جي ڏي وٺ ۽ بحث به ٿيندو هو. سلمي ڳالهين ڪندي سماج ۾ عورت جي حيثيت تي روشني وجهندي، پنهنجي ذاتي ڪردار تي، پنهنجي ڪتنب جي گذريل تاريخ جي اثرن، زال مڙس جي لاڳاپن، روحاني بيمارين ۽ ڪلچاتين جي مهلڪ اثرن جي نتيجن تي بحث ٿي ڪيو. مونکي اجان تائين ياد آهي ته هڪڙي پيري هوءَ چوڻ لڳي، "سموري دنيا جا شاعر ۽ مصنف عورت جي حيقيقت کي بي نقاب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پر اجا تائين هو ان جي دل جي گهراين ۾ لڪل اسرار معلوم ڪري نه سگهيا آهن. سبب هي آهي جو هي ماڻهو سدائين عورت جي جنسي پاسي ڪان رڳو ان جي ظاهري ڏيک ويک ڏانهن ڌيان ڏا ڏين. هو جڏهن به عورت ڏي ٿا ڏسن ته هنن کي هن ويچاريءَ ۾ ڪمزوري ۽ اطاعت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نظر نٿو اچي."

پٺي موقعي تي هن ڀتين تي اڪريل تصويرن ڏانهن اشارو ڪندي چيو، "هن ٽڪريءَ جي ٻنهه وچ ۾ به اهڙيون نشانيون ۽ علامتون آهن جيڪي زال ذات جي مخفي جذبن ۽ روحاني خواهشن، پيار ۽ غم، همدردي ۽ قربانيءَ جو مظهر آهن. هاڻ ٻنهي تصويرن کي ڏسو، پيار جي ديوي تخت تي ويٺي آهي. هوڏانهن ٻئي طرف غم جي ماريل مريم، صليب وٽ ٻيٺي آهي. ماڻهو نالو، نمود ۽ شهرت حاصل ڪري ٿو پر ان سموري شان ۽ شوڪت جو ملهه عورت ادا ٿي ڪري."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين ڪنهن شخص جي نظرن کان ڊنل نه هئاسين. نڪي اسانجي ضمير وري ان طرف ڌيان ڪرڻ جي تڪليف ورتي هئي. صل ۾ اهي روح جن کي عشق جي باهه ۾ لڙڪن، سيني گدگين/ پنيتاين کان پاڪ ڪري ڇڏيو هجي، سي انهن ڳالهين کان مٿي ني ويندا آهن. هو پنهنجي دل جي حڪمن جي پيٺ ۾ سماج ۽ ان جي قانونن جي پرواهه نٿا ڪن. لڙڪن سان سدائين وضو ڪيل هي روح، خدا جي حضور ۾ بنا ڪنهن ندامت ۽ شرمندگيءَ جي ڳاٽ اوچو ڪري پيش ٿي سگهن ٿا.

صدين کان انساني سماج ڪارن قانونن جي سامهون ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو آهي. ايتريقدر جو هاٿي اهو، ابدي ۽ اعليٰ قانون جي معنيٰ سمجهڻ جهڙو نه رهيو آهي. آهستي آهستي انسان جون اکيون، هنڪي اونداهيءَ نما روشنيءَ کي ڏسڻ جون عادي ٿي ويون هيون ۽ دنيا کي روشن ڪندڙ سج جي تابش کان انڪار ڪرڻ لڳيون آهن. روحاني بيماريون ورثي طور هڪڙي نسل مان ٻئي نسل تائين وراثت ۾ ايندڙيون رهن ٿيون ۽ پوءِ اهي نسل، انهن بيمارين تي اهڙا هري ٿا وڃن جو هو انهن کي نقص ۽ عيب سمجهڻ بدران خدا تعاليٰ جي صرف کان موڪليل انعام سمجهڻ لڳن ٿا. انهن حالتن ۾ جيڪڏهين ڪو شخص، انهن بيمارين مان نجات حاصل ڪري پاڪيزه زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندي نظر اچي وڃي، ته سماج ۾ عام ماڻهو ان کي نفرت جي نگاهه سان ڏسندا ۽ ائين به ٿي سگهي ٿو ته ڪڏهين ڪڏهين ان کي بي شرم ۽ بي حيا به چوڻ لڳن.

جيڪي ماڻهو سلميٰ کي رڳو انهيءَ ڪري برين نظرن سان ڏسن ٿا جو هوءَ ڪڏهين ڪڏهين پنهنجي مڙس جي گهران نڪري اچي مون سان ملي ٿي، اصل ۾ اهي ذهني بيمار ۽ گهٽ فهم وارا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي تندرست ۽ پاڪيزه دلين تي بغاوت جو الزام هڻن ٿا. اهڙن ماڻهن جي حيثيت انهن ڪيڙن ماڪوڙن کان وڌيڪ ناهي جيڪي هميشه ان خوف کان اونداهين ۾ رڙهڻ تي هري مري ويندا آهن تہ متان روشنيءَ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي پير هيٺيان اچي چيپاٽجي نہ وڃون.

هڪ مظلوم قيدي جيڪو پنهنجي قيدخاني جي سيخن کي موڙڻ جي سگهہ ۽ صلاحيت رکندي بہ انهن کي موڙڻ جي همٿ نہ ٿو ڪري سو انتهائي بزدل ۽ ڪانئر آهي. سلميٰ بنهہ بي گناهہ قيديءَ وانگر هئي، جنهن لاءِ قيدخاني مان نجات ناممڪن هئي. جيڪڏهين هن ڪڏهين جيل مان ليو پائي کليل ميدانن ۽ آپ جي وسعتن ڏانهن اک کڻي ڏٺو بہ تي تہ ڪهڙي اربع خطا ٿي ڪيائين. هوءَ ڪڏهين ڪڏهين مندر ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ پيار ۽ سونهن ديوي جي وچ ۾ اچي مون وٽ ويهي رهندي هئي تہ اها ڪا بيوفائي ڇٽبي! ماڻهن جون زبانون جيڪي وٽين سو چون، پر سلميٰ انهن ڏيڻ وارن پيچرن کان گهڻو پري پهچي چڪي هئي، جتي پهچي پين ماڻهن جا روح هوند آپي مان نڪري وڃن. هوءَ هاڻي انهيءَ منزل تي پهچي چڪي هئي جتي بگهڙن جون رڙيون ۽ نانگن جون ڦوڪون بہ هن جو رستو روڪي نٿي سگهيون. ماڻهو منهنجي لاءِ پڻ جيڪي وٽين سو چون. جنهن شخص جي روح موت سان مهاڏو اٽڪائڻ سکي ورتو هجي سو چورن کي ڏسي ڇا گهبرائيندو. ڪهڙو سپاهي هوندو، جنهن پنهنجي سر تي چمڪندڙ تلوارون ۽ پنهنجي پيرن هيٺيان رت جون نديون وهندي نہ ڏٺيون هونديون. تنهن تي پلا گهٽين جا رولو ڇورا، پٿر اڇلائيندا تہ ڪيس ڪهڙو ڊپ ٿيندو يا هو ڪهڙو ڊڄي ويندو!.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرباني

جون جي آخري هفتي ۾ جڏهن گهٽائي ماٺهو گرميءَ جي شدت ڪار نحرڻ لاءِ شهر ڇڏي جبلن ڏي هليا ويندا آهن، اهڙن ئي ڏينهن ۾ ماڻ ... ڏينهن انهيءَ ساڳئي مندر ۾ سلميٰ جو انتظار ڪري رهيو هوس. اڄ مان پاڻ سان شاعريءَ جو هڪ ڪتاب کڻي ويو هيس. سلميٰ جو انتظار به پئي ڪيم ۽ شعر به پئي پڙهيم. نظم پڙهندي مان وجد ۾ اچڻ لڳس ۽ منهنجي دماغ تي انهن پراڻن شاعرن، بادشاهن ۽ بهادرن جون يادگيريون گهمڻ لڳيون، جن ڪنهن وقت غرناطه کي الوداع ڪيو هو ۽ هن جي هاريندڙ نگاهن ۽ رنج و غم سان پريل دلين سان پنهنجن محلاتن، روايتن، اميدن ۽ خواهشن کي هميشه لاءِ اتي ڇڏي هليا ويا هئا. ڪلاڪ کن گذرڻ بعد مون ڏٺو ته سلميٰ پنهنجي ڇتيءَ کي زمين تي ٽيڪيندي آهستي آهستي مندر ڏانهن اچي رهي آهي. هن جي اچوڪي رفتار مان مون اندازو ڪيو ته هوءَ سڄي دنيا جو بار پنهنجن نرم ۽ نازڪ ڪلهن تي کنيو پئي اچي. جڏهن هوءَ مندر ۾ اچي منهنجي پرسان ويٺي ته مون هن جي اکين ۾ غير معمولي تبديلي ڏٺي. مون يڪدم ان جو سبب معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

سلميٰ کي معلوم ٿي ويو ته منهنجي دل تي ڇا پيو گذري. هن پنهنجو هٿ منهنجي مٿي تي رکي چيو:

”اي منهنجا محبوب! ويجهو ٿي ويهه ڇاڪاڻ جو هجر ۽ فراق جون گهڙيون بنهه ويجهو اچي چڪيون آهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پڇيو، ”تنهنجي مڙس کي پتو پئجي ويو آهي ڇا تہ اسين ٻئي ڇٽا ڪڏهن ڪڏهن هتي اچي ملندا آهيون؟“

هن وراڻيو، ”منهنجي مڙس کي تہ منهنجي تر جيتري بہ پرواهہ ڪانهي. ان کي اهو اصل معلوم ڪونهي تہ آءٌ پنهنجو وقت ڪيئن ٿي گذاريان. اصل ۾ هن کي اهڙن ڪمن لاءِ واندڪائي بہ ڪانهي، ڇاڪاڻ جو هو سڄو وقت انهن مظلوم ۽ مجبور زالن ۾ ريڌو پيو آهي جن کي غريبيءَ سدا سهاڳڻيون بنائي ڇڏيو آهي ۽ جيڪي پيٽ جي باهہ وسائڻ خاطر مانيءَ ڳيي لاءِ پنهنجي جسم جو واپار ڪن ٿيون.“

پوءِ مون پڇيو، ”جيڪڏهن ائين ناهي تہ پوءِ ڪهڙيون ڏکيايون آهن، جيڪي توکي هتي اچي مون سان ملڻ کان روڪين ٿيون. ڇا تنهنجو روح هجر و فراق جو آرزومند آهي؟“

هوءَ پنل يا وضو ٿيل پاڪيزه نيڻ کڻي مون ڏانهن نهاريندي چوڻ لڳي:

”نہ. منهنجا منڙا اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي! مون کي ڪا وڇوڙي جي تمنا ڪانهي، ڇاڪاڻ جو تون منهنجي زندگيءَ جو اڻٽٽ حصو بڻجي چڪو آهين. منهنجون اکيون توکي ڏسڻ مان نہ ٿيون ڍاپن. تون منهنجي نيڻن جو تارُ آهين. هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ جيڪڏهن تقدير منهنجي پيرن ۾ ڳري زنجير وجهي مونکي پرواز کان لاچار ڪري وڌو آهي، تہ ان جو اهو مطلب ٿورئي آهي تہ تنهنجي حياتي بہ ساڳئي ڪارب ۾ ڍلجي، اهڙي ئي ٿي پوي. ائين ٿيڻ منهنجي لاءِ نهايت ڏکوئيندڙ ٿيندو، آءٌ هرڪا ڳالهہ کولي بيان ڪري نٿي سگهان. منهنجي زبان کي درد جي تڪليف ماٺ ڪرائي ڇڏيو آهي. ڏک ۽ تڪليفن منهنجي منهن تي مهر هڻي ڇڏي آهي. مونکي رڳو اهو

ڊپ آهي تہ ڪٿي تون بہ مون وانگر ڪنهن چار ۾ ڦاسي نہ پوين."

مون پڇيو: "سلميٰ! تون ڪهڙي شخص ڪان ٿي ڊڄين؟ مان اڃان بہ تنهنجي ڳالهہ چڱيءَ طرح سمجهي نہ سگهيس."

اهو ٻڌي هن پنهنجو منهن هٽن سان ڍڪيندي وراڻيو:

"بشپ کي انهن ڳالهين جي خبر پئجي چڪي آهي تہ مان مهيني ۾ هڪ اڌ ڀيرو انهيءَ قبر مان ٻاهر نڪري ايندي آهيان. جنهن ۾ هن مونکي پوري ڇڏيو آهي."

وري پڇيومانس، "بشپ کي اسانجي گڏجاڻين جي پوري پوري سڌ پئجي چڪي آهي ڇا؟"

چوڻ لڳي:"جيڪڏهن ائين هجي ها تہ اڄ تون مونکي پنهنجي ويجهو ويٺل نہ ڏسين ها! ليڪن هن جي دل ۾ شڪ جاڳي اٿيا آهن. هن پنهنجي سيني نوڪرن ۽ پهريدارن کي چٽي ڇڏيو آهي تہ هو منهنجي ڪڙي نگراني ڪن. پانيان ٿي تہ آءٌ جنهن گهر ۾ رهان ٿي ۽ جنهن رستي تان اچان ٿي سي سڀ اکيون ٿي اکيون بڻجي پيا آهن ۽ وک وک تي منهنجي نظرداري پيا ڪن يا اهي بي حساب آگريون آهن جيڪي مون تي وري وري پيون کڄن، يا اهي اڻ ڳڻيا ڪن آهن جيڪي لڪل جذبن ۽ خيالن کي بہ ٻڌي ٿا وٺن."

ائين چئي چند گهڙين لاءِ ماٺ ٿي ويئي. هن نظرون ڪٽي نهاريو تہ ڳوڙها لارون ٿي وهي نڪتس. هوءَ وري چوڻ لڳي:

"آءٌ بشپ کان ڊنل ڪانہ آهيان. جيڪو ماڻهو دريا ۾ ٻڏندو هجي، تنهن کي پسڻ جو ڪهڙو ڊپ ٿي سگهي ٿو. پر مون کي اهو خوف ٿئي ٿو تہ ڪٿي تون ان جي چنبي ۾ نہ اچي وڃين! تون اڃا جوان ۽ سج جي ڪرڻن وانگر آزاد ۽ خود مختار آهين. مان ذاتي طور قسمت کان ڊنل نہ آهيان. هن جي ڪمان ۾ جيڪي تير هئا سي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڇاتيءَ کي پروڻ ڪري چڪا آهن. مونکي رڳو اهو ڊپ آهي ته ڪٿي اهو نانگ توکي نه ڏنگي وجهي ۽ توکي ڪاميابيءَ جي انهن بلند چوٽين تي چڙهڻ کان روڪي نه وجهي، جيڪي ايندڙ خوشين ۽ ڪامرانين سان پرپور تنهنجو انتظار پيون ڪن."

مون چيو، "اهو ماڻهو جنهن کي روشنيءَ نور جو لباس پهري ڏنگي وڌو هجي، جنهن کي بگهڙن چيري ڦاڙي ڇڏيو هجي، سو ڏينهن ۽ رات پنهي کان هميشه ڏوڪو ڪائيندو. ليڪن سلميٰ، منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌ! ماڻهن جي ڪميڻاپ ۽ بديءَ کان بچڻ جو طريقو وڇوڙي کان سواءِ ٻيو ڪونهي ڇا؟ پيار، قرب ۽ آزاديءَ جون سڀيئي واٽون بند ٿي ويون آهن ڇا؟ ڪميڻن ۽ نيچن جي اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونهي ڇا؟"

هن وراڻيو، "هاڻ سواءِ جدائيءَ، هجر ۽ وڇوڙي جي ٻيو ڪجهه به باقي نه بچيو آهي؟ هاڻ اسان کي گهرجي ته هميشه لاءِ هڪٻئي کان موڪلائي ڇڏيون."

منهنجي سرڪش روح ان جو هٿ جهلي ورتو ۽ مون هن کي مخاطب ٿي چيو:

"ڪافي عرصي کان اسين هنن ماڻهن جي مرضيءَ موجب حياتي پيا گهاريون. پنهنجي پهرئين ملاقات کان اڄ تائين اسين انڌن جي اڳواڻيءَ ۾ پيا هلون ۽ انهن سان گڏجي بتن جي پوڃا ۾ پورا آهيون. جڏهن کان تنهنجي مون سان ملاقات ٿي آهي، تڏهن کان اڄ تائين، بشپ جي هٿن ۾ اسان جي حيثيت انهن ٻن بابن جهڙي آهي جن کي هو پنهنجي مرضيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن يا جيڏانهن ٿو وڻيس تيڏانهن ٻيو ريڙهي، پر ڇا مرڻ گهڙيءَ تائين اسان جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو اهو ئي عالم رهندو؟ ڇا ذاتي تعاليٰ اسان کي

زندگي انهيءَ لاءِ بخشي آهي تہ اها موت جي پيرن ۾ لتاڙي وڃي؟ ڇا هن اسان کي آزادي ان ڪري ڏني آهي تہ اها غلامي پٺيان رهجي وڃي؟ منهنجي خيال ۾ جيڪو شخص روح جو ڏيئو پنهنجي هٿن سان وسائي ڇڏي ٿو سو قدرت جي قانون جي نظر ۾ ڪافر کان گهٽ ناهي، ڇاڪاڻ جو اهو ڏيئو جيڪو اسان جي روحن کي روشن ٿو ڪري ۽ ان مان جيڪي نور جون لاٽون نڪرن ٿيون، سي ان کي قدرت جي هٿان عطا ٿيون آهن. جيڪو ماڻهو ظلم ۽ ستم جي خلاف سينو سپر نٿو ڪري، سو پنهنجي روح سان بي انصافي ٿو ڪري. سلميٰ مونکي توسان محبت آهي ۽ تون بہ مونسان پيار ڪرين ٿي. قرب هڪ بي ملهو خزانو آهي جيڪو رب پاران حساس ۽ عظيم روحن لاءِ هڪ انعام آهي. ڇا اسين اهو عظيم انعام، سوئرن جي اڳيان ڪٽي وجهون تہ جيئن هو انهيءَ کي پنهنجي سنبن سان چچري ڇڏين؟ هي ڏيک ويک واري دنيا سونهن ۽ دلڪشيءَ سان ڀري پئي آهي. اسين انهيءَ سوڙهي ۽ اونداهيءَ چر- جيڪا بشپ ۽ ان جي نائبين تيار ڪئي آهي- ۾ ڇو پيا آهيون؟ زندگي اسان کي خوشيءَ ۽ آزاديءَ جي دعوت ڏيئي رهي آهي، اسين ڇو نہ هن غلاميءَ جي لعنت کي ڪلهن تان لاهي اڇلائي ڇڏيون؟ اسين ڇو نہ پنهنجن پيرن ۾ پيل بيڙين کي ٽوڙي امن ۽ آزاديءَ جي زندگيءَ سان همڪنار ٿي وڃون. هل تہ هن ننڍڙي مندر مان نڪري عاليشان مندر ۾ پنهنجو نڪاٽو ناهڻ جي ڳڻ ڪريون. اچ تہ هن ملڪ ۽ ان جي غلامي ۽ جهالت کي ٿڏي ڪو ٻيو اهڙو ملڪ وسايون، جتي چورن ۽ رهزنن جو راڄ نہ هجي. اچ تہ رات ٿيندي ئي درياءَ جي هن ڪناري کان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي، ٻئي ڪناري ڏانهن هلون، جتي نئين زندگي پنهنجي جهوليءَ ۾ نيون خوشيون کنيو اسانجو انتظار ڪندي هوندي. هي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائڻ ڪرڻ ۽ هيڪڻ جو وقت ناهي سلميٰ! هي چند گهڙيون اسان لاءِ بادشاهن جي تخت ۽ تاج ڪان وڌيڪ قيمتي ۽ فرشتن جي ٻينڪ ڪان مٺانهيون آهن. اچ ته روشنيءَ جي ان بلند ۽ محڪم مناري جي پيروي ڪريون جيڪو اسان کي هن پرندڙ رڻ مان ڪڍي سرسبز کيتن ۽ خوشبو سان واسيل گلن جو رستو ڏيکاري ٿو."

منهنجون ڳالهيون ٻڌي سلميٰ، انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. ڪافي دير تائين هوءَ ڪنهن ٻي جان شيءِ کي مندر جي ڇت ۾ ٽڪ ٻڌي ڏسندي رهي. ان بعد هڪڙي مايوس مرڪ هن جي چهري تي اڀري آئي ۽ مونکي چوڻ لڳي:

" نه منهنجا پيارا نه! ائين ڪڏهن ڪين ٿيندو. قسمت هڪڙو ڪڙو جام منهنجي هٿن ۾ آڻي ڏنو آهي. آءٌ ڪڙاڻ جي آخري حد تائين پهچڻ لاءِ مجبور ٿي چڪي آهيان. مون اهو پيالو نوش ڪري ورتو. هاڻي ان جي تري ۾ صرف چند قطرا باقي بچيا آهن، جيڪي آءٌ آهستي آهستي ڪري پي ڇڏيندس. آءٌ هاڻي امن، آشتي ۽ محبت جي نئين زندگي جي لائق نه رهي آهيان. حقيقت ۾ هاڻ مون منجهه زندگيءَ جي خوشين ۽ سرهاين جو بار سهڻ جي سگهه نه رهي آهي. جنهن پکيءَ جون ڪنيڙائيون ڦٽيل هجن سو اُپ ۾ ڪهڙا پر هٽي سگهندو؟ جيڪي اکيون صرف ڏيي جي هلڪي روشنيءَ تي هري ويون هجن سي دنيا کي روشن ڪندڙ سج جو نظارو ڪيئن ڪري سگهنديون. هاڻ منهنجي اڳيان حياتيءَ جي خوشين جي ڳالهه نه ڪر. ان سان منهنجو روح وڌيڪ زخمي ٿئي ٿو. هاڻي امن ۽ آرام جو به ذڪر نه ڪر جو مونکي ان جي پاڇي کان به ڊپ ٿو لڳي. تون فقط مون ڏانهن نهار. آءٌ توکي اهڙو ڏيئو ڏسڻ ۾ ايندس جيڪو قدرت منهنجي دل جي آڳر ۾ روشن ڪري رکيو آهي. توکي

چڱيءَ طرح معلوم آهي تہ مونکي توسان پيار آهي، سو بہ اهڙيءَ چرياڻپ جي حد تائين، جهڙو ماءُ کي پنهنجي اڪيلي ٻار سان هوندو آهي. هي انهيءَ پيار جو ڪرشمو آهي جو ان مون کي ايڏي قوت عطا ڪئي آهي جو مان قدم قدم تي توکي بچائي ورتو آهي- ۽ تنهنجي حفاظت ڪئي آهي. هي اهو پيار آهي جنهن باهہ جي آڙاهہ مان لنگهي پاڪيزگي حاصل ڪئي آهي؛ ۽ اهائي محبت هاڻ مون کي توسان گڏجي نڪري هلڻ کان روڪي رهي آهي. انهيءَ پيار منهنجي سيني خواهشن ۽ اميدن جي نڙي گهٽي ڇڏي آهي، تہ جيئن تون پاڪيزه ۽ بي داغ حياتي گهاري سگهين. محدود پيار پنهنجي محبوب تي قبضو ڪرڻ جو تمنائي هوندو آهي. ليڪن وسيع پيار، پيار کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نٿو گهري. اهو پيار جيڪو پورائيءَ ۽ جواني جي وچين وقفي ۾ ظاهر ٿئي ٿو، سو محبوب تي مڪمل قبضو ڪرڻ گهري ٿو ۽ بوسن ۽ ڀاڪرن ۾ وڏي ويجهي ٿو؛ پر اهو پيار جيڪو ڪائنات جي آغوش ۾ جنم وٺي، رات جي پراسرار گهڙين ۾ جنم وٺي ٿو، سو ابديت کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ تي نڪي قناعت ٿو ڪري ۽ نہ وري ذاتي پاڪ کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي اڳيان ڪنڌ نمائي ٿو.

”جنهن وقت مون کي پتو پيو تہ بشپ مهيني ۾ هڪڙو ڀيرو بہ پنهنجي ڀائيٽي جي گهر مان، منهنجي نڪرڻ تي ناراض ٿو ٿئي ۽ منهنجي رهيل کهيل هڪڙي خوشي جي نڙي گهٽڻ جي پويان اچي ٿيو آهي تہ آءٌ پنهنجي ڪوٺيءَ جي دريءَ ۾ ٻيهي وڏي ۽ ويڪري سمونڊ ڏانهن ڏسڻ لڳيس. آءٌ ويچار ٿي ويچار ۾ انهن وڏن ملڪن جو نظارو ڪرڻ لڳيس، جتي حقيقي استقلال ۽ ذاتي خوشيون آزاديءَ سان ميسر ٿي سگهن ٿيون. ان وقت ائين لڳم تہ ڄڻڪ توسان گڏ زندگي گهاري رهي آهيان. ليڪن اهي سيئي جذبا جيڪي زال ذات

جي دل کي روشني بخشي، ڪيس پراڻين رسمن ۽ رواجن جي خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ڪن ٿا ۽ آزادي ۽ انصاف جي روشني بڻجي سندس آڏو اچي کڙا ٿين ٿا. سي سڀ مونکي اهو تسليم ڪرڻ تي مجبور ۽ لاچار ڪري ٿا وجهن تہ آءُ صفا ڪو ڪمزور آهيان. اسان جو پيار محدود ۽ نستو آهي. اهو صبح جي روشني کي منهن نٿو ڏئي سگهي. اهو خيال ڪري آءُ ان بادشاهہ وانگر روئڻهارڪي ٿي ويس، جنهن جي بادشاهي ۽ خزانو ڪو لٽي ويو هجي. انهيءَ ڪشمڪش ۾ مونکي اوچتو تنهنجو لڙڪن ڀنل چهرو ڏسڻ ۾ آيو. تو مونڏانهن تڪ ٻڌي پئي ڏٺو. جنهن تي مونکي تنهنجا ڪنهن ٻيري ڇيل اهي لفظ ياد اچي ويا. ”سلميٰ اڄ تہ اسين ٻئي ڄڻا هن طوفان جي سامهون محڪم ٿنڀن وانگر ٿي بيهون. اسان کي گهرجي تہ اسين بهادر سپاهين وانگر دشمن جي هٿيارن جو مقابلو ڪريون. جيڪڏهن اسين وڙهندي وڙهندي مري وياسين تہ شهيد ٿي مرنداسين، جيڪڏهين اسين جيئرا رهياسين تہ مجاهدن واري حياتي گهارينداسين. مشڪلاتن ۽ ڏکيائين سان مهاڏو اٽڪائڻ. ماٺ ۽ سانت ۾ پناهہ وٺڻ کان اُتم ڪم آهي“.

توکي ياد هوندو تہ تو هي لفظ ان وقت چيا هئا، جڏهن بابا سائين موت جي بستري تي ٻيو هو ڪالهہ جڏهين مايوسين مونکي گهيري ورتو. مونکي تنهنجا هي لفظ ياد اچي ويا. تنهنجي انهن لفظن مونکي نئين سگهہ بخشي ۽ آءُ ائين سمجهڻ لڳيس تہ هن قيدخاني جي اونداهين ۾ ڪو قيمتي ۽ املهہ آزاديءَ جو جذبو. منهنجي مشڪلاتن ۽ غمن جي هجوم کي گهٽائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. مون کي ان وقت احساس ٿيو تہ اسان جو پيار سمونڊ کان بہ گهرو ۽ اونهو، تارن کان بہ مٿانهون ۽ آسمانن جيان وسيع آهي. اڄ آءُ هتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪل نئين انداز ۾ آئي آهيان. اڄ منهنجي هيٺي روح ۾ نئين سگهه جنم ورتو آهي. اڄ ان نئين روح ۾ ايثار ۽ قربانيءَ جو هڪ عظيم جذبو موجزن آهي. اها عظيم شيءِ ڪنهن وڏيڪ عظيم چيز جي حاصل ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪندي. اها وڏي قرباني منهنجي پنهنجي مسرتن ۽ خوشين جي قرباني آهي ته جيئن تون پاڪيزه ۽ بيداغ حياتي گهاري سگهين. ماڻهن جي نظر ۾ تون هڪ معزز ماڻهوءَ جهڙي حيثيت قائم رکي سگهين ۽ انهن جي لعنت ملامت کان هميشه لاءِ محفوظ رهي سگهين.....

”هن ڪان اڳ جڏهين به آءٌ هتي آئي هيس ته مونکي ائين لڳندو هو ته تمام ڳريون زنجيرون ڌرتيءَ ۾ هيٺ ڇڪينديون پيون وڃن، پر اڄ آءٌ بلڪل نوان ۽ انوکا ارادا ساڻ کڻي آئي آهيان، جيڪي قيد ۽ بند جي تڪليفن تي ٺٺوليون ڪن ٿا. اڳ آءٌ هن مندر ۾ هڪڙي پاپي وانگر داخل ٿيندي هيس، پر اڄ هڪڙي بهادر عورت جيان گهڙي آئي آهيان جنهن کي قربانيءَ جي ضرورت جو احساس آهي، جا رنج ۽ ڏک جي قدر ۽ قيمت کي چاڻي ٿي. اڄ آءٌ هڪ عظيم عورت آهيان جا ان شخص جي سنڀال جي تمنائي آهي جنهن کي هوءَ دل سان چاهي ٿي ۽ جنهن کي هوءَ جاهل ماڻهن ۽ پنهنجن روح جي بک کان بچائڻ گهري ٿي. هن ڪان اڳ آءٌ تو وٽ هڪ لرزندڙ پاپي وانگر اچي وهندي هيس، پر اڄ هنن متبرڪ مورتن جي سامهون پنهنجي انا ۽ آپي کي کولي رکيو اٿم.

”آءٌ هڪڙو اهڙو وڻ آهيان، جنهن اڄ تائين چانوَ ۾ حياتي گذاري آهي. اڄ پهريون ڀيرو مون پنهنجن شاخن کي ڏينهن جي روشني ۾ پکيڙيو آهي. اڄ آءٌ صرف توکان موڪلائڻ آئي آهيان. مون کي ڪامل اميد آهي ته اسان جي هيءَ موڪلاڻي، اسان جي قرب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگر هڪ پُروقار ۽ عظيم موڪلاڻي هوندي. اسان جي موڪلاڻيءَ جو مثال ان ٻاهه جيان آهي جيڪا مون کي پگهرائي اڳي کان به وڌيڪ چمڪدار بنائي ڇڏي.“

سلميٰ مونکي ڳالهائڻ ئي ڪونه ڏنو. هوءَ ماٺ ۾ مون ڏانهن تڪ ٻڌي ڏسندي رهي. هن جي اکين ۾ چمڪ ۽ چهري تي عظمت هئي. هوءَ اهڙي فرشتي جيان نظر پئي آئي، جنهن جي اڳيان ماڻهو تعظيم طور خاموشي اختيار ڪرڻ تي مجبور هوندو هو. پوءِ هن اوچتو مونسان گڏ ليٽي پنهنجيون ٻانهون منهنجي ڳلي جي چوڌاري وجهي پنهنجا ٻرندڙ چپ منهنجي پيشانيءَ تي رکيا ۽ هڪ ڊگهي، ٿانڌاڻي جهڙي چمي ڏني. هن ڪان اڳ هن ائين ڪڏهين به نه ڪيو هو.

هاڻي سج الهي پنهنجي ڪرڻن کي باغن ۽ کيتن مان واپس سڏي رهيو هو. سلميٰ اٿي اچي مندر جي وچ ۾ ٻيٺي ۽ ٻتين کي تڪڻ لڳي. هوءَ اهڙي طرح وري وري ٻتين کي ڏسندي رهي جڻڪ پنهنجي اکين جو نور اڪريل تصويرن ۾ سموئي رهي هئي. پوءِ هوءَ اڳتي وڌي نهايت ادب ۽ تعظيم سان حضرت عيسيٰ عليه السلام جي تصوير جي پيرن کي چمندي چوڻ لڳي:

” مون پيار جي ديويءَ جي عيش ۽ آرام جي پيٽ ۾ تنهنجي صليب کي چونڊيو آهي. مون گلن جي هار کي ڇڏي ڪنڊن جي ڪنڊلي پاتي آهي. مون پنهنجي رت ۽ ڳوڙهن ۾ غسل ڪرڻ پسند ڪيو آهي. مون عطر ۽ خوشبوءِ کي ناپسند ڪيو آهي. اهو جام جيڪو شراب ۽ آب حيات لاءِ مقرر ٿيل هو، مان ان مان ڪڙاڻ نوش ڪئي آهي. مون کي پنهنجي سام ڪري قبول ڪر ۽ ان سٽ ۾ شامل ڪر جنهن توکي چونڊيو آهي. جنهن توکان رنج، ڏک ۽ قناعت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل ڪئي آهي ۽ جيڪو ڏک ۾ سک ڳولي وٺي ٿو.“

پوءِ هوءَ اتي مون ڏانهن نهاري چوڻ لڳي، ”هاڻي آئون ڪلندي پنهنجي اونداهي غار- جتي خوفناڪ پاڇولا آباد آهن، تن ڏانهن واپس موٽي وينديس. منهنجا سڄڻ مون سان همدرديءَ جي اظهار جي ڪوشش نہ ڪجو. مونتي ترس کائڻ جي بہ ڪا ضرورت ڪانهي ڇو تہ جيڪو روح هڪ ڀيرو خدا تعاليٰ جي نور جو سوجهرو ڏسي ٿو وٺي، سو وري طاغوتي طاقتن کان نٿو ڊڄي. جيڪا اک هڪ دفعو آسماني روشنيءَ جو مشاهدو ماڻي ٿي وٺي، دنيا جا ڏک ۽ تڪليفون ان جي بصارت کي روڪي نٿا سگهن.“

ائين چئي سلميٰ هلي ويئي ۽ آءٌ خيالن جي سمونڊ ۾ ٻڏل، ڪافي دير تائين اتي ئي ويٺو رهيس. پوءِ الوهيت جي ان ويچار ۾ ٻڏي ويس، جتي ڏٺي تعاليٰ تخت تي ويٺو هوندو ۽ فرشتا انسانن جا اعمالناما لکي رهيا هوندا. روح انساني زندگي جي الميي جا داستان ٻڌائي رهيا هوندا ۽ بهشت جون حورون پيار ۽ ابديت جا راڳ ڳائي رهيون هونديون.

جڏهين آءٌ مدهوشيءَ جي دنيا مان سجاڳ ٿيس تہ انڌيرو ڇانئجي چڪو هو. آءٌ حيرت ۽ اچرج ۾ ٻڏل انهن باغن جي وچ ۾، سلميٰ جي ڳالهين جو پڙاڏو ٻڌي رهيو هوس. مون کي ان جي ماٺ، چرپر ۽ ڳالهائڻ جو انداز سڀ ڪجهہ نظر اچڻ لڳو. ايتريقدر جو ان جي هٿن جو ڇهاءُ بہ محسوس ٿيڻ لڳو. هاڻي مون کي پڪ ٿي تہ هجر ۽ فراق جون گهڙيون شروع ٿي چڪيون آهن ۽ آءٌ بنهہ اڪيلو، مايوس ۽ دل شڪستو ٿي چڪو آهيان. اڄ مون کي پهريون ڀيرو پڪ ٿي تہ حالانڪہ انسان قيد ۽ بند جي تڪليفن کان آزاد پيدا ٿئي ٿو، پر پنهنجي وڏن جي جوڙيل قانونن کان ڪڏهين بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوتڪارو حاصل ڪري نہ ٿو سگهي. هيءَ ڪائنات جيڪا ظاهري طرح بدلجندڙ ۽ اٽل نظر ٿي اچي، پنهنجي اڄ ڪي سياڻي جي تابع ٿي رکي ۽ ڪالهہ ڪي اڄ جي قبضي هيٺ آڻي ٿي ڇڏي. ان رات ڪان پوءِ مون گهڻو ڪري ان روحاني قانون تي غور ڪيو جنهن جي ڪري سلميٰ موت کي زندگيءَ تي ترجيح ڏني آهي. مون اڪثر ايثار ۽ قربانيءَ جي عظمت ۽ سرڪشيءَ جي خوشيءَ جي پنهنجي قلب ۽ نظر ۾ ڀيٽ ڪري اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ انهن ٻنهي مان ڪهڙو جذبو وڌيڪ باوقار ۽ شانائتو آهي. آءٌ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ دراصل هرڪنهن معاملي جي عظمت جو دارومدار خلوص تي ڇڏيل آهي. خلوص ئي اسان جي سيني عملن کي سونهن ۽ سر بلندي عطا ڪري ٿو ۽ سلميٰ ڪرامي سراسر سونهن ۽ خلوص جو مجسمو هئي.

ڇوٽڪارو ڏياريندڙ

سلميٰ جي شاديءَ کي پورا پنج ورهيہ اچي ٿيا هئا، پر اڃا تائين هن جي هنج خالي نہ ٿي هئي. زال مڙس کي محبت واري رشتي ۾ ڳنڍڻ ۽ ٻنهي جي روحاني وڇوٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻار جو وجود نهايت ضروري آهي.

جنهن عورت کي ٻار نہ آهي تنهن کي چڱي نظر سان نٿو ڏٺو وڃي. هر شخص جي تمنا هوندي آهي تہ ان جو نالو اولاد جي ذريعي قائم رهي. عام ماڻهو بنا اولاد زال کي ويري سمجهندا آهن. اهڙا ماڻهو يا تہ ان کي ڇڏي ڏيندا آهن، يا جي ائين ٿي نہ سگهندو آهي تہ زال جي موت لاءِ دعائون گهرندا آهن. منصور اهڙن ماڻهن مان هو. سخت ۽ حريص. هن جو رويو بلڪل مفاد پرستي وارو هيو. پر هو پنهنجي نالي نشان ۽ شهرت لاءِ ٻار جي هئڻ کي نهايت ضروري سمجهندو هو. اهوئي سبب هو جو هو سلميٰ جي سونهن ۽ سلڇڻائيءَ هوندي بہ ڪانئس نفرت ڪرڻ لڳو هو.

هڪ اهڙو وڻ جنهن سوڙهي ۽ اونداهي غار ۾ پٽي گذاريو سو ميوو نٿو جهلي سگهي. سلميٰ جيڪا رڳو حياتيءَ جي پاڇولي ۾ ساهہ کڻي رهي هئي، سا پنهنجي هنج کي سائي ٿيندي ڏسي نٿي سگهي. ڪابہ بلبل، پڃري ۾ آکيرو جوڙڻ جي ڪوشش نہ ڪندي آهي تہ، جيئن ان جا ٿيڻ وارا ٻارڙا غلاميءَ جي چنبي ڪان پري رهن. سلميٰ دک درد جي قيد خاني ۾ هئي، ۽ قدرت کي اها ڳالهہ منظور نہ هئي تہ ان قيدخاني ۾ ان کي ڪو ٻيو حياتي جي ڏک ۾ شريڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميسر ٿي سگهي. پوک ۽ باغ جا گل، دنيا کي روشني بخشيندڙ سج جي گرمي، اهي سڀ قدرت جي بي پناهه مهربانيءَ جا ڪرشما آهن ۽ انساني پيار، ٻاجهه ۽ محبت توڙي لطف ۽ ڪرم جا گلڙا آهن.

سلميٰ جو سهڻو گهر ٻاجهه، محبت ۽ لطف جي خزاني کان خالي هيو. هوءَ هر رات خلقڻهار جي حضور ۾ سرڙو جهڪائي، پنهنجي اميدن ۽ آرزوئن جي تسڪين لاءِ ٻاڏائيندي رهندي هئي. نيٺ اهو وقت اچي ويو، جڏهين انهيءَ ذات پاڪ کي مٿس ترس آيو. اونداهيءَ غار ۾ رهندڙ هن وڻ ۾ ميوو لڳي ويو. بلبل پنهنجي پڃري ۾ پنهنجي ڪتل کنڀن کي سميٽي، آکيرو جوڙڻ شروع ڪيو.

سلميٰ زنجيرن ۾ جڪڙيل پئي هٿ خدا اڳيان ڪٽي ٻاڏائيندي رهي ته جيئن قدرت جو وڏي ۾ وڏو انعام ڪيئن حاصل ٿئي. هُن هِن دنيا ۾ ٻيو ڪجهه به نٿي گهريو. هن جي وڏي ۾ وڏي تمنا اها هئي ته هوءَ ماءُ بڻجي.

وڏي صبر ۽ تحمل سان هوءَ ڏينهن ڳڻيندي رهي ۽ هاڻي هوءَ انهيءَ مقدس گهڙيءَ جي منتظر هئي. هن جا ڪن ڪائنات جو مٺي ۾ مٺو آلاپ ٻڌڻ لاءِ بيقرار هئا. هوءَ پنهنجي ٻار جو آواز ٻڌڻ لاءِ بيچين هئي.

هاڻي هن جي لڙڪن مان هڪ تابناڪ مستقبل ايرڻ وارو هو. اپريل جي مهيني ۾ هڪڙي ڏينهن سلميٰ پنهنجي بستري تي پئي سور ڪاڏا، ان وقت هوءَ زندگي ۽ موت جي ٻواٽي تي بيٺل هئي، ڊاڪٽر ۽ نرس نئين مهمان جي انتظار ۾ هئا. اڌ رات جو سلميٰ سور جو سوڙون سهي نه سگهي ۽ رڙيون ڪرڻ لڳي... هڪ زندگي ٻي زندگيءَ کان الڳ وجود وٺي رهي هئي... درد ۽ ڪرب ۾ ٻڏل هي آواز ان سلميٰ جو هو، جا ان وقت مايوسيءَ جي عالم ۾ زندگي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت جي پيرن ۾ پيئي هئي.

صبح ٿيندي ئي سلميٰ کي پتڙو ڇائو. جڏهن هن اک کولي تہ ڪمري ۾ چئني پاسي ڪيس مشڪندڙ چهرا نظر آيا، پر هن کي درد جي شدت کان اڃا نجات نہ ملي هئي. بستري تي سندس جسم ۾ زندگي ۽ موت جي ساڳيءَ ريت، ويڙهہ جاري هئي. هن پنهنجون اکيون ڪٽي بند ڪيون ۽ ڀريون ڀيرو چيو، "منهنجو پٽ!"

دائيءَ يڪدم ٻار کي ڪپڙي ۾ لپيٽي ڪٺي ماءُ جي پرسان ليٽايو، پر ڊاڪٽر سلميٰ کي گهوري رهيو هو ۽ مايوسيءَ مان ڪنڌ بہ لوڏي رهيو هو.

گهر ۾ خوشيءَ ۽ شادماني جا آواز گونجڻ لڳا. مـڙيئـي پاڙسري جاڳي اٿيا ۽ چوڪري جي پيءُ کي مبارڪون ڏيڻ لاءِ اڇي گهر ۾ ڪنا ٿيا، پر ڊاڪٽر اڃا تائين ساڳي نموني سلميٰ کي گهوري رهيو هو ۽ رکي رکي انڪار ۾ ڪنڌ بہ پئي ڌوڻيائين.

نوڪر چاڪر منصور کي خوشيءَ جي خبر ٻڌائڻ لاءِ ڊوڙي ويا، پر ڊاڪٽر اڃا بہ ساڳيءَ طرح سلميٰ ۽ تازي ڄاول ٻار کي ڏسي رهيو هو. هن جي منهن تي ڏک ۽ مايوسيءَ جا آثار هئا.

سج اڀرڻ مهل سلميٰ ٻار کي ڪٺي پنهنجي ڇاتيءَ لاتو. ٻار اکيون کولي ڀريائين ماءُ کي ڏٺو ۽ پوءِ هن کي ڏڪٽي ونئي ويئي ۽ ان کان پوءِ... هن هميشه لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيون. ڊاڪٽر سلميٰ جي ٻانهن مان ٻار ڪٺي ورتو. هن جي اکين مان بہ ڳوڙها ڳڙي نڪتا ۽ هن گوشائتي نموني ۾ پنهنجو پاڻ کي مخاطب ٿي چيو:

" هي مهمان موڪلائي ويو!"

ٻار مري چڪو هو پر پاڙيوارا اڃا تائين نئين ڄاول ٻار جي پيءُ سان گڏ، گهر جي ويڪري حال ۾ خوشين ۾ مگن هئا. سلميٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکيون کڻي ڊاڪٽر ڏانهن نهاري چيو:

"منهنجو پٽڙو ڪٽي آهي. آءُ ان کي ڇاتيءَ لائيندي بس."

پار تہ ڪو وقت اڳ فوت ٿي چڪو هو پر هال ۾ بدستور شراب جو دور پئي هليو.

پار باک ڦٽڻ وقت پيدا ٿيو ۽ سج ڪني مس ڪڍي تہ هن جهان مان موڪلائي ويو.

پار هڪ سهڻي خيال وانگر پيدا ٿيو، هڪ آه وانگر ختم ٿي ويو ۽ هڪ پاڇولي وانگر نظرن کان دور هليو ويو. هو پنهنجي ماءُ جي تسليءَ ۽ دلجوئيءَ جو سبب بڻجي نہ سگهيو.

" هن کي ماڪ جي قطري جيان رات جي اونداهين پيدا ڪيو ۽ سج جي پهرئين ڪرڻي جي تپش فنا ڪري ڇڏيو. سمونڊ جي هڪ لهر ان موتيءَ کي آڻي ڪنڌيءَ لاتو، ۽ ٻي لهر ان کي سمونڊ جي گهراين ۾ واپس اچلي ڇڏيو. هو سوسن جو گل هو جنهن جي زندگيءَ جو غنچو اجا ڪليو ئي هو تہ موت ان کي پنهنجي پيرن هيٺيان چيپاڻي ڇڏيو. هو اهڙو پيارو مهمان هو جنهن جي آمد سلميٰ جي دل کي نور سان ڀري ڇڏيو. موڪلائيءَ ان جي روح کي فنا ڪري ڇڏيو.

اها ئي انسان جي زندگي آهي، اهائي قومن جي حيات آهي:

سلميٰ جون اکيون اجا ڊاڪٽر ۾ کتيون پيون هيون ۽ هوءَ وري وري چئي رهي هئي تہ، "منهنجو ٻچڙو ڪٽي آهي. منهنجو پٽڙو مون کي آڻي ڏيو. آءُ ان کي ڇاتيءَ لائيندي بس."

اهو ٻڌي ڊاڪٽر ڪنڌ کڻي جهڪايو. هن جو آواز گهگهو ٿي ويو ۽ هو چوڻ لڳو: "تنهنجو ٻچڙو هاڻ زنده ناهي رهيو، صبر کان ڪم وٺ."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر جي اها ڳالهه ٻڌي سلميٰ هڪ دردناڪ رڙ ڪئي ۽ چند گهڙين ڪانپوءِ سامت ۾ ايندي ئي هن جي چپن تي هلڪي مرڪ اڀرڻ لڳي ۽ هن جي منهن تي عجب رونق ڇانئجي ويئي ڄڻڪ اوچتو هن کي ڪنهن حقيقت جي سڌ پئجي وئي هجي. هاڻي هوءَ آهستي آهستي چوڻ لڳي: "منهنجو ٻارڙو مونکي ڏيو. ان کي منهنجي ويجهو ڪٿي اچو. آءٌ پنهنجي ٻار کي ڏسڻ گهران ٿي."

ڊاڪٽر مئل ٻار کڻي، سلميٰ جي جهوليءَ ۾ رکيو. هن ٻار کي ڇاتيءَ سان لائي، پٽ ڏانهن منهن ڦيري، مئل ٻار کي مخاطب ٿي چيو: "پٽڙا! تون هن دنيا ۾ انهيءَ ڪري آيو هئين ته جيئن مون کي به پاڻ سان گڏ وٺي هلين. تون مونکي اهو دڳ لائڻ آيو هئين، جبڪو ڪناري جو پتو ٿو ڏئي. ابا! آئون توسان گڏ هلڻ لاءِ تيار ويٺي آهيان. هل ته هن سوڙهي ۽ اونداهي ڄر مان نڪري وسيع دنيا ۾ آباد ٿيون."

ٿوري دير ڪانپوءِ سڄ جا ڪرڻا دريءَ مان گهڙي بستري تي ٻن مرده جسمن کي چُمي رهيا هئا. ڪوٺڙيءَ ۾ مڪمل خاموشي هئي. ڊاڪٽر ڳوڙها ڳاڙيندو موڪلائي روانو ٿيو ته ڏنائين ته هال ۾ پڻ عيش ۽ خوشيءَ جي جاءِ تي ماتم متل هيو. منصور ڪجهه به ڪين ڪڇيو، هن جي اکين مان ڪو ڳوڙهو به نه ڳڙيو. هن جي کبي هٿ ۾ شراب جو پيالو هو ۽ هو چپ بيٺو هيو.

ٻئي ڏينهن سلميٰ کي غسل ڪرائي ڪفن ڏنو ويو. ٻار کي اهوئي ڪپڙو پيو هو، جنهن ۾ ڪيس ڄمڻ وقت لپيٽيو ويو هو. ماءُ جي ڪڇ ان جو ڪفن ۽ ڇاتي ان جي قبر هئي. ٻنهي لاشن کي ساڳئي تابوت ۾ رکي کنيو ويو. مان به ٻين سوڊو ميت سان گڏجي قبرستان ڏانهن روانو ٿيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهين تابوت قبرستان ۾ پهتو تہ بشپ ٻين پادرين سميت ڪجهہ پڙهڻ لڳو ۽ هنن جي ظاهري طرح ڏکويل چهري تي جهالت جا آثار صاف نظر اچڻ لڳا.

جڏهن تابوت کي ڌرتي جي سيني ۾ لاٿو پئي ويو تڏهن هجوم مان ڪنهن شخص رڙ ڪري چيو:

” هي پهريون ڀيرو ٿي موقعو آهي جو مون هڪڙي ٿي ڪفن ۾ ٻن مردن کي دفن ٿيندي ڏٺو آهي.“

ان بعد ٻيو آواز آيو تہ، ”ائين ٿو ڀانئجي تہ هي ٻار پنهنجي ماءُ کي هڪڙي بي رحم مڙس جي قيد مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ هن دنيا ۾ آيو هو.“

۽ وري ڪنهن شخص چيو:

”منصور کي ڏسو. هو اڃ ڏانهن ائين تڪي رهيو آهي ڄڻڪ هن جون اکيون شيشي جون آهن. ان کي ڏسي اوهان اهو اندازو نہ ٿا لڳائي سگهو تہ ڪو سندس گهر اجڙيو آهي.“

ايتري ۾ ٻيو آواز ڪنين پيو: ”وري ٿورن ڏينهن بعد بشپ ڪنهن ٻئي وڏي امير عورت سان هن جي شادي ڪرائي ڇڏيندو.“

بشپ ۽ ان جا ساٿي- پادري- پڙهندا ۽ شوڪاريندا رهيا. گورڪن قبر ناهڻ ۾ لڳي ويو. ان بعد آيل ماڻهن جي پيهہ مان ڪيترائي ماڻهو هڪ هڪ ٿي بشپ ۽ پاڻتيس آڏو اچي ٽوريل ٽڪيل لفظن ۾ افسوس جو اظهار ڪرڻ لڳا. مان پاسيرو بيٺو رهيس. مون وٽ نہ تہ ڪنهن اچي افسوس ظاهر ڪيو ۽ نہ وري مون ڪنهن ماڻهوءَ واتان همدردي جو ڪو جملو ٻڌو. ڄڻڪ سلميٰ ۽ ان جي ٻچڙي جو وجود مون لاءِ ڪابہ معنيٰ نہ ٿي رکي.

ماٺهو قبرستان مان وڃڻ لڳا. قبرون کوٽيندڙ کوڙر کلهي تي رکي نئين قبر جي پرسان بيٺو هيو. مون ويجهو وڃي کانئس پڇيو: ”توکي خبر آهي تہ فارس آفندي جي قبر ڪهڙي آهي؟“

هن اچرج مان مون ڏانهن ڏسي، سلميٰ جي قبر ڏانهن اشارو ڪندي جواب ڏنو، ”بنهہ ساڳئي هنڌ مون سندس نياڻيءَ کي سندس ئي ڇاتيءَ تي پوري ڇڏيو آهي ۽ ڏيٺس جي ڇاتيءَ تي وري ڏيٺس جو ٻار دفن ٿيل آهي. هاڻي هو ٽئي ساڳي هنڌ پوريل آهن.“

پوءِ مون چيو:

”هن قبر ۾ تہ تو منهنجي دل بہ دفن ڪري ڇڏي آهي.“

گورکن پنهنجو ڪم پورو ڪرڻ کانپوءِ موڪلائي هليو ويو. جڏهن هو صنوبر جي وڻن ۾ گم ٿي ويو. آءُ بيوس ٿي سلميٰ جي قبر تي ڪِري پيس ۽ قبر کي ڀاڪر ۾ ڀري دانهون ڪري روئڻ لڳس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري جا وڪري لاءِ ڪتاب

لطيفيات

شاهه جو رسالو (الف- ب وار)	ڊاڪٽر محمد عالم سومرو	300/=
شاهه جو رسالو (ٽيئي جلد گڏ)	هوتچند گربخشاڻي	300/=
شاهه جو رسالو (مڪمل)	ڪلياڻ آڏواڻي	200/=
شاهه جو رسالو	غلام محمد شاهواڻي	300/=
شاهه لطيف جي شاعري	تنوير عباسي	120/=
مقدمہ لطيفي	هوتچند گربخشاڻي	30/=
گربخشاڻيءَ وارو شاهه جو رسالو منهنجي نظر ۾	پيرومل مهرچند آڏواڻي	70/=

صوفي بزرگن جو ڪلام

شاهه ڪريم جو ڪلام	ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	90/=
سچل جو رسالو (سنڌي ڪلام)	عثمان علي انصاري	200/=

شاعري

ڏرتي ڏين ڏرم	ابراهيم منشي	55/=
گوندر ويندا گذري	ابراهيم منشي	75/=
سمنڊ جاڳي ٿو	ادل سومرو	90/=
زندگي زندگي	استاد بخاري	100/=
نہ ڪم نبريو - نہ غم نبريو	استاد بخاري	120/=
ولولو ۽ ووڪ	استادي بخاري	75/=
ميلا ملهالا	استاد بخاري	75/=
لهري لهري ۾ لالاڻ	استاد بخاري	125/=
گلدستي ۾ گيت	استاد بخاري	300/=

ناول

سنڌ باد جو سفر	علي بابا	50/=
درد جو درياهه	موهن ڪلپنا	55/=
ساهه مٺ ۾	مانڪ	55/=
ٽي ناوليٽ	مانڪ	55/=
غدار	ڪرشن چند/ ولي رام ولڀ	30/=
ڏونگر منجهہ ڏيئو	بورس پوليوائي/ پرويز	100/=
ماءُ	ميڪسم گورڪي/ گوبند مالهي	60/=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرين پڳهه چوڙيا	شهيدالله قيصر غلام نبي ناشاد	65/=
ڏاريو	البيرڪاميو/ ولي رام ولڀ	65/=
رهجي ويل منظر	طارق عالم ابڙو	70/=

ڪهاڻيون

نسيم کرل جون ڪهاڻيون	نسيم کرل	80/=
منهنجون ڪهاڻيون (جلد ١)	علي بابا	150/=
پاڻ ۾ ويٺا آهيون	نجم عباسي	65/=
حويليءَ جا راز	ماڻڪ	55/=
پاڇا پوئين پهر جا	انور بلوچ	50/=
دل جي دنيا	امر جليل	55/=
سڃاڻپ جي ڳولا ۾	طارق عالم ابڙو	90/=

سفرناما

چار گهڙيون چين ۾	احمد علي رند	27/=

جبرانيات

بغاوت	خليل جبران/يوسف سنڌي	22/=
ڌوهاري	خليل جبران/يوسف سنڌي	22/=
ڪنوار جي سيج	خليل جبران/ زيب سنڌي	25/=
موت ۽ زندگي	خليل جبران/گل محمد	22/=
سودائي	خليل جبران/ گل محمد	22/=
پيغامبر	خليل جبران/گل محمد	22/=
ڀڳل ڪنيڙاٽيون	خليل جبران/ عبدالرسول	25/=
مرشد جو پيغام	خليل جبران/ مسعود جمالي	22/=
خليل جبران جي جيون ڪٿا	سنڌيڪار: زيب سنڌي	22/=
غلامي	خليل جبران/ عطاءالله ابڙو	25/=

تحقيق/ تنقيد

سنڌي نثر جي تاريخ	منگهارام ملڪاڻي	90/=
سنڌي ادب جي مختصر تاريخ	عبالجبار جوڻيجو	75/=
ڀڳوت گيتا "هڪ اڀياس"	سنڌيڪار:ولي رام ولڀ	51/=
نينهن مهٽي خيال جاڳيا	تاج جويو	60/=
شاهه- سچل- سامي	محمد ابراهيم جويو	55/=
سنڌي ٻهاڪا ۽ محاورا	مرلي ڌر جيٽلي	70/=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس	ميمڻ عبدالمجيد سنڌي	210/=

جيون ڪٿا/جيون ڪهاڻي

لينن جي انقلابي ڪهاڻي	سنڌيڪار: نجم عباسي	50/=
منهنجي ڪهاڻي	جواهر لال نهرو/ رتن مل ملڪاڻي	100/=
اسان زنده رهنداسين	ليليٰ خالد/ زيب سنڌي	35/=
بک، عشق ۽ ادب	موهن ڪلپنا	100/=

فلسفو

فلسفي جو ابتدائي ڪورس	سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو	75/=
ڏاهيون ڏک ڏسن	افلاطون/ ڊاڪٽر گل	80/=
دوستي	افلاطون/ ڊاڪٽر گل	55/=

تاريخ

سنڌ ڪهاڻي	ڪيول ملڪاڻي/ تاج جويو	80/=
نئين سنڌ لاءِ جدوجهد	جي ايم سيد	100/=

سياسيات

ترقيءَ جو غير سرمائيدارانہ رستو	لال چارڻ	15/=
سوويت جمهوريت اصول ۽ عمل	چرنڪو/ منير	15/=
چتگانگ جا عظيم انقلابي	ڪلپنا دت/ سرواڻ	30/=
مظلوم قومن جو مستقبل	جام ساقي	30/=
انقلاب جي واٽ	ابو جبران	30/=
بين الاقوامي انقلابن جو راهِ عمل	سنڌيڪار: رشيد ڀٽي	30/=
پرسترونيڪا	گورباچوف/ گهنشام پرڪاش	125/=
تاريخ مون کي بيڏوهي قرار ڏيندي	فيڊرل ڪاسترو انو	25/=
تاريخ اسان سان انصاف ڪندي	گل محمد جکراڻي	20/=
عورت ۽ قومي آزاديءَ جا انقلاب	آزاد قاضي	32/=
ڀيءُ جا ڏيءَ ڏي خط	جواهر لال نهرو/ پرويز	30/=

ڊڪشنري

The New Scientific Dictionary English to Sindhi	DR. Shamsuddin Tunio	550/=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بغاوت

خليل جبران

يوسف سنڌي

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

1999ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب جو نالو: بغاوت
ليکڪ: خليل جبران
سنڌيڪار: يوسف سنڌي
ٽيون ڇاپو © سال 1999ع
ڪمپوزنگ: رانو ميگهواڙ، فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد
ڇپرائيندڙ ۽ ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.

قيمت: 25.00 رپيا

BAGHAWAT
By: Khaleel Jabran
Translated by: Yousif Sindhi
3rd Edition (C) 1999
Composing: Rano Meghwar, Fine Communication, Hyderabad
Printed & Published by: Fine Communication, Hyderabad
Pakistan Rs. 22.00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

پنهنجي شهيد ڀيڻ مريم جي نالي.

- يوسف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[1]

شيخ عباس اُتر لبنان جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو. سندس حڪم غريب ۽ مسڪين ڳوٺاڻن تي ايئن هلندو هو. جيئن بادشاهه جو حڪم رعيت تي هلندو آهي. هن جو گهر ننڍين ننڍين ڪکائين جهوپڙين جي وچ ۾ ايئن لڳندو هو، ڄڻ ڪو قدآور راڪاس ڄامڙن جي وچ ۾ بيٺو هجي. هن جي رهڻي ڪهڻي ۾ ايترو فرق هو جيترو هڪ غريب ۽ امير ۾ هوندو آهي. شيخ عباس هنن غريب ۽ ستايل هارين کي جيڪو به حڪم ڏيندو هو، سو ڪو بهانو ڪري نتائڻ بدران هو هڪدم مڃي وٺندا هئا. ڇاڪاڻ ته سندن عقل جون قوتون حڪم مڃڻ لاءِ اڳ ۾ ئي تيار بيٺيون هجن، ۽ شيخ جي زبان هنن جي ترجماني ڪري رهي هجي. شيخ عباس جيڪڏهن هنن کان ناراض ٿيندو هو ته هو سزا جي پؤ کان ڪنبڻ لڳندا هئا ۽ هن جي سامهون ايئن پچڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، جيئن ڪڏهن وڻ جا ڇٽيل پن هوا تي هيڏانهن هوڏانهن اُڏرڻ لڳندا آهن.

هو جيڪڏهن ڪنهن جي ڳل تي چمات هڻندو هو ته مار کائڻ وارو چپ چاپ ۽ بُت بڻيو بيٺو هوندو هو. هو ڄڻ ته آسماني مخلوق هجي، جنهن جي اڳيان اک کڻي نهارڻ به ڪفر جي برابر هجي. پر جيڪڏهن هو ڪنهن سان ڪڏهن ڪو کلي ڳالهائيندو هو ته سڀ چوندا هئا: ”هي نوجوان ته ڏاڍو

خوش قسمت آهي، جو شيخ عباس بہ هنن تي مهربان آهي."

هنن غريبن ۾ شيخ عباس جي پيرويءَ ڪرڻ جو اهو جذبو ۽ سندس ڪنورتا جو ايتري قدر پيؤ، اُن ڪري ڪونہ هو تہ ڪو شيخ عباس طاقتور هو ۽ هو هيٺا هئا. پر ان جو هڪڙو بيو ڪارڻ بہ هو ۽ اهوئي اهم ڪارڻ اِهو هو تہ هو غريب هئا ۽ شيخ جي هٿ هيٺ هئا. جن زمينن ۾ هو پوک پوکيندا هئا، جن جهوپڙين ۾ هو رهندا هئا، اهي سڀ شيخ عباس جي ملڪيت هئا. جنهن کي اها سموري ملڪيت پنهنجي وڏڙن کان ورثي ۾ ملي هئي. جهڙيءَ طرح هنن غريبن کي محتاجي ۽ بدبختي ورثي ۾ ملي هئي. هو هن جي نظرداري هيٺ زمين کيڙي، ٻج پوکيندا هئا، ۽ وري شيخ جي نظرداريءَ هيٺ لابارو ڪندا هئا. پر ان سموري محنتِ ڏکن ڏولاٽن جو اُجورو هنن کي ڇا ملندو هو؟ صرف تورا اَن داڻا، جيڪي هنن کي بُک کان بچائي نہ سگهندا هئا. انهن مان گهٽو ڪري تورن ڏينهن کان پوءِ ان ڪٽي لاءِ پيا واجهائيندا هئا. ۽ هڪ دينار يا هڪ سير ڪٽڪ اُڌاري وٺڻ لاءِ شيخ عباس جي پويان آزيون نيزاريون منٿون ميڙون پيا ڪندا هئا. شيخ عباس اُنهن کي وڏي خوشيءَ سان قرض ڏيندو هو. هن کي پَروڙ هئي تہ ايندڙ فصل تي هڪ دينار جا بہ دينار ۽ هڪ سير ڪٽڪ بدران ڪٽڪ جا بہ سير ملندا.

اهڙيءَ طرح هو مصيبتن جا ماريل، قسمت جا ستايل، هميشہ شيخ عباس جا قرضي هوندا هئا. ۽ ان جي سامهون هٿ ڊگهيرڻ تي مجبور هوندا هئا. هو هن جي ڪاوڙ کان ڪَنبندا هئا، ۽ هميشہ هن جي راضپي جا طلبگار رهندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[2]

سياري جي مُند، طوفان ۽ برفباري پاڻ سان گڏ ڪٽي آئي، ٻنين ۽ ماترين ۾ ڪانگن جي ڪانءُ ڪانءُ ۽ ٻنن ڪان خالي تيل وٽن ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به باقي ڪين بچيو هو. غريب ڳوناٽن شيخ عباس جا گودام ان سان ۽ مٽَ انگوري رس سان ڀري ڇڏيا هئا، ۽ پاڻ مانڙيءَ ڪيو پنهنجن گهرن ۾ وينا رهيا. هنن کي هاڻ ڪوبه ڪم ڪونه هو، سواءِ اُن جي ته باهه جي مچ جي چوڌاري ويهي پُراڻيون ڪهاڻيون ۽ قصا بيان ڪري ۽ هتان هُتان جون ڳالهيون مُهاڙيون هڪٻئي کي ٻڌائي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪن.

ڊسمبر جو مهينو فضا ۾ پويان پساهه پورا ڪري، پُراڻي سال کي پنتي ڇڏي ويو ۽ اِها رات به اچي ويئي جنهن ۾ زمانو نئين سال جي ٻالڪ کي سونهري تاج پارائي آئي تخت تي ويهارڻندو آهي.

هلڪي روشني گُم تي ويئي، ۽ اونداهه ماترين اندر چانوٽيون هٽڻ لڳي. برف ڏاڍي زور سان وسڻ لڳي، ۽ هوا برف کي پاڻ سان گهليندي ٽڙندي ٽابڙندي ٽڪري جي اتهائين چوٽيءَ تان هيٺ لهڻ لڳي، جيئن ماترين جي خالي حصن کي ڀري ڇڏي. ميدانن ۾ بينل وڻ برف جي دهشت کان ڪَنبڻ لڳا ۽ زمين اُن جي قدمن ۾ تڙپڻ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوا جو زور اُتر کان ڏينهن رات وسندڙ برف کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو هو، ايتري قدر جو ميدان، ماٿريون، چوٽيون ۽ رستا اُن ڍڳهي سفيد پني وانگر ٿي ويا، جنهن ني موت جي ملائڪ ڪجهہ لکي وري ڊاهي ڇڏيو. برفباري ماٿريءَ جي ڪناري تي پکڙيل ڳوٺن کي هڪٻئي کان ڪٽي ڇڏيو. گهرن ۾ جهوپڙين جي درين مان ايندڙ جهڪيون روشنيون لڪي ويون. هارين تي دهشت ڇانئجي ويئي. مال وٿاڻن ۾ چاري جي آهرن جي ويجهو ٿي وينو، ڪُتا پنهنجي برن ۾ وڃي لڪيا ۽ زوزات ڪندڙ هوا ڪان سواءِ، جيڪا غارن جي ڪنن ۾ گونجي رهي هئي، باقي ڪجهہ بہ ڪونہ بچيو هو. اُن جو پوائتو آواز ماترين جي گهراين مان نڪري، پهاڙن جي بُلند چوٽين سان ٽڪرائجي واپس ٿي وريو. ائين پئي لڳو جڻ فطرت پوڙهي سال جي موت تي ڪاوڙيل هجي ۽ جهوپڙين ۾ لڪيل زندگيءَ کان بدلو وٺڻ لاءِ اُٿي کڙي ٿي هجي. پارو ۽ سردي هن جا هٿيار هجن، جن سان هوءَ دشمن تي حملو ڪري رهي هجي. ان پوائتي ۾ سخت سرد ۽ بات انڌيري رات ۾ هڪ باويهن سالن جو نوجوان، ان چڙهائيءَ تي چڙهي رهيو هو. جيڪا قُذحيا جي ديول[1] کان شيخ عباس جي ڳوٺ طرف ويندي هئي. سيءَ هن جو 'سند سند' سڪائي وڌو هو.... بک ۽ پوُ هن جا لڳ ڪانداري ڇڏيا هئا ۽ هن جي سموري قوت ختم ڪري ڇڏي هئي. برف هن جي ڪارن ڪپڙن کي اهڙيءَ طرح ڍڪي ڇڏيو هو. جو جڻ ڪيس موت کان اڳ موت جو ذائقو

1. هي لبنان جو مشهور ۽ سڀ کان گهڻو مالدار ديول آهي. جنهن جي آمدني هزارين دينار آهي. اُن ۾ هزارين پادري رهن ٿا. جن کي "يلد" جي نالي سان ڪوٺيو وڃي ٿو. قذحيا سرياني لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي "زندگيءَ جي جنت."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪائڻ چاهيندي هجي. هن وڪ اڳتي تي وڌائي تہ هوا هن کي پنني ڌڪي تي چڙهيو، ڄڻ هوا نہ ٻي چاهيو تہ هن کي جيئري مخلوق جي گهر ۾ ڏسي. اٽانگو رستو هن جا پير پڪڙي رهيو هو. ٻہ چار وکون هلي وري ٿاٻڙجي ڪري تي پيو ۽ وري اُٿيو تي ۽ مدد لاءِ پڪارڻ لڳو تي. سرديءَ سبب هن جو آواز ٻہ نہ ٻي نڪتو ۽ هو سخت ڪوشش ڪان پوءِ مس اُٿي تي بيٺو. ڄڻ ڪنهن جنگ ۾ شڪست ڪاڌل جي حيثيت ۾ جنهن کي ڏک ۽ مايوسي ۾ بہ اُميد جو آخري ڪرڻو نظر ايندو آهي. ٻين لفظن ۾ تہ هو ڄڻ ڪو پٿر هو، جيڪو دريا ۾ ڪري پيو هو ۽ چوليون هن کي هيٺ تهہ ۾ ڪٽي پئي ويون، نوجوان هلندو رهيو.... موت کي پنهنجي پويان لڳائي.... ۽ آخرڪار هن جي همت جواب ڏيئي ويئي، رت رڳن ۾ ڄمي ويو ۽ هو سائو تي برف تي ڪري پيو.... ۽ ٻوائتي آواز ۾ رڙيون ڪرڻ لڳو. جيڪا هن جي جسم جي رهيل آخري قوت هئي... هيءُ آواز ان خوفزده انسان جو هو، جيڪو موت کي سامهون بيٺل ڏسي ڏڄي رهيو هو ۽ ان مايوس مرڻ واري جو هو، جنهن کي اوندهہ فنا ڪري رهي هئي ۽ طوفان ڪيس جهنم جي تري ۾ ڦٽو ڪرڻ لاءِ گهلي رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[3]

اُن ڳوٺ جي اتر طرف ٻنين ۾ هڪڙو ننڍڙو ڪکائون گهر هو. جنهن ۾ راحيل نالي هڪ عورت پنهنجي ڌيءَ مريم سان رهندي هئي، نيرين نيرين اکين، ڳاڙهن ڳاڙهن ڳلن ۽ ٻولائتي جسم واري مريم جي عمر اٽڪل ارڙهن سال کن هئي. راحيل جي مڙس جو نالو سمعمان هو، جيڪو پنج سال اڳ جهنگل ۾ مئل حالت ۾ لڌو ويو هو. ڪيس ڪنهن قتل ڪري ڇڏيو. پر قاتل جي اڄ ڏينهن تائين ڪابه پروڙ ڪانه پئي هئي. راحيل به ٻين بيوه عورتن وانگر زندگيءَ جا باقي ڏکيا سکيا ڏينهن محنت مزدوري ڪري بسر ڪندي هئي. لاباري جي ڏينهن ۾ هوءَ گهر مان نڪري ٻنين ۾ وڃي ڪڻڪ جا ٻچيل سنگ ميڙي ايندي هئي. سرءُ جي مند ايندي هُئي تہ باغن ۾ وڃي ڇٽيل ميوو چونڊيندي هئي ۽ سردين ۾ وري چرخو ڪتيندي هئي. يا ڪجهہ پئسن يا سير سوا جَوَن جي عيوض ڪپڙا سبندي هئي. پاڻ سمورو ڪم همت، صبر ۽ ڏيان سان ڪندي هئي.

سندس ڌيءَ مريم نهايت سلڇڻي ۽ سباجهي طبيعت جي مالڪ هئي. گهرو ڪم ڪار ۾ هو ماڻس جو هٿ ونڊائيندي هئي.

اِن يوائتي ۽ سرد رات راحيل پنهنجي ڌيءَ مريم سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهوپڙيءَ ۾ آتشدان جي پرسان ويٺي هئي. جنهن جي گرمائش تي سردي غلبو حاصل ڪري چڪي هئي ۽ جنهن دکندڙ ڪوئلن کي رک ۾ دٻائي ڇڏيو هو. هن جي پير ۾ هڪ وڏي پٿر تي ڏيئو ٻري رهيو هو، جنهن جي هلڪي روشني اوندهہ جي دل ۾ تير وانگر کُپي رهي هئي، جنهن جي سڪون جا اولڙا هن غمزده ۽ مفلس عورت لاءِ دعا گهري رهيا هئا.

رات اڌ کان بہ وڌيڪ گذري چڪي هئي، ٻئي ماءُ ڌيءَ ويٺيون هوا جي زوزاٽن جو گوڙ ٻڌي رهيون هيون. ڇوڪريءَ هر هر اُٿي ننڍڙي دري کولي ٻاهر پکڙيل اوندهہ ۾ ڪجهہ ڏسڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ۽ ٻڄيسو وري دري بند ڪري موٽي اچي پنهنجي جڳهہ تي ٿي ويٺي. اوچتو هوءَ ڇرڪ ڀري اُٿي، جهڙوڪر گهري ننڊَ مان ڪو ڀوائتو سپنو ڏسي جاڳي پئي هجي. هن ماٺس ڏانهن ڪنڌ ورائي ڏٺو ۽ گهٻرائجي جهيڻي آواز ۾ چيائين:

”امان! ٻُڌ تہ، جهڙوڪر ڪو ماڻهو سڏي رهيو آهي.“

ماڻس ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ گهڙي کن لاءِ ڪن ڏيئي ڌيان سان ڪجهہ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ چيائين:

”نہ ڌيءَ! مون کي تہ هوا جي زوزات کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ٻڌڻ ۾ نٿو اچي.“

ڇوڪريءَ ورائيو:

”مون اجان هينئر ئي هڪ ٻيو آواز ٻڌو آهي، جيڪو هوا جي زوزات کان بہ گهٽو تکو ۽ طوفان جي گوڙ کان بہ وڌيڪ سخت آهي.“

اُهو چئي هوءَ اُٿي ۽ دري کولي گهڙي کن ڪن لائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ چيائين: ”امڙ! مون کي وري بہ اُهو آواز ٻڌڻ ۾ آيو آهي.“

ماڻس ٻي ڇين تي دريءَ ڏانهن وڌي ۽ چوڻ لڳي، ”ها! هاڻ مون بہ ٻڌو آهي.... اچ دروازو پٽي ڏسون، دري بند ڪري ڇڏ، متان ڏيئو نہ وسامي وڃي.“

اهو چئي هن هڪ ڊگهي چادر اوڍي ۽ دروازو کولي همت ۽ احتياط سان ٻاهر نڪتي. مريم دروازي تي بيهي رهي، هوا جون لهرون هن جي وارن سان کيڏڻ لڳيون.

راحيلہ برف کي پيرن هيٺان ڏڪيندي ڪجهہ وکون اڳيان وڌي جو بيهي زور سان چوڻ لڳي، ”هي ڪير پيو رڙيون ڪري؟.... ڪٿي آهي، مدد لاءِ سڏڻ وارو.“

ڪنهن بہ جواب ڪونہ ڏنو، هن بہ ٽي دفعا وري بہ ساڳيا لفظ چيا، پر هوا جي شور ڪان سواءِ ٻي ڪابہ ورندي ڪانہ مليس تہ هوا جي تيز ۽ سخت ٿڦڙن کان پنهنجو چهرو بچائيندي. هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي ۽ دل ٻڌي اڳتي وڌڻ لڳي. راحيلہ تير وانگر تکي هلڻ لڳي. هن برف تي ڪنهن جي پيرن جا نشان ڏٺا ۽ پوءِ ٽيس تہ متان هوا انهن کي ڊاهي نہ ڇڏي، سو اِنهن پيرن جي نشانن جي ڪِد تکي هلڻ لڳي. انتظار ۽ خوف جي عالم ۾ هوءَ نهايت احتياط سان پيرن جي نشانن سان گڏ هلڻ لڳي. ٿورو پريرو وڃي هن ڏٺو تہ هڪ جسم برف تي ايئن پيو هو، جيئن سفيد ڪپڙي تي ڪاري چتي لڳل هجي. اِهو ڏسي هوءَ اڳيان وڌي ۽ اُن وجود تان برف هٽائڻ لڳي.... ۽ هن جي مٿي کي پنهنجي گوڏن جو سهارو ڏيئي پنهنجا هٿ هن جي سيني تي رکيائين. اهو ڏسي تہ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي دل آهستي آهستي ڌڙڪي رهي آهي هوءَ جھوپڙيءَ ڏانهن مُنهن ڪري زور سان مريم کي سڏڻ لڳي.

”مريم ڏيءَ! جلدي منهنجي مدد لاءِ اچ، مون سڏڻ واري کي ڳولي ورتو آهي.“

مريم گھر مان نڪتي، سيءَ ۽ ڀؤ کان ڪنبندي ماٽس جي پيرن جا نشان وٺي هلڻ لڳي، جڏهن هوءَ اتي پهتي ۽ هڪ نوجوان کي اتي بي هوش پيل ڏسي هڪ ٿڌي آهہ ڀري سڏڪڻ لڳي.

راحيلہ اجنبيءَ جي ٻنهي بغلن ۾ هٿ وجھندي چيو، ”ڊڄ نہ ڏيءَ! هي جيئرو آهي، هن جون ٽنگون پڪڙ تہ هن کي گھر کڻي هلون.“

ٻنهي عورتن نوجوان کي کنيو، هوا هنن کي اڳتي وڌڻ کان روڪي رهي هئي ۽ برف هنن جا پير پڪڙي رهي هئي، پر هو هلنديون رهيون. گھر پهچي هنن هن کي آتشدان جي ويجھو ليٽائي ڇڏيو. ماٽس هن جا هٿ پير مهٽڻ لڳي ۽ ٻي سڌ عضون کي گرمائش پهچائڻ لاءِ مالش ڪرڻ لڳي ۽ ڏيٽس پنهنجا ٻنل پانچا نپوڙڻ لڳي. ڪجھہ دير کان پوءِ هن ۾ زندگيءَ جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا ۽ هو ڇُرڻ پرڻ لڳو.... اکيون پٽي هڪ ڊگھو ساهہ کنيائين تہ جڻ ٻن دُکي عورتن جي دلين ۾ صحت ۽ سلامتيءَ جو اُميد پيدا ٿي پئي.

مريم هن جي ڦاٽل جُتيءَ جا ڪشا کوليا ۽ ٻُنل جُبو لاهي چوڻ لڳي، ”امان ٿورو هن جي ڪپڙن کي تہ ڏس، پادرين جي ڪپڙن سان ڪيترا نہ ملن ٿا.“

راحيلہ ڪجھہ سڪل ڪاٺيون آتشدان ۾ وڌيون ۽ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن ڏنو ۽ حيرت مان چوڻ لڳي ”پادري تہ ههڙي پوائتي رات ۾ ديول مان ٻاهر ڪونہ نڪرندا آهن. پوءِ هن کي ڪهڙي ڪتيءَ ڪنيو هو جو پنهنجي زندگي خطري ۾ وڌائين.“

اِن تي ڇوڪري پنهنجا ڀهريان شڪ شبها دور ڪندي چوڻ لَڳي. ”امڙ! هن جي ڏاڙهي مُڇَ بہ ڪانهي، پادرين جون گهاتيون مُڇيون ڏاڙهيون هونديون آهن.“ ماٺس هن نوجوان ڏانهن ڏيان سان نهاريو، مادرانہ شفقت هن جي اکين ۾ چلڪڻ لڳي ۽ پوءِ هڪ ٿڌو ساهہ کڻندي چيائين، ”ڌيءَ! هن جا پير اگهي چڏ. پوءِ پلي پادري هجي يا ڪو ڌوهاري.“

راحيلہ ڪاٺ جي الماڙي کولي، اُن مان هڪ ننڍي بوتل ڪڍي، جيڪا شراب سان ڀريل هئي، هن ٿورڙو شراب هڪ ٺڪرَ جي پيالي ۾ وڌو ۽ ڌيئس کي چوڻ لڳي.

”مريم! ٿورو هن کي سهارو ڏي، آئون هن کي ٿورو شراب پياريان ٿي. جيئن هن جو بدن ڪجهہ گرم ٿئي.“

راحيلہ پيالو هن جي چپن تي رکيو ۽ شراب جا ڦڙا لڳاتار هن جن نڙيءَ ۾ لهڻ لڳا.

نوجوان پنهنجون وڏيون اکيون پٽيون ۽ ڀهرين نگاهہ پنهنجي بچائڻ وارن ڏانهن وڌائين پر غمگين نظر سان، اها نظر ان شخص جي هئي جيڪو موت جي چنبي مان نڪري زندگيءَ جو حصو بنجي چڪو هو.... صفا نااميديءَ کان پوءِ اميد جي دنيا ۾ موٽي آيو هو.... گهڙي کن لاءِ هن پنهنجو ڪنڌ جهڪايو ۽ ڏڪندڙ چپن سان ڪجهہ لفظ چيا:

”خدا اوهان ٻنهي کي برڪت عطا ڪري.“ راحيلہ هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ مادارانہ شفقت سان چيو، ”پُٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائي دل جو بار هلڪو نہ ڪر خاموش رهہ..... اجان تو ۾ ايتري سگهہ ڪانهي."

مريم چيو، "ويهاڻي جو سهارو وٺ ۽ سگريٽ جي ويجهو ٿي."

نوجوان هڪ ٿڌو ساهہ کنيو ۽ ويهاڻي جو سهارو ورتو. ٿوري دير کان پوءِ راحيلہ شراب جو گلاس پري هٽ ڪي پياريو ۽ ڊيٽس ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳي، "هڻ جي جُبو سُڪڻ لاءِ سگريٽ جي ويجهو ڪري رک."

مريم جُبو باهہ جي ويجهو ڪري رکيو. پوءِ پيار ۽ همدرديءَ سان هن ڏانهن ڏسڻ لڳي، جڻ پنهنجي نگاهن جا زهريلا تيرَ هن جي ڪمزور جسم ۾ ٽنبڻ ٿي چاهيائين.

راحيل بہ مانيون ۽ ماکيءَ سان پريل پيالو کڻي آئي، جنهن ۾ ٿورو سڪل ميوو بہ هو، ۽ هن جي پر ۾ ويهي ننڍا ننڍا گرهہ ناهي، هن کي کارائڻ لڳي، جيئن ماءُ پنهنجي ٻار کي کارائيندي آهي کائڻ کان واندو ٿي، جڏهن نوجوان پاڻ ۾ ڪجهہ قوت محسوس ڪئي تہ فرش تي پلٽي ماري ويٺو، هن جي نيري چهري تي باهہ جي لالاڻ پي پئي. هن جي اکين ۾ جوت هئي، مٺو ڏوڙيندي هوريان چوڻ لڳو، "رحم ۽ بي رحمي انسان جي اندر ۾ ايئن وڙهندا رهن ٿا، جيئن هن طوفاني ۽ اونداهي رات ۾ بہ مخالف قوتون هڪٻئي خلاف سينو سپر ڪريو بيٺيون آهن. آخرڪار رحمدلي، بي رحميءَ تي غالب پئجيو وڃي ٿي، ڇو تہ هوءَ خدائي صفت مان آهي ۽ رات جو پؤ بہ صبح ٿيڻ تي ختم ٿيو وڃي."

نوجوان گهڙي کن لاءِ خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ دبيل آواز ۾

جيڪو ڏڪيائيءَ سان ٻڌڻ ۾ ٿي آيو چوڻ لڳو، ”انساني هٿن مون کي موت جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيو ۽ انساني هٿن ئي وري مون کي موت جي منهن مان بچايو. ڪيتري نه سخت آهي انساني سنگدلي ۽ ڪيتري نه بي پناهه آهي ان جي شفقت.“
راحيله اهڙي آواز ۾ چيو جنهن ۾ مادارانه شفقت جي ميناج ۽ محبت شامل هئي، ”پُٽ! ههڙي پوائتي رات ۾ تون ديول مان کهڙي ڪارڻ ڪري نڪتو آهين، جڏهن ته بگهڙ به ڊپ کان غارن ۾ لڪي ويا آهن، باز به ٽڪرين جي چوٽين تي وچي لڪا آهن.“

نوجوان پنهنجون اکيون پوري ڇڏيون، نيٽن مان وهندڙ نيرن کي دل جي گهراين ۾ جذب ڪرڻ ٿي چاهيائين، ”لومڙين لاءِ ڏڙا آهن، پکين لاءِ آکيرا آهن، پر آدم جي اولاد لاءِ مٿو لڪائڻ لاءِ ڪوبه ٺڪاڻو ڪونهي.“
راحيله وراڻيو، ”اهائي ڳالهه يسوع مسيح پنهنجي باري ۾ چئي هئي، جڏهن سندس هڪڙي ساٿيءَ هر حالت ۾ ساڻس گڏ رهڻ جي موڪل گهري هئي.“
نوجوان ورندي ڏني، ”اها ڳالهه هر اهو شخص چوندو، جيڪو هن ڪوڙي ۽ پاپي سنسار ۾ حق ۽ انصاف جي پيروي ڪرڻ چاهيندو.“
راحيله خاموش ٿي ويئي ۽ انهن لفظن جو مطلب سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي ۽ پوءِ ڏکويل لهجي ۾ چيائين، ”پر ديول ۾ ته وڏا وڏا ڪمرا هوندا آهن، سون ۽ چانديءَ جا خزانا، ان سان پريل گودام، مڌ (شراب) سان پريل مٽ، ٿلهيون متاريون رڍون، چوپائي مال جا وٿاڻ، پوءِ اهڙي کهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهہ آهي جنهن جي ڪري اهي سڀ شيون ڇڏي ههڙي پوائتي رات ۾ تون ديول مان نڪتو آهين؟“
نوجوان ٿڌو ساهہ کڻندي چيو، ”آءٌ انهن سيني کي تياڳي ديول مان نڪري آيو آهيان.“
راحيلہ چيو، ”راهب جي ديول ۾ اها حيثيت آهي جيڪا جنگ جي ميدان ۾ سپاهيءَ جي هوندي آهي، ان جو سردار ڪيس پلي ڪيترو بہ گهٽ وڌ ڇو نہ ڳالهائي، هو ڪنڌ نوائي بيٺو هوندو ۽ ڪيس جيڪو بہ حڪم ملندو آهي، ان جي هڪدم تعميل ڪندو آهي، پر مون تہ اهو بہ ٻُڌو آهي تہ ڪوبہ شخص تيستائين راهب ٿي نٿو سگهي، جيستائين هو پنهنجي نفسياتي خواهشن کي نٿو ماري ۽ اهو بہ ٻُڌو اٿم تہ بشپ (وڏو پادري) پنهنجي ماتحتن کان اهڙو ڪوبہ ڪم ڪونہ وٺندو آهي، جيڪو انهن جي پهچ کان ٻاهر هجي. پوءِ قذحيا جي بشپ توکي اهو حڪم ڪيئن ڏنو تہ پنهنجي زندگي طوفان ۽ برفباريءَ جي نذر ڪري ڇڏ؟“
نوجوان ورندي ڏني، ”ڪوبہ شخص تيستائين راهب ٿي نٿو سگهي جيستائين هو ٻاڻ ۾ انڌي ۽ ٻوڙي جا گُڻ پيدا نٿو ڪري، جنهن ۾ نہ ٻڌڻ جي سگهہ هجي نہ ڳالهائڻ جي... ان کي جيڪو بہ حڪم ڏنو وڃي سو سواءِ ڪنهن اعتراض جي مڃي وٺي.... ۽ آءٌ ديول مان ان ڪري نڪتو آهيان تہ جيئن انڌو، ٻوڙو ۽ بي زبان نہ ٿيان، پر ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارو انسان ٿيان.“
راحيلہ ۽ مريم ڏيان سان هن جون ڳالهيون ٻُڌي رهيون هيون ۽ هن جي منهن ۾ نهاري رهيون هيون، جڻ هنن هن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن تي ڪو ڳجهو راز لڪيل ڏٺو هجي، جنهن ڪي هن هر حال ۾ لڪائڻ ٿي چاهيو. ٿوري دير ڪان پوءِ راحيلہ حيران ٿيندي پڇيو. ”ڇا ڪو ڏسڻ ۽ ٻُڌڻ وارو انسان ههڙي پوائنٽي رات ۾ نڪري سگهي ٿو. جيڪا اکين ڪان انڌو ۽ ڪنن ڪان ٻوڙو ڪريو ڇڏي؟“

نوجوان ٿڌو ساهہ کنيو ۽ ڪنڌ جهڪائيندي چيو، ”مون کي ديول مان ڪڍيو ويو آهي.“ راحيلہ ڪنبندي پڇيو، ”ڇا.... ڪڍيو ويو آهي.“ ۽ اهڙا لفظ مريم بہ چيا.

نوجوان ڪنڌ مٿي کنيو، ٻنهي جي اڳيان حقيقت ظاهر ٿيڻ تي، هن کي اهو ڊپ هو تہ متان هن جي حال تي هنن جي مهرباني، نفرت ۽ حقارت ۾ نہ بدلجي وڃي. پر هن ڏٺو تہ هنن جي اکين ۾ مهرباني ۽ پيار جو درياهہ ڇوليون هڻي رهيو هو. هن گهٽيل آواز ۾ چيو، ”ها! مون کي ڪڍيو ويو آهي ان لاءِ تہ منهنجي دل ڪوڙ ۽ مڪرَ ڪان بيزار ٿي چڪي هئي، ان لاءِ تہ منهنجو نفس فقيرن ۽ مسڪينن جي مال مان عيش ڪرڻ ڪان بيزار ٿي چڪو هو، ان لاءِ تہ منهنجو روح جهالت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل قومن جي خيرات کي پنهنجي خوشيءَ خاطر خرچ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو.... مون کي ديول مان ڪڍيو ويو ان لاءِ تہ منهنجو جسم انهن آرام ده ڪمرن ۾ راحت ماڻي نہ سگهيو جنهن کي جهوپڙين ۾ رهڻ وارن تعمير ڪيو هو، ان لاءِ تہ منهنجي زبان مان ان دعا لاءِ فقط لفظ نہ نڪتا جيڪا بشپ چند روپين جي عيوض وڪڻندو هو.... مون کي ديول مان ناپاڪ پٿر وانگر ڌڪي ڪڍيو ويو، ڇاڪاڻ تہ آءٌ راهبن ۽ پادرين کي ان مقدس ڪتاب جون آيتون پڙهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌائيندو هئس، جنهن هن کي راهب ۽ پادري بنايو آهي.“

نوجوان خاموش ٿي ويو، راحيله ۽ مريم کيس ڏسنديون رهيون، هو هن جي ڳالهين تي ڏاڍيون حيران هيون. هن جون نگاهون هن جي سهڻي ۽ حيرت انگيز چهري تي ڄميل هيون، هن هَر هَر هڪڙي ڏانهن تي ڏنو، ڇڻ زبان جي استعمال ڪرڻ کان سواءِ ان انوکي ڪارڻ بابت هڪٻئي جا خيال معلوم ڪنديون هجن.... انهن ڪارڻن بابت جنهن جي ڪري هي جوان هتي وت پهتو هو. آخرڪار ماٽس جي دل ۾ وڌيڪ ڪجهه ڄاڻڻ لاءِ شوق ڪافي حدتائين وڌي ويو ۽ هن پيار ڀرين نگاهن سان هن ڏانهن ڏسندي چيو، ”پُٽ! تنهنجا ماءُ پيءُ ڪٿي آهن.... اهي جيئرا به آهن يا....؟“

نوجوان ورندي ڏني، پر سخت صدمي ڪارڻ لفظ هن جي نڙيءَ مان اٽڪي ٿي نڪتا، ”منهنجو هاڻ نه ڪو مِٽ آهي نه مائٽ، نه ماءُ اٿم نه وري پيءُ نه ئي وري وطن اٿم.“

راحيله متاثر ٿي هڪ ٿڌو ساهه کنيو ۽ مريم پنهنجن انهن ڳرم لڙڪن کي لڪائڻ خاطر، جيڪي هاڻ هن جي ڳلن تي پهچي چڪا هئا، پنهنجو منهن ٻي طرف ڪري ڇڏيو، نوجوان ٻنهي ڏانهن ڏنو، جهڙي طرح هارايل پنهنجي بچائڻ واري کي ڏسندو آهي، هن جو روح احساس جي شدت کان تڙپڻ لڳو، جهڙي طرح ٽڪرين تي جهومندڙ گل ان وقت تڙپي پون ٿا، جڏهن سحر جي ديوي هن جي دلين تي ماڪَ جا ڦڙا اڇليندي آهي. هن ڪنڌ مٿي کنيو ۽ چيو، ”اجان سٺن ورهين جو به ڪونه ٿيو هئس ته ماءُ پيءُ فوت ٿي ويم، آءُ جنهن ڳوٺ ۾ ڄائو هئس، ان ڳوٺ جي هڪ شخص مون کي قذحيا جي

ديول جي حوالي ڪيو، راهب ڏاڍا سَرها ٿيا ۽ مون کي ديول جي مال جو ڊراڙ مقرر ڪيائون. جڏهن آءُ پندرهن ورهين جو ٿيس تہ انهن مون کي هي ڪارو ٿلهو جُبو پائڻ لاءِ ڏنو ۽ قربان گاهہ جي سامهون وني چيائون، ”الله ۽ ان جي جاهہ جلال جو قسم کڻي اقرار ڪر تہ سدائين مفلسي، اطاعت ۽ پاڪبازيءَ جي زندگي گذاريندس.“ مون هنن جا چيل لفظ ساڳئي نموني ورجايا، ان کان اڳ جو انهن لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم کان واقف ٿيان، مفلسي، اطاعت ۽ پاڪبازيءَ کي حقيقت سمجهان، ان ڪنن ۽ سخت رستي کي ڏسان جنهن تي هنن مون کي هلائڻ چاهيو ٿي، هنن منهنجو نالو خليل رکيو ۽ پوءِ سڀ راهب مون کي ”ڀاءُ مبارڪ“ سڏڻ لڳا، پر هنن ڪڏهن بہ مون سان ڀائراڻون سلوڪ نہ ڪيو. هو مزي سان ڀڳل ڪڪڙ، قورما، پلاءُ ۽ چاشنيون وغيره کائيندا هئا، پر مون کي ڀاروتي ۽ بدبودار ماني کائڻ لاءِ ڏيندا هئا. پاڻ خوشبودار شرابن سان مزو ماڻيندا هئا، پر مون کي فقط سادو پاڻي پيئڻ لاءِ ڏيندا هئا. جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن منهنجي نيڻن مان وهندڙ نير بہ شامل ٿي ويندا هئا.... هو پاڻ نرم گاديلن ۽ پلنگن تي سمهندا هئا، پر مون کي سوئرن جي واڙي جي ڀرسان هڪ پراڻي ۽ اونداهي ڪمري ۾ سمهاريندا هئا. آءُ گهڻو ڪري سوچيندو رهندو هئس تہ آخرڪار آءُ ڪڏهن راهب ٿيندس، جو هنن خوشنصيبن جي خوشين ۾ شامل ٿيندس ۽ انهن عيشن ۽ آرامن ۾ حصو وني سگهندس، منهنجي دل انهن خوشبودار طعامن کان محروم نہ رهي، شراب جون رنگينيون منهنجي دل نہ ساڙين ۽ بشپ جي آواز کان منهنجو

روح نه ڪنبي، پر منهنجون سموريون خواهشون، منهنجا سمورا سپنا اڌورا رهجي ويا. آءُ لڳاتار جهنگ ۾ مال چاريندو رهيس ۽ ڳرا ڳرا پٿر ڍوئيندو رهيس ۽ پنهنجي هٿن سان زمين کوٽيندو رهيس.... آءُ اهو سڀ ڪجهه ماني جي ٽڪر خاطر ڪندو هئس، هڪ اونداهي ٽڪاٽي لاءِ جو ته مون کي اها پروڙ ڪانه هئي ته ديول کان سواءِ ٻي به ڪا جڳهه آهي، جتي آءُ رهي سگهان ٿو. راهبن پنهنجي زندگيءَ کان سواءِ هر شيءِ کي ڪفر ٿي ٻڌايو ۽ مون کي اطاعت لائق ٻڌايو هئائون، ڇو جو آءُ سمجهندو هئس ته هي سڄو سنسار غم ۽ بدبختيءَ جو مها ساگر آهي ۽ ديول سک ۽ سلامتيءَ جو ساحل آهي.“

خليل سنئون ٿي وينو، هن جي مرجهايل چهري تي ٻاجهه جون ريکائون نظراچڻ لڳيون، هو اهڙي طرح ڏسڻ لڳو، ڄڻ جهوپڙيءَ ۾ ڪا حسين شيءِ هن جي سامهون بيٺي هجي، پر راحيله ۽ مريم اچا وينيون، هن کي گهوري رهيون هيون، ڪن پل رکي هن وري چوڻ شروع ڪيو: ”قدرت الاهي جنهن مون کان منهنجا والدين کسي ورتا ۽ مون کي يتيم ۽ ڇورو ڇنو ڪري ديول موڪليو هو.... هاڻي ان قدرت جي اها تقاضا نه رهي هئي ته آءُ سڄي ڄمار ان انڌي وانگر گذاري ڇڏيان، جيڪو خطرناڪ راهن تي هلي رهيو هجي، الله اهو گوارا نه ڪيو ته حياتيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين هڪ چمڪندڙ روشنيءَ مون کي ڏيکاءُ ڏيڻ لڳي ۽ حقيقت جو آواز منهنجي ڪنن ۾ پرڻ لڳي ويو.“

خليل ڪنڌ ڌوڻيو ۽ چوڻ لڳو، منهنجي بدن ۾ همت پيدا ٿي، هڪ جولان جاڳيو، آءُ راهبن وٽ پهچي ويس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي ديول جي باغيچي ۾ ڏؤ ڪيل ٻگهڙن وانگر اوگرايون ڏيئي رهيا هئا. آءٌ پنهنجا خيال انهن جي سامهون بيان ڪرڻ لڳس ۽ مقدس ڪتاب مان اهي آيتون پڙهڻ لڳس. جن مان هنن جي گمراهيءَ جو اظهار ٿيو ٿي، مون هنن کي چيو، ”اسين هن هيڪلائيءَ ۾ پنهنجي حياتي فقيرن ۽ مسڪينن جي ڏنل خيرات تي ڇو گذاريون؟ هنن جي لڙڪن ۽ نرڙ جي پگهر مان ڳوهيل اَتي جون مانيون مزي سان ويهي کائون؟ انهن کان کَسيل زمين جي اناج مان عيش ڇو ڪريون؟ اسين ايئن سست ۽ بيڪار بنجي جيئرا ڇو رهون؟ انهن قبيلن کان ڇو پري ٿي ويهون جيڪي معرفت جا محتاج آهن؟ ملڪ کي پنهنجي نفس جي طاقت ۽ ٻانهن جي سگهہَ کان ڇو محروم رکون؟ يسوع مسيح اسان کي ٻگهڙن ۾ ٻگهڙ بنائي موڪليو هو، پوءِ اها ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن انسان کي رڃ ٻڌائي ڇڏيو آهي؟ اسين انسانن کان الڳ ٿلڳ ڇو ٿا رهون، جڏهن تہ خدا اسان کي انسان بنايو آهي، جيڪڏهن اسين انهن کان اُتم آهيون تہ اهو اسان جو فرض آهي تہ انهن وٽ وڃي انهن کي تعليم ڏيون، جيڪڏهن هو اسان کان اُتم آهن تہ انهن منجهہ رلي ملي ڪائنن تعليم پرايون! حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ اسين محتاجيءَ کان ڊڄون ٿا ۽ اميرن وانگر زندگي گذاريون ٿا. اطاعت کان ڀڄون ٿا، پاڪدامنيءَ کان بچون ٿا. اسان جون دليون نفسياتي خواهشن سان ڀريل آهن. اسين پنهنجي حسن تي جبر ڪريون ٿا. پر حقيقت ۾ پنهنجي روحن کي ڪچليون ٿا. اسين پاڻ کي دنيا وارن کان مٿاهون ظاهر ڪريون ٿا، پر اصل ۾ سڀني کان هيچ آهيون... اچو! اسين ديول جون هڙئي زمينون مسڪينن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محتاجن کي موتائي ڏيون ۽ سموري مايا مان انهن جا کيسا پري ڇڏيون، جيڪا اسان انهن کان حاصل ڪئي آهي، اچو! اسان ملڪ جي هر حصي ۾ تڙي پکڙي وڃون، جيئن پکين جا وَلر هڪيئي کان ڌار ٿي ويندا آهن ۽ انهن هيٺن قبيلن جون خدمتون ڪريون، جن جي خيرات تي اسين پلجون ٿا. ان بدقسمت قوم کي سچ جي روشنيءَ لاءِ مرڪڻ سيکاريون، آسماني نعمتن، زندگي ۽ آزاديءَ جي اهميت کان ڪين واقف ڪريون، جيڪا نصرانيت جي صحيح پيروي آهي، اهي تڪليفون ۽ ڏک جيڪي انسانن ۾ رهي، اسان کي پلئه پوندا سي، هن عيش ۽ آرام جي زندگيءَ کان وڌيڪ لذت پريا هوندا، ان مهربانيءَ ۽ همدرديءَ، جنهن سان اسان ڪنهن عزيز جي دل پنهنجن هٿن ۾ ڪٽنداسين، سا هن فضيلت کان مٿاهين هوندي، جيڪا ديول جي ڪندن ۾ لڪيل آهي. سک ۽ شانتيءَ جو اهو ڪلمون، جيڪو اسان ڪنهن هيٺي ڏوهاريءَ ۽ ڏکويل کي چونداسين سو هنن ڊگهين نمازن کان به مقدس هوندو، جيڪي اسين ديول ۾ هَر هَر پڙهون ٿا.“ اهو چئي خليل ساهي کڻڻ لاءِ گهڙي کن لاءِ رُڪيو پوءِ راحيله ۽ مريم ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ پُرسڪون لهجي ۾ چيائين، ”اهي ۽ ان سان ملندڙ جلندڙ ڳالهيون آءٌ راهبن جي اڳيان بيان ڪري رهيو هئس ۽ هو ٻڌي رهيا هئا، حيرت جون ريکائون هنن جي چهرن تي ظاهر هيون، هنن کي يقين نه پي آيو ته مون جهڙو نوجوان انهن جي سامهون بيهي اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري سگهي ٿو. ايستائين جو آءٌ خاموش ٿي ويس ته انهن مان هڪ راهب اُٿيو ۽ منهنجي ويجهو اچي ڏند ڪرٽيندي چوڻ لڳو، ”اڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪميڻا! تنهنجي ايتري همت جو اسان جي سامهون اهڙي قسم جون ڳالهيون ٿو ڪرين.“

پوءِ ٻيو آيو، جنهن توڪ واري لهجي ۾ چيو، ”ڇا؟ تون اها حڪمت رڌن ۽ ٻڪرين کان سکي آهي، ڇڻ سان گڏ تو عمر گذاري آهي.“ آخر ۾ هڪ ٻيو آيو جنهن چيو، ”ڪمينا سرڪش! ڏسج ته توسان ڪهڙو ٿا سلوڪ ڪريون.“

پوءِ هو اُتان ايئن ڀڄڻ لڳا، جيئن ڪو چڱو ڀلو شخص ڪوڙهه جي مرض کان دور ڀڄندو آهي، انهن مان ڪي بشپ (وڏي پادري) ڏانهن ويا ۽ ان کي دانهن ڏنائون. سچ لهڻ کان پوءِ بشپ مون کي گهرايو ۽ سختيءَ سان گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان پوءِ راهبن کي حڪم ڏنائين ته مون کي ڪوڙا لڳايا وڃن، هنن مون کي ايترا ته ڪوڙا هنيا جو منهنجو سَنڌ سَنڌ سور ٿيڻ لڳو. جڏهن هنن ڪوڙا لڳائي ورتا ته هنن مون کي سڄو هڪ مهينو قيد جي سزا ڏني، راهب خوش ٿيندا ٽهڪڙا ڏيندا، مون کي هڪ اونداهي ڪوٺيءَ ۾ وني ويا.... هڪ مهيني تائين آءٌ ان ۾ قيد رهيس، ان حالت ۾ مون کي سهائيءَ کان محروم رکيو ويو. ڪيڙن ماڪوڙن جي هلڻ کان سواءِ مون کي ٻيو ڪجهه به محسوس نه ٿيندو هو. مٽيءَ کان سواءِ ڪا به ٻي شيءِ ڇهڻ لاءِ ويجهي ڪانه هئي. خبر ڪونه پوندي هيم ته رات ڪڏهن گذري، سج ڪنهن مهل اُڀريو؟ راهب جي پيرن جي آواز کان سواءِ ڪوبه ٻيو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه ايندو هو، جيڪو ايندو هو سو سڪل ماني ۽ پاڻيءَ جو گلاس رکي ويندو هو. جڏهن آءٌ قيد مان آزاد ٿيس ۽ پادرين منهنجي ڏٻري ۽ سڪل جسم کي ڏٺو، هيڊ جهڙو پيلو چهرو ڏٺائون ته هنن

سمجهيو شايد منهنجي ذهن ۾ جيڪي دهرياپڻ جا خراب نظريا پيدا ٿيا هئا، سي گهٽجي ياختم ٿي چڪا آهن. بڪ ۽ اُج جي تڪليف هن جي ياونائن کي ڪچلي ڇڏيو آهي.

ڏينهن راتين جي نقش قدم تي گذرندا رهيا، آءُ نوبڪلائيءَ جو وقت پنهنجي ذهني قوتن کي انهن شين جي سوچڻ سمجهڻ لاءِ صرف ڪندو هئس، جيڪا راهبن کي نئين راهه ڏيکاري سگهي، پر منهنجي اها سڄي سوچ بيڪار ثابت ٿي، ڇاڪاڻ ته انهن جي اکين تي انڌَ جا ڪوپا ڏگهي عرصي کان چڙهيل هئا، تن کي هڪ ٻن ڏينهن ۾ لاهڻ ممڪن نه هو ۽ جيڪو جهالت جو شيهو پگهرائي هنن جي ڪنن ۾ وجهي ڇڏيو هو، تنهن کي نرم ۽ نازڪ آڱريون پگهرائي نٿي سگهيون.

تڏا ساهه ڪٽندي مريم ماٿس ڏانهن ڏٺو، ايئن پئي لڳو ڄڻ ماٿس کان هن اجنبيءَ سان ڳالهائڻ جي موڪل گهري رهي هجي ۽ پوءِ غمگين نگاهن سان هن خليل ڏانهن ڏٺو ۽ پڇيو، ”ڇا تو راهبن اڳيان وري به اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪيون هيون، جو هنن ههڙي پوائتي رات ۾ توکي ديول مان ڌڪي ڪڍي ڇڏيو جيڪا دشمن کي به مهربانيءَ جو سبق ڏي ٿي؟“

نوجوان ٿڌو ساهه کڻيو ۽ هوريان هوريان چوڻ لڳو، ”اڄ شام جو جڏهن طوفان زور ورتو، فضا ۾ به قوتون هڪٻئي خلاف سينو تاڻي بيٺيون ته آءُ انهن راهبن کان هٽي پريان ٿي وينس، جيڪي باهه جي مچ جي چوڌاري وينا هڪٻئي سان ڪل ڀوڳ ڪري رهيا هئا ۽ آءُ هڪ پاسي ويهي انجيل مقدس

ڪولي ان جي آيتن تي وچار ڪرڻ لڳس، جيڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي قدرت جي غضب ۽ سنگدليءَ کان بي ڊپو ڪن ٿيون. جڏهن راهبن ڏٺو ته آءٌ پريان ڪنڊ ۾ نويڪلو وينو آهيان ته انهن منهنجي نويڪلائيءَ کي مذاق جو موضوع بنائي ورتو، انهن مان به چار اُٿي اچي منهنجي سامهون بينا ۽ اکيون ڇنڀي کلڻ لڳا ۽ مون ڏانهن اشارا ڪري مون تان مذاق اڏائڻ لڳا پر مون هنن جي پرواهه نه ڪئي، ڪتاب بند ڪري دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳس، منهنجي ان بي پرواهيءَ تي هو سخت ڪاوڙجي پيا ۽ انهن مون ڏانهن ڪائڻ واري نظرن سان ڏٺو، پر منهنجي ماٺ هنن جي ڪاوڙ کي ٺڏو ڪري ڇڏيو، انهن مان هڪ مون کي ٺوڪ هٺندي چيو:

”سرڪار جن ڇا پڙهي رهيا آهن؟“

مون ٺوڪ هٺندڙ ڏانهن نهاريو ٻه ڪونه ۽ انجيل کولي هڪ آيت وڏي سڏ پڙهڻ لڳس، جنهن ۾ هو انهن ماٺهن کي مخاطب ٿي رهيو هو جيڪي بپتسمه لاءِ اچي هيا هئا:

”اي نانگن جا اولاد! جيڪڏهن ڪو توهان کي ايندڙ تباهيءَ کان بچڻ جي تعليم ڏي ته توهان اهڙا ڪم ڪريو جيڪي توبهه جي لائق هجن ۽ اوهان پنهنجي دل ۾ اهو به نه سوچيو ته توهان جو پيءُ ابراهيم ع آهي، آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته الله انهن پٿرن مان به اولاد ابراهيم پيدا ڪرڻ تي قادر آهي، جيڪي رستن تي ايئن پيا ٺڏجن، هاڻ ته ڪهاڙي وڻ جي پاڙ وٽ رکي ويئي آهي ۽ هر اهو وڻ جيڪو سُٺو ڦل نه ڏيندو اهو وڍي باهه ۾ وڌو ويندو.“

ماٺهن ان کان پڇيو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پوءِ پلا اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

هن ورندي ڏني، ”جنهن وٽ ڪپڙا هجن ان کي گهرجي ته جنهن وٽ ڪپڙا نه هجن ان کي ڏيئي ڇڏي ۽ جنهن وٽ ماني هجي ته اهو اها ماني بکايل کي کارائي.“

جڏهن مون اهي آيتون پڙهيون ته راهب گهڙي کن لاءِ خاموش ٿي ويا، ڇڻ ڪنهن غيبي قوت هنن جا روح نپوڙي وڌا هجن، پر هو وري اصلوڪي حالت ۾ اچي ويا ۽ ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. انهن منجهان هڪڙي چيو، ”اسان اهي آيتون ڪئين ڀيرا پڙهيون آهن ان لاءِ اسان ڪنهن ڏراڙ جا محتاج ڪونه آهيون ته هو اسان کي ٻڌائي.“

مون وراڻيو، ”جيڪڏهن اوهان اهي آيتون پڙهيون آهن ته پوءِ هن برف ۾ ديبل ڳوٺ جا رهاڪو سيءَ کان ڇو پيا ڏڪن؟ بک کان ڇو پيا تڙپن؟ ۽ اوهين هتي ويٺا انهن جي ڏنل خيرات تي عيش ڇو پيا ڪريو؟ ۽ انهن جي انگورن جي رس مان گلاس ڀري ڇو پيا پيو؟ انهن جي وهٽن جو گوشت ڇو پيا کائو؟“

اڃا اهي لفظ منهنجي زبان مان نڪتائي مَس هئا ته هڪ پادريءَ مون کي چماٽ واهي ڪڍي، ڇڻ ته جيڪي ڪجهه مون چيو سو سڀ ڇرپائپ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه هو، پوءِ ٻي مون کي لت هنئي ۽ ٿي ڇٽي مقدس ڪتاب منهنجي هٿ مان کسي ورتو ۽ چوٿون رڙيون ڪري بشپ کي سڏڻ لڳو، هو تڪيون وڪون ڪٽندو آيو ۽ جڏهن پادرين واتان مرچ مسالا مليل سڄي ماجرا ٻڌائين ته ڪاوڙ مان تپي ٿامٽي ٿي ويو ۽ بُلند آواز ۾ چيائين، ”هن بدمعاش سرڪش! کي ڳچيءَ مان

جهلي ديول مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو تہ جيئن قدرت هن کي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جي تعليم ڏئي، هن کي ان تڏ ۽ اونداهيءَ ۾ ڏکي ڇڏيو تہ جيئن فطرت جا اصول هن تي خداوندِ الاهي جي حڪم جي تعميل ڪن. تنهن کان پوءِ هن ڪفر جي تباهيءَ کان پنهنجا هٿ ڌوئي ڇڏيا ۽ جي هي وري موٽي اچي، روئي پٽي، آزاريون نيزاريون ڪري، توبہ تائب ٿئي تہ بہ ديول جو در نہ کوليو. چو تہ جي نانگ کي پنجري ۾ بند ڪيو تہ هو ڪو ڪبوتر ٿي ڪونہ پوندو ۽ باغ ۾ ڪيلي جو وڻ پوکي ان مان انجير جي اميد اجائي آهي."

"اهو ٻُڌي پادرين مون کي ڪٽي سوگهو ڪيو ۽ تنگوٽالي ڪري ديول کان ٻاهر ڦٽو ڪيائون، دروازو بند ڪرڻ کان اڳ، انهن مان هڪ جٽي کلندي ٽوڪ هڻندي چيو، "ڪلهہ تائين تون بادشاهہ هئين ۽ ريون، بڪريون توڙي شيطان تنهنجي رعيت هئي، پر هاڻ اسان توکي معزول ڪري ڇڏيو آهي، ان لاءِ تہ تون حڪومت جو نظام پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائڻ ٿي چاهيو ۽ هاڻي وڃ ۽ وڃي بکايل بگهڙن ۽ اُڏندڙ ڪانگن تي حڪومت ڪر ۽ انهن کي ٻُڌاءِ تہ هو غارن ۽ آکيرن ۾ پنهنجي زندگي ڪيئن گذارين."

خليل هڪ اونهو ساهہ کنيو ۽ ڪنڌ ورائي ٻاهہ کي ڏٺائين، جيڪا چلهہ اندر ٻري رهي هئي، هڪ اهڙي آواز سان چوڻ لڳو، جنهن ۾ ميناج جي باوجود بہ سختي هئي، "اهڙي طرح مون کي ديول مان ڌڪي ڪڍيو ويو ۽ پادرين ڏٺي واٽي مون کي موت جي حوالي ڪري ڇڏيو. مجبوراً آءٌ هلڻ لڳس اهڙي حالت ۾ جڏهن ڪوهيڙو منهنجي نگاهن کي روپوش

ڪري رهيو هو، طوفان جا زوردار جهٽڪا منهنجا ڪپڙا ڇني رهيا هئا. آسمان مان وسندڙ برف منهنجا پير پڪڙي رهي هئي، ايتريقدر جو منهنجي قوت جواب ڏيئي ويئي ۽ آءُ بي ستو ٿي برف تي ڪري پيس ۽ ان مايوس انسان وانگر پڪارڻ لڳس، جنهن کي اهو محسوس ٿي رهيو هو تہ سندس پڪارَ سواءِ ڊيڄاريندڙ موت ۽ اونداهين غارن جي ٻيو ڪوبہ ڪونہ ٻُڌي ٿو، پر برف ۽ طوفان جي پويان، اونداهين ۾ ڪڪرن جي پويان پولار ۾، تارن جي پويان هڪ شڪتي، جنهن جي معرفت ۽ رحمت سان منهنجي پڪار ٻُڌي، هن نہ ٿي چاهيو تہ آءُ جيون جا رهيل اسرار سمجهڻ کان اڳ ئي مري وڃان، سو اُن مهان شڪتيءَ اوهان ٻنهي کي منهنجي مدد لاءِ موڪليو، تہ جيئن مون کي بدبختيءَ جي گهراين مان ڪڍي اچو."

نوجوان خاموش ٿي ويو ۽ ٻئي عورتون ڪيس ڏيان، پيار ۽ پابوهہ سان ڏسي رهيون هيون، ڄڻ هنن جا روح هن جي ذهني اسرارن کان واقف ٿي ويا هجن ۽ حق ۽ سچ جي شعور ۾ هنن سان شامل ٿي ويون هجن. گهڙي کن کان پوءِ راحيلہ غير ارادي طور پنهنجو هٿ ڊگهيريو ۽ عزت، احترام سان هن جي هٿ کي چهي چيو، "جڏهن ڪيس خدا حق ۽ سچ جي راهہ لاءِ چونڊ ڪندو آهي تہ پوءِ دنيا جي ڪابہ قوت ان کي فنا ڪري نٿي سگهي، برفباري ۽ طوفان ۾ بہ هو محفوظ رهي ٿو." مريم سرپات ڪندي چيو، "برفباري ۽ طوفان گلن کي تہ فنا ڪري سگهن ٿا، پر ٻج کي نہ...."

سڪون ۽ راحت خليل جي مرجهايل چهري کي روشن ڪري ڇڏيو هو، ايئن جيئن صبح جي سج جا ڪرڻا، رات جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاري چادر جو سينو چيري چڙيندا آهن.

هن چيو، ”اوهين جيڪڏهن مون کي باغي ۽ ڪافر نٿيون سمجهو، جيئن پادرين پئي سمجهيو ۽ جنهن جي ڪري ئي آءٌ ان بدسلوڪيءَ جو نشانو بڻيس، ان شروعات ڏانهن هڪ اڻ لکو اشارو آهي، جيڪو معرفت جي اعليٰ رتبي تائين پهچڻ کان اڳ، قومن کي پيش ايندو آهي ۽ هيءَ بات اونداهي رات جنهن ۾ شايد آءٌ موت جي ڪاج بنجي وڃان ها، انهن باغيانہ هنگامن جي تصوير هوندي، جيڪا آزادي ۽ برابريءَ کان اڳ ظاهر ٿيندي آهي، ان لاءِ حساس عورت جي دل منجهان انساني جذبو ڦٽي نڪري ٿو ۽ اُن پويتر روح جي سوچن مان انساني اُڌما جنم وٺن ٿا.“

اهو چئي هُن ويهاڻي جو سهارو ورتو، ماءُ ۽ ڌيءُ ڪجهہ وڌيڪ ڳالهائڻ مناسب نہ سمجهيو. هنن محسوس ڪيو تہ هُن جي نيڻن ۾ ننڊ واسو ڪري رهي آهي، جيڪا جهجهي ٿڪاوٽ کان پوءِ سڪون ۽ آرام لاءِ وجود ۾ جنم وٺندي آهي. ڪجهہ گهڙين کان پوءِ خليل اکيون پوري ڇڏيون ۽ ان ٻارڙي وانگر سمهي رهيو، جيڪو ماءُ جي محبت ڀريءَ هنجَ ۾ بي فڪر سمهندو آهي، راحيلہ ۽ مريم آهستگيءَ سان اُٿي ويون ۽ پنهنجن پنهنجن بسترن تي ليٽي پيون ۽ نوجوان کي گهوري ڏسڻ لڳيون، جڻ هن جي مُرجهايل منهن ۾ ڪا ڪشش هئي، جيڪا هنن جي روحن کي هن ڏانهن مائل ڪري رهي هجي ۽ هنن جي دلين ۾ هن لاءِ محبت پيدا ڪري رهي هجي. گهڙي ڪن کان پوءِ ماءُ سرباٽ ڪري ڌيءُ کي ڪن ۾ چيو، ”هن جي اکين ۾ عجيب ڏيا آهي، جيڪا سانت هوندي بہ روحن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي سجاڳ ڪري رهي آهي.“

ڏيءُ ورندي ڏنيس، ”امڙ! هن جا هٿ مسيح عہ جي ان تصوير جهڙا آهن جيڪا ديول ۾ ٽنگيل آ.“

ماءُ سرباٽ ڪندي چيو، ”هن جي غمگين منهن مان عورت جي نرمي ۽ مرد جي قوت بَکي رهي آهي.“

ننڍ جي ديوي هن ٻنهي روحن کي نوجوان جي دنيا ڏانهن اُڏائي ويئي، باهه قلهيار ۾ تبديل ٿي چڪي هئي، ڏيئي جو تيل ختم ٿي ويو هو ۽ هوريان هوريان وٽ به وسامي رهي هئي ۽ خوفناڪ طوفان اڃان به گوڙ ڪري رهيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[4]

ان رات کي پريا ٻه هفتا گذري ويا، ککرن سان ڀريل فضا ڪڏهن سانتيڪي ٿي پئي ويئي ته ڪڏهن ڪروڌ ۾ اچي ماٿرين کي ڪوهيڙي ۾ ڍُنڊ سان ڀري ٿي ڇڏيائين ۽ ٽڪرين کي برف جو ڪفن پارائي ٿي ڇڏيائين. خليل ان دوران ٿي پيرا ساحل ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو، پر هر ڀيري راحيله پيار ۽ پاٻوهه سان ايئن چئي کيس روڪي ٿي وڌو ته، ”پُٽ! پنهنجي زندگي کي ٻيهر انڌيري جي حوالي نه ڪر، هتي رهي پئه، جيڪا ماني ٻن ڄڻن جو پيٽ ڀري سگهي ٿي، سا ٽن ڄڻن لاءِ به ڪوڙ ٿي سگهي ٿي ۽ هن سگريءَ جي ٻاهه تنهنجي وڃڻ کان پوءِ به ٻرندي رهندي، ايئن جيئن تنهنجي اچڻ کان اڳ ٻرندي هئي.“

”پُٽ! اسين محتاج ضرور آهيون، پر ٻين عام انسانن وانگر زندگي گذاريون ٿا. جو ته خدا اسان کي به ايئن ئي رزق پهچائي ٿو، جيئن ٻين کي.“

مريم نماڻا نيڻ کڻي، ٿڌن شوڪارن سان منٿون ڪندي هن کي نه وڃڻ لاءِ چوندي هئي. خليل جڏهن زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تان موٽي، هن جهوپڙيءَ ۾ پهتو هو ته ڪيس پنهنجي ذات ۾ هڪ اهڙي بلند قوت جو وجود محسوس ٿيڻ لڳو هو. جيڪا هن جي دل کي زندگيءَ جي روشنيءَ سان

منور ڪري ۽ هن جي روح جي گهرائين ۾ هڪ نئون ۽ دلڪش جذبو پيدا ڪري رهي هئي. هن پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرون اهڙو اُدمو محسوس ڪيو هو، جيڪو حسينہ جي معصوم من کي گلاب جي اُن گُل وانگر بنائي ڇڏيندو هو، جنهن جي خوبي آهي تہ ماڪ جا ڦڙا ٻي ماحول ۾ سرهاڻ ڦهلائي.

انسان جي باطن جي ڪابہ ڀاونا، اَنَ ڳجهيءَ ڀاونا کان گهٽي پاڪ ۽ پوتر ڪونهي، جيڪا ٻاڻ اربي ڇڏڻ دوران حسينہ جي دل تي اثرانداز ٿي، هن جي سيني جي خال کي طلسمي گيتن سان ڀري ۽ ان جي ذينهن کي شاعر جي سپن ۽ راتين کي پيغمبرن جي خيالن وانگر بنائي ڇڏي. فطرت جي رازن مان ڪو راز حسن کان سگهارو ۽ حسين ڪونهي، جيڪو حسينہ جي روح جي سڪون کي مستقل حرڪت مان بدلائي پنهنجي عزم سان نهنڊ ذينهن جي ياد کي فنا ۽ پنهنجي ايندڙ زماني جي اميدن کي جيئرو ڪري ڇڏي ٿو.

جذبات جي قوت ۽ احساس جي اعتبار کان لبناني حسينہ هر قوم جي حسينہ کان متاهين آهي. لبناني حسينہ اُن چشمي وانگر آهي، جيڪو زمين جي سيني مان ڦٽي هيناهين حصي ڏانهن وهي ٿو، پر ان کي رستو نٿو ملي تہ جيئن هو نديءَ جي شڪل ۾ راڳ ڳائيندو سمنڊ سان وڃي ملي ۽ پوءِ هو خاموش ڍنڍ جي صورت اختيار ڪندو آهي، جنهن ۾ چنڊ ۽ تارن جي سهائي سمايل هوندي آهي.

خليل بہ محسوس ڪيو تہ مريم جو 'روح' هن جي 'روح' جي پرپاسي ۾ ڀٽڪي رهيو آهي، هن کي جاڻ ھئي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها مقدس باهہ. جيڪا هن جي دل تي دڪي رهي آهي سا مريم جي دل کي بہ وڪوڙي چڪي آهي. پهرياڻين تہ هو خوشيءَ مان ٽڙي پيو، جيئن گم ٿيل ٻار ماءُ پيءُ کي ڏسي ٽڙندو آهي، پر وري جلدي هن کي ڪو خيال آيو ۽ هو پنهنجي جلد بازيءَ تي پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳو. هن کي ڊپ ٿيو تہ متان روحن جو ميلاپ ڪوهيڙي وانگر فنا نہ ٿي وڃي، جڏهن زماني جو بي رحم هٿ هن کي ڳوٺ کان ڏکي ٻاهر ڪيندو. هو اڪثر دل ۾ چوندو هو، ”هي ڪهڙو ڳجهو اسرار آهي، جيڪو اسان تي ظاهر ٿي رهيو آهي ۽ اسين ان کان اڻ ڄاڻ آهيون.“

اهي پيڙيون ڪٿي آهن، جيڪي ڪڏهن اڻانگي رستي ڏانهن وني ويندين آهن ۽ اسين اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ سان، ان تي هلندا رهندا آهيون ۽ ڪڏهن سج جي سامهون بيهاريو تہ اسين خوشيءَ سان ان جي سامهون بيهي رهون ٿا. جيڪا اسان کي جبل جي چوٽيءَ تي پهچايو ڇڏي ۽ اسين خوشيءَ منجهان مرڪڻ لڳون ٿا ۽ ڪڏهن وري ماترين جي گهراين ۾ ڦٽو ٿي ڪري، تہ اسين تڪليف کان رڙيون ڪرڻ شروع ڪريو ٿا ڏيون، هيءَ زندگي ڇا آهي، جيڪا هڪ ڏينهن تہ اسان سان دوست ٿي گلي ملي ٿي، تہ ٻي ڏينهن ڦريو دشمن ٿيو منهن واري چماٽ واهيو ڪڍي؟ ڇا ڪالهہ تائين آءٌ ان تڪليف جي خاطر جنهن کي الله منهنجي سيني ۾ پيدا ڪيو آهي، تنهن لاءِ مون ڏکوئيندڙ زيادتي برداشت ڪونہ ڪئي؟ ڇا مون پادرين کي ڪونہ چيو تہ انساني سعادت ۾ خدا جي مرضيءَ شامل آهي؟ پوءِ هي پڇ ڇا جو؟ آءٌ پنهنجون اکيون جو ٻوٽي ڇڏيان ۽ ان روشنيءَ کان پنهنجون منهن چو موڙي ڇڏيان، جيڪا ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسينہ جي نيٽن مان ڦٽي رهي آهي. اهو مرد آهيان ۽ فقير بہ، پر ڇا انسان فقط پيٽ خاطر جيئي ٿو؟ ڇا زندگي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو نالو ڪونهي؟ پر راحيلہ ڇا سوچيندي، جڏهن کيس خبر پوندي تہ سکون ۽ مانار جي عالم ۾، ديول مان ڌڪاريل نوجوان جو روح، هن جي ڌيءُ جي روح سان ميلاپ ٿو چاهي ۽ ان ميلاپ هنن ٻنهي روحن کي الاهي نور جي آڏو ڪري ڇڏيو آهي، هوءَ ڇا چوندي تہ جنهن نوجوان کي هن موت جي منهن مان بچايو هو، سو چاهي ٿو تہ هن جي ڌيءَ هن جي جيون ساٿي بنجي وڃي ۽ هن ڳوٺ جا ابوجهہ ماڻهو ڇا سوچيندا، جڏهن انهن کي خبر پوندي تہ هڪ نوجوان، جيڪو ديول ۾ پليو نپنيو ۽ پوءِ اُتان ڌڪاريو ويو، سو هن ڳوٺ ۾ آيو ٿي ان لاءِ تہ هڪ پريءَ جهڙي سهڻي من مُهڻيءَ جي گود ۾ زندگي بسر ڪري. ڇا هو ڪنن ۾ آڱريون ڪونہ وجهندا، جڏهن اهو کين چوندس تہ ان شخص جنهن هنن سان رهڻ خاطر ديول کي ڇڏيو، ان پڪيءَ مثل آهي، جيڪو اونداهين مان نڪري روشن ۽ آزاد فضا ۾ ساهہ کڻي ٿو. شيخ عباس جيڪو هنن غريب هارين ۾ اهڙي زندگي بسر ڪري ٿو، جيئن غلامن وچ ۾ بادشاهہ، سو ڇا سوچيندو، جڏهن منهنجي رام ڪهاڻي هن جي ڪنن تي پوندي؟ ۽ ڳوٺ جو پادري مون سان ڪهڙو سلوڪ ڪندو، جڏهن ماڻهو هن جي سامهون اهي ڳالهيون ڪندا، جيڪي مون کي ديول مان ڪڍڻ جو ڪارڻ بڻيون آهن؟"

خليل دل ئي دل ۾ ويچاري رهيو هو ۽ آتشدان جي پر سان وينو شعلن کي گهوري رهيو هو، جيڪي هن جي پاونائن سان مليا ٿي، ٿورو پريان مريم ڏيان سان هن جي ڇهري جا خيال پروڙڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ۽ پنهنجي سيني ۾ انڪار جون صدائون گونجندي ٻڌي رهي هئي ۽ وسوسن جا اولڙا پنهنجي دل جي ويجهو ڦرندي محسوس ڪري رهي هئي.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن خليل دريءَ وٽ بيٺو هو، جيڪا ان ماڙيءَ ڏانهن کُلي ٿي، جتان نيڻ نهار تلئين وڻ ۽ ٽڪريون برف ۾ ايئن ڍڪيل نظراچي رهيون هيون، جڻ مُردا ڪفن پائي بيٺا هجن. مريم آئي ۽ هن جي پر ۾ ماٺ ڪري بيهي رهي ۽ دريءَ مان ٻاهريون نظارو پسڻ لڳي، خليل هن ڏانهن نهاريو، جڏهن هن جون نگاهون مريم جي نگاهن سان مليون تہ هن ٿڌو ساهہ ڀريو ۽ منهن ٻي طرف ڦيري اکيون پوري ڇڏيون، جڄ هن جو روح جسم کان جدا ٿي، ڏاڍي تيزيءَ سان ابد جي گهراين ۾ وڃي رهيو هجي.... انهن جملن جي جستجو ڪندي، جن اڃا تائين لفظن جو روپ اختيار نہ ڪيو هجي.

مريم ٿوري دير کان پوءِ هن کان پڇيو، ”جڏهن برف پگهرجي ويندي ۽ رستا کُلي ويندا تہ پوءِ ڪيڏانهن ويندين.“

هن پنهنجون اکيون پٽي ٻاهر نظرون ڄمائيندي چيو.

”آءٌ ڪيڏانهن ويندس تنهن جي مون کي بہ خبر ڪانهي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ٻُڌي مريم جو روح ڏڪي ويو. هن ٿڌو ساهه کڻي چيو، ”تون هن ڳوٺ ۾ اسان سان گڏ رهي چو نٿو پوين.... ڇا هتي تنهنجي حياتي، اُن مفلسيءَ کان چڱي ڪانه گذرندي؟“

مريم جي لفظن جي نرمي ۽ آواز جي مينا ج، خليل جي دل کي بهار بهار ڪري ڇڏيو. هن وراڻيو، ”هن ڳوٺ جا رهاڪو ديول مان ڌڪاريل شخص کي پنهنجو پاڙيسري بنائڻ قبول نه ڪندا، اهي اهو گوارا ڪين ڪندا ته آءٌ هن فضا ۾ آزاديءَ سان ساهه کڻان، جنهن ۾ هو غلاميءَ واري زندگي بسر ڪن ٿا. انهن جي ويجهو پادرين جو دشمن، ’خدا‘ ۽ ان جي ’نيڪوڪارن‘ جو دشمن آهي.“

مريم هڪ ٿڌو شوڪارو ڀريو ۽ چپ ٿي ويئي، حقيقت هن کي گونگو ۽ ٻُڌُ ڪري ڇڏيو هو، هن ڪنڌ ڌوڻيندي چيو، ”مريم! هن ڳوٺ جي رهاڪن، پادرين توڙي پوڄارين، هر ان شخص جي خلاف ڪيني ۽ بغض جي تعليم ورتي آهي، جيڪو پنهنجي ذات بابت سوچي ٿو، تنهن ڪري هي سڀ انهن جي پيروي ڪن ٿا ۽ هر ان شخص کان پري رهن ٿا، جيڪو پنهنجي حياتي تقليد ۽ اطاعت بدران، تحقيق ۽ ڳولا ۾ گذارڻ گهري ٿو. ان لاءِ آءٌ جيڪڏهن ڳوٺ ۾ رهيس ۽ هتي جي رهاڪن کي چيم، ياڙو! اچو اسين پادرين ۽ راهبن جي خواهش بدران، پنهنجي مرضيءَ مطابق عبادت ڪريون، ڇو ته خدا ان جاهل جو معبود نٿو ٿيڻ چاهي، جيڪو ٻين جي تقليد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿو." تہ هو چوندا، هي ملحد آهي جيڪو ان اقتدار جي مخالفت ڪري رهيو آهي، جيڪو الله پنهنجي نيڪ ٻانهن کي عطا ڪيو آهي." ۽ جيڪڏهن آءٌ ڪين چوندس، "پائرو! اُن آواز کي ڏيان ڏري ٻڌو، جيڪو اوهان جي دلين مان اچي رهيو آهي ۽ ان روح جي ارادي تي عمل ڪريو، جيڪو اوهان جي دلين جي گهراين ۾ موجود آهي." تہ هو چوندا، "هي شيطان آهي ۽ اسان کي انهن وسيلن کان محروم ڪرڻ ٿو چاهي جيڪي 'خدا' زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ قائم ڪيا آهن."

خليل ان مهل مريم جي اکين ۾ نهاريو ۽ چيو، "پر مريم! هن ڳوٺ ۾ هڪ اهڙي شڪتي موجود آهي جنهن مون تي قابو پائي ورتو آهي ۽ منهنجي روح سان ڇهنتي رهي آهي.... هن مهان شڪتيءَ! جنهن منهنجي دل منجهان پادرين جي ڏاڍ ۽ ڏمر وارو عرصو خُرچي ڇڏيو آهي ۽ انهن جي سنگدلي منهنجي لاءِ خوش نصيبي ۾ تبديل ڪئي آهي، هن ڳوٺ ۾ مون موت کي سامهون ڏٺو ۽ هن ڳوٺ ۾ آءٌ روح خداونديءَ سان منهان منهن مليو آهيان. هن ڳوٺ ۾ ئي ڪنڊن ۾ گهيريل هڪ گُل آهي، جيڪو مون کي پنهنجو واس وٺڻ لاءِ پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو آهي ۽ جنهن جي سُرهاڻ منهنجي دل کي واسي ڇڏيو آهي. تہ ڇا آءٌ ان گل کي ڇڏي ڏيان ۽ ان تعليم جي تبليغ ۽ تلقين ڪندو وڃان، جنهن جي ڪري مون کي ديول مان ڌڪاريو ويو آهي يا ان گل وٽ ويٺو هجان، جيڪو ڪنڊن جي وچ ۾ گهيريل آهي ۽ پنهنجي قول ۽ فعل لاءِ پاڻ ئي قبر کوٽيان....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مريم ٻڌاءِ مان ڇا ڪيان؟“

مريم اهي لفظ ٻُڌا ۽ هن جو جسم ڪنبڻ لڳو، جيئن صبح جي ٿڌڙي هيرَ لڳندي آهي ۽ گلاب جو گُل ٿڙي پوندو آهي، تيئن هن جي من جا ڪرٽا، هن جي ذهن ۾ چمڪڻ لڳا ۽ هن چيو، جيتوڻيڪ شرم ۽ حيا هن جي زبان پڪڙي رهي هئي، ”اسين ٻئي هڪ عادل، مهربان ۽ اڻ ڇاتل قوت جي هٿَ وَس آهيون، اسان ڪي گهرجي ته پنهنجو پاڻ کي هن جي مرضيءَ تي ڇڏي ڏيون.“

اُن گهڙيءَ خليل جا اُڌما مريم جي اُڌمن سان ملي هڪ ٿي، هڪ پڙڪندڙ شعلو بنجي ويا، جنهن مان روشني پکڙي رهي هئي، جنهن جي چوڌاري دل نيائيندڙ سُرهاڻ هئي.

[5]

دنيا ۾ شروع کان وٺي اڄ سوڏي اهو دستور هلندو پيو اچي تہ موروثي شرافت سان ڇهتيل خاندان قوم جي خلاف پادرين ۽ مذهبي پيشوائن سان ڳٺ جوڙ ڪري هڪبئي جي مدد ۽ حمايت ڪندا رهيا آهن. اهو هڪ وڏو روڳ آهي، جنهن انساني سماج جي ڳچيءَ ۾ پنهنجا چنبا کپائي رکيا آهن، هي روڳ ايستائين ختم تي نٿو سگهي جيستائين هن دنيا مان جهالت جو خاتمو ٿي، هر مرد جو عقل حڪمران، ۽ عورت جي دل ميڻ نٿي ٿئي.

موروثي شريف زادا پنهنجي محلن جي تعمير ڪمزور فقيرن جي جسمن سان ڪندا آهن ۽ پادري ديول جو بنياد پيروي ڪندڙ اهل ايمان جي قبرن تي رکندا آهن. شاهوڪار ويچاري هاريءَ کي جڪڙي ٿو ۾ پادري پنهنجو هٿ کيسي ڏانهن وڌائي ٿو. حاڪم هارين کي نرڙ تي گهنج پائي ڏسي ٿو ۽ پادري انهن ڏانهن لوپي ۽ جوفي نگاهن سان ڏيان ڏي ٿو. نتيجي ۾ چيتي جهڙي تيزي ۽ بگهڙ جهڙا ڏند ڪڍڻ سان رڍ ويچاريءَ جو ڪم پورو ٿيو وڃي.... حاڪم قانون جي تعميل ڏانهن سڏي ٿو ۽ پادري مذهب جي پيرويءَ ڏانهن سڏي ٿو ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ جسم فنا ٿي وڃي ٿو.

لبنان جو وارياسو علائقو جيڪو سج جي روشنيءَ جي

لحاظ کان تہ امير آهي پر نور معرفت جي لحاظ کان محتاج آهي. اُتي خانداني شـريف زادا ۽ پادري ان ڪمزور ۽ مفلس شخص خلاف گڏ ٿي ويا آهن، جيڪو بني پوکي ۽ لٽي ٿو. فقط ان لاءِ تہ پنهنجي ڏبري جسم کي تلوار جي لعنت کان بچائي سگهن.

لبنان جا موروثي شريف زادا پنهنجي حويلين جي درن تي بيهي وڏي سڏ لبنان جي رهاڪن کي چون ٿا، ”سلطان اسان کي توهان جي جسمن جو حاڪم بڻايو آهي.“ ۽ پادري قربان گاهہ جي سامهون بيهي چوي ٿو، ”الله مون کي توهان جي روحن جو سرپرست مقرر ڪيو آهي.“

لبنان جا رهواسي خاموش رهيا آهن، ڇو تہ جنهن دل جي مٿان مٽيءَ جا تهہ جميل هوندا آهن سا ڳُتي نٿي سگهي. مردا ڪڏهن بہ روح راڙو نہ ڪندا آهن. شيخ عباس هن ڳوٺ جو حاڪم ۽امير هو، هن کي ديول جي پادرين سان محبت هئي ۽ هو انهن جي مدي خارج رسمن ۽ رواجن جي حفاظت ڪندو هو، ان جي بدلي پادري هن جي ٻنين ۽ باغن جي سنڀاليندڙن ۾ اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو جذبو پيدا ڪرڻ ۾ هن جو ساٿ ڏيندو هو.

ان ڏينهن شام جو جڏهن خليل ۽ مريم محبت جي مندر جي ويجهو پهچي چڪا هئا ۽ راحيلہ هنن ڏانهن محبت ڀرين نظرن سان نهاري رهي هئي. بلڪل ان مهل ڳوٺ جو پادري الياس سهڪندو شيخ عباس جي حويليءَ ۾ پهتو ۽ هن کي اطلاع ڏنائين تہ نيڪ سيرت راهبن هڪ باغي ۽ دهريي نوجوان کي ديول مان ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ اهو ملحد گذريل ٻن ڏينهن

ڪان هن ڳوٺ ۾ موجود آهي ۽ هو هن مهل شمعان جي وڏوا راحيل جي گهر موجود آهي.

پادري الياس، شيخ عباس کي اهاخبر ٻڌائي بس ڪانه ڪئي پر تاڪيد ڪيائينس ته، ”اهو شيطان جنهن کي ديول مان ڪڍيو ويو آهي سو هن ڳوٺ ۾ رهي فرشتو ٿي نٿو سگهي، انجير جو وڻ جنهن کي باغائي وڍي باهه ۾ وجهي ڇڏي ته اهو باهه ۾ هوندي ميوو نٿو ڏيئي سگهي. ان لاءِ اسين جيڪڏهن چاهيون ٿا ته هي ڳوٺ خطرناڪ وبائن ۽ الاهي آفتن کان محفوظ رهي ته اسان جو فرض آهي ته هن جوان کي ايئن پنهنجن گهرن ۽ باغن مان ڌڪي ڪڍون جيئن پادرين هن کي ديول مان ڌڪي ڪڍيو آهي.“

شيخ عباس عجب مان پڇيو:

”اوهان ڪيئن سمجهيو ته هي جوان ڳوٺ ۾ خطرناڪ وبا وانگر رهندو! ڇا ايئن نٿو ٿي سگهي ته اسان هن کي باغن جو مالي ۽ مال جو دراڙ مقرر ڪيون. اسان کي هن وقت ڪَمي جي سخت گهرج آهي، ان لاءِ جيڪڏهن هڪ سخت جان نوجوان اسان کي هٿ چڙهي ته اسان کي وڏي خوشيءَ سان ان کي رکڻ کپي ايئن نه ته هن کي ڌڪي ڪڍون.“

پادريءَ کلندي چيو، ”نه.....“

هن جي کل ۾ نانگ جهڙي ڦوڪار هئي. هن پنهنجي ڊگهي سفيد ڏاڙهي تي هٿ ڦيريندي چيو، ”جيڪڏهن هي نوجوان ان ڪم لاءِ مناسب هجي ها ته پادري هن کي ڇو ڌڪي ڪڍن ها، جڏهن ته ديول جون زمينون وسيع آهن ۽ چوپايو مال جام آهي. ڪالهه ديول مان هڪ شخص آيو هو جيڪو رات مون وٽ ٽڪيو هو، تنهن مون کي ٻُڌايو ته هي

نوجوان پادرين جي سامهون ڪفر جا ڪلمہ چوندو هو ۽ ان انقلابي لهجي ۾ چوندو هو جنهن ۾ جهالت ۽ غلاميءَ جي وڏي مخالفت ڪئي وجي ٿي، هن ڪئين دفعا پادرين جي وچ ۾ ٻيهي چيو، ”اڇو! ديول جون زمينون، باغ ۽ سمورو مال متاع ڳوٺ جي غريبن ۾ ورهائي ڇڏيون ۽ دنيا جي مختلف حصن ۾ ٽڙي پکڙي وڃون، چاڪاڻ تہ پرچار ڪرڻ هن نماز ۽ عبادت کان پلو ڪم آهي. ان شخص مون کي اهو ٻہ ٻڌايو تہ هن کي ڦٽڪن ۽ قيد جي سزا بہ انهن خيالن جي پرچار کان باز رکي نہ سگهي ۽ شيطان برابر هن جي دل ۽ دماغ تي حاوي رهيو.“

شيخ عباس هڪدم اُٿي ڪڙو ٿيو ان چيتي وانگر جيڪو حملي کان اڳ ٻہ چار قدم پوئتي هٽي چست ٻڌندو آهي، ٿوري دير خاموش رهي پوءِ ڏند ڪرٽيندو ڪاوڙ منجهان ڪنبندو دروازي ڏانهن وڌيو ۽ نوڪرن کي سڏڻ لڳو. جهٽ پٽ ٿي خادم حاضر ٿي ويا ۽ هن جي سامهون ڪنڌ نوائي حڪم جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳا. شيخ عباس گجگوڙ ڪندي چيو، ”واڏوا راحيلہ وٽ پادرين جي لباس ۾ هڪ نوجوان ٽڪيل آهي، اوهين وڃو هينئر جو هينئر ان کي جهلي منهنجي سامهون پيش ڪيو، جيڪڏهن راحيلہ رنڊڪ بڻجي تہ ان کي چوٽيءَ مان جهلي برف تي گهيري وٺي اچجو، جيئن باغيءَ سان گڏ باغيءَ کي پناهہ ڏيندڙ کي بہ سيکت ڏجي.“

خادم ڪنڌ نوائي پنهنجي آقا جي حڪم جي پوئيواري لاءِ روانا ٿيا ۽ شيخ عباس ۽ پادري الياس اُٿي ويهي باغي نوجوان ۽ راحيلہ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪندا رهيا تہ انهن کي ڪهڙي سزا ڏجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[6]

ڏينهن گم ٿي ويو، رات برف جي چادر اوڍي انهن جهوپڙين تي پکڙجي رهي هئي. ان ٽڏي ۽ اونداهي فضا ۾ تارا اهڙي طرح ظاهر ٿيا جهڙي طرح موت ۽ زندگيءَ جي تڪليف جو پردو بقا جي آرزو دل ۾ رکي ظاهر ٿئي ٿو، هاري پنهنجي گهرن جون دريون دروازا بند ڪري باهه جي چوڌاري مڙي ويٺا، رات جو انڌيرو انهن کان بي پرواهه ٿي انهن جي گهرن جي چوڌاري چڪر لڳائي رهيو هو، ان مهل جڏهن راحيله، ڏيٽس ۽ خليل تپائيءَ جي چوڌاري ويٺا رات جي ماني کائي رهيا هئا، دروازي جو ڪڙو کڙڪيو ۽ شيخ عباس جا نوڪر اندر داخل ٿيا، راحيله حيران ٿي انهن ڏانهن ڏٺو ۽ مريم پوائتي نظرن سان هنن ڏانهن ڏسڻ لڳي پر خليل خاموش ويٺو رهيو، جڻ هن جو بزرگ روح انهن ماڻهن جي اچڻ جو اڳ ۾ اطلاع پائي هوشيار ٿي چڪو هو. انهن مان هڪ نوڪر اڳيان وڌيو ۽ ڏاڍي بيدرديءَ سان هن جي ڪلهي تي هٿ رکندي کهري لهجي پڇيو، ”چا تون اهوئي آهين جنهن کي ديول مان ڪڍيو ويو آهي.“

خليل ڏاڍي اطمينان سان ورندي ڏني، ”ها! آءٌ ئي آهيان ٻڌائي چا ڳالهه آهي؟“

ان تي خادم چيو، ”اسين توکي گرفتار ڪري شيخ

عباس جي خدمت ۾ پيش ڪرڻ ٿا چاهيون، جيڪڏهن تو ڪابہ حرڪت ڪئي تہ اسين توکي ڪُتل رڍ وانگر برف تي گهيلي وٺي هلنداسين.“

اهو ٻڌي راحيلہ هڪدم اُٿي ڪري ٿي، هن جو چهرو هئڊو ٿي ويو، نرڙ تي گهنج پئجي ويس ۽ ڪنبندڙ آواز ۾ پڇيائين، ”هن اهڙو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي جو اوهان هن کي شيخ عباس جي سامهون پيش ڪرڻ ٿا چاهيو؟“ گهڙي کن ترسي وري مريم چوڻ لڳي، ”هي اڪيلو آهي ۽ اوهين پاڻ ۾ ٽي آهيو ان لاءِ توهان جو هن کي ذليل ڪرڻ ۽ ڪليف پهچائڻ ۾ هڪبئي جو ساٿ ڏيڻ بلڪل ياڙيائپ آهي.“

خادم جو منهن ڪاوڙ مان تپي ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هن سختيءَ سان چيو، ”چا! هن ڳوٺ ۾ ڪا اهڙي عورت بہ آهي جيڪا شيخ عباس جي حڪم جي پوئيواري نہ ڪري.“ اهو چئي هن ڪيسي ۾ هٿ وڌو ۽ هڪ رسي ڪڍي خليل جون ٻانهون ٻَڌڻ لاءِ اڳيان وڌيو، نوجوان بيٺو رهيو، هن جو چهرو ڪنهن بہ تاثر کان خالي هو، هن جو ڪنڌ مٿي ڪنيل هو، هن خادمن ڏانهن ڏيان سان ڏسندي چيو، ”ياڻرو! مون کي اوهان سان همدردي آهي، ان لاءِ تہ توهان هڪ ڪمزور اکين واري جي هٿ ۾ طاقتور پر انڌا اوزار آهيو، هو توهان تي ظلم ڪري ٿو ۽ توهان جي ٻانهن جي سگهہ سان هيٺن کي مارائي ٿو، توهين جهالت جا غلام آهيو ۽ جهالت شيديءَ جي منهن کان بہ ڪاري ۽ سپني شين کان وڌيڪ ڪنور دل ۽ فرمانبردار آهي. ڪلهہ سوڌي آءُ بہ اوهان جهڙو هئس ۽ سپائي تائين اوهين بہ مون جهڙا ٿي ويندا، پر هن وقت منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ اونهو ۽ پوائتو غار آهي، جيڪو منهنجي آواز کي اوهان سودي پهچڻ نٿو ڏي ۽ اڌ ۾ ئي جذب ڪري رهيو آهي ۽ اوهان تي منهنجي حقيقت ظاهر ٿيڻ نٿو ڏي، اهوئي ڪارڻ آهي جو اوهين سُٺي نٿا سگهو، نـ ڏسي ٿا سگهو. اچو! آءٌ حاضر آهيان منهنجون ٻانهون ٻڌو ۽ جيڪو توهان کي وڻي سو مون سان سلوڪ ڪريو."

ايندڙن اهو ٻڌو ۽ انهن جون اکيون ڪليل ئي رهجي ويون هن جي جسمن ۾ هڪ عجيب حرڪت پيدا ٿي ۽ هو ڪن پل لاءِ پنڊ پهڻ ٿي نوجوان کي حيرت ۽ ڏيان سان ڏسندا رهيا. جڻ هن جي اواز جي ميناج هنن جي جسمن جي حرڪت کسي ورتي هجي ۽ هنن جي بلند خيالن کي سجاڳ ڪري ڇڏيو هجي جيڪي هنن جي دلين جي گهراين ۾ ستا پيا هئا پر هو ڇرڪجي پيا جڻ شيخ عباس جو آواز هنن جي ڪنن ۾ گونجڻ لڳو هجي ۽ پنهنجو فرض ياد ڏياري رهيو هجي، جيڪو ڪين سونپيو ويو هو، سو هو اڳيان وڌيا ۽ نوجوان جون ٻانهون ٻڌي ڪيس وٺي خاموشيءَ سان گهر مان نڪتا، ڪين ايئن محسوس ٿيو هو تـ هنن جي دل جي هر حصي مان ڪنهن ڇاتل شئي جو آواز اچي رهيو هجي. راحيلـ ۽ مريم بـ هنن جي پويان هلڻ لڳيون، هو خليل جي پويان شيخ عباس جي گهر ڏانهن ايئن وڃي رهيون هيون، جيئن بيت المقدس جون ڇوڪريون مسيح ناصريءَ جي پويان پويان هيون.

[7]

عام طور تي ڳالهہ پلي ڪيتري بہ ننڍي ڇو نہ هجي پر جيتريقدر ڳوٺ جو تعلق آهي تہ اها اُتي ڏاڍي تيزيءَ سان پکڙجي ٿي. ۽ ڳالهہ مان ڳالهوڙو بنجيو وڃي. جنهن جو ڪارڻ هي آهي تہ غريب هاري زندگيءَ جي گڏيل شغلن کان لڳاتار پري رهن ٿا ۽ اها دوري نت نين ڳالهين ۽ واقعن جي تحقيق ۽ ڳولا ۾ رڌل رکي ٿي، جيڪي سندن پرپاسي ۾ رونما ٿين ٿا. سياري جي منڊ ۾ جڏهن پنيون ۽ باغ برف جا ڪمبل اوڍيو اگهور ننڊ ۾ ستل هوندا آهن ۽ ڪنبندڙ پوائتي زندگي آتشدانن جي آسپاس پتڪندي رهندي آهي ۽ ڳوناٺن ۾ نين خبرن جي ڳولا جو شوق ۽ جستجو اجا بہ وڌي ويندو آهي تہ جيئن خالي خولي خبرن جي ناٿرن کان پوائتيون ۽ سرد راتيون انهن تي تبصرو ڪرڻ ۾ گذري وڃن.

سو اجا شيخ عباس جي ماڻهن خليل کي گرفتار ئي مس ڪيو تہ اها خبر ڳوٺ ۾ باهہ وانگر پکڙجي ويئي ۽ ڳوناٺن کي وڏيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو شوق ڏياري ويئي. هو پنهنجن گهرن مان نڪري منتشر فوج وانگر چئني طرفن کان ڊڪندا اچڻ لڳا. گرفتار ٿيل نوجوان اجان شيخ عباس جي محل ۾ پهتو ئي ڪونہ هو، ان کان اڳ هن جو شاندار ۽ ويڪرو ديوان خانو مردن، عورتن، ٻڌن ۽ ٻارن سان ڀرجي ويو. تماشائي

شوق ۽ اوسيئڙي ۾ بار بار اوڏانهن نهارڻ لڳا ٿي. جتان قيدي نوجوان اچڻو هو ۽ هن جي بار بار نهارڻ مان اهو ثابت پيو ٿيو تہ هو ديول مان ڪڍيل نوجوان کي هڪ نظر ڏسڻ لاءِ ڪيترا نہ آتا هئا ۽ واڌوا راحيلہ ۽ ڊيٽس کي بہ جن خبيث روحن ڳوڻن جي فضا کي جهنمي بيمارين سان پرڻ لاءِ هن نوجوان جو ساٿ ڏنو هو.

شيخ عباس هڪ مٿاهين ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽ هن جي پر ۾ پيل ڪرسيءَ تي پادري الياس پير رکي ويٺو هو. هاري ۽ خادم ادب مان اُٿي بيٺا. هن جون اکيون پانهون پڌل نوجوان تي ڄميل هيون. جيڪو انهن جي وچ ۾ ايئن ڪر ڪنيو بيٺو هو جيئن ماترين جي وچ ۾ مٿاهيون تڪريون. راحيلہ ۽ مريم هن جي پويان بيٺيون هيون. خوف هن جي دلين تي طاري هو ۽ مائٽهن جون بي رحم نگاهون هنن جي روحن کي ڪچلي رهيون هيون. پر پوءِ ان عورت جي جذبن تي ڪهڙو اثر ڪري سگهي ٿو. جيڪا حق کي ڏسي ان جي پويان لڳي هجي ۽ بي رحم نظرون ان حسينہ جي دل تي ڪهڙو اثر ڪري سگهن ٿيون، جنهن محبت جو آواز ٻڌو ۽ سجاڳ ٿي ويئي.

شيخ عباس نوجوان ڏانهن گهوري ڏٺو ۽ ڪڙڪيدار آواز ۾ پڇيائين:

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

هن وراڻيو. ”خليل....“

شيخ عباس سوال ڪيو.

”تنهنجا مت مائٽ ڪهڙا آهن ۽ تنهنجو وطن ڪهڙو آهي؟

خليل هارين ڏانهن ڏٺو جيڪي هن کي نفرت ۽ حقارت

سان ڏسي رهيا هئا ۽ چيائين، ”هي مظلوم، مسڪين منهنجا مٽ مائٽ آهن ۽ هي وڏو ۽ ويڪرو ملڪ منهنجو وطن آهي.“

شيخ عباس ٽوڪ هڻندي چيس، ”جن ماڻهن کي تون پاڻ ڏانهن منسوب ٿو ڪرين، اهي توکي سزا ڏيارڻ ٿا چاهين ۽ جنهن ملڪ کي تون پنهنجو ديس ٿو چوين اهو توکي پنهنجو رهاڪو مڃڻ کان انڪار ٿو ڪري.“

نوجوان بي چين ٿي ورندي ڏني، ”جاهل قومون پنهنجي سپوتن کي جهلي ظالمن جي حوالي ڪنديون آهن ۽ نفرت ۽ حقارت سان پريل ملڪ پنهنجي مخلص ۽ عاشقن کي ظلم ۽ ستم جو نشانو بنائيندو آهي، پر ڇا نيڪ نينگر پنهنجي ماءُ کي ڇڏي ڏي، جڏهن هوءَ بيمار هجي، مهربان پاءُ پنهنجي پاءُ کي ڇڏي ڏي جڏهن هو بيروزگار هجي، هنن غريبن جن اڄ منهنجون ٻانهون ٻڌي مون کي اوهان جي حوالي ڪيو آهي، هي هاري جن هھڙي ذلت آميز طريقي سان مون کي اوهان جي سامهون پيش ڪيو آهي، اهي ئي اوهان جي زمين ۾ ٻج پوکين ٿا ۽ اوهان جي قدمن ۾ پنهنجو خون وهائين ٿا ۽ هيءَ زمين جيڪا مون کي پنهنجو رهاڪو نٿي مڃي اهائي زمين آهي جيڪا بي ايمان ۽ لالچين کي ڳڙڪائي وڃي ٿي.“

شيخ عباس ٿهڪ ڏنو ڄڻ هن نوجوان جو روح ٿهڪ جي گهراين ۾ غرق ڪرڻ ٿي چاهيو. ڄڻ ابوجهه تماشائين جي روحن سوڌي پهچڻ کان روڪي رهيو هجي. هن چيو، ”بدبخت! ڇا تون ديول جي مال جو ڌراڙ ڪونه هئين؟... تہ پوءِ تون پنهنجي رعيت کي ڇو ڇڏيو ۽ ديول مان ڇو ڪڍيو وين، ڇا تون سمجهين ٿو تہ قوم نيڪدل پادرين جي مقابلي ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توسان گهٽي همدردي ڪندي؟“

خليل ورندي ڏني، ”آءٌ ڏراڙ هئس. ڪاسائي ته نه هئس، آءٌ مال کي سرسبز ميدانن ۽ چراگاهن ۾ وٺي ويندو هئس، نه ڪي سڪل ٺوٺ ٽڪرين تي، انهن کي صاف شفاف ۽ مٺن چشمن جو پاڻي پياريندو هئس نه ڪي ڪنو ۽ خراب پاڻي پياريندو هئس، آءٌ شام جو انهن کي وٿاڻن ۾ هڪلي ايندو هئس نه ڪي خونخوار جانورن جو شڪار ٿيڻ لاءِ ماٿرين ۾ ڇڏي ايندو هئس. آءٌ حيوانن سان اهو سلوڪ ڪندو هئس ۽ تون به جيڪڏهن هنن ڳوٺ رڍن جي ڌڻ سان مون جهڙو سلوڪ ڪرينءَ ها ته تون ڪر هن عاليشان محل ۾ ڪونه رهين ها ۽ هنن کي ننڍڙين ۽ اونداهين جهوپڙين ۾ بک کان تڙپي تڙپي مرڻ لاءِ نه ڇڏينءَ ها؟ جيڪڏهن تون الله جي مايوس ۽ نامراد بندن تي اهڙي طرح رحم کائين ها جهڙي طرح آءٌ ديول جي مال تي کائيندو هئس ته تون هينئر نرم گاديلن واري تخت تي ويٺل نه هجين ها ۽ هي ماڻهو تنهنجي سامهون ايئن چو بيٺل هجن ها جيئن سخت هوا ۽ طوفان جي سامهون وڻ جون ٽاريون!“

شيخ عباس ڪاوڙ مان تپي ڳاڙهو ٿي ويو هن جي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا چمڪڻ لڳا ۽ هن جي ڪل ڪاوڙ ۾ بدلجي ويئي، پر هن پنهنجو پاڻ کي قابو ڪيو ته متان هن جو خوف ۽ پريشاني حاضرين تي ظاهر نه ٿي وڃي، ان لاءِ هن هٿ جو اشارو ڪندي چيو:

”بي ايمان! اسان توکي ان لاءِ گرفتار نه ڪرايو آهي ته هتي تنهنجي بڪواس ٻڌون، پر ان لاءِ گهرايو آهي ته هڪ

ڏوهاريءَ جي حيثيت ۾ توکي سزا ڏيئي سگهجي، توکي خبر هئڻ گهرجي تہ تون هن مهل ڳوٺ جي سردار جي سامهون بيٺو آهين جيڪو امير امين شهابيءَ[1] جو نمائندو آهي، پادري الياس جي سامهون بيٺو آهين جيڪو ان مقدس ڪليسا جو نمائندو آهي، جنهن کان تو بغاوت ڪئي آهي. ان لاءِ تو تي اهو واجب آهي تہ تون انهن الزامن جي ترديد ڪر جيڪي توتي لڳايا ويا آهن يا ندامت جو اظهار ڪر ۽ ان سان گڏ اسان کان پڻ معافي گهر ۽ هن ميڙ جي سامهون ڪنڌ جهڪائي ڇڏ، جيڪو توتي ڪلي رهيو آهي تہ اسين توکي معاف ڪري ڇڏيون ۽ ديول وانگر مال جو ڌراڙ مقرر ڪريون!"

نوجوان نهايت مطمئن ۽ باوقار لهجي ۾ جواب ڏنو، "هڪ ڏوهاريءَ جو فيصلو ٻيو ڏوهاري نٿو ڪري سگهي، بدمعاش، بدمعاش جي سامهون الزامن جي ترديد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي نٿو سگهي جيڪي هن تي لڳايا ويا آهن." اهو چئي هن ماڻهن جي اُن ميڙ ڏانهن ڏٺو، جيڪي ديوان خاني ۾ گڏ ٿيا هئا ۽ هن وڏي آواز ۾ هنن کي مخاطب ٿيندي چيو، "پائرو! اوهان جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ هن شيخ کي زمينن جو مالڪ بڻائي ڇڏيو آهي، هن مون کي ان لاءِ گرفتار ڪرايو آهي تہ جيئن توهان جي سامهون هن ديوان خاني ۾ پنهنجو فيصلو ڪري، جيڪو اوهان جي ابن ڏاڏن جي هڏين تي جوڙايو ويو آهي ۽ اهو شخص جنهن کي اوهان جي ايمان جي جذبي ديول جو پادري بڻايو آهي، سو مون کي تڪليف پهچائڻ ۽ ذليل ڪرڻ ۾ هن جو ساٿ ڏيڻ آيو آهي، پر اوهان؟.... اوهين

1. امير امين شهابي، سلطان بشير شهابيءَ جو پٽ جيڪو پنهنجي پيءُ جي وفات کان پوءِ لبنان جو حاڪم ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئني طرفن کان دوڙندا هتي آيا آهيو، جيئن مون کي تڪليف ۾ مبتلا ڏسي سگهو ۽ رحم جون فريادون ڪندي ٻڌي سگهو، توهان گرم آتشدانن جي قربت کي ڇڏي ڏئو ان لاءِ ته پنهنجي پاءُ کي رسين ۾ ٻڌل ڏسي سگهو. توهان دوڙندا آيا آهيو جيئن درندن جي چار ۾ قاتل تڪليف کان پڪاريندڙ شڪار کي ڏسي لطف اندوز ٿيو. توهان ان لاءِ دوڙندا آيا آهيو جيئن باغي ڏوهاريءَ کي حاڪمن جي سامهون بيٺل ڏسي سگهو. ڏسو! آءٌ آهيان اهو ڏوهاري، آءٌ آهيان. اهو باغي جنهن کي ديول مان ڪڍيو ويو آهي ۽ هڪ طوفان اُٿاڻي اوهان جي ڳوٺ ۾ ڦٽو ڪيو آهي. ڏسو آءٌ آهيان اهو بدمعاش. منهنجي پڪار ٻڌو! ۽ مون سان همدردي نه پر انصاف ڪريو. ان لاءِ ته همدردي صرف هيٺن ڏوهارين لاءِ جائز آهي، پر انصاف اها شئي آهي جنهن جو طالب هر بي گناهه هوندو آهي. آءٌ توهان کي پنهنجو قاضي مقرر ڪريان ٿو، ان لاءِ ته قوم جو ارادو هوندو آهي. پنهنجي دلين کي سجاڳ ڪريو ۽ منهنجي ڳالهه ڌيان ڏري ٻڌو ۽ پنهنجي ضمير جي روشنيءَ ۾ منهنجو فيصلو ڪريو. توهان کي چيو ويو آهي ته آءٌ سرڪش ۽ باغي آهيان، پر اوهان کي اها پروڙ ڪانهي ته منهنجو ڏوهه ڪهڙو آهي، پر منهنجي ڏوهه کان اجا سوڌي توهان جا ڪن واقف ڪونه ٿيا آهن. ان لاءِ ته هن ملڪ ۾ ڏوهه ۽ گناهه جي حقيقت ڪوهيڙي ۾ لڪيل آهي، پر سزا ماڻهن ۾ اهڙي طرح ظاهر ٿئي ٿي جيئن رات جي اونده ۾ وڄ جو چمڪو.“

”پائرو! منهنجو ڏوهه اهو آهي ته مون کي اوهان جي بدبختي ۽ غلاميءَ جو احساس آهي. ڀينرون! منهنجو گناهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان ۽ اوهان جي ٻچن سان همدردي آهي، جيڪي اوهان جي سيني سان چهٽي موت جي ڪوڙاڻ چوسين ٿا. آءٌ بہ اوهان مان آهيان، منهنجا ابا ڏاڏا بہ انهن ئي ماترين ۾ پلجي وڏا ٿيا هئا. آءٌ بہ ان خدا تي ايمان رکان ٿو، جيڪو توهان جي ڏکويل روحن جي پڪار ٻڌي ٿو ۽ توهان جي ڌڙڪندڙ دلين کي ڏسي ٿو ۽ آءٌ بہ ان ڪتاب تي يقين رکان ٿو جنهن مون کي ۽ توهان کي ڀاءُ بنايو آهي. آءٌ ان تعليم تي بہ ايمان رکان ٿو جنهن مون کي ۽ توهان کي انسان جي بندگيءَ مان آزاد ڪرائي هن زمين تي ڪڙو ڪيو آهي، جيڪو ذات خداونديءَ جو وڏو ڪارنامو آهي. آءٌ ديول ۾ مال جو ڌراڙ هئس، پر منهنجي هيڪلائي، مانيٽو جهنگل، گونگن جانورن جي ساٿ جي باوجود بہ مون کي اڻ پوائتي حقيقت کان انڌو ڪونہ ڪيو. جنهن جي ڪري توهان هر وقت پريشانيءَ ۾ مبتلا رهو ٿا. مايوسيءَ جي ان پڪار ٻڌڻ لاءِ منهنجا ڪن اجا ٻوڙا نہ ٿيا آهن جيڪي جهوپڙين جي ڪنڊن ۽ بازيگرن مان اُٿن ٿا. مون پاڻ کي ديول ۾ ڏٺو ۽ توهان کي ٻنين ۾ رڍن جي ڌڻ وانگر، ايئن جيئن خونخوار بگهڙ جي پويان غار ڏانهن وڃي رهيون هجن، آءٌ وچ رستي ۾ بيهي مدد لاءِ پڪارڻ لڳس، هي ڏسو بگهڙ مون تي حملو ڪري مون کي گهائي ڇڏيو آهي ۽ پوءِ ڏاڍي مڪاريءَ کان ڪم وٺندي مون کي ڌڻ کان ڌار ڪري ڇڏيو تہ متان منهنجون پڪارون ٻڌي رڍن جو ڌڻ سجاڳ نہ ٿي پوي ۽ انهن جي دلين ۾ بغاوت جام اُڌما نہ پيدا ڪري ڇڏي ۽ پوءِ رڍن جي ڌڻ کي هيڏانهن هوڏانهن تيڙي پکيڙي رات جي انڌيري ۾ اُڇيو، بکيو ڇڏي ڏنائين.... مون ان حقيقت کي اوهان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون آٽڻ لاءِ قيد، بکون، اُجون ۽ ٻيون عقوبتون سٺيون آهن، توهان جون پڪارون جيڪي پولار ۾ پڙاڏو بڻجي گونجن ٿيون، انهن جي ڪري ٻيون به ڪيتريون ئي عقوبتون سٺيم، پر هيٺي نه ٻوليم ۽ نه ئي دلشڪستو ٿيس، ان لاءِ ته توهان جون فريادون مون سان همراهي هيون ۽ ورَ ورَ ڏيو منهنجي سگهه ڪي اُپاري مون ڪي منهنجي لاءِ وٽندڙ ٻٽائي رهيون هيون. اوهان هن وقت اهو سوچي رهيا هوندؤ ته اسان مان اهو ڪهڙو شخص آهي، جنهن وات کولڻ جي همت ڪئي آهي ۽ پنهنجي مظلوميءَ جي فرياد ڪئي آهي؟ پر آءٌ اوهان کي چوان ٿو ته اوهان جا روح هر روز مظلوميءَ جي عالم ۾ فرياد ڪندا رهن ٿا، پر اوهان پنهنجن روحن جي پڪار نٿا ٻڌو ۽ نه ئي پنهنجي دلين جي فريادن تي ڌيان ڌريو ٿا، مرڻ وارو پنهنجي سيني ۾ ٿيندڙ خرخراهٽ ڪونه ٻڌندو آهي، پر بستري جي ويجهو وينل ٻڌندا آهن. ڪُنل پکي تڪليف ڪارڻ ڦٿڪندو آهي، پر هوڪونه ڄاڻندو آهي. ڏسڻ وارا ڄاڻندا آهن.... ڏينهن جو اها ڪهڙي گهڙي آهي، جنهن ۾ توهان جا روح درد جي ڪري بي چين ٿي آهون نٿا ڀرين؟ ڇا پرهه ڦٽي مهل اوهان جي دلين ۾ جيئري رهڻ جا اُڌما پيدا ڪونه ٿيندا آهن، توهان جي اکين تان ننڊ جا نقاب لاهي. ٻنين تي ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪونه ڪيو ويندو آهي؟ يا ٻنپهرن جو جڏهن اوهان وڻن جي ڇانوَ ۾ ويهڻ جي آس ڪندا آهيو، جيئن سج جي تکن تيرن کان پاڻ بچائي سگهو، پر بچائي نٿا سگهو، ڇا شام ٽاڻي جڏهن اوهان بک ۽ اُڃ سبب جهوپڙين ڏانهن ورندا آهيو، پر اُتي اوهان کي سڪل ديودي ۽ گندي پاڻيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به

نتو ملي يا رات جو سجي ڏينهن جي ٿڪاوٽ سبب پٽ تي ليٽو تا ۽ پاسا ورائيندي سمهي پئو تا، پر ننڊ اوهان جي نيڻن ۾ اچان واسو مس تي ڪري، تيسين اوهين خوفزده ٿي جاڳي پئو ٿا ۽ شيخ عباس جو آواز پنهنجن ڪنن ۾ گونجندو محسوس ڪريو ٿا. سال جو اهو ڪهڙو ڏينهن آهي جنهن ۾ اوهان جي دل مسرت سبب ماتم نٿي ڪري؟ ڇا بهار جڏهن فطرت جو نئون وڳو پائي ٿي ۽ اوهين قاتل تتل پراڻا ڪپڙا پائي، اُن کي ڏسڻ لاءِ ٻاهر نڪرو ٿا يا جڏهن اوهين لابارا ڪريو ٿا ۽ ڪرا، ٻنايون ڪري پنهنجي مالڪ جا گدام ان سان ڀريو ٿا ۽ پنهنجي سموري محنت جي بدلي اوهان کي گاهه ۽ تُهه کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نٿو ملي، ڇا خزان جي مند ۾ جڏهن اوهين ميوو گڏ ڪندا آهيو ۽ انگورن جو رس ڪڍو ٿا، پر اُن ۾ توهان جو ذري برابر به حصو نه هوندو هو، سواءِ پنن ۽ ٽارين جي، يا سيارو جڏهن پوري جوبن تي ايندو آهي، پارو وسندو آهي ۽ برف اوهان کي جهوپڙين ڏانهن ڀڄڻ تي مجبور ڪندي آهي، تڏهن اوهين ٻاهه جي ڀر ۾ ويهي ڏکن ۽ تڪليفن سبب ڪجهندا آهيو ۽ طوفان جي زور کان ڊڄندا آهيو. فقيرو! اها آهي اوهان جي زندگي. اهو انڌيرو اوهان جي روحن تي خيما کوڙيو ويٺو آهي! محتاجو! اهو آهي توهان جي ذلت ۽ بدبختيءَ جو عڪس. نامرادو! اها آهي مستقل جي دڪدائڪ فرياد جيڪا اوهان جي دلين مان نڪرندي ٻڌي اٿم ۽ سجاڳ ٿيو آهيان. اها پادرين جي خلاف منهنجي بغاوت آهي، انصاف جي نالي ۾ توهان جون تڪليفون سهڻ لاءِ اڪيلو آماده ٿي ويو آهيان، جنهن جي نتيجي ۾ پادرين مون کي ڌڪريو ۽ باغي

قرار ڏيئي، ديول مان ڪڏي ڇڏيو آهي، ۽ هتي ان لاءِ آيو آهيان جيئن اوهان سان گڏ زندگي گذاري توهان جي بدبختين ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيان ۽ پنهنجا لڙڪ توهان جي لڙڪن سان شامل ڪيان. پر ماڻهن منهنجون ٻانهون ٻڌي مون کي توهان جي ان طاقتور دشمن حوالي ڪري ڇڏيو آهي جيڪو اوهان جي خيرات تي پلجي ٿو. توهان جي دولت سان ڪيڏي شاهانه زندگي بسر ڪري ٿو ۽ توهان جي محنت جي اڻ کٽ خزاني مان پنهنجو پيٽ ڀري ٿو. ڇا اوهان ۾ اهي پوڙها ڪونهي جيڪي اوهان کي ٻڌائي سگهن ته اهي ٻنيون جيڪي توهان جا ابا ڏاڏا پوک پوکيندا ۽ لڻندا هئا. ان جي باوجود به اوهين ان جي پيداوار کان محروم آهيو. دراصل اهي ٻنيون اوهان جون ئي هيون، جيڪي شيخ جي پيءُ حرفت هلائي اوهان جي وڏڙن کان ڦريون هيون، جڏهن قانون تلوار جي نوڪ تي لکيل هو؟ ڇا اوهان اهو ڪونه ٻڌو آهي ته پادرين اهي باغ ۽ زمينون چالاڪي ڪري اوهان جي وڏڙن کان کسي ورتيون، جڏهن انهن جي چپن تي دين جون آيتون لکيل هيون؟ ڇا اوهان کي اها پروڙ ڪانهي ته مذهب جا ٺيڪيدار ۽ موروثي اميرزادا توهان کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ ۽ توهان جي دلين جو خون چوسڻ لاءِ هڪٻئي جي مدد ڪن ٿا؟ اوهان ۾ اهو ڪهڙو شخص آهي، جنهن جو ڪنڌ پادريءَ، زميندار اڳيان نه جهڪرايو هجي؟ توهان ۾ اها ڪهڙي عورت آهي جنهن کي زميندار دڙڪو داب ڪري پادريءَ جي چوڻ تي هلڻ لاءِ مجبور نه ڪيو هجي؟.... توهان ٻڌو هوندو ته الله انسان کي چيو هو، ”محنت ڪري کاڌو کائو.“ پر شيخ عباس اها ماني چو

ٿو ڪائي، جيڪا غريبن جي پگهر پورهئي مان پچي ٿي ۽ اهو شراب جو ٿو پيئي جنهن ۾ اوهان جا لڙڪ شامل آهن؟ ڇا خدا هن شخص کي ماءُ پيٽان وڏائي ۽ عظمت جو مرڪز بڻائي موڪليو آهي يا نامعلوم ڏوهن جي ڪارڻ توهان کان ناراض ٿي، اوهان کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي رکيو آهي، اوهين زمين جو سينو چيري ڦاڙي اَن اپايو ٿا. ماترين جا ڪنڊا لتاڙي پير زخمي ڪرايو ٿا. شاندار محل جوڙيو ٿا ۽ پوءِ به اوهين انهن ئي پڳل ٽٽل جهوپڙين ۾ رهو ٿا! اوهان ٻڌو هوندو ته مسيح ناصري پنهنجي ساٿين کي چيو هو ته، ”اوهان کي قدرت طرفان جيڪو ڪجهه مليو آهي، سو مفت مليو آهي ان ڪري اوهين به جيڪو ڪجهه ماڻهن کي ڏيو سو مفت ڏيو.“

”سون، چانديءَ جي صندوقن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ذليل نه ڪريو! ته پوءِ اها ڪهڙي تعليم آهي، جنهن پادرين لاءِ اهو جائز ڪري ڇڏيو آهي ته پنهنجون نمازون ۽ واعظ سون ۽ چانديءَ جي عيوض وڪڻن؟ توهان رات جي سانتيڪي ماحول ۾ دعائون گهرو ٿا ته، ”اي پالڻهار! اسان کي ڏوَ تي ماني ۽ زندگيءَ جون ٻيون ضرورتون عطا ڪر!“ ۽ پروردگار توهان کي هيءَ زمين عطا ڪئي، جيڪا اوهان لاءِ ئي ماني ۽ زندگيءَ جون ٻيون ضرورتون عطا ڪري ٿي. ڇا الله ديول جي پادرين کي قوت ان لاءِ ڏني آهي ته هو اوهان جي هٿن مان ماني کسي وٺن، توهان يهودا[1] تي لعنت وسايو ٿا، ان لاءِ ته هن چانديءَ جي ڪجهه سڪن جي عيوض پنهنجي دوست ۽ ساٿيءَ کي وڪڻي ڇڏيو. پر پوءِ اها ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن جي ڪري

1. يَهودا حضرت عيسيٰ عہ جو شاگرد هو. جنهن لالچ ۾ اچي حضرت عيسيٰ عہ کي گرفتار ڪرايو. (سنڌيڪار)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان انهن ماڻهن کي مبارڪون ٿا ڏيو، جيڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ هر روز اهوئي ڪمُ ڪن ٿا. بدبخت يهودا تہ پنهنجي غلطيءَ تي شرمسار ٿيو هو ۽ پاڻ کي گهٽو ڏيئي ختم ڪري ڇڏيائين، پر هي تہ ڍگهيون ۽ ويڪريون قبائون (جُبا) پهريو، ڪَر ڪنيو توهان سان هلندا وتن، توهان تہ پنهنجي ٻچن کي مسيح سان ساڙ ۽ حسد رکندڙن ۽ ان جي تعليم ۽ شريعت جي مخالفن جي سامهون پاڏائڻ چو ٿا سيکاريو؟ توهان کي خبر آهي تہ مسيح عہ جا سيئي قاصد تلوار جو ٻَک بڻجي ويا هئا يا سنگسار ڪيا ويا هئا. فقط ان لاءِ تہ اوهان ۾ موجود مقدس روح مري نہ وڃي. پر ڇا اوهين ڄاڻو ٿا تہ پادري ۽ راهب اوهان جي روحن کي روز قتل ڪن ٿا. ان لاءِ تہ توهان جي ذلت خيرات مان مزا ماڻين ۽ توهان جي روحن جي قيد ۽ بند جي اذيتن مان لطف اندوز ٿين.

"قسمت جا ستايلو! اها ڪهڙي شئي آهي، جيڪا اوهان کي ذلت ۽ حقارت سان پريل زندگيءَ جي فريب ۾ ڦاسائي ٿي ۽ ان پوائتي بُت جي سامهون سجدو ڪري ٿي، جنهن کي ڪوڙ، رياڪاريءَ توهان جي ابن ڏاڏن جي قبرن تي کوڙي ڇڏيو آهي، اها ڪهڙي مايا آهي، جنهن جي حفاظت اوهين اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جي وسيلي ڪريو ٿا. جيئن اها پنهنجي اولاد لاءِ ورثي ۾ ڇڏي وڃو."

اها ڪهڙي شئي آهي جنهن ڏانهن اوهان هي ڇئي اشارو ڪريو تہ "هي اسان جي آهي." اي ڪمزور غلامو! ڇا اوهان کي خبر آهي تہ انهن پادرين جا ڪرتوت ڪهڙا آهن، جن کان اوهين مرعوب آهيو، جن کي اوهين پنهنجي روحن جو مقدس

ترين امين بڻايو آهي؟ ٻُڌو آءٌ اوهان کي اُها ڳالهه ٻڌايان ٿو، جيڪا توهان محسوس تہ ڪريو ٿا، پر ان جو اظهار نٿا ڪري سگهو. اهي بي ايمان آهن جن کي عيسائي مقدس ڪتاب ڏين ٿا ۽ هو هڪ ڄار اُٿي ان جي مال ۽ ملڪيت جو شڪار ڪن ٿا. هو مڪار ۽ دغاباز آهن جن کي اهلِ ايمان صليب عطا ڪن ٿا ۽ هو (پادري) اُن کي تلوار جي نوڪ بڻائي هنن جي مٿن ڪان ڇڪي وني ٿو، هو ظالم آهن جن جي حوالي ڪمزور پنهنجون سِريون ڪن ٿا ۽ هو انهن کي رسين سان ٻڌي پنهنجي فولادي چنبن ۾ جڪڙي ونن ٿا ۽ ايستائين نٿا ڇڏين، جيستائين هو مٽيءَ جي ٿانون وانگر پيسجي دز ٿي هوا ۾ اُڏامي نٿا وڃن. اهو پوائتو بگهڙ جڏهن واڙي ۾ داخل ٿيندو آهي، تہ ڌنار کيس رڍ جو ٻچو سمجهي اطمينان سان سمهي پوندو آهي پر جڏهن رات جي اونده ڌينهن جي سهائيءَ تي غالب پوندي آهي تہ هو واڙ ۾ ٽپي پوندو آهي ۽ واري واري سان رڍون ماريندو ويندو آهي. هو پيٽ پالو ڪتو آهي جيڪو لذيذ طعامن جي عزت ديول جي قربان گاهن کان وڌيڪ ڪندو آهي، لوڀي آهي جيڪو دولت جي هوس ۾ جنن جي غارن تائين بہ پهچي ويندو آهي ۽ غلامن جو رت ايئن چوسيندو آهي، جيئن ريگستان برسات جي ڦڙن کي چوسي وٺندو آهي، ڪنجوس آهي، جيڪو پنهنجو نفس جي خواهشن جي پورائي ڪري ٿو ۽ اهي شيون ڦبائي ٿو، جن جي هن کي گهرج ڪانہ هوندي آهي. هو چور آهي جيڪو ديوارن جي سوراخن مان داخل ٿيندو آهي ۽ ايستائين نہ نڪرندو آهي، جيستائين ان گهر کي ڊاهيو نٿو وڃي. هو سنگدل ڌاڙيل آهي، جيڪو يتيم کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئسو ڦرڻ ۾ بہ هيڪ محسوس نتو ڪري. هو عجيب ۽ غريب آهي، جنهن جو وات ڳجهہ جهڙو، چنبا چيتي جهڙا، ڏند بگهڙ جهڙا ۽ ڦوڪار نانگ جهڙي آهي. اوهان هن کان ڪتاب ڪسي ونو. هن جا ڪپڙا ڦاڙي ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيو، هن جي ڏاڙهي پٽي ونو، جيئن ڪپيو تيئن ڪريوس ۽ پوءِ هن جي هٿ تي بس هڪ دينار رکندؤ تہ هو اوهان کي معاف ڪري ڇڏيندو ۽ هن جي چپن تي محبت جي مرڪ ڪيڏڻ لڳندي. توهان هن جي ڳلن تي چماتون هڻو، هن جي منهن تي ٿڪون هڻو، گلي مان جهلي ڌڪار ڏيوس، ناهوڪا ڪلا هڻوس ۽ تنهن کان پوءِ هن کي دسترخوان تي ويهاريو تہ هو سڀ ڪجهہ معاف ڪري ڇڏيندو، هن جو چهرو خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳندو ۽ هو توهان جي ماني کائڻ لاءِ ڪمربند ڍرو ڪري اچي ويهندو. توهان پلي هن جي معبود کي گهٽ وڌ چئو، هن جي عقيدت تي لعنت وجهو، هن جي ايمان تان ننوليون ڪريو ۽ پوءِ کيس هڪ دلو شراب جو يا هڪ پليٽ ميوي جي اُماڻي ڏيو تہ هو اڳوٽيون ڳالهيون وساري ڇڏيندو ۽ اوهان کي خدا جو نيڪ بندو قرار ڏيئي ڇڏيندو. هو عورت کي ڏسيو منهن ڦيريو ڇڏي ۽ بلند آواز ۾ چوي ٿو:

”مون کان هتي پري تي بيهہ بابل جي ڌي!“

پر دل ۾ چوي ٿو:

”ازدواجي زندگي تجربي کان بهتر آهي.“

هو نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي، پريم ۾ مست هٿڙو هٿ ۾ ڏيو هلندي ڏسي ٿو تہ آسمان ڏانهن منهن ڪري چوي ٿو، ”هي ٻاطلن جو باطل آهي..هن آسمان جي هيٺان هر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شئي باطل آهي.“ پر نويڪلائيءَ ۾ تڏا ساهه ڪٽندي چوندو آهي، ”خدا ڪري هي قانون فنا ٿي وڃن، هي ريتون رسمون برباد ٿي وڃن جيڪي مومن کي دنياوي خوشين کان پري رکن ٿيون ۽ زندگيءَ جون لذتون مون تي حرام ڪن ٿيون.“

هو ماڻهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

”توهان ڪنهن جا حاڪم نه ٿيو، متان اوهان کان ان جو بدلو نه ورتو وڃي پر پاڻ ڏاڍي بي رحميءَ سان فيصلا ڪندو آهي، جيڪا هن جي مڪاريءَ جي ڪڙي آهي ۽ هن جي روح کي جهنم ۾ موڪلي ٿو ان کان اڳ جو موت هن کي زندگيءَ کان محروم ڪري ڇڏي، هو هر هر آسمان ڏانهن هٿ اُڀا ڪري اوهان سان ڳالهائي ٿو، پر هن جا خيال نانگ وانگر اوهان جي چوطرف ڦرندا رهن ٿا. هو اوهان کي، ”منهنجا ٻچا، منهنجا پٽ.“ ڪري سڏي ٿو، پر شفقت کان صفا اڻ واقف هوندو آهي. هن جا چپ تڇ پياڪ پار لاءِ ڪڏهن به نه ٿا مرڪن ۽ هو ڪڏهن به ٻار کي پنهنجي گود ۾ نٿو کڻي. فقط ڪنڌ ڌوڻي، ڪوڙي مرڪ ڪلندي اوهان کي چوندو رهندو آهي ته، ”اسان کي ڪائنات جي هر شئي کان بلند هئڻ گهرجي، ڀوءِ ڀلي اسان جو جيون ڪوهيڙي وانگر فنا ٿي وڃي ۽ اسان جا ڏينهن راتين جي انڌيري وانگر گذري وڃن.“ پر جيڪڏهن توهان ڏيان سان ڏسندا ته هو اوهان کي گند جي ڪنهن ڍير وانگي بدبودار، ڪالهه جي گذري وڃڻ تي پڇتائڻ وارو، ڏينهن جي تيزيءَ منجهان بيزار، سپاٽيءَ جي اچڻ جي اوسيئڙي ۾ نظر ايندو. هو اوهان منجهان احسان جي اميد رکي ٿو، جڏهن ته هن وٽ گهڻي دولت آهي، جيڪڏهن اوهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي طلب پوري ڪندؤ تہ هو اوهان جي لاءِ رحمت ۽ برڪت جي دعا ڪندو ۽ جيڪڏهن تاري ويندؤ تہ دل ئي دل ۾ توهان تي لعنت وجهندو. ديول ۾ هو اوهان کي فقيرن ۽ محتاجن جي پرگهور لهڻ جي تلقين ڪري ٿو، جڏهن تہ هن جي گهر جي چوڌاري بکايل ريهون ڪندا تا رهن ۽ هن جي اکين جي سامهون مايوسين ۽ نامرادن جا هٿ ڦهلجندا رهن ٿا، پر هو نہ انهن ڏانهن نهاريندو آهي ۽ نہ ئي انهن جي ٻڌندو آهي، هو پنهنجون دعائون وڪڻندو آهي ۽ جيڪو انهن کي خريد نٿو ڪري ان کي هي خدا جو منڪر ۽ باغي قرار ڏي ٿو. هن جي خلاف جنت ۽ ان جي لذتن کان محروميءَ جون فتوائون جاري ڪري ٿو.

عيسائيو! هيءَ اها مخلوق آهي جيڪا اوهان کي ڏيجاري ٿي، فقيرو! هي اهي پادري آهن جيڪي اوهان جو رت چوسين ٿا، هي اهي شخص آهن جيڪي ڪابي هٿ سان صليب جو نشان ناهي ۽ ساڄي هٿ سان اوهان جي دلين کي نپوڙين ٿا، هي اُهي آهن جن کي اوهان خذمت لاءِ مقرر ڪريو ٿا، پر هو آقا بنجي وجن ٿا، اوهان ڪيس مقدس پادري بڻايو ٿا پر هو شيطان جي صورت اختيار ڪريو ونن. جنهن کي اوهان عزت جو اُچو مرتبو بخشيو ٿا، پر هو هيچي ۽ لالچي بنجيو وجن، هي اهوئي پاڇو آهي جيڪو هن جهان ۾ اڄڻ کان وني ابديت تائين اوهان جي پويان لڳو وتي، هي اهو شخص آهي جيڪو اڄ مون کي سزا ڏيڻ ۽ خوار ڪرڻ آيو آهي، ان ڏوهہ ۾ تہ منهنجي روح مسيح ناصري جي دشمن خلاف بغاوت ڪئي آهي، جيڪو اوهان سان محبت ڪري ٿو، جيڪو اوهان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو ياءُ سڏي ٿو ۽ اوهان جي خوشيءَ کاڻ مرڪندي سوريءَ چڙهيو.“

قيدي جوان جو منهن ٻهڪڻ لڳو. هن محسوس ڪيو ته ٻڌندڙن جي دلين ۾ روحاني سجاڳي ڪرَ موڙي رهي آهي، جڏهن هن ڏٺو ته ٻڌڻ وارن جي چهرن تي سندس تقرير جو اثر ظاهر ٿيو آهي. هن جو آواز ڀهرينءَ کان بلند ٿي ويو ۽ هن ڪلام جو سلسلو جاري رکندي چيو:

”ڀائرو! اوهان ٻڌو هوندو ته امير امين شهابيءَ شيخ عباس کي هن ڳوٺ جو سردار مقرر ڪيو آهي ۽ اوهان کي اها به سڌ هوندي ته هن ملڪ جي بادشاهه، امير امين شهابيءَ کي هن ڪوهستاني علائقي جو حاڪم مقرر ڪيو آهي، پر ڇا اوهان ان قوت بابت ڪجهه ٻڌو يا ڏٺو آهي جنهن شهنشاهه کي هن ملڪ جو والي بنايو؟ اوهان ان غيبي قوت کي نٿا ڏسي سگهو ۽ نه ئي ان سان ڳالهائي سگهو ٿا، پر پنهنجي روح جي گهرائين ۾ ان جي وجود کي محسوس ڪريو ٿا. نهايت انڪساري سان ان جي سامهون سجدو ڪريو ٿا ۽ اهو چئي ڪيس سڏيو ٿا، ”اسان جو پيءُ جيڪو آسمان ۾ آهي!!“ ها اهوئي توهان جو آسماني پيءُ، جيڪو شهنشاهه ۽ اميرن کي مقرر ڪري ٿو، هو هر شيءِ تي قادر آهي، پر ڇا اوهان جو عقيدو اهو آهي ته اوهان جو پيءُ جيڪو اوهان سان محبت ڪري ٿو ۽ پنهنجي موڪليل پيغمبرن جي وسيلي اوهان کي حق ۽ سچائيءَ جي راهه ڏسي ٿو، سو چاهي ٿو ته اوهان مظلوم ۽ محڪوم بنجي جيئو؟ ڇا اوهان جو عقيدو اهو آهي ته خداوند پاڪ جيڪو ڪڪرن مان مينهن وسائي ٿو، اَن

اُپائي ٿو ۽ گل ۽ ميوا پيدا ڪري ٿو، سو اهو چاهيندو ته اوهان پيٽ بکيا ۽ انگ اگهاڙا هجو ته جيئن اوهان منجهان ڪو هڪ شخص غرور ۽ شان واري حياتي گذاري ۽ دنيا جي هر لذت مان مزو ماڻي؟ ڇا اوهان جو عقيدو اهو آهي ته سرمدي روح جيڪو زال سان محبت، اولاد سان پيار ۽ پابوهه توڙي ماڻٽن سان پيار ۽ نوڙت جو سلوڪ ڪرڻ سيکاري ٿو، سو اوهان تي هڪ بي رحم حاڪم مقرر ڪري، جيڪو اوهان تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪري ۽ اوهان جي ڏينهن توڙي راتين کي قيد ڪري وٺي؟ ڇا اوهان جو عقيدو اهو آهي ته شروعاتي مشهوري جيڪا نور حيات کي اوهان وٽ محبوب بنائي ٿي، اوهان کي هڪ اهڙي عطيي سان نوازي ٿي جيڪو موت جي انڌيري کي اوهان لاءِ وٽندڙ بڻائي ٿو؟ ڇا اوهان جو عقيدو اهو آهي ته فطرت اوهان جي جسمن ۾ جيڪا سگهه سمائي آهي، اها ان لاءِ آهي ته اوهين ڪمزوريءَ جي سامهون ڪيس خوار ڪريو؟ نه! اوهان انهن شين تي اعتقاد نٿا رکو، ڇو ته جيڪڏهن اوهان انهن تي اعتقاد رکيو ته خداوند انصاف جي پوئيواري ڪندو، جيڪو سڀني انسانن لاءِ آهي، ته پوءِ اها ڪهڙي شئي آهي، جنهن جي ڪري اوهان پنهنجي نفس جي خلاف بي ايمانن جو ساٿ ڏيو ٿا ۽ ان خداوندي حڪم کان ڇو ٿا ڊڄو، جنهن اوهان کي هن جهان ۾ آزاد ڪري موڪليو آهي؟ پوءِ اوهان غلاميءَ جو طوق پنهنجي ڳچيءَ ۾ ڇا لاءِ ٿا وجهو؟ اوهان ڪهڙي طرح خداوند قهار ڏانهن نگاهه ڪري ڪيس پيءُ چئي پڪاريو ٿا ۽ هيٺن انسانن اڳيان ڪنڌ جهڪائي ڪيس پنهنجو معبود تسليم ڪريو ٿا. خدا جا پٽ، انساني غلاميءَ تي ڪيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راضي رهي سگهن ٿا؟ ڇا اوهان کي مسيح پنهنجو ٻاءُ ڪري نہ سڏيو آهي. پوءِ اوهين شيخ عباس کي پنهنجو آقا ڇو ٿا سڏيو، ڇا مسيح ناصري اوهان کي حق ۽ روح جي روشنيءَ ۾ آزاد ڪونہ ڪرايو آهي، پوءِ ڪو امير توهان کي ظلم ۽ فساد لاءِ ڪيئن غلام بنائي ٿو؟ ڇا مسيح ناصري اوهان جا ڪنڌ آسمان ڏانهن بُلند ڪونہ ڪيا هئا. پوءِ اوهان انهن کي زمين طرف ڇو ٿا جهڪايو؟ ڇا مسيح اوهان جي دلين ۾ جوت ڪونہ جلائي هئي پوءِ اوهان اونده اندڪار ۾ ڇو پيا جيئو؟

خداوند! اوهان کي پٽ ۽ ڌيئرون عطا ڪيون، جيئن اوهان انهن جي حق جي راهہ پاسي رهنمائي ڪريو، وجود جي گيتن سان انهن جا سينا لبريز ڪرايو ۽ اها زندگيءَ جي اها ميراث انهن لاءِ ڇڏي وڃو. پوءِ اوهان انهن کي زماني جي هٿن ۾ مردن وانگر ڇڏي، ديس ۾ پرديسي بنائي، ڪين دنيا سامهون بدبخت ۽ نامراد ڪري مرو ٿا. ڇا اهو پيءُ جيڪو پنهنجي آزاد پٽ لاءِ ميراث ۾ غلاميءَ ڇڏي ٿو، ان پيءُ وانگر ڪونهي جنهن کان پٽ ماني گهيو گهري تہ هو ان کي پٿر جو ٽڪر هٿ ۾ ڏئي؟ ڇا اوهان ڪونهي ڏٺو تہ باغن ۾ جهرڪيون ٻچن کي اڏامڻ سيکاريندريون آهن. پوءِ اوهان پنهنجي اولاد کي غلاميءَ جو طوق پائڻ جو سبق ڇو ٿا ڏيو؟ ڇا اوهان ڪونہ ڏٺو آهي تہ ماتريءَ جا گل پنهنجن ٻجن کي سج جي روشني حوالي ڪن ٿا، پوءِ اوهان پنهنجن ٻچن کي بات انڌيري حوالي ڇو ٿا ڪريو؟"

خليل گهڙي ڪن لاءِ خاموش ٿي ويو، ايئن پئي لڳو ڄڻ هن جي فڪر ۽ جذبن ۾ ايتري گهرائي پيدا ٿي ويئي هئي،

جنهن کي هو لفظن جو ويس ڍڪائي نٿي سگهيو. ٿوري دير کان پوءِ هوريان هوريان چوڻ لڳو:

”اها ڳالهه جيڪا هينئر اوهان مون کان ٻڌي آهي، اُن ئي ڳالهه جي ڪري پادري منهنجا دشمن ٿي پيا ۽ هنن مون کي ديول مان ڏڪي ڪڍيو ۽ اهو روح جنهن کي اوهان پنهنجي دلين ۾ ڪر موڙيندي محسوس ڪريو ٿا، اهوئي روح آهي جنهن منهنجون ٻانهون ٻڌي اوهان جي سامهون آڻي بيهاريو آهي، هاڻي جيڪڏهن اوهان جي ڳوٺ جي سردار يا ديول جي پادريءَ مون تي حملو ڪيو ۽ مون کي ماري وڌو تہ آءٌ ڏاڍي سڪون، شان ۽ مانَ سان مرندس. ان لاءِ تہ مون سچي سچائي اوهان اڳيان بيان ڪري ڇڏي آهي، اها سچائي جنهن کي ظالم ناقابل معافي ڏوهہ سمجهي ٿو ۽ بس مون پنهنجي پروردگار جي منشا پوري ڪري ڇڏي.“

خليل جي تقرير جاري هئي، هن جي بُلند آواز منجهہ هڪ طلسمي گيت جهڙو ميناج پريل هو، جنهن جي اثر ڪري ٻڌڻ وارن جي دلين ۾ بي چيني پيدا ٿي ويئي هئي. اُن غير معمولي واقعي وانگر، جيئن انڌي کي هڪدم ٻئي اکيون موٽي ملڻ تي خوشي ٿيندي آهي. ان جي ميناج عورتن توڙي مردن جون دليون ڪٽي ورتيون، ۽ هو جيڪي ڳوڙن هاڻين اکين سان بيٺا هن کي گهوري رهيا هئا، پر شيخ عباس ۽ پادري الياس گهٽي ڪاوڙ ڪارڻ ڏڪي رهيا هئا. ڪنڌن جي سيج تي ويٺا هر هر پاسو بدلائي رهيا هئا ۽ انهن ٻنهي چاهيو ٿي تہ نوجوان تقرير بند ڪري، پر اهو هنن جي وس کان ٻاهر هو ڇو تہ هو ميڙ کي ان آسماني سگهہ سان مخاطب ٿي رهيو هو، ۽ پنهنجي

ارادي تي پهاڙ وانگر پختو بيٺل هو.

جڏهن خليل ڳالهه پوري ڪئي ته پوءِ هو به چار قدم هٽي پويان ٿي بيٺو. فضا ۾ سانت ڇانيل هئي. ايئن پي لڳو ڄڻ هن جو روح جيڪو ويڪري ميدان ۾ ڦري رهيو هو، تنهن ڳوناڳن جي سوچ جو منهن هڪ ڏورانهن مقام ڏانهن ڦيري ڇڏيو آهي، شيخ عباس ۽ پادريءَ جي روحن جي فڪر ۽ ارادي جي سموري سگهه ڪسي، انهن جي ڪنبندڙ دلين ۾ وسوسن کي سامهون اچي بيهاريو آهي.

آخرڪار شيخ عباس پاڻ تان ماٺ جو منڊ لاٿو. هن جون مٺيون ڪلڻ ۽ بند ٿيڻ لڳيون. هن جو منهن هٽڊو ٿي ويو، هن پنهنجي گهٽيل آواز ۾ چوڌاري بيٺل ماڻهن کي للڪاريو، "ڪتا! توهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ ڇا اهان جون دليون زهر سان پرجي چڪيون آهن ۽ اوهان جا جسم ٿڌا ٿي چڪا آهن. جو اوهان هن ڪافر کي جيڪو اسان جي مقدس مذهب ۽ حڪومت تي ٺٺوليون ڪري رهيو آهين کي ڳيا ڳيا ٽتا ڪري ڇڏيو... ڇا هن شيطان جي روح اوهان جي روحن کي به وڪوڙي ورتو آهي ۽ پنهنجي جهنمي طلسم مان اوهان جي ٻانهن کي جڪڙي ڇڏيو اٿس جو اوهان هن تي هٿ ٽتا ڪٽو."

هن ايئن چئي مياڻ مان ڇڪي تلوار ڪڍي، جيڪا هن جي چيلهه ۾ ٻڌل هئي ۽ نوجوان ڏانهن وڌيو ته جيئن هن کي ڏڪ سان پورو ڪري ڇڏي. اڃان هن به ٿي وڪون مس ڪنيون ته ميڙ مان تلهو متارو شخص اڳيان وڌيو ۽ چوڻ لڳو:

"پنهنجي تلوار واپس مياڻ ۾ رک ڇو ته تلوار جو بدلو تلوار سان ڏنو وڃي ٿو."

شيخ عباس ڪنبي ويو. تلوار هن جي هٿ مان ڇڏائجي ويئي ۽ زور سان رڙ ڪري چيائين. ”چا! ڪمزور غلام پنهنجي مالڪ جي دلي خواهشن جي اڳيان رڪاوٽ بنجي سگهي ٿو.“

هن ورندي ڏني. ”نيڪ خادم پنهنجي مالڪ جي ظلمن ۽ شرارتن ۾ هن جو ساٿ نٿو ڏيئي سگهي. هن نوجوان سواءِ سچ جي ٻيو ڪجهه به نه چيو آهي ۽ جيڪو ڪجهه اسان جي سامهون چيو اٿس. سو سڀ سچ آهي.“

ٻيو شخص اڳيان وڌيو ۽ چوڻ لڳو. ”هن نوجوان ڪابه اهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي آهي. جنهن جي ڪري هن کي سزا ڏجي. پوءِ تون هن تي ظلم ڪرڻ جو ٿو چاهين.“

هڪ عورت اڳيان وڌي بلند آواز ۾ چيو. ”هن نه ته مذهب لاءِ گهٽ وڌ ڳالهايو آهي ۽ نه ئي خدا کي گهٽ وڌ چيو اٿس. پوءِ تون ڇو ٿو هن کي ڪافر چوين.“

اهو سڀ ڪجهه ٻڌي راحيل جي همت وڌي ۽ اڳيان وڌي چيائين. ”هن نوجوان جيڪو ڪجهه چيو آهي. اهو اسان جي زبان سان چيو آهي. هن اسان جي مظلوميت جي ترجماني ڪئي آهي. جيڪڏهن ان لاءِ هن سان ڪو زيادتي ڪندو ته اهو اسان جو دشمن ليکبو.“

شيخ عباس ڏند ڪرٽيندي چيو. ”بدبخت ٻيوه! توکي سرڪشيءَ جي همت ڪيئن ٿي. ڇا تون وساري ڇڏيو آهي ته اڄ کان پنج سال اڳ مون سان بغاوت ڪرڻ جي ڏوهه ۾ تنهنجي مڙس جو ڪهڙو حشر ٿيو هو.“

اهو ٻڌي راحيل ڇرڪي پئي ۽ ان شخص وانگر ڊپ کان

ڏکڻ لڳي. جنهن کي ڪو پوائنٽو راز معلوم ٿيو هجي. هيءَ ميڙ ڏانهن منهن ڪري بلند آواز ۾ چوڻ لڳي. "اوهان ٻڌو! قاتل ڪاوڙ ۾ آپي کان ٻاهر نڪري. پنهنجي ڏوهه جو قبولدار ٿي رهيو آهي. ڇا اوهان کي ياد ڪونهي تہ منهنجو مڙس ٻنين ۾ مٿل حالت ۾ لڌو ويو هو. اوهان قاتل جي ڳولا ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيو هو. پر هو نہ مليو. ڇاڪاڻ تہ هو ان چؤديواريءَ اندر روپوش هو. جيڪا غريبن سخت محنت ڪري اڏي آهي. ڇا اوهان کي ياد ڪونهي تہ منهنجو مڙس هڪ دلير شخص هو؟ ڇا اوهان هن کي شيخ عباس جي مڪارين جو ذڪر ڪندي، هن جي بداعمالن جو پاندو کوليندي ۽ هن جي سنگدليءَ کان بغاوت ڪندي ڪونہ ٻڌو ۽ ڏٺو هو. خدا اوهان جي پاڙيسري ۽ پاءُ جي قاتل جي چهري تان پردو لاهي، اُن کي اوهان جي سامهون آڻي بيهاريو آهي. هن ڏانهن ڏسو هن جو ڏوهہ هن جي هڏي منهن مان ٻکي رهيو آهي. ڏسو! ڪيترو نہ بي چين نظر اچي رهيو آهي. ڏيان سان ڏسو! هن پنهنجو منهن ٻنهي هٿن ۾ لڪائي ڇڏيو آهي، ان لاءِ تہ متان هن جون نگاهون اوهان جي نگاهن سان نہ ملن. جيڪي هن تي ڪتل آهن. ڏسو طاقتور آقا وڏيل تاريءَ وانگر ڏڪي رهيو آهي. ڏسو عظيم الشان سردار اوهان جي سامهون ڏوهاريءَ جي حيثيت ۾ بيٺو ڪنبي رهيو آهي. توقع جي خلاف الله هن قاتل جو راز فاش ڪري ڇڏيو. جنهن ڪان اوهين ڊجو ٿا ۽ اوهان سيني کي هن جي بچڙاين کان واقف ڪري ڇڏيو. جنهن مون کي سهاڳڻ مان ڏهاڳڻ بنائي ڇڏيو ۽ منهنجي نياڻيءَ کي يتيم...."

راحيلہ زور زور سان فرياد ڪري رهي هئي. هن جا لفظ

هٿوڙي وانگر شيخ عباس جي مٿي تي وسي رهيا هئا. ماڻهن جون رڙيون، عورتن جون دانهون ٻاهه جي شعلن وانگر هن جي چوڌاري پڙڪي رهيون هيون ته پادري اُٿيو ۽ شيخ عباس کي ٻانهن کان جهلي ڪرسيءَ تي ويهاريائين ۽ ڪاوڙ مان ڪنبندڙ آواز ۾ خادمن کي حڪم ڏيندي چيائين ته، ”هن عورت کي جهليو جيڪا اوهان جي سردار تي ڪوڙو الزام هڻي رهي آهي ۽ ڪافر نوجوان کي جهلي اونداهي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪريو، جيڪو به اوهان کي ايئن ڪرڻ کان روڪيندو سو ان ڏوهه ۾ برابر جو شريڪ سمجهيو ويندو ۽ هن وانگر مقدس ڪليسا منجهه داخلا کان محروم رهجي ويندو.“

خادم پنهنجي جاين تان ذرو به ڪونه چُريا ۽ نه ئي پادريءَ جي حڪم جي پيروي ڪيائون، پر بي سُڌ بيٺا رهيا ۽ ٻانهون ٻڌل خليل، راحيله ۽ مريم کي گهوريندا رهيا. جيڪي خليل جي سڄي ۽ کٻي بيٺيون هيون، جڻ ٻن پَرن وانگر هجن کي هو اُڏامڻ لاءِ ۽ ڪڪرن تائين پهچڻ لاءِ کولي رکيو هجي.“

ان وقت پادريءَ جي اها حالت هئي جو سندس ڏاڙهي ڪاوڙ ڪري ڪنبي رهي هئي ۽ ان حالت ۾ هن چيو، ”ڪميڻو! ڇا اوهان پنهنجي مالڪ جي رحمت ۽ برڪت کان انڪار ڪريو ٿا. هڪ ڪافر ۽ ڏوهاري نوجوان ۽ بدڪار رنڊ جي حڪم جي مڃتا ٿا ڪريو.“

هڪ خادم جيڪو عمر ۾ ٻين کان وڏو هو تنهن چيو، ”اسين اَتي، لٽي ۽ اَڃهي عيوض شيخ عباس جي خدمت ڪندا هئاسين. سندس زرخريد ٻانها ڪين هئاسين.“

هن پنهنجي وردي ۽ شال لاهي شيخ جي سامهون رکي ۽

چيائين، ”آئون هنن چيچڙن سان پنهنجي جسم کي ڍڪڻ نہ ٿو چاهيان، جنهن جي ڪري منهنجو روح قاتل جي گهر ۾ عذاب ۾ مبتلا آهي.“

ٻين خادمن بہ هن جي پيروي ڪئي ۽ هارين جي ميڙ سان وڃي مليا. سندن چهرن تي آزاديءَ جي جوت جلي رهي هئي.

جڏهن پادري الياس ڏٺو ۽ محسوس ڪيو تہ هن جو ڪوڙو اقتدار ختم ٿي چڪو آهي تہ ان گهڙيءَ کي برو ڀلو چوندو ان هنڌان روانو ٿي ويو ۽ ان پاسي وڃڻ لڳو جتان ڪان خليل ڳوٺ ۾ گهڙيو هو.

ان مهل ميڙ مان هڪ شخص اڳيان وڌيو. هن خليل جون رسيون کولي ڇڏيون ۽ پوءِ شيخ عباس ڏانهن ڏٺائين، جيڪو بي سَڌ ٿيو ڪرسيءَ تي پيو هو. عزم ۽ ارادي سان ڀرپور هن شيخ عباس کي مخاطب ٿيندي چيو:

”جنهن نوجوان کي گرفتار ڪري تو اُن لاءِ گهرايو هو تہ جيئن تون هڪ ڏوهاريءَ وانگر ڪيس پنهنجي ظلم جي نشانو بنائي سگهين، تنهن اسان جي دلين کي روشن ڪري حق ۽ صداقت جي راهہ ڏانهن ڦيري ڇڏيو آهي ۽ هيءَ بدقسمت وڌوا جنهن کي تون بدڪار ۽ ڪوڙو ٿو ڪوٺين‍ءَ، تنهن اسان جي اڳيان اهو پوائتو راز فاش ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو پنجن ورهين کان اسان جي اکين کان اوجهل رهيو. اسين ان لاءِ ڊوڙندا آياسين تہ هڪ بي گناهہ کي سزا ملندي ڏسي سگهون ۽ انصاف پسند تي ظلم ڪريون، پر هاڻي اسان جون اکيون کُلي چڪيون آهن ۽ خدا پاڪ تنهنجا ڳجها گناهہ ۽ ڀيانڪ ظلم اسان تي پڌرا ڪري ڇڏيا آهن. اسين توکي اڪيلو ڇڏي

ٿا ڏيون ۽ توکان ڪوبہ بدلو ڪونہ ٿا وٺون. تنهنجي انسانيت سوز حرڪتن کي نظرانداز ڪري، توکي خدا جي منشا موجب اڪيلو ڇڏي. توکان ڏار ٿي ٿا وڃون.“

چئني طرفن کان مردن، عورتن، ٻڍن ۽ ٻارن جا آواز بلند ٿي رهيا هئا. ڪو چئي رهيو هو تہ. ”اڇو تہ هن گناهہ مان ڀريل جڳهہ مان نڪري پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي هلون.“

ڪو چئي رهيو هو تہ. ”اڇو! هن نوجوان سان گڏ راحيلہ جي گهر هلون، منا ۽ ڏاهن ڀريا گفتا ٻڌون.“ ڪو وري وڏي واڪ چئي رهيو هو. ”اسان کي خليل جي مرضيءَ موجب هلڻ کپي جو تہ هو اسان جي ضرورتن کان چڱي طرح واقف آهي ۽ اسان جي مطالبن کي چڱي طرح سمجهي ٿو.“

ڪو وري راءِ ڏيئي رهيو هو تہ، ”جيڪڏهن اسان انصاف چاهيون ٿا تہ اسان کي کپي تہ اسين سپائي امير وٽ هلون ۽ کيس شيخ عباس جي ڏوهن کان پوري طرح واقف ڪريون ۽ کانئس مطالبو ڪريون تہ هن کي سخت سزا ڏئي.“ ڪو وري رڙيون ڪري چئي رهيو هو، ’اسان کي کپي تہ امير جي خدمت ۾ حاضر ٿي گذارش ڪريون تہ خليل کي هن ڳوٺ جو سردار مقرر ڪري.‘ ڪو وري چئي رهيو هو، ’اسان کي بشپ وٽ وڃي پادري الياس جي شڪايت ڪرڻ کپي تہ هو بہ شيخ عباس سان سندس ڏوهن ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي.‘

چئني طرفن کان ڀانت ڀانت جا آواز اچي رهيا هئا ۽ تيز رفتار تير بنجي شيخ عباس جي سيني ۾ چڀي رهيا هئا. تہ خليل پنهنجو هٿ مٿي کڻي اشارو ڪري، ميڙ کي خاموش ٿيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ چيو:

”ڀائرو! ڏسو ۽ سوچيو! آئون اوهان کي پنهنجي محبت جو واسطو ٿو ڏيان ته تڪڙ نه ڪريو ۽ امير وٽ نه وڃو، هو شيخ عباس کي سزا ڪونه ڏيندو. ڇو جو درندا هڪ ٻئي کي شڪار نه ڪندا آهن. بشپ سان به پادريءَ جي شڪايت ڪرڻ اجائي آهي، ڇو جو ڪيس خبر آهي ته اهڙي طرح هن جو پنهنجو گهر برباد ٿيندو ۽ امير کي اِها گذارش به نه ڪريو ته هو مون کي ڳوٺ جو سردار مقرر ڪري ڇو ته امانت دار خادم بي ايمان آقا جي اعانت نٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن آئون اوهان جي ڌيان ۽ محبت جو لائق آهيان ته مون کي پاڻ سان گڏ رهڻ جي اجازت ڏيو ته جيئن اءُ ڏکن توڙي سکن ۾ اوهان سان گڏ هجان. ٻنيءَ جي ڪمن ڪارين، گهر جي سک ۽ سانت ۾ ڀاڱي ڀائيوار هجان ڇو ته جيڪڏهن آءٌ اوهان مان هڪ جي به ڪم نه آيس ته انهن مڪارن جي مثل هوندس، جيڪي شرافت جو چوغو پهريو بدمعاشيون ڪندا ٿا وتن. هاڻي ڪهاڙي وڻ جي پاڙ تي رکي ويئي آهي. اچو! شيخ عباس کي اُن خدا جي دربار ۾، جنهن جو سج بُري ڀَلي ٻنهي جي لاءِ لهي اُڀري ٿو، خود ڪيس سندس ضمير جي عدالت ۾ ڇڏي هليا هلون.“

اهو چئي هو اُٿان هلڻ لڳو، ميڙ به هن جي پويان پويان هلڻ لڳو، ايئن پي لڳو ڄڻ هن جي شخصيت ۾ هڪ طلسمي ڇڪ هئي، جنهن جيڏانهن به منهن ٿي ڪيو، نگاهون پاڻمرادو اوڏانهن کڄي ٿي ويون. هاڻي شيخ عباس هڪ ڊنل قلعي وانگر اداس ۽ اڪيلو رهجي ويو. هو هڪ شڪست کاڌل سپهه سالار

وانگر پيڙا ۾ مبتلا هو. جڏهن هي ميڙ ديول جي اڱڻ ۾ پهتو تہ چنڊ پنهنجي پوري جوڀن سان چمڪي رهيو هو ۽ پنهنجا روشن ڪرڻا آسمان جي بلندين ۽ زمين جي گهراين ۾ پکيڙي رهيو هو. خليل مڙي پويان ڏٺو، هن جون نگاهون انهن مردن ۽ عورتن جي چهرن تي پيون، جيڪي هن کي ايئن تکي رهيا هئا، جيئن ريڍون پنهنجي ڌنار کي تڪينديون آهن، هن جي روح ۾ هڪ جوش جنم ورتو. ايئن پي لڳو ڄڻ انهن غريب ڳوٺاڻن منجهہ هن کي مظلوم قومن جي تصوير نظر اچي رهي هجي ۽ جميل برف سان ڍڪيل ننڍين ننڍين جهوپڙين ۾ ذلت ۽ بي وسيءَ سان لبريز پاڇو ڏسڻ ۾ پي آيو. هو بيهي رهيو، ان پيغمبر وانگيان جيڪو قومن جون آهون ۽ دانهون ٻڌندو هو. هن جي اکين ۾ گهرائي پيدا ٿي ويئي، ڄڻ هن جو روح اوير جي سيني قومن جي ڳچيءَ ۾ غلاميءَ جو ڳٽ پاتل ڏسي رهيو هجي. هن پنهنجو هٿ آسمان ڏانهن کنيو ۽ بلند آواز ۾ جيڪو چولين جي گوڙ جهڙو هو، چيو:

”اي آزاديءَ جي ديوي! اسين انهن بستين جي گهراين مان توکي سڏي رهيا آهيون. اسان جي ’سڻ! هن انڌيري جي هر ڪنڊ مان اسان جا هٿ توڏانهن وڌي رهيا آهن. انهن کي ڏسي، اسين برف جي ڇپن تي، تنهنجي سامهون سجدا ٿا ڪريون. اسان تي رحم ڪر، تنهنجي عظمت پريءَ حضور ۾ اسين پنهنجي ابن ڏاڏن جو اِهو اوڇڻ ڦهلائي بيٺا آهيون، جيڪو انهن جي رت ۾ رڱيل آهي، پنهنجي شعور کي انهن قبرن جي مٽيءَ سان گڏي رهيا آهيون، جن ۾ اسان جي بزرگن جون هڏيون دفن ٿيل آهن، هو تراروں ڪٽي بيٺا آهن، جيڪي انهن

جي اکين ۾ تنبيون ويون هيون، هو نيزا اُڀا ڪريو بيٺا آهن، جيڪي انهن جي سينن ۾ تنبيا ويا هئا ۽ اهي زنجيرون لٽڪائي رهيا آهن، جن سان انهن جا پير جڪڙيا ويا هئا. اسان جي زبان تي اڄ بہ اهائي دانهہ آهي، جنهن جي ڪري انهن جا ڳلا ويهي ويا هئا. اسان جي زبان تي بہ اهي ئي لفظ آهن، جن انهن لاءِ قيدخانن جو انڌيرو ويتر ڀوائتو بنائي ڇڏيو هو، اسان جي دلين مان بہ اهي ئي صدائون نڪري رهيون آهن، جيڪي انهن جي دردن ماريل دلين منجهان نڪرنديون هيون. اي آزاديءَ جي ديوي! اسان جي سڏ تي ڌيان ڌر ۽ اسان جي التجا کي قبوليت جو شرف عطا ڪر.... نيل جي مهاڙ کان وٺي فرات جي ڇوڙ تائين، تو لاءِ ماڻهن جون دانهون، دوزخ جي رڙين وانگر بلند ٿي رهيون آهن. پيٽن جي پاسن کان وٺي لبنان جي دل تائين، موت جي ظلمن کان ڪنبندڙ هٿ تو ڏانهن وڌي رهيا آهن. اي آزادي! اسان ڏانهن ڌيان ڏي ۽ اسان کي ڏس!.... ذلت ۽ محتاجيءَ جي پاڇي ۾ بيٺل جهوپڙين جي ڪنڊن ۾، تنهنجي سامهون سينو ڪٽي رهيا آهن. اي آزادي! هي سڀ ڪجهہ ڏس ۽ اسان تي رحم ڪاءِ.... اسڪولن ۽ مدرسن ۾ توکي نامراد جواني سڏي رهي آهي، مسجدن ۽ ڪليسائن ۾ فراموش ڪيل ڪتاب، تو ڏانهن جهڪي رهيا آهن، عدالتن ۽ مجلسن ۾ تذليل قانون توکي دانهين رهيا آهن. اي آزادي رحم ڪر! اسان کي چوٽڪارو ڏيار! اسان جي تنگ ۽ تاريڪ بازارن ۾ واپاري زندگي وڪڻي ٿو تہ جيئن ان جو ملهہ اولهہ جي ڌاڙيلن جي حوالي ڪري، ڪير بہ ڪونهي جيڪو ان کي سمجهائي تہ اسان جي ٻنين ۾ هاري هٿن سان زمين کوٽي ٿو ۽ ان منجهہ

پنهنجي دل جو بچ بوکي، ان کي پنهنجن لڙڪن سان سيراب ڪري ٿو، پر ڪيس ڪندن ڪان سواءِ ڪجھ بہ ڪين ٿو ملي ۽ ڪوبہ ڪونهي جيڪو هن کي ٻڌائي تہ اسان جي ويران ميدانن ۾ 'بدو' اگهاڙن پيرن ۽ ننگن جسمن سان هلندو آهي، ڪوبہ ڪونهي جيڪو هن تي مهرباني ڪري ۽ پنهنجا چپ چوري، اي آزادي اسان کي ٻُڌاءِ! ابتدا ڪان اڄ تائين. رات جو انڌيرو اسان جي روحن تي ڳاڻيل آهي. آخر صبح ڪڏهن ٿيندو؟ اسان جا جسم هڪ قيد مان ٻئي قيدخاني ۾ هليا وڃن ٿا ۽ قومون اسان تان ٺٺوليون ڪنديون، اسان جي پر مان لنگهيو وڃن ٿيون، آخر ڪيستائين اسين قومن جون ٺٺوليون سهنداسين، اسان جا ڪنڌ ڳري بار ڪري جهڪندا ٿا وڃن ۽ دنيا جون قومون پريان ڏسنديون، اسان کي ڏسي ٺهڪ پيون ڏين. آخر ڪيستائين اسين انهن جي ٺهڪن تي صبر ڪنداسين؟ اسان جا پير هڪ ڪوڙڪيءَ مان نڪربو ٻي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي ٿا پون ۽ اهي ڪوڙڪيون ڪٿان ٿي ڪونہ ٿيون ۽ نہ ٿي اسين انهن جي وچ مان نڪري پار پهچي ٿا سگهون. آخر ڪيستائين اسين ايئن جيئندا رهنداسين؟ مصرين جي غلاميءَ کان وٺي بابل جي قيد ۽ بند تائين، ايرانين جي سنگدليءَ کان وٺي يونانين جي خدمتگاريءَ تائين. روم جي ڏاڍ ڪان وٺي مغلن جي ظلم تائين، فرنگين جي لوڀ ۽ لالچ تائين.... آخر اسين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون. آخر هن اٿانگي واٽ جي پڇاڙي ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيندي؟

فرعون جي گرفت کان وٺي بنو نصر جي چار تائين، سڪندر جي گهوڙن جي سنبن کان وٺي هيروڊس جي تلوارن

تائين. نيرو، جي جمين کان وٺي شيطان جي ڏندن تائين..... آخر اسين ڪنهن جي هٿ ڏانهن ڏسي رهيا آهيون؟ آخر اسين موت جي قبضي ۾ ڪڏهن ٻهڄنداسين ته جيئن ابدي ننڊ ۽ سڪون سان سمهي سگهون؟ ماڻهن پنهنجن ديوتائن جي تعظيم ۽ عبادت لاءِ اسان جي ٻانهن جي طاقت سان ديول ۽ قربان گاهون جوڙايون آهن. انهن ديوارن ۽ قلعن جي اڏاوت لاءِ اسان پنهنجن ڪلهن تي پٿر ۽ مٽي ڍوئي آهي، انهن اسان جي جسمن جي قوت سان اهرام جوڙيا ته جيئن انهن جو نالو سدائين جي لاءِ جيئرو رهي. آخر ڪيستائين اسين پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي ٻين جي لاءِ محل ۽ حويليون اڏيندا رهنداسين ۽ خود غارن ۽ جهوپڙين ۾ پناهه وٺندا رهنداسين؟ ڪيستائين انهن جون تجوريون پئسن سان ڀريندا رهنداسين؟ ڪيستائين انهن جي لاءِ ريشم ۽ اُن اُڻيندا رهنداسين ۽ خود ڦاٽل ٽٽل چيچڙا پائيندا رهنداسين؟

انهن جي مڪارين ۽ دغابازين ڪارڻ گهر گهر ڦوٽ پئي، خاندان هڪ ٻئي کان نفرت ڪرڻ لڳا ۽ قبيلا پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا! آخر ڪيستائين اسين بي رحم واچوڙي جي سامهون رک جي ڍير جيان اُڏامندا رهنداسين ۽ ان سڙيل لاش وٽ بکايل ڳجهن وانگر انهن جي ڌن ۽ دولت لاءِ هڪٻئي سان وڙهندا رهنداسين. انهن جي دلين جي اعتماد لاءِ درزي[1] عربن جي خلاف هٿياربند ٿي ويا آهن. ڪرد، بدر کي ڪُهڻ لاءِ تيار آهن. احمدي، عيسائين سان مقابلي لاءِ تيار ٿي ويا آهن. آخر ڌرتي ماتا جي سيني تي هڪ ڀاءُ ٻئي ڀاءُ سان ڪيستائين وڙهندو

1. درزي: اسلامي فرقو جيڪو اسماعيلن سان ملندڙ جلندڙ آهي ۽ شام جي ڪوهستاني علائقن ۾ آباد آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندو؟ محبوبہ جي قبر جي پر ۾ هڪ پاڙيسري بي پاڙيسريءَ کي ڪيستائين ڏيڄاريندو رهندو. خدا جي اکين جي سامهون هلال ۽ صليب ڪيستائين وڙهندا رهندا؟

اي آزادي اسان جي سڏ تي ڌيان ڌر! ۽ ٻڌ! اي زمين جي رهاڪن جي امڙ! اسان ڏانهن منهن ڪر ۽ ڏس! اسين تنهنجو ماتيجو اولاد نہ آهيون. اسان مان ڪنهن هڪ فرد سان ڪلام ڪر. سڪل ڪکن ۽ پن جو ڍڳ هڪ ئي چڻنگ سان پنيت ٻڄي ٿو. پنهنجي ٻانهن جي ڦڙڪاڻ سان اسان مان ڪنهن هڪ مرد کي سجاڳ ڪر، چو تہ ڪڪر هڪ ئي تڪري مان وچ وراڪو ڪري ٿي ۽ ڪن پل ۾ ماترين جي گهراين ۽ تڪرين جي چوٽين کي روشن ڪري ٿي ڇڏي. پنهنجي همت ۽ ارادي سان ڪارن ڪڪرن کي هٽائي ڇڏ ۽ وڄ وانگر ڪري، منجنيق وانگر انهن شاهي تختن جي پاين کي ڍاهي پٽ ڪري ڇڏ جيڪي خون ۽ لڙڪن ۾ ٻڏل هڏين ۽ کوپڙين تي قائم آهي ۽ هن تي ٽيڪس ۽ رشوتن جي آمدنيءَ جون سون چڙهيل آهي:

”ٻُڌ! اي آزادي! رحم ڪر! اي اٿينس جي نياڻي اسان کي ڇوٽڪارو ڏيار! اي رومتہ الڪبريٰ جي ڀيڻ اسان جي مدد ڪر! اي محمد ﷺ جي محبوبہ! اسان ۾ سوچڻ ۽ سمجهڻ جو مادو پيدا ڪر! اي يسوع مسيح جي ڪنوار اسان جي دلين کي سگهہ عطا ڪر تہ جيئن اسين جيئرا رهي سگهون يا اسان تي دشمن جي پڪڙ وڌيڪ سخت ڪر جيئن اسين مري وڃون ۽ هن عذاب کان ڇٽي پئون.“

خليل، الله کي ياڏائيندو رهيو ۽ هارين جون اکيون هن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جميون پيون هيون. هنن جا أذما هن آواز جي لئہ تي نچي رهيا هئا. انهن جا روح هنن جي ساهہ سان گڏ سهڪي رهيا هئا ۽ هنن جا سينا هن جي دل جي ڌڙڪن سان گڏ ڌڙڪي رهيا هئا. ان وقت خليل جي انهن ماڻهن ۾ اها حيثيت هئي جيڪا جسم جي روح ۾ هوندي آهي. دعا ختم ڪرڻ ڪان پوءِ هنن ڏانهن ڏيان ڏنائين ۽ پرسڪون لهجي ۾ چوڻ لڳو:

”اڄ جي رات، اسان کي شيخ عباس جي گهر ۾ ان لاءِ گڏ ڪيو ويو هو تہ جيئن اسين ڏينهن جي روشني ڏسون، ۽ ظلم اسان کي تڏي فضا جي سامهون اُن لاءِ بيهاريو هو تہ جيئن اسين هڪٻئي جا دوست بنجي، جهرڪيءَ جي ٻچن وانگيان سرمدي روح جي ٻانهن هيٺان گڏ ٿي وڃون، سو هاڻ اسان کي کپي تہ پنهنجن پنهنجن بسترن ۾ ان اميد سان وڃي سمهي پئون تہ سڀاڻي پنهنجن ڀائرن سان ٻيهر ملنداسين.“

اهو چئي هو راحيلہ ۽ مريم جي ٻوڀان سندن جهوپڙيءَ ڏانهن روانو ٿي ويو. تنهن ڪان پوءِ ميڙ بہ ٽڙي پکڙي ويو ۽ هر شخص پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن انهن ڳالهين تي ويچاريندو روانو ٿي ويو جيڪي هن ڏنيون ۽ ٻڌيون هيون ۽ هڪ نئين زندگيءَ جا آثار محسوس ڪرڻ لڳو.

اڃان ڪلاڪ بہ ڪونہ گذريو هو جو جهوپڙين ۾ ٻرندڙ ڏيئا وسامي ويا. خاموشيءَ پنهنجي چادر ڳوٺ تي وجهي ڇڏي ۽ خوابن شيخ عباس جي روح کي ڇڏي ڏنو، جيڪو رات جي پاڇن سان گڏ جاڳي رهيو هو ۽ پنهنجي وسوسن جي چار ۾ بي وس پيو هو ۽ هارين جي روحن کي هڪ طلسمي دنيا ۾ وٺي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[8]

ٻہ مهينا ٻيا ٻہ گذري ويا. خليل برابر پنهنجي روح جي اسرارن کان ڳوناڻن کي واقف ڪندو رهيو. انهن جي حقن ۽ واجبن جا نازڪ پاسا انهن جي سامهون بيان ڪندو رهيو. لالچي پادرين جي زندگيءَ جو نقشو انهن جي اڳيان پيش ڪندو رهيو. ظالم حاڪمن جا قصا انهن جي سامهون ورجائيندو رهيو. پنهنجن ۽ هنن جي اُڌمن ۾ هڪ مضبوط رابطو پيدا ڪندو رهيو. جيڪي ان سرمدي قانون سان ملندڙ جلندڙ هئا، جن جي خصوصيت اها آهي تہ هڪ جسم کي ٻئي جسم سان ٻڌي ڇڏي ٿو. هاري هن جون ڳالهيون ٻڌي ايئن سرها ٿيندا هئا جيئن اُڃايل ٻني مينهن وسڻ سان سرهي ٿيندي آهي ۽ اڪيلائيءَ جي گهڙين ۾ انهن ڳالهين کي ورجائي ان جي مقصد جي روح کي پنهنجي محبت جي جسم جو لباس پهرائيندا هئا. هو پادري الياس کان بلڪل بي ڊپا ۽ بي پرواهہ هئا، جيڪو پنهنجي حليف شيخ عباس جو ڏوهہ ظاهر ٿيڻ کان پوءِ هنن وٽ گهٽو اچڻ وڃڻ لڳو هو. هائي هو هنن سان اهڙي تہ نرميءَ سان پيش ايندو هو جهڙو مينڌ. نہ تہ هو سنگ مرمر کان بہ سخت هو. پر شيخ عباس جي روح کي اهڙو مرض لڳي ڇڪو هو جنهن کي جنون سان پيتي سگهجي ٿو. هو گهر جي هڪ ڪمري ۾ قيدي جيتي وانگر بسار ڪندو پنهنجي

خادمن کي وڏي سڏ سڏيندو رهندو هو. پر پتين کان سواءِ ڪوبہ هن کي ورندي نہ ڏيندو هو. هو پنهنجي نوڪرن کي منٿون ڪري سڏيندو هو پر ڪوبہ ڪونہ ايندو هو، سواءِ هن جي زال جي جنهن کي هن جي بدمزاجين وقت کان اڳ پوڙهو ڪري ڇڏيو هو.

جڏهن رمضان جو مهينو آيو ۽ فطرت بهار جي آمد جو اعلان ڪيو تہ سردين جي واچوڙن سان گڏ شيخ عباس جي زندگي بہ ختم ٿي ويئي. هو هڪ پوائتي پيڙا واري چڪتاڻ ۾ مبتلا ٿي مري ويو ۽ هن جو روح پنهنجي عملن جا فائيل پاڻ سان گڏ کڻي اُڏري ويو.

هارين ۾ هن جي موت بابت ڪافي چؤبول هو. ڪنهن چيو ٿي تہ ”هن جو عقل هن کان موڪلائي ويو ۽ هو چريڻ جي حالت ۾ مئو آهي.“

۽ ڪنهن وري چيو ٿي تہ، ”پنهنجي رُتبي کان ڪرڻ کان پوءِ هن آپگهات ڪري ڇڏيو.“ پر اِهي عورتون جيڪي سياڪو ڪرڻ شيخ عباس جي گهر ويون تن موتي اچي پنهنجن مڙسن کي ٻڌايو تہ هو ڊپ وگهي مئو آهي، آڌي رات جو شمعان جو روح رت ۾ ٻڏل ڪپڙن ۾ هن جي سامهون آيو ۽ نهايت نفرت ۽ بي رحميءَ سان هن کي ان هنڌ وٺي ويو جتي پنج سال اڳ شمعان مئل حالت ۾ لڌو هو.

اپريل جي بهار جي منڊ ڳوٺ جي رهاڪن تي اُن محبت جو ڦات ڦاڙي ڇڏيو، جيڪو خليل ۽ راحيلہ جي ڌيءُ مريم جي دلين ۾ لڪل هو، انهن جا چهرا خوشيءَ کان ٻهڪڻ لڳا ۽ دليون خوشيءَ ڪارڻ اُچلون ڏيڻ لڳيون. هاڻي هن کي

نوجوان جي وجڻ جو ڊپ ڪونہ هو، جنهن هنن جي مٿل دلين
کي سجاڳ ڪري هڪ اهڙي دائري ۾ آڻي بيهاريو هو. هو
هڪٻئي کي مبارڪون ڏيڻ لڳا، ڇو تہ نوجوان انهن مان هر
هڪ جو ويجهو پاڙيسري ۽ محبوب ناني هو.

جڏهن لاباري جو وقت آيو تہ هاري کيتن ۾ ويا، لابارو
ڪري، ان ڇاڻي، ڳنڍيـن ۾ ڳنڍ ڪيائون. هاڻي اُتي شيخ
عباس ڪونہ هو جيڪو هنن کان ان کسي پنهنجي گُدامن ۾
رکي. هاڻ هر هاري پنهنجي ٻنيءَ جي پيداوار جو مالڪ
پاڻ هو. جيڪو هن پوکيو ۽ لڻيو هو، سو سندس ئي هو. ان
فصل ۾ سموريون جهوپڙيون ڪڻڪ، جوَ، شراب ۽ تيل سان
پرجي ويون.

خليل بہ هارين جي هر ڏک سک ۾ ساٿي بڻ هو، ان ڳنڍ
ڪرڻ، انگورن جو رس ڪڍي شراب ناهڻ ۽ ميوي چونڊڻ ۾
هنن جو ڀرپور ساٿ ڏيندو هو، هاڻي هن ڳوٺ ۾ ڪوبہ اهڙو
ڪونہ هو، جيڪو محبت ۽ گرمجوشيءَ کان سواءِ ڪنهن کان
متاهون هجي، ان سمي کان وٺي اڄ تائين ڳوٺ جو هر هاري
خوشيءَ مان اُن ٻنيءَ جي پيداوار ڪٺي ڪري ٿو ۽ اطمينان سان ميوا
چونڊي ٿو، جن کي هن پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي پوکيو هوندو
آهي. هاڻي زمين ان شخص جي مايا آهي، جيڪو ان کي پوکي
ٿو ۽ باغ ان شخص جو آهي جيڪو ان کي لڳائي ۽ سارسنڀال
ڪري ٿو.

ان واقعي کي پنجاهہ سالن کان بہ وڌيڪ عرصو گذري
چڪو آهي. سجاڳي لبنان جي رهواسين جون اکيون کولي
ڇڏيون، جڏهن بہ ڪو واٽهڙو صنوبر جي وڻن تان ويندڙ رستي

تان لنگهي تو تہ بيهي ڳوٺ جي خوبين کي ڏيان سان ڏسڻ تو لڳي، جيڪو ماتريءَ جي ڪناري ڪنوار وانگر نهيل جڙيل نظر اچي تو، انهن جون جهوپڙيون هاڻ خوبصورت گهرن ۾ بدلجي چڪيون آهن جن جي چئني طرفن کان سرسبز چراگاهہ ۽ ڇهج ساوا وڻ آهن.

جيڪڏهن ان ڳوٺ جي ڪنهن رهاڪوءَ کان شيخ عباس بابت پڇيو تو وڃي تہ هو هڪ پڳل تنل ۽ ڪريل ديوارن ڏانهن اشارو ڪري چوي تو: "هي شيخ عباس جو محل ۽ هيءَ ان جي زندگيءَ جي تاريخ آهي."

۽ پلا جي ڪو خليل بابت پُڇي تو تہ آسمان ڏانهن اشارو ڪري جواب ڏي تو:

"اسان جو نيڪدل ۽ پاڪ پوتر خليل اُتي رهي تو پر ان جي حياتيءَ جي تاريخ اسان جي وڏڙن سونهري اکرن ۾ اسان جي دلين تي لکي ڇڏي آهي. جنهن کي شام جا پاڇا ۽ ماڻ جون چڪريون بہ مٽائي نہ ٿيون سگهون."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبران بن خليل بن ميخائيل بن سعد، پنهنجي هڪ پڙڏاڏي يوسف بن جبران المارونِي البشعلاني جي مناسبت سان جبران خليل جبران جي نالي سان جڳ مشهور لبناني اديب آهي. بشريٰ نالي لبنان جي هڪ ڳوٺ ۾ 1883ع ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم بيروت ۾ ورتائين، ادب ۽ مصوريءَ سان چاهه کيس پيرس وٺي ويو، جتان فائن آرٽ جو امتحان پاس ڪري آيو. جبران پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو عرصو آمريڪا ۾ گذاريو. 1931ع ۾ سندس وفات به نيويارڪ ۾ ٿي. جتان پوءِ سندس مڙهه آبائي ڳوٺ بشريٰ ۾ آڻي مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

لبنان جو هي صوفي مزاج عيسائي اديب خيالن جي پرواز فڪر جي گهرائيءَ، نذرين جي جدت، حريت پسندي ۽ سماجي انصاف جي پرچارڪ طور مشهور آهي. هن پنهنجي هم خيال اديبن جي هڪ تنظيم به ٺاهي هئي، جنهن جو سرواڻ به پاڻ هو. ان دؤر جي هڪ روشن خيال لبناني اديبا مي زيادة سان سندس قلمي عشق به عربن جي ادبي حلقن ۾ مشهور آهي. جيتوڻيڪ ٻئي آخر تائين ڪنوارا رهيا، پر چاهت باوجود هڪ ٻئي سان ملاقات به نصيب ڪونه ٿين.

جبران جون اصل تخليقون عربي ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ آهن، ڇو ته کيس عربيءَ سان گڏ انگريزيءَ تي به مڪمل عبور حاصل هو.

سندس انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب "پيغمبر" ۽ "مجنون" ته عربيءَ ۾ به بعد ۾ ترجمو ٿيا. جبران جي تخليقن مان "پيغمبر"، "مجنون"، "ٻچل ڪنيزائيون"، "ڪنوار جي سيج"، "لڙڪ ۽ مرڪ" ته اڳيئي سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن. هي ڪتاب سندس مشهور ڪتاب "يسوع بن الانسان" جو سنڌي ترجمو آهي.

مترجم

A ROSHNI BOOK

Novel

Pakistan Rs.100

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ِئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصي ۽ ٽالي لڳَل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بهِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهه پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهه هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن:
گيتَ بهِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَن سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book